# دنگي منجهه درياهه

## الطاف شيخ

الطاف شيخ جي ذاتي ويب سائيٽ
www.altafshaikh.com.pk

# فهرست


- انتساب ـ الطاف شيخ
- پيش لفظ ـ مظهر الحق صديقي
- مادرن ملاح (پهرئين ڇاپي جو مهاڳ)

1. اُلھاس نگر سنڌي ايسوسيئيشن
2. بئنڪاڪ ڪيئن هلجي
3. زيبوءَ سان پيار
4. تنھنجي زلف جي بند ڪمند وڌا
5. جھوني جڳ جا جھاز......
6. جھاز مان ٽپ ڏيڻ مھل
7. جل پريءَ جو پاراتو
8. پارواٽيءَ سان ملاقات
9. ڄامشوري جي رات....
10. ڪراچيءَ جي سواري
11. بئنڪاڪ جي سينٽرل مسجد
12. پئسفڪ سمنڊ جو فجي ٻيٽ
13. گڏيل هندستان ۽ برما جي اهم شخصيت
14. اڻ واقف کان واقفڪار شيطان ڀلو
15. شام سلطنت جو ڪهڙو بادشاهه....
16. پلاسٽڪ سرجري
17. پڳ وارو پير
18. هز ماسٽرس وائيس
19. سنگاپور جا سِڪَ
20. دُور باش خوش باش
21. ٻڌ ڀڪشو ۽ سک قانون کان آجا
22. دنيا جي ڏکيي سرنگهه
23. آمريڪا ۾ سواريءَ جو مسئلو
24. Not Born in USA
25. فوٽو سيل ۽ ٻوڙ گرم ڪرڻ
26. نئون آيل ريڊيو آفيسر

# انتساب

## پيٽارو جي ايڪس ڪئڊٽ ذوالقدر نالي

قاضي ذوالقدر صديقي عمر ۾ مون کان اٺ سالَ ننڍو آهي. يعني پيٽارو ۾ پنج سال رهي 1962ع ۾ جڏهن ڇڏيم ته پورا ٽي سالَ رکي ذوالقدر پيٽارو ۾ آيو. منهنجي ساڻس ملاقات هاڻ کي اٺ سال کن اڳ 1997ع ۾ ٿي. جڏهن پاڻ 1969ع ۾ پيٽارو ڇڏڻ بعد هڪ وڏو عرصو ترڪي، سعودي عرب، آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ تعليم ۽ پوءِ نوڪري خاطر رهي ڪراچيءَ ۾ ڪيوپولا انفارميشن سروسز (جيڪا ان کان اڳ Zelin Information Service سڏبي هئي) جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٿي آيو. مون کيس اُنَ پهرين ملاقات ۾ ئي ”PETARIAN“ (ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن) جو ميمبر ٿيڻ لاءِ چيو ۽ هي نه فقط ميمبر ٿيو پر اسان جي هن ايسوسيئيشن لاءِ هن ايترو ته ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪندو رهي ٿو جو هو هر هڪ لاءِ نمايان ٿي پيو. پيٽارو مان پڙهي ويل ست هزار کن ڪئڊٽن جي ڊائريڪٽري ناهڻ، ڪاليج لاءِ مختلف شين (اسڪوائش گرائونڊ، ڪئنٽين ۽ بين عمارتن) کان وٺي ضرورتمند شاگردن جي مالي مدد لاءِ چندا گڏ ڪرڻ، پيٽارو جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ پيٽارين جي مونجهارن جا حل ڳولڻ...... وغيره وغيره سندس روزمرهه جا ڪم ٿي پيا. سندس جاڻ به ته سڄي دنيا ۾ آهي ۽ هر ڪو کيس ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي پسند ڪري ٿو ۽ سندس انسان ذات لاءِ خدمت ۽ نيڪ نيتيءَ کي ساراهي ٿو.

ذوالقدر بنيادي طرح ڪيميڪل انجنيئر آهي پر پوءِ اڳتي هلي ڪئناڊا ۽ آمريڪا مان اسلامي تعليم ۾ پي. ايچ ڊي ڪيائين. توهان هن کي PTV ۽ GEO ٽيليويزن چئنل تان اسلام تي ليڪچر ڏيندي يا CNN ۽ BBC چئنل تي فلسطين جي مظلوم عوام ۽ ايشيا جي عورتن سان ٿيندڙ زورآورين تي انگريزن ۽ يورپين سان بحث ڪندي ضرور ڏٺو ۽ ڏٺو هوندو. پاڻ اڄڪلهه اسلام آباد ۾ رهي ٿو ۽ پنهنجي پرائيويٽ ڪمپني Techcrop Holding جو CEO آهي. اها هڪ انجنيئرنگ ڪمپني آهي جيڪا مختلف سول ۽ اليڪٽرومڪينيڪل ڪمنءِ ٽيليڪام انفرا اسٽرڪچر جي جوڙجڪ ۾ مدد ۽ رهنمائي ڪري ٿي.

بهرحال پنهنجي پرائيوٽ ڪمپني توڙي ترڪي، آمريڪا جي فيلپس ڊاج ۽ سعودي عرب جي آوڊان جهڙين ڪميونيڪيشن ۽ انجنيئرنگ ادارن ۾ جِتي به ذوالقدر 1976ع کان 1998ع تائين ٻاويهه سالَ ڪم ڪيو ان ۾ هن کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪَ جو نالو روشن ڪيو. ان ڪاميابيءَ پنيان، آئون اهو ضرور چوندس ته هن جي محنت، ٽيڪنيڪل ڄاڻ ۽ ايمانداري آهي.

هن وقت آئون سندس وڏندڙ بزنيس ۽ ولائتي فرمن ۾ وڏيو ن پوسٽون ماڻڻ مان ايترو Impress نه آهيان جيترو سندس مذهبي ڄاڻ ۽ اسلام جي خدمت ڪرڻ مان آهيان. ذوالقدر جي زندگيءَ جو جيتوڻيڪ وڏو عرصو آمريڪا ۽ ڪئناڊا جهڙن مغربي ملڪن جي وڏن شهرن ۾ گذريو آهي، هو اعليٰ کان اعليٰ ٽائي سوٽ پائي ٿو، هو سٺي انگريزي ڳالهائي ٿو پر سندس ڪم ۽ ڳالهيون هڪ اهڙي پڪي مسلمان جون آهن جيڪو هر هڪ جو امن ۽ ڀلو چاهي ٿو ۽ جنهن مان غير مسلم به متاثر ٿين ٿا.

ذوالقدر پنهنجي انجنيئرنگ بزنيس کي منهن ڏيڻ کان علاوه PTV ٽيليويزن ۽ مختلف ڪاليجن ۽ تعليمي ادارن ۾ اسلام تي ليڪچر پڻ ڏئي ٿو. هو اسلام آباد جي ”شفا ڪاليج آف ميڊيسن“ جو Islamic & Medical Ethics جو پروفيسر آهي. اسلام آباد جي هڪ ٻئي تعليمي اداري WISH (وومين انسٽيٽيوٽ آف سائنس ائنڊ هيومئنٽيز) جو پروفيسر ۽ اسلامڪ اسٽڊيز جو ”هيڊ آف ڊپارٽمينٽ“ آهي. ان کان علاوه اسلام آباد جي همدرد يونيورسٽيءَ جو اسلامڪ هسٽري جو پروفيسر رهي چڪو آهي ۽ ڪئناڊا جي Mc Gill يونيورسٽي،

مانتريل ۾ جارجيا آمريڪا جي ”ورلڊ ڪميونٽي آف اسلام“ وارن کي ڪيترا سال اسلام تي ليڪچر ۽ مختلف ديني ڪورس ڪرائي چڪو آهي.

ذوالقدر جا وقت بوقت ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون ڇپبا رهن ٿا. اسان جي سماهي ”پيٽارين نيوز“ کان علاوه هو ڪيترن ملڪي ۽ غير ملڪي رسالن جو ايڊيٽر آهي يا ان جي ايڊيٽوريل بورڊ تي آهي جن مان ڪجهه هن ريت آهن: اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ، اسلام آباد جي سماهي مخزن “Islamic Studies” ، ڪيوبڪ (ڪئناڊا) جي مسلم ڪميونٽي جو ماهوار رسالو “Muslim Quebec” مانتريل (ڪئناڊا) جي مسلم اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن جي ماهوار مئگزين “Monteral Islamic Bulletin” ڪئمبرج (USA) جي MiT وارن جي پندرهن روزه اشاعت ”بوستان“ وغيره وغيره.

ذوالقدر ننڍي هوندي کان انگريزي لکڻ توڙي انگريزي ڳالهائڻ ۾ ماشاءِ الله سنو ۽ چٽو رهيو آهي ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو وارن ڏينهن ۾ به آخري ٽي سالَ ڪاليج مخزن جي انگريزي سيڪشن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. اڄڪلهه ذوالقدر جو تقريباً روزانو فجر محل PTV تان اسلام تي انگريزيءَ ۾ واعظ اچي ٿو ۽ هو ناظرين جي پڇيل سوالن جا انگريزيءَ ۾ جواب ڏئي ٿو. جن ڪيس ٻڌو هوندو اهي سندس صاف، سني، سمجهه ۾ ايندڙ ۽ اثرائتي انگريزي ۽ لهجي جي ضرور واکاڻ ڪندا هوندا جيڪا بيشڪ هڪ وڏي نعمت آهي ڇو جو اڻ چٽو آواز، منجهيل لهجو ۽ نقطي کان هٽيل ڳالهه ٻڌندڙن ۾ بيزاري پيدا ڪري ٿي ۽ ليڪچر ناهڻ ۽ ڊليور ڪرڻ جي سڄي محنت ضايع ٿيو وڃي. ترڪي، ڪئاڊا (جتي جي قومي زبان انگريزيءَ کان علاوه فرينچ آهي) ۽ سعودي عرب ۾ رهڻ ڪري ۽ فارسي ادب سان ننڍي هوندي کان ونئي ذوالقدر کي دلچسپي هجڻ ڪري هن کي انگريزيءَ کان علاوه ترڪش، فرينچ، عربي ۽ فارسي به سني ڳالهائڻ ۽ لکڻ اچي ٿي.

ذوالقدر پڙهائيءَ ۾ ننڍي هوندي کان نالو پيدا ڪيو ۽ هر هنڌ انعامون ۽ ايوارڊ حاصل ڪيا. ڪيس نه فقط انٽر سائنس ۾ پوزيشن کڻڻ ڪري اسڪالر شپ ملي پر انقره (ترڪي) جي M.E.T.U يونيورسٽيءَ ۾ پوزيشن کڻڻ ڪري سيٽو اسڪالرشپ، سعودي عرب جي ڪنگ فيصل فائونڊيشن جي اسڪالرشپ ۽ ڪئناڊا جي Mc Gill يونيورسٽيءَ طرفان فيلوشپ ملي. پاڻ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل ۽ آمريڪا جي انسٽيٽيوشن آف اليڪٽريڪل ۽ اليڪٽرانيڪل انجنيئرس (USA) IEE کان ونئي ميڊيڪل ايٿڪس ريسرچ ڪائونسل ۽ انسٽرومينٽ سوسائٽي آف آمريڪا (USA) ISA جهڙن ڪيترن ئي پروفيشنل ادارن جو ميمبر آهي.

ذوالقدر جي زندگي لڳاتار محنت، پورهئي، ايماندار ۽ سچي مسلمان جي زندگيءَ آهي، جنهن مان اسان کي سبق وٺڻ کپي ۽ ان کي فالو ڪرڻ کپي. هو هڪ سنو پيءُ آهي (ڪيس چار ٻارَ آهن - ۽ هاڻ نانو به ٿيڻ وارو آهي.) هو هڪ سنو مڙس آهي. سنو پاڙيسري، سنو ڪلاس ميٽ، سنو دوست ۽ سنو باس آهي. وڏي ڳالهه ته سنو انسان آهي. رب پاڪ کيس وڏي حياتي ڏئي جيئن هو ملڪ ۽ ماڻهن جي اجا به وڌيڪَ خدمت ڪندو رهي. سندس ڄمَ جي تاريخَ 21 جون 1952ع آهي ۽ اي ميل ائڊريس هن ريت آهي.

Kazi@techcropholding.com
الطاف شيخ

# پيش لفظ

دنگيَ وچ درياھَ ، ڪي ٻڏي ڪي اُپڙي
هو جي واڍي واٽيا، سي سونهن سپ سڙيا
معلم ماڳ نہ اڳئين، فرنگ منجهہ ڦريا
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا
جِتي ديِنگ ڍَريا، تتي تاري تنهنجي

**(شاهہ لطيف)**

”دنگي منجهہ درياھ“ الطاف شيخ جي مضمونن جو انتخاب بنيادي طور سفرنامن سان گڏ معاشرتي مشاهدن ۽ فڪري تحريرن (Reflective Writings) جو سهڻو امتزاج آهي. سندس تحت الشعور جو مرڪز ۽ محور سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ سنڌيت آهي. جنهن وقت بہ ٻين ماڻهن، معاشرن ۽ ملڪن سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿئي ٿي تہ سندس خيال ۾ فوراً سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو اچن ٿا. باوجود سنڌي زاوئي جي سندس نظر جي پهچ پراهين ۽ گهري آهي ـ گويا سنڌيت سندس اسلوب ۽ سڃاڻ آهي. سندس لکڻي ۾ ڪيترن هنڌن تي مزاح جون دل لڀائيندڙ جهلڪيون نظر اينديون جيڪا ساموندي زندگي ۽ ادب جي خصوصيت آهي. اسان جي ٻوليءَ ۾ ساموندي سفرناما انطاف کان اڳ ڪنهن لکڻ جي سنجيدگيءَ سان جسارت نہ ڪئي ـ پر انگليند ۾ ساموندي ڪهاڻيون ۽ سفرناما ڪافي لکيا ويا آهن منجهن مزاح جو عنصر بيساختہ نظر ايندو آهي ـ جيو ويندو آهي تہ خلاصي خوب مزا ٿا ڪن.

چند مضمون جي منهنجي ياد تي گهرا نقش ڇڏيا آهن تن جو ذڪر ضرور ڪندو هلندس:

## اُلهاس نگر سنڌي ايسوسيئشن

هن مضمون جو عنوان بظاهر اهو تاثر ٿو ڏئي تہ مضمون جو اڪثر حصو اُلهاس نگر جي باشندن ۽ اتي جي سنڌين جي ايسوسيئشن جي Activities جي باري ۾ هوندو، جو دراصل مضمون ۾ صرف جزوي ۽ ثانوي حيثيت رکي ٿو. پر انهيءَ ڪي اهو عنوان ڏئي الطاف پنهنجي سنڌي عڪس سان لڳاءَ جو اعاده ڪيو آهي. خاص پيغام جيڪو قاريءَ کي ملي ٿو سو هي آهي تہ ضرورت ۽ تڪليف ايجاد جي ماءُ آهي. پر هوشيار هنرمند سنڌي هندو، هندستان ۾ شرنارٿي يعني پناهہ گزين ٿي ويا پر هنن ضرورت ۽ تڪليف جو مقابلو ڪندي، ضرورت ۽ تڪليف کي وساري مقالو چٽاپيٽي ڪرڻ کي ئي مقصد بنائي ڇڏيو، تنهن ڪري ضرورت پوري ٿيڻ ۽ تڪليف دور ٿيڻ باوجود مقابلي ۽ چٽاپيٽيءَ جي ڪلچر ۾ ٻين مقامي ماڻهن کان اڳيرا نڪري و يا ـ هتي بہ ائين ٿيو. سرحد پار آيل مسلمان مهاجر پنهنجي هوشيار چالاڪي ۽ محنت ڪري مڳقامي باشندن کان اڳيرا آهن.

## زيبو سان پيار (مالاگاسي ٻيٽ راداما بادشاهہ يا سردار جو قصو)

ظرافت ۽ صحيح سفرنامي واري خصوصيت سان پرپور آهي، جنهن ۾ ڪنهن جاگرافي دان ۽ جاگرافي جي شاگرد لاءِ بيحد دلچسپ مواد موجود آهي. سطحي طبعي حقيقتن کان علاوه ثقافتي ۽ معاشرتي اوسر جي مختصر تاريخ ۽ معاشري تي تبصرو آهي.

زيبو جنهن سان پيار معاشري جو تعارف آهي، عورت نہ پر ڏيکيون آهن ـ ڪيترو تہ دلفريب عنوان آهي پڙهو تہ ڳُونگي ڳانءِ.

## تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا....

جپاني زبان ۾ محاورا ۽ اُنهن جا سنڌي محاورن ۾ مثال ڳولي تمام دلچسپ مضمون پيش ڪيو اٿس ـ سنڌي ٻوليءَ کي ٻهاڪن ۽ محاورن شاهوڪار بڻايو آهي ۽ الطاف اها دولت مثالن سان جپاني ٻهاڪن سان پيتي سهڻي نموني پڙهندڙن جي سامهون آندي آهيءِ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ محبت جو بي ساختہ ثبوت ڏنو آهي.

## پاروائيءَ سان ملاقات

هي مضمون ڪيترن ئي خوبين جو حامل آهي. الطاف هڪ ڪامياب پرديسي سنڌيءَ جو انٽرويو بغير ڪيس احساس ڏيارڻ جي ورتو آهي ۽ ملاقات ختم ٿيڻ وقت پاروائيءَ جي فلسفہ حيات جو پورو تت اسان جي اڳيان خوبصورت طريقي سان بيان ڪيو آهي. مونکي پاروائيءَ جي ڪردار ۾ هڪ راسخ نيڪ ڪردار آزمودگار جهان شناس، مردم شناس ۽ ايماندار ڪاروباري شخصيت نظر آئي جنهن کي زماني جي گردش، وطن ۽ زبان سان محبت هئڻ جي باوجود ملاڪا جي نواحي شهر سنگائي اڊانگ ۾ شڪر ۽ قناعت سان مصروف ۽ مطمئن رکيو آهي. الطاف جو بيان هن شخص لاءِ پڙهندڙن جي دل ۾ هن لاءِ ملڻ جي چاهت پيدا ٿي ڪري.

مونکي پاروائي جي فلسفي حيات سان منطقي طور اختلاف ڪرڻ مشڪل نظر آيو ـ پاروائي مونکي اهڙو ماڻهو نظر آيو جنهن جا پير زمين تي ايترا تہ مستحڪم هوندا آهن جو ڪين پلجي اُڏامڻ جو شوق نہ ٿيندو آهي ـ اُڏام کي هو پکين جو ڪم سمجهندا آهن. انسانن کي سڌو زمين تي هلڻ ۽ رهڻ کپي آدرشي اُڏاريل من موهيندڙ هجي پر پنهنجي وسعت کان ٻاهر سمجهڻ ئي عملي ماڻهوءَ جي طرز آهي ـ حب الوطني، ڪلچر سان لڳاءُ ۽ انهيءَ لاءِ پراهين پنڌ تي جاڪوڙ ڪرڻ، جڏهن تہ لاوطنيءَ واري حالت ۾ جِتي ٻيون ڪوڙ ساريون سهولتون ميسر هجن، قاعدي قانون جو احترام ۽ عدل ۽ انصاف جو پرڪيل يقين دل ۾ هجي، بيسود عياشي آهي. حب الوطني کي ڏوئي ڏکي ۾ رکو تہ تڪليف گهٽ محسوس ٿيندي ـ پاروائيءَ سوچي سمجهي پاڻ کي انهيءَ قدر تي چڪ کي وسارڻ لاءِ مجبور تہ ڪري ۽ مجبوري جي باوجود انهيءَ فيصلي تي رضامند آهي ـ ڪامياب ۽ پريڪٽيڪل ماڻهو وٽ ٻئي طرف دل ۾ دليل آهن: Heart has its reason that reason would not know

پاروائي جي ملاقات وارو مضمون بيشڪ سٺو مضمون آهي.

## شام سلطنت جو ڪهڙو بادشاهه.....؟

هي مضمون بنگالي زبان جي لهجي ۾ اردو ڳالهائڻ ڪري مضحڪ خيز صورتحال تي مبني آهي ـ هڪ بنگالي خلاصي اردو ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر سندس ناقص اُچارن يا تلفظ جي ڪري عجيب ڪلائيندڙ situation پيدا ٿي وڃي ٿي ـ هو چاهي ٿو تہ دوستن کي ٻُڌائي تہ "چڙيا ڪا بچہ مرگيا" سندس بنگالي لهجي ۽ تلفظ جي ڪري ائين ٿو لڳي تہ "سريا ڪا باچا مرگيا" ۽ اسان جا سنڌي ۽ اردو ڳالهائڻ وارا ائين ٿا سمجهڻ تہ "سيريا جو بادشاهه مري ويو" ۽ ڪين حيرت ٿئي تہ شام سلطنت جو ڪهڙو بادشاهه الله کي پيارو ٿي

ويو. اهڙا پوڳَ انگريز بہ جڏهن سنڌي يا اردو ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ اسان جي سنڌي ڳالهائڻ وارن کي ڪچيون گاريون سمجهہ ۾ اينديون هيون. هاڻي انهن مزن کان محروم ٿي ويا آهيون. انگريز جي وڃڻ ڪري جيڪي نقصان اسان کي ٿيا آهن تنهن ۾ اهڙي مزي جي محرومي کي ضرور شامل ڪرڻ کپي.

## نئون ريڊيو آفيسر

الطاف جي سفرنامن ۾ خطري جو رومانس جيڪو پراڻي وقت جي جهازرانيءَ سان وابستہ هو اُهو گهٽي پاڳي ختم ٿيو آهي. سڙهن وارا جهاز جيڪي هوائن ۽ طوفانن جي رحم وڪرم تي هوندا هئا تنهن کان پوءِ شروع وارا آگبوٽ جيڪي ڪنهن حد تائين سڙهن وارن جهازن کان بهتر هوندا هئا ۽ سامونڊي سيلانين جي جوانمردي ۽ همت جي عڪاسي ڪندا هئا، تن جو سمنڊ جي سطح تان گم ٿيڻ منهنجي خيالَ ۾ جوکمي جاکوڙ جي دور جي دروازن جي بندش بڻيا.

پر نئون ريڊيو آفيسر واري مضمون پڙهڻ بعد مونکي احساس ٿيو تہ خطري وارو رومانس جيڪو ساموندي سفر سان وابستہ هو اجا ختم نہ ٿيو آهي ـ نئين ٽيڪنالاجي نہ فقط ساموندي سفر جر پَر خطري جي رومانس جو انت آندو آهي پر انهيءَ سان گڏ ڪيترين بين خوبصورت خطرن جو پڻ. فطرت فوق الانسان آهي. ذهين ۽ بهادر اُهو شخص آهي جيڪو فطرت جي قوت جو اعتراف ڪندو آهي ۽ اهڙي حرفت صنعت ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال ڪندو آهي جو اهڙن خطرن کان ڪني ڪترائي سگهڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي.

نئون ريڊيو آفيسر هڪ ڪوڙ جي پري آهي جو اونڌا اُبتا سگنل بہ نہ ڏئي سگهي ۽ طوفان جي صورت ۾ آيل پيغام سمجهي نٿو سگهي. هڪ خسيس نما غير ذميوار قسم جي لياقت جي پرکَ بغير رکيل آفيسر آهي جنهن جي حرڪت ڪلائينڊز ۽ احمقانہ آهي ـ سندس ڪردار جي الطاف چڱي طرح عڪاسي ڪئي آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اهم ذميوارين وارين آسامين تي بيپرواهي سان تقرري ڪرڻ انساني زندگي ۽ پبلڪ جي ملڪيت لاءِ ڪيترو هاڃيڪار ٿي سگهي ٿو.

دنگي منجهہ درياهہ، جيڪو هئڻ تہ دنگي وچ درياهہ ڪپندو هو، ڪيترن قومن، قبيلن، معاشرن جي مزاجن ۽ روين جو مجموعو ۽ مختلف ملڪن جي ترقيءَ جي ليول جي دري آهي جا سني اسٽائيل ۾ قلمبند ڪيل آهي.

**مظهر الحق صديقي**
**وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي**

# مادرن ملاح

## (ٻھرئين ڇاپي جو مهاڳُ)

آگم پبلشنگ ايجنسيءَ جي ڪرسيءَ تان اُٿي، ريڊيو پروڊيوسر جي ڪرسيءَ تي اچي ويهڻ ڪان پوءِ روز ساڳيو منظر اکين اڳيان: ماڻهو سامهون وينا آهن ۽ ڪوڙ پيا ڳالهائين. يا وري ڳالهائين پيا ۽ آواز غائب. رڳو رٻڙ جا چپ مومينٽ ۾ ۽ انهيءَ زندگيءَ سان پرپور سرڪل ۾، حقيقت بس ايتري تہ Iam alive شايد ڪنهن اهڙي منظر جي فريم ۾ الطاف منهنجي ڪرسيءَ جي پرئين پار اچي ويٺو. ساڻس هينڊ شيڪ ڪان اڳ، هن سان منهنجي واقفيت بس ايتري تہ هو منهنجو پانڪ ۽ مان سندس فين..... ۽ پوءِ ڳالهين جا ڪفلنگس کلندا ويا تہ لڳو اسان هڪ ٻئي کي هڪ عرصي کان سڃاڻون ۽ پري پري تائين اسان جي ملاقات جو دائرو پکڙيل آهي. (اما بعد) الطاف، مون وٽ پندرهن منٽ وينو ۽ پوري اڌ ڪلاڪ جيترو ڳالهايائين، لڳو تہ هُنَ وٽ ويهڻ لاءِ وقت گهٽ هو (پر جي وقت گهٽ آهي تہ ايڏا سفرناما هو لکي ڪيئن ٿو؟) ۽ ان جو جواب بہ هن عزيز دوست ڪتي ڏنو آهي تہ ”مان اهي سفرناما ڪو ٽيبل ڪرسيءَ تي نهي جڙي ويهي ٽورئي لکيا آهن!“ ڪو باب جهاز جي ڊيڪ تي. ڪو لنگر جي رسي کي ٽيڪ ڏئي. ڪو جهاز جي ڪاريڊار ۾. ڪو ڪنهن بندرگاهہ وٽ ڏريل سامان مٿان قلم ڪاڳر رکي، ڪو چيپٽر ڪنهن پوسٽ جي دٻي وٽ بيهي. ڪو جهاز جي اوپن ايئر لائونج ۾..... تہ چا الطاف جا سڀ سفرناما ٽڙ تڪڙ ۾ لکيل آهن..... جي ها! تہ باوجود اهي سفرناما ٽڙ تڪڙ ۾ لکڻ جي انهن کي سنڌي ادب ۽ ادب جي تاريخ جو اهم ۽ شاهڪار حصو شمار ڪري سگهجي ٿو ۽ اطلاعن عرض آهي تہ ٽڙ تڪڙ ۾ لکيل انهن سفرنامن جو بہ ايڏو سنو امپيڪٽ آهي جو سڄو سنڌي ادب ان جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي ۽ انهن سنڌي پڙهندڙن کي ايترو تہ موهيو آهي جو سفرنامي جي چُوسَ تي، ڪنهن افساني وغيره جو ڪِتاب تہ چا، پڙهندڙ جنتريون ۽ ٽيپڻا ونڍي بہ پڙهڻ شروع ڪيا آهن تہ متان اهي بہ سفرناما ئي هجن.

(اما بعد) اُٿڻ ڪان بہ گهڙيون اڳ، الطاف، بريف ڪيس مان پنهنجي نئين سفرنامي جو اسڪرپٽ منهنجي آڏو رکيو ۽ اُٿي، هٿ ملائيندي چيو: ”مهاڳ لکي فيروز کي پهچائيندا تہ لک تورا تيندا“ ۽ ان ڪانپوءِ ويو. مون بي ڌياني سان ڪليل دريءَ مان سامهون پئي ڏنو تہ هوباهر ويندي نظر آيو. هن کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي خوبصورت لان پرسان لنگهندي، پام جي وڻن وٽ ڪنهن سلام ڪيو ۽ پوءِ هوريان هوريان هن جي وڃڻ جو اهو منظر بہ گم تي ويو. لان جي گرينري ۽ الطاف جي اسٽيمپس جي ميلاپ ۾ مونکي لڳو: جڻ الطاف ملاڪا جي ڪنهن باغ پرسان لنگهي باهر وڃي رهيو آهي. ان ڪانپوءِ مون الطاف جو نئون سفرنامون پڙهڻ شروع ڪيو ۽ اوچتو ڪنٽرول روم مان موسيقار نياز حسين فون ڪيو ۽ چيائين: اندر اسٽوڊيو ۾ اچو تہ پيانو تہ امداد حسينيءَ جي هڪ گيت جي طرز ناهي اٿم. اچي ٻڌو. ۽ ان ڳالهہ کي جڏهن بہ مهينا گذري چڪا تہ اوچتو ملاڪا مان الطاف جو خط پهتو ـ ”مهاڳ“؟! يا الله!

مون پشيماني مان جلدي جلدي سفرنامي جو اسڪرپٽ ڪٻٽ مان ڪڍيو ۽ پڙهڻ لڳس. ملاڪا جي منظرن، ماڻهن ۽ موسمن جي پَس منظر ۽ منظر ۾ ويهي الطاف جو لکيل هي سفرنامو مونکي سندس ٻين سفرنامن کان ائين مختلف لڳو جيئن ٻن راڳن جا سرگم، آرويون امروهيون هڪ ٻئي کان مختلف لڳنديون آهن. سفرنامو تہ هي بيشڪ آهي پر اسٽائيل وائيز جهڙو ڪوئي سلسليوار داستان..... جهڙي آٽوبايوگرافي ۽ ٽيڪنڪ بہ نئين انداز وارو اهڙو جهڙي ڳالهہ مان ڳالهہ نڪرندي وڃي ۽ واقعا ڪنهن تسلسل جي رنگين ڏور ۾ وڃن پيا پوئبا. سنڌ يونيورسٽيءَ جي هاسٽل واري پراسرار بيان، ملائيشيا، نيويارڪ جي بندرگاهن کان

آمريڪا جي بندرگاھ بالٽيمور تائين ننڍڙا ننڍڙا تجربا ۽ واقعا، وٽندڙ ڏانءُ سان هن ائين لکي تيار ڪيا آهن جيئن ڪا سگهڙ عورت مختلف رنگ ورنگي ٽڪرن مان رلهي جوڙي راس ڪندي آهي.

اڄ، دنيا جي گلوب ۾، سفرنامي جي اهميت ۽ پاپولرٽي ڪيڏي آهي؟ خبر ناهي مون کي. ها، سنڌ جي حوايل سان قسم کڻي ڳالھ ڪري سگهجي ٿي تہ ان جو سرواڻ الطاف آهي. جيتوڻيڪ هو ابن بطوطہ جو ”پنر جنم“ ڪونهي ۽ نہ ئي سنڌباد سيلاني سان ڪو هن جو سڱ سياپو آهي پر ايترو سو آهي جو هو پهريون مسلمان سياح آهي جنهن سفرنامن جو تعداد سڄي دنيا جي پروفيشنل سياحن کان بہ وڌيڪ آهي سڄي دنيا جي ڪهاڻي جي ڪامپيٽيشن ۾ ڪئي اهڙيون صنفون آهن جيڪي گڏوگڏ ريس ڪورس ۾ ڊوڙن پيون، انهن ۾ بہ سفرنامي جي ريڊينگ وڌيڪ سمجهي وڃي ٿي. سبب؟ شايد اِهو تہ، فڪشن جي بين صنفن جي پيٽَ ۾ سفرنامو حقيَتن ۽ سچاين جي واضح اپٽار پيش ڪري ٿو. الطاف پنهنجي سفرنامي ۾ سچاين جي اپٽار ڪيتري قدر ڪري ٿو؟ جواب آهي. گهڻي قدر..... تاريخ، جاگرافي ماڻهن جا سڀاوَ، نظرن جا مذڪور ۽ چا چا ناهي، جنهن جو ذڪر الطاف ڪرڻ وساريو هجي ـ ها! الطاف جي ڪنهن ڳالھ کان Avoid ڪري ٿو تہ، من اندر جي ڳالھ ڪرڻ کان، ڪٿي ڪٿي اندر جي ڳالھ ڪري ٿو تہ دوستن جي ريفرنس سان، بيان رُخ جيئن ئي سندس ذات ڏانهن مڙيو ناهي هن بيان جي ريلَ ٻيءَ پٽڙيءَ تي لاٿي ناهي. هن تازي سفرنامي جي البم ۾ بہ عورتن جا بيان ۽ تصويرون دستور مطابق بلڪل ڪونہ آهن. جيڪڏهن ڪو بيان ۽ تصويرَ آهي بہ تہ، صرف هڪ خوفناڪ شيدياڻيءَ جي. ۽ بس! شيدياڻي بہ ڪهڙي؟ ڊرائيور! ۽ مزاجن زور آور. (پڙهو پيراگرف بعنوان Not born in USA) پنين اڪثر ۽ اسپيشلي هن سفرنامي کي پڙهندي، الطاف جي لکڻيءَ جي جنهن گڻ منهنجي حيرتن کي سجاڳ ڪيو آهي ان کي شايد هن جي ڪنهن بہ نقاد، يا مهاڳيءَ فوڪس ۾ ناهي آندو. مثال طور ٻاهرين دنيا جي فاصلي ۽ منظرن کي اکين آڏو پينٽ ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي مقامي منظرن ۽ فاصلن جي نشاندهي ڪري، پڙهندڙ جي ذهن ۽ اکين تائين ڏاڍي ذهانت سان ڳالھ پهچايو ڇڏي. مثال طور، ڏسو سندس ڳالھ کي سمجهائڻَ جو ڏانءُ.

”..... اسان جي هيءَ اڪيڊمي ملاڪا جي وچ شهر کان ائين پاسيري آهي جيئن ملير ۾ آرمي وارن جون ڪئمپون صدر ڪراچيءَ کان آهن...“

”....اُهو ڳوٺ ملاڪا جي وچ شهر کان مفاصلي ۾ ايترو پري آهي جيترو پيٽارو جو ڪئڊٽ ڪاليج حيدرآباد شهر کان...“

”.....سڄي ملاڪا رياست جي آدمشماري، ڪوٽڙي شهر کان بہ گهٽ هوندي.....“

ڏِٺَوَ! الطاف جو اِهو اسٽائيل. يعني ٻاهريان ملڪ بہ گهمو ۽ گڏوگڏ سنڌ بابت بہ ڄاڻَ وٺندا وڃو. ۽ جيئن چئبو آهي هڪ ٽڪيٽ ۾ بہ مزا. الطاف ان جو پورو پورو خيال هن سفرنامي ۾ رکيو آهي تہ پڙهندڙ کي ڄاڻَ جي سطح تي، ڏيھ ۽ پرڏيھ جون سرحدون ملائي ڏئي ۽ هن سفرنامي جي هر پئراگراف ۾، اهڙا مثال جابجا هڪيا ملندا. ان مان لڳي ٿو تہ سفرنامي لکڻ کان اڳ هو لکڻ جي ذهني تياري مڪمل طرح سان ڪري، پوءِ ٿو لکي.

ادب ۾ جڏهن الطاف جو پهريون ڪتاب ”انامِيڪا“ پڌرو ٿيو. تڏهن اڃا خود الطاف پاڻ ادبي دنيا ۾ شهرت جي حوالي سان ڄڻ انامِيڪا (بي نانءُ) هو ۽ هاڻي، جڏهن هن نئين سفرنامي تائين هو اچي پهتو آهي، تڏهن هن جي آڏو همعصرن جون ڪيئي ڪيپون، ڪيئي هڪ جيڏا ۽ شهرت يافتہ ليکڪ ڄڻ سندس مقبوليت ۽ مهانتا آڏو انامِيڪا بڻجي ويا آهن. بلڪ لاٻتہ (الاعلي لا سيف الا ذوالفقار). اڄ الطاف، جديد سنڌي سفرنامي جي

سرحد جو ٻيو نالو بنجي چڪو آهي ۽ اسين دل تي هٿ رکي الطاف کي سفرنامي جي فن جو Trend Setter چئي سگهون ٿا.

الطاف جي سفرنامن جو اهم گڻ ته انهن منجهه وڏاءُ ڪونهي فيل ٿيندو. واقعا ۽ منظر هن جي ڪاين اڳيان ظاهر ٿيا ناهن ۽ هن بنا وقت وڃائڻ جي اُهي لکي ورتا ناهن. بس، ان سبب ڪري هن وٽ ڪائي ڳالهه، ڪائي سٽ پاروٺي ٿي ڪانهي ڪو تاثر سيڪنڊ هئنڊ ڪونهي. سڀ ڪجهه/گهٽو ڪجهه فريش ليٽيسٽ ۽ فائن اچا! جانبداريءَ واري سطح تي الطاف جي سفرنامن کي جانچبو ته هن جا پلڙا آجا نظر ايندا. ان سطح تي هن جي حيثيت ۽ شخصيت محض هڪ سياح جي حيثيت نظر ايندي. يعني ذهني طرح نه هِن ڊر جو نه هُنَ لُڙ جو. نقطءِ نظر لبرل وچٽرو.... اڄڪلهه سني دنيا جي سفرنامن ۾، سماجي، سياسي ۽ فڪري لاڙا ڊسڪس ٿين پيا. پر الطاف کي ان جو ڪو به فڪر ڪونهي. هو بس سياح آهي. ”رُڳو منظرن سان ڪم، پس منظر ٻڌائڻ مان فائدو؟“ جي قول تي عمل ڪندي پڙهندڙن جي اکين سان اکيون ملائيندي وڃي ٿو ملڪ گهمائيندو. ماڻهن جا ڊيل ڊول، ارڪان ۽ پرڪار پڌرا ڪري، ٻاهرين صورتحال کان آگاهه ڪري. نيٺ ڳالهه ڪٿايو ڇڏي. جن جن ملڪن جي ياترا هو ڪري ٿو اُهي پيڙائن جي آويءَ ۾ ڪيئن ٿا پچن پچرن اها روداد ندارد. ها، ڳالهه هو ڪري ٿو.... پر نتيجا نٽو ٻڌائي. اهي ڇڏي ٿو پڙهندڙ جي ذهنن تي ته اهي انهن واقعن جو رد عمل ڪيئن ٿا وٺن ـ بس منهنجي خيالَ ۾ اها ئي پاليسي الطاف جي سيني سفرنامن جي وڏي ڪمزوري به آهي ۽ سگهه به.

## نصير مرزا

# اُلهاس نگر سنڌي ايسوسيئيشن

اسين سڀ ٽين دنيا جي ترقي پذير ملڪن جا وينا هئاسين. ڳالهه اچي نڪتي ٽيڪنالاجيءَ جي. هر هڪ پنهنجي ملڪ بابت ٻڌائڻ شروع ڪيو ته پئسو گهٽ ۽ آدم شماري وڌيڪ هجڻ ڪري ننڍي ڪنڌ جا ملڪ: سريلنڪا، پاڪستان، هندوستان وغيره پنتي پوندا وڃن نه ته جهڙو پيٽرول عرب ملڪن ۾ نڪري پيو آهي، اهڙو اسان جي ملڪن مان نڪري ها ته آمريڪا ۽ يورپ جا به طاق لڳي وڃن ها. پر مشڪل حالتن هوندي به اسان جي ملڪن جا ماڻهو پنهنجي سر جيئڻ لاءِ هٿ پير هڻندا رهن ٿا.

مون به پنهنجي ملڪ جو ماڻُ متانهون ڪري ٻڌايو ته اسان جي ملڪ جا به نه فقط سائنسدان هوشيار آهن، پر ڪيترا ننڍا ننڍا مستري مڪينڪ پڻ اهڙا آهن، جن جيتوڻيڪ انگريزيءَ جو لفظ به نه پڙهيو آهي ۽ نه وري ڪو جپان ڪوريا ۾ وڃي ڪا ٽريننگ ورتي اٿن، پر ان هوندي به هر قسم جي موٽر ڪار يا ٻي مشنريءَ جي مرمت اهڙي ڪري ڏيندا جو لڳندو ته جڻ ڪنهن جپانيءَ يا ان ڪمپنيءَ جي نمائندي ڪئي هجي.

ٽوڪيو ۾ هڪ دفعي هڪ هوائي جهاز ڪمپنيءَ جي انجنيئر ٻڌايو ته هوائي جهاز جا ڪيترائي سنها ۽ پيچيدا اسپيئر پارٽ (جيڪي سندن اصلي آمريڪن ۽ فرينچ ڪمپنيون تمام گهڻو مهانگا وڪڻن ٿيون)، هو لڪ چوريءَ ڪراچيءَ جي لارينس روڊ تان نهرائي وٺندا آهن، جيڪي هنن جي هوائي ڪمپنيءَ کي ٻنهه سستا پون ٿا ۽ بنا ڪنهن نقصان جي سالن کان استعمال ڪندا اچن. اهي ايترو ئي سنو ڪم ڏيندا رهن ٿا جيترو اصلي پارٽ ان انجڻ ڪمپنيءَ جا. پر ڳالهه اها آهي جو نه ته ظاهري طرح ٻڌائي سگهجي ٿو ۽ نه ٻين کي ان بابت صلاح ڏيئي سگهجي ٿي جو انشورنس ۽ مشينري جي پرزن جي ڪمپنين جي قاعدن قانونن موجب انهن جي ڪمائيءَ لاءِ انهن کان وٺڻا آهن. ائين ڌارين ۽ عام دڪانن تان وٺڻ ڏوهه قرار ڏنا آهن.

ان تي هندستان جي چيف انجنيئر ببر ٻڌايو ته پاڪستان جي لارينس روڊ وانگر بمبئيءَ ۾ به هڪ ٻه گهٽيون آهن جتي قطار ۾ ڪيترائي ننڍا ننڍا دڪان آهن جن تي ليٿ مشينون ۽ ٻيا اوزار رکي سالن کان مستري اهڙا اهڙا پرزا ناهيندا رهن ٿا جو اصلي ايجاد ڪندڙ يورپين ۽ جپانين جو به دماغ دنگ رهجيو وڃي ته بنا نقشي ۽ ڊرائينگ جي هڪ ئي مشين سان هڪ پيچيدو پرزو هتي جا مستري ڪيئن ٺا ناهين، جيڪي ماڻهو ظاهري طرح ڏسڻ ۾ ائين سادا سودا آهن.

ڪين مون هڪ واقعي بابت ٻڌايو. ڪراچيءَ جي صدر علائقي ۾ ريگل سئنيما پرسان ڪيترائي فوٽو اسٽيٽ مشين وارا آهن. گهڻ اگهه ڪري هنن وٽ ايترا ته گراهڪ اچن ٿا جو سڄو ڏينهن انهن جون مشينون هلنديون رهن ٿيون. هڪ دفعي جنهن همراهه کان فوٽو اسٽيٽ ڪرائي رهيو هوس ان جي مشين هلندي هلندي خراب ٿي پيئي. مشين Canon ڪمپنيءَ جي بلڪل نئين ماڊل جي هئي جنهن ۾ نه فقط ساڳي سائيز جو ڇاپوآيو ٿي پر ننڍو ۽ وڏو به ٿي سگهيو ٿي. مشين ڪمپيوٽرائيزڊ هئي ۽ سندس پرزا سيمي ڪنڊڪٽرن ۽ I.C (پيچيده سرڪٽن) وارا هئا. مون سمجهيو ته هاڻ اسان جو ميمڻ سيٺ فوٽو اسٽيٽ مشين جي ڪمپني ڪئنن واري کي فون ڪندو ته مشين جي خرابي اچي دور ڪري جيئن هيڏانهن ٻين ملڪن ۾ ٿئي ٿو ۽ دير ٿيڻ جو سوچي آئون پنهنجا ڪاغذ ميڙڻ وارو هوس ته همراهه مون کي وڏي اعتماد سان چيو: ”سائين وڃو ٿا، اجهو ٿو ٻن منٽن ۾ ناهي وٺانس.“ ائين چئي مشين جو ڍڪ کوليائين جنهن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انيڪ رنگين ننڍن پرزن جا ڍير لڳل هئا. ڊايوڊ، ٽرانسٽر، ٽرانسفارمر، ڪيپسٽر، ڪنڊينسر، ريزسٽنٽ، چِپس..... خبر ناهي ڇا ڇا.

هن ڏاڍي آرام سان اسڪرو ڊرائيور سان هڪ ٻن پرزن کي اتلائي پٽلائي چيڪ ڪيو ۽ هڪ ٻن کي ڪڍي بدلايو ۽ مشين تيار ٿي ويئي. مزي جي ڳالھ اها ته نه هو اليڪٽرانڪ انجنيئر هو ۽ نه ڪا هن ان مشين جي پرزن جي جپان يا انگلينڊ ۾ ڇهن مهينن جي ٽريننگ ورتي هئي...... جيڪا اڄڪلھ عام ٿيندي وڃي. هو فقط سال جي گٺرنٽي وارن ڏينهن ۾ ڪئنن ڪمپنيءَ جي نمائندي کي ان مشين جي مرمت ڪندو ڏسي قابل ٿي ويو هو.

اهڙا ماڻهو اسان جي ملڪ ۾ ڪوڙ ۽ اسان جي ملڪ ۾ وسيلا هجن ۽ اهڙا ماڻهو صحيح طرح تعليم ۽ ٽريننگ وٺي سگهن ته الائي ڇا ٿي پوي.

* * *

سنگاپور جي چيني همراھ چيو ته ڪيتريون شيون: ڪپڙي انڊيين ڪان پائوڊر ريڊيو ٽائين، اسان جي ملڪ جا چيني اهڙا ته سني نموني جون ناهين تا جهڙيون جپان آمريڪا جي وڏين ڪمپنين وارا. پر عام ماڻهو جي دماغ ۾ جيئن ته اهو وينل آهي ته فقط جپاني ۽ آمريڪن ئي سني شيءِ آهي، ان ڪري اسان جون سستيون شيون به نٽيون وڪامن. پوءِ ڪي چالاڪ واپاري مجبور ٿي پنهنجي مال تي جپان ۽ آمريڪا جا ڪوڙا نپا هڻي مال اگهائين ٿا. سي وٺي ڪليا. ان تي برمي همراھ چيو: ”نقل به اهڙو ڪن ٿا جو اصل جو گمان ٿئي ٿو.“ مون ڪين هڪ .لطيفو انهن ڏينهن جو ٻڌايو جڏهن اجا جپاني به ٻين جي شين جو نقل ڪندا هئا. خاص ڪري آمريڪي شين جو. لطيفو هن طرح آهي ته هڪ آمريڪن شيشي جي هڪ تار ناهي، ان کي ڏسي جپانيءَ به نه فقط اهڙي ئي سنهي تار ناهي پر ان ۾ سوراخ پڻ ڪيو. ان بعد مارڪيٽ ۾ مقابلي لاءِ هڪ پاڪستاني آيو. جنهن اهڙي سنهي تار سوراخ سميت ته ناهي پر ان تي Made in America به لکي ڇڏيو.

تائيوان جي ڪئپٽن چيو ته جيڪي ڪجھ هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور وارا ڪجھ سال اڳ ٽائين ڪندا هئا، اهو اسان جي ملڪ ۾ اڄ به ٿي رهيو آهي، يعني ڪيترن ئي شين تي ٻاهرين ملڪن جا نپا، ڪجھ ردوبدل سان هڻي، مارڪيٽ ۾ مال پيش ڪيو وڃي ٿو، جيئن سادو وسوڙيل گراهڪ ان کي آمريڪن يا يورپي سمجهي خريد ڪري. اهونپو سنئون سڌو Made in Japan بدران ”ميڊ ائز جپان“ يا ”ميڊ فار جپان“ هنيو وڃي ٿو جيئن ڪو ڪورٽ ۾ به نه سڏائي.

ٻبر ڪلندي چيو: ”اسان وٽ Made As يا Made for به نٽا لکن. ماڳهين Made by USA لکيو وڃي ٿو.“

پوءِ ٻڌائين ته اُلهاس نگر ۾ سنڌي هندو ڪارخانيدارن ۽ فئڪٽرين جي مالڪن جي ايسوسيئشن آهي جيڪا USA جي نالي سان سڏجي ٿي - يعني ”الهاس نگر سنڌي ايسوسيئشن“ سو انهن جي ڪارخانن ۾ جيڪا شيءِ ٺهي ٿي ان تي Made as USA جو نپو هڻيو ڇڏين. هاڻ آمريڪا کي به ڪهڙي طاقت جو هوءَ ڳوڙ ڪري ته پوني ۾ ٺهيل هن ڪپڙي تي USA ڇو لکيو اٿانوَ. يا ڪلياڻ ۾ ٺهيل هن پکوڙن جي ڪٽيءَ ۽ پاپڙ ناهڻ جي چڪري ويلڻ تي Made by USA جو نپو ڇو هنيو اٿانو؟

* * *

دنيا ايڏي ترقي ڪري ويئي آهي جو هاڻ بزنس کي آرٽ بدران سائنس سمجهيو وڃي ٿو. واپار جا سائنٽيفڪ طريقا ۽ اصول ڪتابن جي روپ ۾ يونيورسٽي ڊگرين جي شڪل ۾ مختلف قومن جا ماڻهو سکي پڙ ٿيندا رهن ٿا ۽ ڪنهن حد تائين ڪاميابي به نصيب ٿي اٿن. پر سنڌي هندو واپاريءَ لاءِ واپار اڄ به آرٽ آهي جنهن ۾ هو نه فقط نندي ڪنڊ ۾ پر دنيا جي دور دراز ملڪن، قومن ۽ مذهبن ۾ رهي به مقابلو ڪٽيو وينو آهي ۽ اها اهڙي ڳالھ آهي جنهن کي سڄي دنيا مڃي ٿي.

واپار ۾ هڪ ٻئي سان ضد ۾ مقابلو هوندي بہ سنڌي واپاري گڏ گڏ رهن ٿا. هن پاسي: ملائيشيا، سنگاپور، انڊونيشيا ۽ هانگ ڪانگ ڏي تہ تمام گھڻا سنڌي واپاري آهن ۽ سنڌن وڏيون وڏيون ايسوسيئيشن آهن. پر آمريڪا جهڙن ڏورانهن ۽ وڏن هنڌن تي بہ هو گڏ گڏ رهن ٿا. ڪجهہ سال اڳ تائين آمريڪا ۾ ”سنڌي ايسوسيئيشن آف آمريڪا“ نالي سنڌين جي فقط هڪ ايسوسيئيشن هئي. پر هاڻ ڪيتريون ئي ٿي ويون آهن. ان ڏينهن ڪچهريءَ ۾ وينل جهازي همراهن انهن مان ڪجهہ پڌايون جيڪي هن ريت آهن.

سنڌو سنگم ـ سنڌين جي هيءَ سوسائٽي آمريڪا جي شهر نيو يارڪ ۾ آهي، سنڌس باني شري دولت ساجناڻي آهي ۽ ائڊريس اٿس:

220 West 107 Street,

4A, New York, Ny 0025, USA

Phone: (212) – 865 – 4493

هيءَ سوسائٽي هر مهيني ”انڊس ـ واڻي“ نالي رسالو پڻ ڪڍي ٿي ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي ڊائريڪٽري پڻ شايع ڪئي آهي ـ جيئن سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ سنڌين جي آهي.

آمريڪا ۾ سنڌين جي هڪ ٻي ايسوسيئيشن ”لانگ آئلنڊ سنڌي ايسوسيئيشن“ نالي آهي، جنهن جو باني ايشور ديوجاڻي آهي. ايڊريس هن ريت آهي:

Long Island Sindhi Association,

50, Genesee, Hicksuille, Ny 11801, USA

Phone: (516) – 433 – 2214

ٽين مشهور سوسائٽي ”اوورسيز سنڌيز سڀا“ نالي آهي، جنهن جو مکيہ باني رام سڪراڻي ۽ شري لالچنداڻي آهي. ايڊريس اٿس:

Overseas Sindhu Sabha,

34-15, 71 RD, Street Jackson Heights, Ny 11372,

Phone: USA (718) -426-2150

هن سوسائٽيءَ ڪئينس جي علائقي ۾ سنڌين لاءِ هڪ سينٽر ”سنڌو ڀون“ نالي نهرائڻ جو ارادو ڪيو آهي.

چوٿين سوسائٽي ”سنڌي ايسوسيئيشن آف نيو جرسي“ نالي آهي، جنهن جو مکيہ باني ماتلي ڀمياڻي ۽ وينا هميراجاڻي آهي. ايڊريس هن ريت آهي:

C/o Nona Advani, country Club Lane,

East Hanover, N. 10793, USA

Phone: (201) – 668-8319

اهڙيءَ طرح هڪڙي شڪاگو ۽ هڪ لاس اينجلس ۾ پڻ آهي.

# بئنڪاڪ ڪيئن هلجي...

اڄ چانھ تي ڪئپٽن راڄ بزاز اسان ڪان سنگاپور گهمي اچڻ جي خبر چار پڇي. ان بعد چوڻ لڳو تہ هتان ملاڪا ڪان سنگاپور باءِ روڊ ايترو ويجهو آهي جو مهيني ڏيڍ ۾ هڪ دفعو سنگاپور جو چڪر هڻڻ تمام ضروري اهي.

چيومانس: ”هائو ۽ سال ۾ هڪ دفعو بئنڪاڪ جو پڻ.“ منهنجي اهو چوڻ تي ڪئپٽن بزار اهڙا تہ وٺي ٺهڪ ڏنا جو آئون شڪي ٿي ويس ۽ يڪدم ڳالھ جو غلط مطلب ڪُڪيم. جيتوڻيڪ ان وقت منهنجي ڏيان ۾ بئنڪاڪ ائين ئي اچي ويو ڇو جو هي شهر ملاڪا سنڌ جي شهر حيدرآباد جيان آهي. جنهن جي هڪ پاسي ڪراچيءَ وانگر سؤ سوا ميلن تي سنگاپور آهي تہ ٻئي پاسي بئنڪاڪ ائين آهي جيئن حيدرآباد ڪان خيرپور يا سکر ـ ۽ هوائي جهاز ۽ پاٽيءَ جي جهاز ڪان علاوه روڊ رستي، ريل رستي يا ٻيڙي بتيلي رستي بہ ڪلاڪن ۾ پهچي سگهجي ٿو.

ڪئٽپن بزاز پنهنجي روايتي ٺهڪن مان آخر واندو ٿي چيو: ”بلڪل سچ ٿو چئين. پر منهنجي زالَ ڪي خبر پئجي ويئي آهي تہ بئنڪاڪ ۾ جهازين لاءِ ڪهڙو رڏو پيو نري.“ ۽ پوءِ چانھ ۾ ڪنڊ ملائي ويجهو ٿي ڪن ۾ چيائين: ”يار ڪو اهڙو طريقو نٿو سجهئي جو بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي پاسپورٽ تي ٿائلنڊ جو ٺپو ئي نہ لڳي. يا ڪا اهڙي سالوشن آهي جنهن سان پاسپورٽ تي لڳل اهو ٺپو ڌهي سگهي ۽ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي تہ اسان ڪو بئنڪاڪ مان ٿي  آيا آهيون. گهر وارن کي اهو ئي چئي گسو هڻجي تہ اسان پر واري ملئي ڳوٺ ”مسجد تاناح“ ۾ ويا هئاسين“

# زيبوءَ سان پيار

مالاگاسي (مئڊا گاسڪر) ٻيٽ جو نالو ننڍي ھوندي پھرين اسڪول جي عام معلوماتي مقابلي ۾ ٻڌوسين ان بعد جاگرافيءَ جي پيرڊ ۾ جاگرافي ٽيچر کان. ان کان علاوه عبرت آفيس ۾ شيخ عزيز کان ـ جنھن جو تن ڏينھن ۾ تکيو ڪلام ھوندو ھو: ”ماڻھن کي نھي خبر مالاگاسي يا ٽمبڪٽو جي ۽ ڪاڻ تي ٿيا آھن اخبار نويس.“

۽ پوءِ ھڪ ڏينھن مالاگاسي ٻيٽ وٽان لنگھندي ياد اچي ويو تہ ھي اھو ٻيٽ آھي جنھن جو نالو عزيز شيخ کي پسند ھو.

عربن ۽ اسرائيلن جي جھڳڙي ڪري سئيز ڪئنال جيترا سالَ بند رھيو اسان کي آفريڪا جي ھينان ڪيپ آف گڊ ھوپ وٽان ڦري آمريڪا ۽ يورپ وڃڻو پيو ۽ ڪيپ آف گڊ ھوپ جي ڪلئي ۽ خوفناڪ سمنڊ کان اڳ ھڪ ٻئي خوفناڪ ھنڌ (موزمبق چينل واھ) مان لنگھڻو پيو ٿي. ھي واھ ايڏو وڏو آھي جو سندس ويڪر گھٽ ۾ گھٽ سؤ ڪوھ ڪن ٿيندي ۽ ڊيگھ چار سؤ ڪن جو تکي جھاز کي ٻہ ٻہ ڏينھن ٻہ راتيون ان کي ڪري اڪرڻ ۾ لڳيو وڃن. تکي ھوا يا طوفان ۾ تہ ھن چئنل جي پاڻيءَ جي تڪائي ائين ھوندي آھي جيئن ماڊول جي منھن وٽ واٽر ڪورس جي ھجي ۽ آفت جيڏو جھاز بہ ڪک پن وانگر لڙھندو محسوس ٿيندو آھي.

ان موزمبق چئنبل جي ھڪ پاسي آفريڪا ڪنڊ آھي ۽ ٻئي پاسي اسان جو مالاگاسي ٻيٽ ـ جنھن کي ماڻھو ڳجھارتن جو ٻيٽ بہ سڏين ٿا. ڇو جو سندس ڪيترين ئي عجيب ڳالھيون اھڙيون آھن جيڪي دنيا لاءِ ڳجھارتن کان گھٽ ناھن.

مالاگاسي ٻيٽ ـ جنھن تي ڪنھن زماني ۾ فرينچن جو قبضو/ڪالوني ھو سو مئڊا گاسڪر جي نالي سان سڏيو ويندو ھو. 1947ع ۾ ھتي جي ماڻھن جيڪي مالاگاسي سڏيا وڃن ٿا آزاديءَ ڪارڻ فرينچ حڪومت جي خلاف انقلاب آندو. فرينچن ان کي دٻائڻ جي گھڻي ئي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿيا ۽ ٻيٽ کي سندن باشندن حوالي ڪرڻو پيو. آزاديءَ بعد بہ ھي ٻيٽ ڏھ ٻارھن سالن تائين مئڊا گاسڪر سڏبو رھيو پر پوءِ سندس اصلي نالو مالاگاسي رکيو ويو (جيئن آزاديءَ بعد سلون تي سريلنڪا ۽ ڍاڪا تي ڍاڪا رکيو ويو آھي).

مالاگاسي ٻيٽ دنيا جو چوٿون نمبر وڏو ٻيٽ آھي (گرين لينڊ، نيو گني ۽ بورنيو کانپوءِ) . سندس عجيب ڳالھين مان ھڪ اھا بہ آھي تہ ھي ٻيٽ جيتوڻيڪ ھندي وڏي سمنڊ ۾ آفريڪا ڪنڊ جي پرسان آھي پر ھن ٻيٽ جي رھاڪن جي شڪل، رنگ روپ يا سياھ نہ تہ آفريڪي شيدين جھڙو آھي ۽ نہ وري ھندستان جي جي ماڻھن جھڙو! ھن ٻيٽ جي باشندن جي بنيادي زبان، تھذيب ۽ منھن مھانڊو ملايا ۽ انڊونيشيا ماڻھن سان ملي ٿو ـ جيڪي ملڪ ھندي سمنڊ جي ٻي ڇيڙي تي پئسفڪ سمنڊ وٽ آھن ۽ مالاگاسي  کان گھٽ ۾ گھٽ پنج ھزار ميل پري ٿيندا. ھوڏانھن آفريڪا ڪنڊ جي ڌرتي جيڪا مالاگاسيءَ کان فقط ٽي سؤ ميل پري آھي ان سان ڪا بہ مشابھت نہ آھي.

ٻي ڪمال يا ڳجھارت جھڙي ڳالھ اھا بہ آھي تہ آفريڪا ڪنڊ تي شينھن، چيتي ۽ ھاٿيءَ جھڙا ڳرا جانور جتي ڪٿي ملندا، پر ھن ٻيٽ تي، جيڪو جاگرافي طور آفريڪا جو ئي حصو سمجھڻ کپي ـ انھن جانورن مان ڪنھن ھڪ جو نالو نشان ناھي. ان کان علاوه آفريڪا جو سڄو ڪنارو زھريلي نانگن سان ڀريو پيو آھي پر مالاگاسي ٻيٽ تي اھڙو ڪو بہ نانگ بلا نظر نہ ايندو. خبر ناھي ڇو ـ؟

سريلنڪا جي ٻيٽ تي ڪيترا اهڙا ٻه گل ٻوٽا، وڻ ٽڻ، جيت جڙا، پکي پکڻ ۽ نانگ بلائون ملنديون جيڪي سندس پر واري ملڪ هندستان ۾ نه آهن پر انهن مان ڪيترين ئي شيون هيڏانهن آفريڪا ڪنڌ جي ڪناري تي ملن ٿيون. جنهن لاءِ جاگرافي جي ڄاڻن جو چوڻ آهي ته ڪنهن زماني ۾ ـ جڏهن هيءَ سڄي دنيا مختلف ڪندن ۾ ورهايل هجڻ بدران يڪو هڪ وڏو ڪنڌ هئي ته سريلنڪا جو ٻيٽ آفريڪا جو هڪ حصو هو جيڪو پوءِ ان ڪان ڇڇي پري وڃي پيو آهي ۽ زمين هڪ ئي حصي جي هجڻ ڪري منجهس ڪيترين ئي شيون ساڳيون آهن. پر مالاگاسي ٻيٽ جو اهو به ڪمال آهي ته هن ٻيٽ تي ڪيترائي اهڙا پکي، جانور، پوپٽ، پنيوريون ۽ گاهه ٻوٽا آهن جيڪي دنيا جي ڪنهن به ملڪ يا ٻيٽ تي نه آهن.

هڪ آڳاٽي مڇي (Coelacaths) تي گذري آهي جنهن لاءِ ڪجهه سال اڳ تائين سائنسدانن جو اهو ئي خيال هو ته اها اڄ ڪان سٺ ملين سالَ اڳ ختم ٿي چڪي آهي پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اها مڇي مالاگاسي ٻيٽ جي ڪناري تي اڄ به ڪڏهن ڪڏهن نظر اچي ٿي. ايپورنس نالي پراڻي زماني جو ڪنيين بنا گهوڙي جيڏو پکي هن ئي ٻيٽ تي وڏيو ويجهيو. هي پکي شتر مرغ کان ڇهوٽو ڳرو هوندو هو ۽ فٽ ٻال ڪان ٻه وڏا آنا لاهيندو هو. ان قسم جا آفت نما جانور (ڊائنا سورس) ڪڏهو ڪو حالتن جي سٺ نه سهي مري ڪپي ويا. پر هن ٻيٽ جي هن آڳاٽي پکيءَ جو نسل ايترو ته ويجهڙائيءَ ۾ ختم ٿيو آهي جو هن ٻيٽ جي ڪيترن ئي جهونن ماڻهن پنهنجن ڏاڏن پڙڏاڏن ڪان ٻڌل ان پکيءَ جي شڪار جون ڳالهيون چشڪا ڏيئي اسان سان ڪيون ٿي.

ان ۾ ته ڪو شڪ ناهي ته هن ٻيٽ جا رهاڪو گهڻو اڳ ملايا ۽ انڊونيشيا جي ٻيٽن ڪان (اٽڪل پهرين عيسوي صديءَ ۾) وڻن جي ٻنڌن، چوڏائين ٻيڙين ۽ ڪاٺائين مڪڙين رستي پٽڪندي اچي هتان نڪتا ۽ ڪي ته شايد پيرين پنڌ هندستان، عربستان ۽ آفريڪا جو ڪنارو ڏيئي پوءِ اتان ٻيڙين رستي هتي پهتا. اڄ به هن ٻيٽ تي انهن جي خانداني ورثي واري تهذيب، هنر ۽ ريتون رسمون آهن. زبان جو نمونو به ساڳيو ئي اهو آهي ته ڪاڏي ۾ به انهن وانگر چانور ٿا ڪائين ۽ اهو ئي سبب آهي جو هن ٻيٽ جا ماڻهو اڪثر اهو چوندي ٻڌبا آهن ته: ”اسان نه آفريڪي آهيون ۽ نه ايشيائي. اسان وچان ئي ڪجهه ٻيا آهيون.“

ٻاهر جي دنيا کي هن عظيم ٻيٽ جي خبر 1500ع ۾ هڪ پورچوگالي جهاز جي ڪئپٽن ڪان پيئي جنهن جو جهاز طوفان ۾ هن ٻيٽ جي ڪناري سان اچي لڳو هو. پر پوءِ چڱيءَ طرح ڄاڻ واقفيت تڏهن ٿي جڏهن يورپ جون ٻيون قومون هن ٻيٽ جي ڪناري تائين ترسڻ بدران گهڻو اندر جابلو علائقن ۾ به گهڙي ويون. هنن ”ملايو ـ انڊونيشي“ قوم ميزينا بابت اچي ٻڌايو جيڪي هن ٻيٽ تي رهيا ٿي ۽ سڄي ٻيٽ تي قبضو هون. سندن بادشاهه: اندريا نام پوئينيميرينا (نام پوئينا) حڪومت ٿي ڪئي. ان ڪانپوءِ حڪومت جون واڳون سندس رادما نالي قابل پٽ جي حوالي ٿيون.

رادما تخت تي ويهڻ شرط غلامن جو وڪرو بند ڪرايو. يورپ ڪان آيل رهاڪن جي مدد سان اسڪول کولرايا ۽ انگريزي ۽ فرينچ زبانن جي ڏڪين اسپيلن کي آسان ڪري مالاگاسي زبان جوڙيائين جيڪا اڄ به دنيا جي آسان زبان سمجهي وڃي ٿي. مالاگاسي ٻوليءَ جي لسائي ۽ نرمائيءَ ڪري ڪيس هندي وڏي سمنڊ جي اٽلين ٻولي سڏيو وڃي ٿو.

رادما عجيب شاهي قسم جو ماڻهو هو. سن 1828ع ۾ ننڍي عمر پنجٽيهه سالن جي ڄمار ۾ ئي گذاري ويو ـ جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته بغاوتن کي منهن ڏيڻ لاءِ لڳاتار جنگين ۽ هر وقت عورت ۽ شراب سان لڳ لاڳاپن ڪيس هڏي ٽڪائي رکيو. مرڻ وقت ڪيس سندن دلپسند ٻارهن جنگي گهوڙن سان دفن ڪيو ويو. ان ڪان علاوه ساڻس گڏ اهي اسي ورديون به دفن ڪيون ويون جيڪي هن لنڊن مان سبرايون هيون. هن جي موت تي سڄي ٻيٽ ڪان آيل ڪانڌين جي مانيءَ لاءِ ويهه هزار ڍڳا ڪنا ويا.

هونءَ مئل سان گڏ سندس گھوڙن ۽ يونيفارمن وغيره کي بہ دفن ڪرڻ هتي وڏي ڳالھ ناهي. هتي مالاگاسيءَ ۾ مري وڃڻ کا ڏک جي ڳالھ نٿي سمجي وڃي. هتي موت جڻ هڪ ڪمري کان ٻئي تائين جڻ آهي. هتي جا ماڻهو پنهنجي مري ويل وڏن کي اڄ بہ جيئرو سمجهن ٿا جن جي نہ فقط باقاعدي پوڄا پاٺ ڪئي وڃي ٿي، پر ان سان گڏ ملاقات پڻ. هر خاندان ۾ ڪجھ ڪجھ سالن بعد وڏي دعوت ڪئي ويندي آهي، جنهن تي مٽ مائٽ ۽ دوست اچي گڏ ٿيندا آهن. پوءِ سڀ جلوس ڪري قبرستان ايندا آهن، جتان مري ويل مائٽن مان ڪجھ دلپسند مائٽن جون قبرون کوٽي مردن کي ڪڍي ڪين سڄي شهر جي سرگس ڪرائين پوءِ نئين ڪفن ۾ ويڙهي واپس دفن ڪن. بهرحال هتي موت ڏک جو معاملو نہ پر خوشيءَ جو معرڪو سمجهيو وڃي ٿو جنهن تي خوب کائڻ پيئڻ ۽ راڳ روپ ٿين ٿا.

جيتري دنيا تکي ترقي ڪري رهي آهي مالاگاسي ٻيٽ ان کان بلڪل آجو آهي. مالاگاسي ٻيٽ جا رهاڪو ترقيءَ جي معاملي ۾ تکڙ کم شيطان جو ٿا سمجهن. اهو صحيح آهي تہ اڄ جو ڪم سڀاڻي تہ نہ ڇڏجي پر اڄ جو ڪم سڀاڻي تي ٽاري ڇڏڻ ۾ جيڪا راحت آهي ان جي هتي جي ماڻهن کي خبر آهي. هتي اڄ جي ماڊرن دؤر ۾ بہ پوک جا طريقا اهي ئي پراڻا آهن جيڪي صديون اڳ هئا. نواڻ جي ضرورت محسوس ڪندي بہ هتي جا ماڻهو نٿا آڻين جو ڪين پؤ آهي تہ متان سندن مري ويل ڏاڏا پڙڏاڏا دل ۾ نہ ڪن ـ جيڪي اڄ بہ خاندان جو هڪ حصو سمجهيا وڃن ٿا.

مالاگاسي ٻيٽ جو جتي اپرندو حصو ساوڪ ۽ سونهن سال پريل آهي اتي ڏاکڻو ۽ الهندو حصو اري ۽ رڻ پٽ آهي. اپرندي حصي ۾ هر سال ڏيڍ سؤ انچ مينهن وسي ٿو. زمين جو چپو چپو گلن ڦلن، ٻوٽن ۽ ميويدار وڻن سان پريو پيو آهي. زندگي آرام ۽ سڪون واري آهي. بلڪ تمام ئي گهٽي آرام ۽ سکون واري جو هر شيءِ کاڌي پيتي جي، ٿوري ئي محنت سان مليو وڃي. موسم پڻ لاجواب آهي. سڄي رات گهاٽي ننڊ ڪرڻ بعد بہ ڏينهن جو وري اباسين جو ٿڪو ۽ جهوٽا هوندا آهن. ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي جو غلط وقت تي ساموندي زندگيءَ ۾ آياسين نہ تہ اڄ کان سؤ سال اڳ ڪئپٽن ڪڪ جهڙي دؤر ۾ هجون ها تہ اسان بہ انهن ڏينهن جي جهازين وانگر ههڙا ٻيٽ ڇڏڻ تي بغاوت ڪري هتي ڪئي ڪنهن ناريل جي وڻ هيٺ سمهي رهون ها ۽ جهاز گهنڊ وڄائيندو روانو ٿي وڃي ها يا ڪناري تي ئي ٻيني ٻيني اڌوهي ڪائي وڃينس ها. پر هاڻ تہ سائين اميگريشنءِ پاسپورٽن جا چڪر اهڙا تہ سڄي دنيا ۾ ٿي ويا آهن جو عرب ملڪن جهڙا بياباني ملڪ بہ ڌارئين کي مقرر وقت کان هڪ ڏينهن بہ وڌيڪَ ترسڻ نٿا ڏين.

ناريل جي وڻ هينان سمهڻ تي ڳالھ ياد آئي تہ هتي مالاگاسيءَ ۾ يا سريلنڪا، بنگلاديش وغيره جهڙن هنڌن تي ناريلن جي وڻن هينان ماڻهن کي ٻي اونو سمهندو ڏسي تعجب لڳندو آهي تہ اسان تہ وڏ ۾ وڏ ٻير جي وڻ هينان ئي سمهڻ جو جوکم ڪٽي سگهون ٿا. هتي مالاگاسيءَ ۾ هڪ همراھ کي چيم تہ يار ناريل جي وڻ هينان سمهندي ڊپ نٿو لڳانو. هڪ هڪ ناريل سير ڏيڍ سير جو تہ ٿيندو ۽ ڪي ڪي وڻ ٺماڙ چوٺماڙ کان بہ اتاهان آهن. اتان جي ڪو ناريل ستل ماڻهوءَ جي مٿي تي لڳي تہ هٽي ڦهي رکيس. گهاٽي ننڊ وارا خواب تہ پري پر هن دنيا جا خواب بہ اڌورا رهجي وڃنس. وراڻيائين تہ ناريل کي اک ٿيندي آهي. هو ڏسندو رهي ٿو ۽ جنهن وقت ڪو هيٺ ستل آهي تہ هو هيٺ هرگز نٿو ڪري.

بهرحال مالاگاسيءَ ٻيٽ جو اپرندو پاسو جيترو سرسبز ۽ سائو آهي اوترو ڏاکڻو حصو گهٽ مينهن پوڻ ڪري سڪل ۽ نوٽ آهي. ويندي ڪن هنڌن تي پاڻيءَ لاءِ عورتون ميلن جا ميل پنڌ ڪن ٿيون.

مالاگاسيءَ جو ٽيون حصو ـ وچ وارو جابلو آهي. جيئن پاڻ وٽ ڪوئيٽا يا ڪوھ مري آهي ۽ اهو علائقو سڀ ۾ خوبصورت ۽ هن ٻيٽ جي دل سمجهيو وڃي ٿو. هتي سڀ کان بهترين اسڪول آهن، سهڻا ڪليسا گهر (هر هڪ ڳوٺ ۾ هڪ رومن ڪئٿولڪ وارن جو ڪليسا گهر ۽ هڪ پروٽيسٽنٽ عيسائين جو

آهن ۽ پڙهيل ڳڙهيل ۽ ترقي پسند ماڻهو رهن ٿا. رستا ۽ گهر به پڪا ۽ سهڻا آهن. ٻيٽ/ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ٽانا نرائيو (Tana - Narive) به هتي ئي جبلن جي چوٽيءَ تي 4700 فوٽ مٿانهون آهي.

مالاگاسيءَ جو مستقبل ڏٺو وڃي ته تمام روشن آهي ۽ قدرت طرفان ملڪن کي مليل هر نعمت هتي موجود آهي ـ سواءِ تيل جي. ماڻهن جي حساب کان پوک لاءِ پلين زمينن جو ته ڪو ڪاٽو ئي ڪونهي. ساڳي وقت معدني مالن ۾ به مالا مال آهي. دنيا ۾ سڀ کان گهڻو گريفائيٽ سريلنڪا بعد هتي ملي ٿو. مائيڪا ـ جنهن جو استعمال اڄڪلهه اليڪٽرونڪ جي شين ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو ـ اها ۽ ان کان علاوه راڪيٽن ۽ ائٽم بم ۾ ڪم ايندڙ ڌاتو: مثال طور بيريليم، ٽئنٽاليم، ڪولمبيم وغيره هتي گهڻو آهي ۽ ان کان علاوه ڪروم، نڪل، لوهه ۽ ڪوئلي جون به کاڻيون آهن، جن کي ته اڃا هٿ به نه لڳايو ويو آهي.

ايتري ڌاتوءَ هوندي به ڏٺو وڃي ته هتي نه برابر ڪارخانا ۽ فئڪٽريون آهن. فرينچن پنهنجي حڪومت جي دؤر ۾ جاٽي واٽي اهڙي قسم جو ڪو به ڪم نٽي ڪرڻ چاهيو جنهن سان ملڪ جي معاشي ترقي ٿئي. هاڻي آزاديءَ بعد مڙيئي ان ڏس ۾ سڌارو ۽ واڌارو ٿي رهيو آهي ـ پر تمام ٿورو ٿورو. ان جا سبب ڪجهه پراڻيون روايتون ۽ ريتون رسمون پڻ آهن، جيئن مٿي بيان ڪري چڪو آهيان. انهن مان هڪ عجيب ريت زيبوءَ سان پيار پڻ آهي. زيبو ڪا عورت نه پر هتي جي وڏن سڱن واري ڍڳي آهي، جيئن هندستان ۾ پوڄا پاٺ جي ڳانءِ ماتا.

سڄي ملڪ/ ٻيٽ مالاگاسيءَ ۾ ماڻهن کان وڌيڪَ هي ڍڳيون ـ زيبو آهن. اٽڪل هڪ ڪروڙ ڪن. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي باقي هنڌن تي هي ڍڳيون نه ڪنيون وڃن ٿيون نه انهن جو کير ڏٺو وڃي ٿو. هندساني ڳانءِ ماتا وانگر هنن جي ڪا مذهبي حيثيت به نه آهي. بس فقط وڏ ماڻهپي جو نشان سمجهيون وڃن ٿيون. جنهن وٽ وڌو ڌڻ اهو وڏو ماڻهو. جيئن ڪو وڏيرو ڏيک لاءِ گهڻا ڪتا يا سوئر پالي ٿو يا اوطاقون ۾ نوڪر رکي ٿو.

”آخر انهن ڍڳين جو فائدو ڪهڙو ـ جيڪي نه ڌڻ جي ڪم اچن ٿيون نه ڪُهڻ جي؟“ مالاگاسيءَ جي رهاڪو کان بحث ڪندي مون پڇيو. جواب ۾ هن منهنجي دوست جي هٿ ۾ پيل منديءَ ڏي اشارو ڪري چيو: ”پلا ان منديءَ ۾ لڳل هيڏي مهانگي هيري مان ڪهڙو فائدو؟ توهان اهوئي چوندائو ته ضروري ناهي ته هر ڳالهه مان فائدو هجي. بس اسان لاءِ زيبو به ائين ئي آهي.“

# تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا

سنڌيءَ ۾ چوڻي عام آهي تہ ڪٿل آهيون تہ بہ خان آهيون. يا ڪيترا ماڻهو عزت خاطر پنهنجي اندر جي حالت لڪائي مٿان اڇو لٽو پائي ہٹي ڪي اهو ڏيک ڏيندا تہ اسان ڪو غريب نہ ٿا ويا آهيون. اهڙو ئي حال جپانين جو آهي. جپاني چوڻي آهي تہ ”بشي وا ڪُوا نيدو تاڪا بوحي“ يعني ساموراڻي (پهلوان) ڪي کائڻ لاءِ نہ هوندو (پيٽ ۾ بک هونديس) تہ بہ تيليءَ سان ڏند کوٽي ماڻهن کي اهو ڏيک ڏيندو تہ هن ڏهُ ڪري گوشت پُلاءُ کاڌا آهن.

جپان ۾ بہ مغرب جي دنيا کان ابتڙ، پاڻ وانگر مال دولت کان وڌيڪ عزت کي مٿانهون سمجهيو وڃي ٿو. خاص ڪري ماڻهن جي مئي کان پوءِ هن جا ڳڻ ئي ڳايا وڃن ٿا. مرڻ وقت چاهي هو ڪو ڏن دولت ڇڏي ويو هجي يا نہ پر عزت ۽ لڇڻ اهڙيون شيون آهن جن جي ڪري هو پوءِ بہ ڳائبو رهي ٿو. ان جو مثال اسان وٽ ڪيترائي بزرگ فقير، شاعر اديب ٿي گذريا آهن. ان سلسلي جي جپانيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ ”تورا واشي شيتي نا اوتو ڪوسو“ يعني شينهن مرڻ بعد پنهنجي کل ڇڏي ٿو ۽ ماڻهو مرڻ کانپوءِ پنهنجي ناموس ڇڏي ٿو.

پاڻ وٽ اهو چوڻ عام آهي تہ انسان ڪڏهن گليل کان بہ پيو ڊڄندو پر ڪڏهن تہ هو توب جي منهن ۾ هوندي بہ پرواھ نہ ڪندو آهي ۽ دلير ٿي مقابلي جي ڪوشش ڪندو آهي. سو جپانيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي: ”ڪيو سو، يڪو او ڪامو“ (گهيري ۾ آيل ڪوئو ٻليءَ کي بہ چَڪي رکندو آهي.)

جپان ۾ رهندڙ اسان جا سنڌي همراھ ”ڏنو پير پني مراد“ پهاڪي جو نعم البدل جپاني پهاڪو ”تائي زان مي اي دوشيتي نيزومي اپيڪي“ ڏريو جبل نڪتو فقط ڪوئو ـ استعمال ڪن ٿا. اسان جو يار اقبال سولنگي سنڌي ۾ ڳالهائڻ وقت سنڌي پهاڪو ”سهسين ڪرين سينگار، تہ بہ ڪودڙو پٽ ڪودڙي جو.“ استعمال ڪري ۽ جپانيءَ ۾ ڳالهائيندي وقت ان ئي مفهوم جو جپاني پهاڪو ڏيندو: ”ڪائيرو نوڪو وار ڪائيرو“ ڏيڏر جو ٻچو سو ڏيڏر يا جيئن پاڻ وٽ ان جهڙو هڪ ٻيو بہ سنڌي پهاڪو آهي: ”جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.“

پهاڪن جو پندار ظفر شيخ آهي. جنهن جي نيٺ، ادبي ۽ نيٺ جپاني ٻوليءَ تي جپاني بہ ڪيس داد ڏيندا اهن. سندس واتان ٻڌل ڪجھ جپاني پهاڪا: ”ڪامي نو ڪو يوري توشي نوڪو“ (عمر سان ئي عقل اچي ٿو)، هونءَ جپاني لفظ ”ڪو“ جي معنيٰ ڪڇونءَ جو مٿيون ڍڪ/ڦُڙ پڻ آهي، پر هتي ”ڪو“ عمر يا تجربو ٿيندو.

هڪ ٻيو جپاني پهاڪو جيڪو اسان جو يار شايد سنڌي چوڻي: ”جيڪو ڳڙ سان مري تنهن کي زهر ڇو ڏجي“ جي بدران استعمال ڪندو آهي، اهو آهي: نيوا توري اوساڪو ني ازو ڪو نزو گوتو او موچي اِين“ (ڊور کي ڪُهڻ جو ڪات ڪڪڙ تي ڇو استعمال ڪجي).

يا هڪ ٻيو سندس دلپسند جپاني پهاڪو هوندو آهي: ”ميڪئو سوها ڪُووسو او ورائو“ اڪين جون پڇيون ٿيون نڪ جي پڇين تان ٺٺوليون ڪن. جيئن پاڻ وٽ سنڌيءَ ۾ آهي تہ ”مينهن چويءَ ڍڳيءَ کي هل ڙي پڇ ڪاري“ ان قسم جو هڪ ٻيو بہ پهاڪو جپانيءَ ۾ آهي تہ ”جهڙا پنجاھ قدم موٽئا تهڙا سؤ.“ اها چوڻي هڪ جپاني قصي تان نهيل آهي جنهن ۾ جنگ دوران پنجاھ قدم پنتي پڇڻ وارو سپاهي سؤ قدم پنتي آيل سپاهيءَ تان چٽرون ٺو ڪري.

جپانيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي: ”ڪمزور (بيڪار) گاهه جلدي اپري ٿو.“ اهو ٻڌي امر جليل جي ان جهڙي چوڻي ياد ايندي آهي جيڪا گهڻو اڳ سندس افساني ۾ پڙهي هيم ته اناج ۽ ڪارائتيون شيون ته محنت سان ئي پيدا ٿي سگهن ٿيون. پنهنجي ساءِ ڌرتيءَ ۾ رڳو ڏڀ، ڪرڙ، ڪنڊا ۽ ٿوهر ئي ڦٽي سگهن ٿا.

شاهه لطيف جو شعر آهي ته: صبر جنين جو سير، تير نه ڳسي تن ڪان. اهو گهڻو ڪري ان وقت ياد ايندو آهي جڏهن جپان جا اڪثر بندرگاهه ڇڏيندي وقت، جتي طوفان ۽ هوائون عام آهن جپاني مڪاني ماڻهن واتان نصيحت ۽ صلاح خاطر هي جپاني پهاڪو ٻڌبو آهي: ”ماتيبا ڪائيرو نو هيبوري“، سٺائو سمنڊ ان کي ئي ملي ٿو جيڪو انتظار/صبر ڪان ڪم وٺي ٿو، يعني سٺي موسم ۾ سمنڊ حاصل ڪرڻ لاءِ صبر ضروري آهي.

”ڏڌل ڪير وري ٿڻن ۾ نه پوي“ اهو هڪ سنڌي پهاڪو آهي، جنهن جو لفظ به لفظ جپانيءَ ۾ ترجمو ڪري اشفاق ميمڻ استعمال ڪندو آهي. ان سان ملندڙ جلندڙ جپانيءَ ۾ پڻ هڪ پهاڪو آهي: ”فوڪو سوئي بان ني ڪائي رازو“ يعني هاريل پاڻي وري گڏ ڪري نٿو سگهجي.

اسان جو ڳوٺائي اسڪاردرن ليڊر عبدالرزاق جپانيءَ ۾ گهٽ قابل ناهي. جپان ۾ پڙهائيءَ دوران پنهنجي سبجيڪٽ اليڪٽرانڪس ڪان علاوه جپاني ٻوليءَ جي لکت واري امتحان ۽ ريڊيو ٽي ويءَ تي جپاني ۾ ڪيل تقريرن ۾ به نمبر کنيائين. ظفر شيخ وانگر سندس جپاني ڳالهه ٻولهه پهاڪن، چوڻين ۽ شعرن سان ٽمٽار هوندي آهي. سندس واتان ڪجهه ٻڌل چوڻيون جيڪي هن وقت هُري رهيون آهن:

”جهرڪ سؤ سالن جو ٿي پوءِ ڪو نچڻ وساري.“

”بنبو ِنين نو ڪو دا ڪُو سان“ معنيٰ غريبن کي ٻار به گهڻا ته ٻار به گهٽا.

سندس خبرن ۾ خطن مان ڪجهه بيا ڪوريل جپاني پهاڪا

”سؤٽن ماساتن ڪان پاڙيسري چڱا.“

”عشق جي مرض ڪان نه گوتم ٻڌ چوٽڪارو ڏياري نه ڪوسي پاڻيءَ جو چشمو.“

”ڪاني وات تنيڪا نو ماوا رموچي“ معنيٰ پئسو ايندڙ ويندڙ شيءِ آهي، جيئن اسان وٽ پڻ سنڌيءَ ۾ اهو عام آهي: ”پئسو هٿن جي مَرُ آهي“

”اونا نو ڪامي نيوا اوزو موتسو نگارو“ معنيٰ عورت جا وار ته متاري هاٿيءَ کي به سوگهو جهلي سگهن ٿا.

پر اسان جو جپان ۾ رهندڙ هڪ بيو يار چوندو آهي ته جيڪڏهن ڪا جپاني ڇوڪري سنڌي سمجهي ته ان جپاني چوڻيءَ بدران ڪيس ايترو چوڻ گهڻو رهندو ته:

”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا
زندان هزارين مان نه رڳو“

# جهوني جڳ جا جهاز.....

بارسلونا (اسپين) جي هڪ هوٽل ۾ هڪ پوڙهو انگريز جهازي مليو. هوا خوري ۽ فرحت وٺڻ خاطر انگلينڊ جي سيءَ ۽ برف باريءَ کان پڇي اسپين جي هن ڏاکڻي شهر بارسلونا ۾ ڪجهہ ڏينهن لاءِ آيو هو. ٻي ڪا خالي ٽيبل نہ ڏسي آئون بہ سندس پر ۾ ڪافي پيئڻ لاءِ وڃي ويٺس. ياڻ ڪو موڊ ۾ هو. چيائين: ”اڄڪلهہ جي جهازن جي دنيا مختلف آهي. اها اسان جي وقت کان وڌيڪ آرام ۽ سلامتيءَ واري آهي. مون 1920ع ۾ ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ جهاز جي نوڪري شروع ڪئي هئي. 22-1921ع اهو سن هو جڏهن جهازراني جهوني جڳ مان نڪري نئين نڪور دؤر ۾ گهڙي رهي هئي. اڄڪلهہ جي جهازن ۾ جيڪي توهان کي آسائش جون شيون نظر اچن ٿيون اهي تن ڏينهن جي جهازن ۾ ٻنهہ نہ هيون. توهان جا هي جهاز ايئرڪنڊيشنڊ ۽ سينٽرلي هيٽيڊ (گرم) آهن. ان ڪري پرواهہ ئي نٿي ٿئي تہ جهاز اتر قطب وارن سرد ملڪن ۾ هلي پيو يا خط استوا جي گرم ملڪن ۾. اڄ جي جهازن تي سمنڊ جي کاري پاڻيءَ مان منو ناهڻ لاءِ مشينون F.W Evaporator پڻ آهي. هر هڪ جي پيٽ پري پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ بہ هار وير ۽ وهنجڻ لاءِ بہ ايترو بچي ٿو جو ڪو چاهي تہ ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا بہ وهنجي سگهي ٿو.“

”سر، توهان جي ڏينهن ۾ پلا ڇا حساب ڪتاب هوندو هو؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”اسان جي ڏينهن ۾ يعني ويهين صديءَ جي انهن شروعاتي ڏينهن ۾ جهاز جي قد بت سارو سندس تري ۾ پاڻيءَ جي فقط هڪ ٽانڪي هوندي هئي جنهن مان هٿ واري پمپ ذريعي پاڻي مٿي ڇڪي ڪڍبو هو. روز قطار ۾ بيهي هر هڪ جهازي حساب موجب پاڻي ونندو هو. ڊگهن سفرن ۾ تہ پاڻي بہ راشن مطابق ملندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هر ماڻهوءَ کي سڄي ڏينهن لاءِ فقط هڪ گيلن پاڻي ملندو هو. جنهن مان هن کي پيئڻ لاءِ پورت ڪرڻي پوندي هئي تہ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ بہ - جيڪو جهڙو تهڙو ڌوئي سگهبو هو. بس اکين تي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻڻو پوندو هو، ننڊ مان اُٿڻ مهل. وهنجڻ تہ ڪنهن خوش نصيب ڏينهن تي ئي ٿيندو هو جڏهن زبردست مينهن ڪري جهجهو پاڻي گڏ ٿيندو هو.

”پاڻي ايڏي اهم شيءِ هوندي هئي جو شيشو، جڳ يا ٽيو رکڻ لاءِ ڪاٺ جو منڊن يا ڇڪو ٺهيل هوندو هو جنهن ۾ حفاظت سان رکي سگهجي. پاڻيءَ جي ڏاڪي ورهاست بعد پاڻي ڇڪڻ واري پمپ جي هٿئي کي ڪنڊو ڏيئي وڏو تالو لڳائڻو پوندو هو. جهاز تي اهو پمپ ئي هڪ مشينري سمجهيو ويندو هو. هڪ جهاز تي وقت جي تقاضا ۽ سائنس جي ترقيءَ موجب ڪئپٽن ڪئبن ۾ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ ڪونڊي (بيسن) لڳايو ويو جنهن ۾ ڪڏ تي رکيل ٽانڪيءَ مان پاڻي پائيپ مان ٿي ڳول ڦرڻ واري ٻنجي واري نلڪي مان نڪتو ٿي.

”اها اسان مڙني لاءِ وڏي ۽ حيرت انگيز ڳالهہ ٿي پيئي هئي. ان جو پاڻي ڪپڻ تي جهاز جا خلاصي پاڻيءَ جون پريل بارديون ڪڏ تائين ڪڻي ان ٽانڪيءَ کي ڪناتار ڪندا هئا.“ پوڙهو جهازي ڪجهہ دير پنهنجي ان ڳالهہ تي کلڻ لڳو. وارو وٺائڻ لاءِ آئون بہ مرڪيس. پوءِ سلفيءَ مان ڪش پري ڳالهہ جاري رکي.

”ساڳيو حال بجليءَ جو هو. جنريٽر اجا نہ نڪتا هئا جو ڇت يا ٽيبل وارو پکو هلي. يا بجلي ٻاري سگهجي. هر هڪ کي شامَ جو شيشي ۾ تيل ذرو ملندو هو. جو ايترو مس هوندو هو جو ڪلاڪ ڏيڍ ڏيئو ٻاري سگهجي. آئون ڏهاڙيءَ جي راشن مان ٿورو ٿورو بچائي رکندو هوس جيئن موڪل واري رات جو گهڻي دير تائين پڙهي يا پتي راند ڪيڏي سگهان.“

”تڏن ملڪن ۾“ مون پڇيو، ”تہ توهان بلاڪيٽ، سوڙيون اوڍي سمهندا هوندائو، يا ڪانيون ۽ ڪوئلا ٻاري ڪمري کي گرم رکندا هوندائو. پر، سَر! گرم ملڪن ۾ ڇا ڪندا هئا؟“

”جيئن ئي يورپ جا ٿڌا ملڪ لتاڙي آفريڪا جي گرم ملڪ ماريطنيا ۽ سينيگال وٽ پهچندا هئاسين تہ گرميءَ ڪان ساهہ نڪرندو هو ۽ سڀ جهازي ٻارهين ڊيڪ تي اچي سمهندا هئا ڇو جو خط استوا ڪان ڏهہ پندرهن ڊگريون مٿاهين توڙي هيٺاهين حصي جي گرمي سهڻ پنهنجي وس جي ڳالهہ نہ هئي. ساڳي حالت گلف پاسي يا هندستان، برما، ملايا، انڊونيشيا ڏي ٿيندي هئي. اڳتي هلي ڪاٺ بدران لوهہ جا جهاز ٺهيا تہ انهن جو ڊيڪ (ترو) رات جو بہ دير تائين گرم رهندو هو. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪمري ۾ ئي سمهي رهندا هئاسين. گرمي گهٽائڻ لاءِ درين مٿان ڳوڻ آلي ڪري ٽنگيندا هئاسين جيئن ٻاهر جي گرم هوا آلي ڳوڻ مان لنگهڻ ڪري ڪجهہ ٿڌي ٿئي. هونءَ ٽراپيڪل ملڪن ۾، ٻاهر سمهڻ ۾ مزو ايندو هو ۽ اسان يورپين لاءِ کليءَ آسمان هيٺان سمهڻ هڪ نئين ڳالهہ ۽ نئون تجربو هوندو هو. آسمان ڇڻ مڃرداني وانگر لڳندو هو. اُپ ۾ ٽم ٽم ڪندڙ تارا ائين لڳندا هئا ڄڻ مڇر دانيءَ ۾ ڪڙ ڪبيتا ڦاسي پيا هجن. چوڏهينءَ تي جڏهن سڄو چنڊ ڪڙيل هوندو هو تہ مٿان ڪجهہ ٽنگي سمهبو هو، جيئن چانڊوڪي سنڌس منهن تي نہ پوي.“

”ڇو ڀلا؟“ وائڙو ٿي پڇيومانس.

”بس خبر ناهي ڇو تن ڏينهن ۾ سختيءَ سان تاڪيد ڪئي ويندي هئي تہ چنڊ هيٺان نہ سمهجي. تن ڏينهن ۾ اهو ڊپ يا وسوسو ماڻهن جي دلين ۾ هو تہ چوڏهينءَ جي چنڊ جي چانڊوڪي جنهن بہ سُتل ماڻهوءَ تي پوندي تہ اهو چريو ٿي پوندو. جنهن کي انگريزيءَ ۾ Lunatic سڏبو آهي. اهو لفظ چنڊ سان ئي واسطو رکندڙ آهي يعني Lunar مان نهيو آهي. جيتوڻيڪ مون کي ان ڳالهہ تي يقين نہ هوندو هو پر تہ بہ ڊڄندو هوس ۽ چانڊوڪيءَ ۾ سمهڻ جو ڪڏهن بہ جوکم نہ ڪنيم، تون ڀلا ڪڏهن ستو آهين؟“ هن مون کان پڇيو.

”سنڌ“، مون ٻڌايو مانس. ”۽ سڄي عربستان، راجستان جا ماڻهو تہ اڄ بہ پنکي ۽ ايئرڪنڊيشنر هوندي اڱڻ ۾ سمهن - ڇاهي چوڏهين جو چنڊ هجي يا اماس جي رات.“

”شاعري يا ادب سان بہ دلچسپي اٿئي؟ پڇيائين.

”ها. ٿوري گهڻي مڙيئي.“ وراڻيومانس.

هن ڪنهن جو شعر ٻڌايو جنهن مان سنڌس ساموندي زندگيءَ لاءِ اڃا تائين سِڪ.

“One Road Leads to London
One Roads Runs to Wales
My Road Leads me Seaward
To the White Dipping Sails”.

شعر جو داد ڏيندي پڇيومانس: ”ڀلا پوءِ ڇاڇا، ماڊرن جهازن تي بہ ڪو رهڻ ٿيو يا نہ؟“

”ها. پر آخري بہ چار سالَ. پر خبر اٿئي شروعاتي ڏينهن ۾ بہ هر ايندڙ سال گذريل سال جي مقابلي ۾ ماڊرن لڳندو هو. مثال طور 1923ع ڌاري هڪ جهازي ٿرڊ آفيسر هوس. ان تي پهريون دفعو مون وائرليس سيٽ ڏٺو. اها جيتوڻيڪ اليڪٽرونس جي هڪ معمولي ۽ شروعاتي ايجاد هئي. پر سائين تن ڏينهن ۾ وڏي ڳالهہ ٿي لڳي جنهن لاءِ هڪ خاص ڪئبن مقرر ڪئي ويئي. ان ۾ آپريٽر صاحب - جنهن کي Sparks سڏبو هو (۽ هاڻ ريڊيو آپريٽر يا ريڊيو آفيسر ٿو سڏجي) ويهي ٻاهر جي دنيا سان ٽڪ ٽڪ، ٽڪ ٽڪ جي آوازن سان نياپا ڏيندو ۽ وٺندو هو. اهو وائرليس سيٽ ڇا هوندو هو - هڪ ٽيبل تي پوائتي قسم جي پيتي رکيل هوندي هئي

جنهن ۾ پتل جون تارون ۽ شيشي جي والن جي قطار هئي. ٻه ويڪريون ۽ چمڪندڙ پتل جون تارون، جيڪي ان جو پالڻ وارو اسپارڪي، هميشه چمڪائي رکندو هو، سڀ ۾ نمايان هونديون هيون ۽ جن کي لوهي ڪنجيءَ (Key) رستي ملائڻ سان نياپو (Signal) ويو ٿي. انهن تارن جي ملڻ سان چٽنگون نڪتيون ٿي. هوشيار وائرليس انچارج (اسپارڪي) پنهنجي اڳيان رکيل فائيل Notices of Mariners مان پني پور ڦاڙي انهن چٽنگن اڳيان جهليندو هو ۽ پني کي باهه لڳڻ تي فخر سان سگريٽ دکائي، پنهنجي تجربي ۽ سائنس جي فائدن جو اسان جهڙن چوڏاري بيٺلن کان اکين ۾ داد وٺندو هو.

”هڪ ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ دٻلي جهڙي شيءِ رکيل هوندي هئي، جنهن کي اسپارڪي ”ٽرانسميٽر“ سڏيندو هو. ان پيٽيءَ جي پرسان هڪ عدد پاٽيءَ سان پريل ٻاردي پڻ هوندي هئي جيئن متان هن جي انهن ٽيڙن کي باهه لڳي ته جهٽ وسائي سگهي. انهن ڏينهن ۾ نه هئا Satellite Navigators يا ڊيڪا لورين جهڙا رستو ڳوليندڙ اوزار ۽ نه هو ڪو Direction-Finder وغيره.

بندرگاهه ڇڏڻ بعد فقط الله جو ئي آسرو هوندو هو. ڪڪرن ڪري آسماني شيون چنڊ، تارا ۽ سج سيارا ٻه ڪڏهن ڪڏهن گم هوندا هئا. پوءِ اسان جا هوندا هئا رڳو ڏڪا. هوشيار ڪئپٽن تجربي مطابق ۽ ڪجهه هوا جي رُخ ذريعي يا لهرن جي سنوت مان ڪجهه ڪجهه رستو ڳولي وٺندا هئا. يا وري هيئين جي سوجهري تي هلندا هئا.

”ماني ٽڪيءَ لاءِ ڇا ڪندا هئائو، سر!“ مون پڇيومانس.

”بس يار پهريان ٻه چار ڏينهن ته تازو گوشت هلندو هو. ڪاٺ جي وڏين پيٽين ۾ برف جون سرون رکي متان گوشت رکي هلندا هئاسين. پر اهو بچ بچاءُ فقط قطبي ملڪن جي ٿڌ ۾ ٿي سگهندو هو. ٽراپيڪل (گرم) ملڪن ۾ پهچڻ سان برف وٽڙي ويندي هئي ۽ پوءِ يا گوشت کي لوٽي ۾ سڪائي رکبو هو يا خراب تيل ٻه مرچ مسالا هٽي جيستائين ٿي سگهندو هو گذارو ڪبو هو. اهڙا ڪن سن ڪاٺ ڪري پيٽ جون بيماريون عام هونديون هيون. ڇا ڪجي ٻڪ ٻچڙو تول داناءِ ديوانا ڪري. اڄڪلهه جي جهازن وانگر تڏهن جي جهازن تي ڪولڊ اسٽوريج ۽ Domestic Fridge پلانٽ نه هئا جيڪي مڇي يا گوشت کي ڪاٺو ويهه ڏگري ٿائين ٿڌو رکي سگهن ۽ آرام سان ڇهه اٺ مهينا اهو راشن هلي سگهي.

”اسان سان گڏ ڪجهه مسلمان خلاصي ٻه هوندا هئا. اهي ان قسم جو برف وارو يا لوٽيل گوشت نه کائيندا هئا. انهن لاءِ ج يئريون رڍون جهاز تي ڪٽي هلبيون هيون. پوءِ ضرورت وقت هنن جو پنهنجو ڪاسائي، جيڪو اڪثر حاجي هوندو هو اسلامي طريقي موجب رڍن کي حلال ڪندو هو. اهي ختم ٿيڻ تي هو فقط دال کائيندا هُئا. ڪين هر هفتي چانور ۽ گيهه جو ڪچو راشن ملندو هو جيئن هو پاڻ پنهنجي مرضيءَ موجب رڌين.

”ڪئپٽن لاءِ ڪجهه جيئريون ڪڪڙيون ڪٽبيون هيون جيڪي Crow - Mast (ڪوهي) تي نهيل ڇڪي ۾ رکبيون هيون. جيئن ئي ڪا ڪڪڙ مرڻ تي هوندي هئي ته ان کي ديڳڙي حوالي ڪيو ويندو هو. هڪ دفعي هڪ ڪڪڙ بيضو ڏنو جيڪو اسان ٻن ڪئڊٽن ڏسي ورتو ۽ بورچيءَ کي منٿ ميڙ ڪري بصر جي ڳنڍ سان تري کاڌو هو. ان جو سواد اڄ ٻه نٿو وسري.“

”پوءِ آهستي آهستي جنريٽر ۽ ٻاڦ تي هلندڙ انجڻيون آيون ۽ رهائش جي ڪئبنن ۾ بلب ٻرندي ۽ ڇت جا پنکا هلندي ڏسي خوش ٿياسين ته سائنس ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي جو جهاز تي ڪَلَ تي هلن ٿا پر روشني ۽ هوا ٻه مَ شين رستي ملي ٿي. ان کان اڳ، مون کي ياد آهي ته بصري ۾ ايڏي گرمي ٿي هئي جو ڪمري ۾ ويني ويني آئون بيهوش ٿي ويو هوس. شل نه ڪنهن دشمن کي اڄ ٻه دبئي، دوحا، بحرين، ڪويت، عراق يا

مسقط جھڙي ھنڌ تي اونھاري ۾ وڃڻو پوي اتي جي گرمي ۽ ناروي سئيڊن، فن لئنڊ وارن پاسن جي سرديءَ کان جھازيءَ کي ھر وقت بچاءُ ڪرڻ کپي.“

”مچيان تو“، پوڙھي انگريز جھازيءَ وراڻيو ”تن ڏينھن ۾ سائنس ايڏي ترقي نہ ڪئي ھئي. ايتري قدر جو جھاز تي Echo-Sounder جھڙي بہ ڪا شيءِ نہ ھئي جنھن جي بٽڻ دٻائڻ سان ان ئي وقت جھاز ھيٺان سمنڊ جي اونھائي جي جاڻ پئجي سگھي پر اھو ھو تہ سائنسي پڦڙن جي محتاجي ڪيڏي نہ پوندي ھئي. اليڪٽرڪ پاور ھجي يا نہ ھجي. ھٿ ۾ ڳوڙھي واري رسي (Lead-Wire) ڪٽي سڌو ڊيڪ تي اڇبو ھو ۽ سمنڊ ۾ اڇلي اونھائي معلوم ڪري وٺبي ھئي.

اھڙيءَ طرح انجڻيون نہ ھجڻ ڪري سامان لاھڻ چاڙھڻ لاءِ ڪرينون يا ونچون نہ ھيون جيڪي ٻن ٽن ڏينھن ۾ جھاز خالي ڪري ڇڏين. تن ڏينھن ۾ سامان لاھڻ چاڙھڻ جو ڪم مڪاني مزور ڪندا ھُئا ۽ ھفتن جا ھفتا، اجا بہ مھينا، جھاز بندرگاھ ۾ بيٺو ھوندو ھو. ھڪ دفعي ڪلڪتي مان اگّارن (ڪوئلن) سان جھاز پراڻٽو ھو. ڏکي جي بنگالي مزورن ٽي مھينا پئي پنيءَ تي ڳوٽيون ڍوئي جھاز ۾ رکيون تيسين اسان موڪلون ڪندا، پرايو ملڪ گھمندا رھياسين.

# جھاز مان ٽپ ڏيڻ مھل

جھاز جي سڄي عملي ۽ اسٽاف لاءِ Survival at Sea نالي ھڪ ضروري ڪورس ٿيندو آھي جيڪو جيتوڻيڪ ھفتي ڪن جو ھوندو آھي پر ان ۾ ھر جھازيءَ کي چڱو گھڻو سمجھايو ويندو آھي تہ وچ سمنڊ تي باھ يا ڪنھن ٻئي حادثي ڪري جيڪڏھن جھاز کي ڇڏڻو پوي تہ ڇا ڪرڻ کپي. ڪيئن بچاءَ واري ٻيڙي يا ھوا سان ڀريل رئفٽ ۾ چڙھي ويھجي. جيسين بچاءَ لاءِ ڪو جھاز اچي تيسين پاڻ سان ڪنيل ٿوري راشن مان ڪيئن پورت ڪجي ۽ پنھنجي جسم کي اُس، سيءَ ۽ خوفناڪ مڇين کان ڪيئن بچائجي جيئن دير سان مدد پھچڻ تائين ڏينھن جا ڏينھن ويندي ھفتا جيئرو رھي سگھجي.

ان سبجيڪٽ بابت ويجھڙائيءَ ۾ ھڪ ڪتاب ”سمنڊ تي پنھنجو بچاءُ ڪيئن ڪجي“ کي پڙھڻ جو موقعو مليو جيڪو انگلينڊ جي حڪومت پنھنجي خرچ تي ڇپرائي پنھنجي ملڪ جي مڙني جھازين، ٻيڙين وارن مھاڻن ۽ خلاصين ۾ مفت ورھايو آھي تہ جيئن ھنن کي سمنڊ تي ڏکين حالتن ۾ پنھنجي جان بچائڻ جي ڄاڻ رھي.

سمنڊ تي انھن ويندڙ مڙني ھمرانن کي خبردار ڪيو ويو آھي تہ جھاز تباھ ٿيڻ تي انسان لاءِ سڀ کان وڏي مصيبت تڏ آھي جيڪا اتراھن سمنڊن ۾ جھازين کي ماريو ڇڏي وجھي. اسان پاسي ھندي وڏي سمنڊ، عربي سمنڊ، ڳاڙھي سمنڊ، ڏکڻ چيني سمنڊ وغيره ۾ موسم گرم ھجڻ ڪري جھاز مان ڪرندڙ ايترو جلد نٿا مرن جيترو ٿڌن ملڪن جي سمنڊن ڏي ٿڌ کان صحيح بچاءُ نہ ڪرڻ ڪري، ڪڏھن ڪڏھن تہ ماڻھو بچاءَ واري ٻيڙيءَ يا رئفٽ ۾ مريو وڃي. مشھور مسافر جھاز ٽائٽينڪ (Titanic) لاءِ بہ ھاڻ چيو وڃي ٿو تہ ان جا مسافر جيڪي ٻڏي مئا يا مڇين جو کاڄ ٿيا ان کان گھڻا گھڻا ٿڌ جو شڪار ٿيا. ان قسم جا نياپا اڄ بہ مختلف جھازن جي ٽٽڻ يا ٻڏڻ بعد ان ۾ سوار مسافرن ۽ عملي بابت ملندا رھن ٿا.

اڃا تائين ڪيترا جھازي اھوئي سمجھن ٿا تہ بچاءَ لاءِ جھاز ڇڏي سمنڊ ۾ ٽپ ڏيڻ مھل تمام گھٽ ۽ نہ برابر ڪپڙا پائجن جو گھٽ ڪپڙن ۾ ترڻ ڏکيو ٿو ٿئي. جيتوڻيڪ حقيقت ۾ اھا غلط ڳالھ آھي. جيئن ئي باھ لڳڻ، حادثو ٿيڻ يا ٻئي سبب ڪري جھاز کي ڇڏڻو پوي تہ يڪدم جيتري قدر ٿي سگھي تہ گھڻا ڪپڙا چاڙھي لائيف جئڪيٽ ڪٽي ھيٺ بچاءَ واري ٻيڙيءَ يا سمنڊ ۾ ٽپ ڏجي. جيڪڏھن ڪا برساتي (Rain Coat) نئلان جو وڳو يا ڪو واٽر پروف ائپرن ھجي تہ اھو بہ چاڙھي ڇڏجي جيئن ھڪ تہ گھٽ ڪپڙن ڪري جسم جي گرمي ٻاھر نڪري نہ سگھندي ۽ ٻيو تہ ٻاھر جو ٿڌو پاڻي جسم تائين پھچي ان کي ٿڌو ڪري نہ سگھندو. جيڪڏھن ڪوٽ يا سئيٽر جلديءَ ۾ ھٿ نہ اچي تہ بہ چار قميصون بہ چاڙھي ڇڏجن. ڇو جو ڪپڙن جا تھ بہ جسم تائين ٿڌ کي پھچڻ کان روڪين ٿا. گھڻا ڪپڙا ماڻھوءَ کي ڳرو نٿا ڪن ويترو ابتو اثر پيدا ڪن ٿا جو ڪپڙو بہ ڪاٺ وانگر گھڻي حد تائين تري ٿو ۽ تنھن جي وچ ۾ قاتل ھوا جسم کي وَڏيڪ ھلڪو بہ رکي ٿي ۽ سندس دٻاءُ ٻاھران ايندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ساڳي وقت جسم جي گرمائش پڻ برقرار رھي ٿي. ٻيڙيءَ ۾ ويھڻ جو بھترين طريقو اھو آھي تہ ٺورو اڳيان جھڪي ويھجي. ائين ڪرڻ سان، ڊاڪٽر جو چوڻ آھي تہ چيلھ واري حصي جي گرمائش ضايع نٿي ٿئي.

لائيف جئڪيٽ ڳڏ آھي تہ پوءِ ترڻ جي ضرورت نٿي پوي. جھاز تان سمنڊ ۾ ٽپ ڏيڻ جو سولو طريقو اھو آھي تہ پير ملائي، نڪ ۾ وات تي ھٿ رکي پوءِ سڌو ھيٺ ٽپ ڏجي. ٽپ ڏيڻ مھل ڪنڌ کي ھيٺ نہ جھڪائجي، ڇو جو ڪڏھن ڪڏھن، گھڻي اوچائي ڪري، ھوا ۾ سادو ڪائي ابتو بہ ڪري سگھجي ٿو ۽ ويھن فوٽن کان گھڻي مٿاھينءَ تان ٽپ مور نہ ڏجي ڇو جو گھڻو مٿان کان سمنڊ ۾ ٽپ ڏيڻ سان مٽڪو ڀڄي سگھي

تو. پاڻيءَ ۾ پهچڻ شرط ان کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ڇو جو هڪ ته ٿڌو پاڻي ماري سگهي ٿو ۽ ٻيو ته ٿي سگهي ٿو توهان جي سڙندڙ يا ٽڪرايل جهاز جو ڪو پڳل ٽڪرو ڇولين جي اڇل تي توهان کي لڳي زخمي ڪري وجهي. پاڻيءَ ۾ پهچڻ سان لائيف جئڪيٽ ۾ لڳل سيٽي ڪڍي وڄائڻ کپي جيئن بچائيندڙ ٻيڙي وارا يڪدم توهان کي ڏسي وٺن ۽ توهان تائين پهچي توهان کي پاڻيءَ مان ڪڍي وٺن. جيسين ڪا ٻيڙي يا رئفٽ بچاءَ لاءِ نه اچي تيسين ٻين ٻڏندڙن کان اڪيلو اڪيلو پري رهڻ بدران ڪوشش ڪري ٽولي ۾ ٿي رهجي. جيئن ڪا پنهنجي يا پرائي جهاز جي ٻيڙي مٿي ڪٽي ته حادثي هيٺ آيل جهاز کان پري ٿي وڃجي. ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر جي ڪري جهاز جا وڏا وڏا ٽڪر سمنڊ ۾ ڪرندا رهن ٿا جيڪي جهاز جي ويجهو هجڻ جي صورت ۾ زخمي ڪري سگهن ٿا.

حادثي هيٺ آيل جهاز ڇڏي هيٺ سمنڊ يا ٻيڙيءَ ۾ لهڻ مهل سي سڪنيس کي روڪڻ جي گوري اڳواٽ کائي پوءِ هيٺ ٽپ ڏجي، ڇو جو ڪير ڪيترو به پڪو هجي هن کي خراب موسم ۾ ٻيڙي يا رئفٽ ۾ Sea-Sickness ضرور ٿئي ٿي ۽ پوءِ سي سڪنيس ۾ ٿيندڙ الٽين ڪري جسم مان خارج ٿيل پاڻي ماڻهوءَ کي وڌيڪ ڪمزور ڪريو ڇڏي.

# جل پريءَ جو پاراتو

وهم وسوسا ۽ ساڻ سوڻ رکڻ اسان جي ملڪ جي ماڻهن ۾ نه آهن پر دنيا ۾ جتي ڪٿي آهن، ويندي يورپ، آمريڪا ۽ جپان جي ساموندي ڪنارن ۽ در يائي ڪپرن تي رهندڙ ماڻهن ۾“

انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ ۽ آئرلينڊ جي پر ۾ هڪ ٻيٽ Isle of Man آهي، جيڪو عظيم برطانيه جو ئي حصو سمجهڻ کپي. هڪ ڏينهن لنڊن جي ٽلبري بندرگاهه ۾ اتي جي ماڻهن سان خبرون ڪندي هنن ٻڌايو ته سندن جار ۾ جڏهن مڇيون نه اينديون آهن ته هو سمجهي ويندا آهن ته سندن ٻيڙيءَ ۾ ڏائڻ چڙهيل آهي ۽ ان ڏائڻ کي ڀڄائڻ لاءِ هڪ مهاڻو ڪانيءَ جي اماڙي ٻاري ان کي ٻيڙي جي چوڌاري گهمائيندو آهي ته جيئن اها لڪل ڏائڻ ڀڄي وڃي.

سندس ڀڄائڻ جو ٻيو طريقو اهو آهي ته ان ٻيٽ جي ڪجهه خوشبودار ٻوٽن جو ٻيڙيءَ جي وچ ۾ ڍڳ ناهي ڪنهن وڻ جي ٽاريءَ سان ان کي ٻاهه ڏجي، پر ان ٻرندڙ ٽاريءَ کي ڦهرين ٻيڙيءَ جي اڳ پٽ مٿان ضرور گهمائجي.

اجا به جي ڀاڳ سٺو نه ٿئي ته ڪن جڙين ٻوٽين کي پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي ان جي چنڊڪار مڇين ڦاسائڻ جي جارين تي ڪجي ۽ ان ڪاڙهي جي ڦوڳ کي اڳڙيءَ ۾ ويڙهي ٻيڙيءَ جي اڳئين ڪنڌ ۾، اندرين پاسي ٻڌي ڇڏجي، جيئن ڏائڻ يا ڪو ٻيو نياڳ ۽ بدروح ٻيڙيءَ ۽ جاريءَ جي ويجهو نه اچي.

مڇين ڏيارڻ جي ديوتا کي خوش ڪرڻ ۽ گهڻين مڇين کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن ٻيٽ تي اهو به رمل عام آهي ته جنهن مهاڻي جي جار ۾ گهڻيون مڇيون ڦاسن ان جي گهر ٻاهران ڏڪين جي مٽي ميڙي اچجي ۽ اها خاڪ پنهنجي جار جي مٿان اچي ڇٽڪارجي. پر اهو ڪم پوري اڌي رات جو ٿيڻ کپي. ائين ڪرڻ سان هنن انگريز مهاڻن جو اهو وهم آهي ته ٻئي جو ڀاڳ مليو وڃي. ڪن حالتن ۾ هو پر واري گرجا گهر جي چائنٽ جي مٽي پڻ ڪٽي پنهنجي جار مٿان هارين ۽ هنن ٻڌايو ته هنن کي يقين آهي ته ٻيو ڪو جادو يا رمل اثر ڪري يا نه ڪري پر هي ضرور ڪري ٿو.

هن ٻيٽ Isle of Man تي صبح ٻهر جيڪو ڏند يا ڪوهيڙو ٿئي ٿو، ان لاءِ هتي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ”اهو هڪ خوبصورت جل پريءَ جو پاراتو آهي.“ هونءَ ڏنو وڃي ته اهو ڏند ۽ ڪوهيڙو نه فقط ان ٻيٽ تي پر آئرلينڊ، انگلينڊ، ناروي، ڊينمارڪ، جتي ڪٿي اتر ۾ آهي. خاص ڪري صبح ٻهر. اهو ڏند ۽ ڪوهيڙو نه فقط ٻيڙي هلائيندڙ انهن مهاڻن لاءِ مصيبت آهي پر وڏا جهاز هلائيندڙ اسان جهڙن جهازين لاءِ پڻ. هن ٻيٽ جا هي مهاڻا سمجهن ٿا ته اها ڪا ويڌن فقط ساڻن ئي آهي ۽ سندن دماغ ۾ اهو وهم ويٺل آهي ته سندن علائقي جي سمنڊ جي هڪ جل پريءَ جڏهن هڪ نوجوان مهاڻي کي خراب نيت ڪارڻ سڏايو هو ته نوجوان ڪيس جسماني لست وناڻڻ بدران ڌڪاري ڇڏيو هو. ان بي عزتي ۽ چڙ ۾ هوءَ هر وقت ٻيٽ جي چوڌاري ڦوڪارا هڻي ڏند پيدا ڪندي رهي ٿي جيئن مهاڻا ڏند ۾ ڇڳيءَ طرح ڏسي نه سگهن ۽ سندن ٻيڙيون هڪ ٻئي سان يا سمنڊ اندر نڪتل ٽڪرين سال لڳي ڇيتيون ڇيتيون ٿي وڃن.

هن ٻيٽ جي ماڻهن جو هڪ ٻيو به اعتقاد آهي ته هوا کي رسيءَ جي ڳنڍ ۾ ٻڌي سگهجي ٿو. سڙهه واري ٻيڙيءَ جي هلڻ لاءِ هوا جي ضرورت هوندي هئي ۽ جڏهن هوا نه هوندي آهي ته هتي جا مهاڻا نوڙيءَ کي ڳنڍ ڏيئي پوءِ ان کي آهستي آهستي ان اُميد تي کوليندا آهن ته ائين ڪرڻ سان ڳنڍ ۾ ٻڌل هوا آزاد ٿي سندن سڙهن کي لڳندي. جيڪڏهن گهٽي هوا جي ضرورت هوندي آهي ته پوءِ هو هڪ بدران ٽي چار ڳنڍيون ٻڌن.

# پاروواٽيءَ سان ملاقات

ملاڪا ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ آئي ٻہ هفتا ڪن ٿيا هئا. هڪ ڏينهن شامَ جو ڪئپٽن احمد حسين مخدوم مون وٽ آيو ”يار هلين ٿو؟“

”ڪيڏانهن؟“ پڇيومانس.

”واندو هجين تہ هل هڪ هنڌ ماني ڪائي اچون.“

”ڪٿان؟“

”هتان ٿيهہ ڪلوميٽر کن پري مسجد تاناح شهر ڪانپوءِ جيڪو سنگائي اڊانگ نالي شهر آهي، اتان.“ ڪئپٽن مخدوم ٻُڌايو.

”يلي هل. پر ايڏو پري.“

”اتي هڪ ريسٽورنٽ آهي جنهن تي چيني کاڌو ذري گهٽ پاڪستان جي چيني هوٽلن جي نموني ۽ ذائقي جهڙو آهي.“

آئون سندس ڪار ۾ اچي وينس ۽ اڪيڊميءَ جو علائقو لتاڙي، مکيہ دروازي وٽ نهيل گارڊ روم ۽ گارڊ کي پنهنجي وڃڻ جو اطلاع ڪري ٻاهر مين روڊ تي آياسين ۽ مسجد تاناح ڏي هلڻ لڳاسين جنهن ڪانپوءِ سنگائي اڊانگ شهر اچي ٿو.

اسان جي هيءَ اڪيڊمي ملاڪا جي وچ شهر کان ائين پاسيري آهي جيئن ملير ۾ آرمي وارن جون ڪئمپون صدر ڪراچي کان آهن. يا پي اي ايف ڪورنگي (هوائي فوج جو ڪاليج) وچ شهر کان ـ فرق فقط اهو آهي تہ ڪراچيءَ جي آدمشماري اڄڪلهہ ايڏو وڏي ويئي آهي جو رستي وارا ڳوٺ، ملير، لانڍي، چنيسر ڳوٺ يا ڪارادر، منادر، چاڪيواڙو وغيره ملي هڪ ٿي ويا آهن جيڪي ڪنهن زماني ۾ الڳ الڳ هوندا هئا ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين وچ ۾ ڪافي غير آبادي هوندي هئي. لالو کيت کان صدر يا ايئرپورٽ کان ڪلفٽن ويندي ٻہ لڳندو هو تہ ماڻهو جڻ ٻئي شهر پيو وڃي.

بهرحال اسان جي هيءَ مئري ٽائيم اڪيڊمي جنهن هنڌ (ڪئالا سنگائي بارو) ۾ آهي اها ملاڪا جي وچ شهر کان مفاصلي ۾ ايترو پري آهي جيترو پيٽارو جو ڪئڊٽ ڪاليج حيدرآباد شهر کان ۽ بيهڪ ۽ نموني ۾ وري ائين آهي جيئن ڪورنگي جو ايئرفورس بيس يا ماريپور جي مئرين اڪيڊمي يعني شهر کان الڳ ٿلڳ، جتي زمين وڃي سمنڊ سان ملي ٿي ۽ ٻئي جو گهٽو گس ۽ اچ وڃ نہ هجي. ملاڪا جو وچ شهر اسان جي اڪيڊميءَ کان اٽڪل ٿيهہ ميل کن پري آهي. رستي تي ڏهن ڏهن ميلن تي مسجد تاناح ۽ سنگائي اڊانگ جهڙا ڳوٺ هتان جي حساب کان چڱا وڏا شهر آهن. هتي آدمشماري ايتري گهٽ آهي جو سڄي ملاڪا رياست جي آدمشماري ڪوٽڙي شهر کان ٻہ گهٽ آهي. ”ملاڪا رياست“ جو ملاڪا شهر هيڏو وڏي پيماني جو شهر آهي جنهن ۾ ڪراچيءَ جي انٽر ڪانٽينينٽل ۽ شيرٽن جهڙيون ٻہ چار فائيو اسٽار هوٽلون آهن، جهڙوڪ: ميريلين، رامادا اِن، ملاڪا وليج ريسٽورنٽ وغيره ۽ حيدرآباد جي فاران يا فاتاز جهڙيون تہ ڪيتريون ئي هوٽلون آهن، پر سڄي ”ملاڪا شهر“ جي آدمشماري شهدادپور يا ٽنڊو آدم جيتري مس ٿيندي. ان بابت ٻڌائي چڪو آهيان تہ سڄي ايسٽ ۽ ويسٽ ملائيشيا جي جملي آدمشماري ئي ڪراچي شهر جيتري آهي.

انهن ٻن شهرن: مسجد تاناح ۽ سنگائي اڊانگ جي وچ ۾ ٻه ڪيترائي ننڍڙا ننڍڙا ڳوٺ تجنگ بدارا، تجنگ ڊان، ڪمپنگ تنگا وغيره اچن ٿا. بلڪ جيئن پاڻ وٽ نديءَ جي ڪناري تي آدمشماري ۾ ڳوٺ هوندا آهن تيئن هتي ملائيشيا ۾ رستي جي ٻنهي پاسي گهرن ۽ ڳوٺڙن جي جار نظر ايندي. ملائيشيا سهڻو ۽ سرسبز ملڪ آهي. ٻارهوئي جهڙالي موسم ۽ امن امان آهي، ان ڪري ٻاهرن ملڪن جا سياح خوب گهمڻ ڦرڻ لاءِ اچن ٿا جن لاءِ جتي ڪٿي رهائش جو جوڳو بندوبست ۽ سرڪار طرفان حفاظت جو سخت اونو آهي. ان ڪري تجنگ بدارا جهڙي ننڍڙي ڳوٺ، جنهن جي آدمشماري پنج سؤ ماڻهو به نه هوندي پر هر وقت يورپي، آمريڪن ۽ جپاني واندن جا ڪٽڪ نظر ايندا ۽ هڪ اڌ ڪراچي ۽ جي فور اسٽار هوٽل مهراڻ ۽ تاجل محل جهڙي هوٽل پڻ آهي جن ۾ ٻاهران آيل مهمان رهي سگهن. (تجنگ بدارا ڳوٺ جي اها خاصيت آهي ته سندس چوڌاري تمام سهڻا ۽ تانگها سمنڊ جا  ڪنارا آهن جت ٻڏڻ جو ڊپ ڊاءُ نه هجڻ ڪري ننڍا توڙي وڏا پاڻيءَ ۾ تڙڳندا رهن ٿا.)

ملائيشيا جي شهرن ۽ ڳوٺن جي نالن ۾ ڪئالا (ندي) ، سنگائي (نديءَ جو چوڙ)، ڪمپونگ (ڳوٺ، ديرو يا حويلي، ڪمپونگ لفظ مان انگريزي لفظ ڪمپائونڊ ـ جڙيو آهي)، اڊانگ (گانگٽ) اِڪان (مڇي)، بارو (نئون)، تجنگ (جاءِ يا ديرو) جهڙا لفظ تمام گهڻا ملندا. جيئن پاڻ وٽ آباد، پور، ديرو، ٽنڊو، نئون، پراڻو ۽ ڳوٺ جهڙا لفظ ڪيترن ئي شهرن جي نالن سان گڏ استعمال ٿين ٿا. (شڪارپور، جيمس آباد، ٽنڊو آدم، رتوديرو، پراڻو هالا، نئين سعيد آباد، ڳوٺ چتو چنڊ، وغيره).

اسان رستي جي ٻنهي پاسن تان ايندڙ ويندڙ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ۽ مال جا ڌڻ، گهر ۽ پام جا وڻ، ڪنل، انبن ۽ ناريلن جا ڊگها وڻ جيڪي ڄڻ آسمان ۾ گهڙي ٿا وڃن، گاهه ۽ وليون، گل ۽ ڪسيون ڏسندا مسجد تاناح پهتاسين ۽ ان بعد ٻيا ڏهه ميل ڪن لتاڙياسين ته سنگائي اڊانگ آيو. سنگائي اڊانگ ۾ رستي جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي دڪان ۽ هوٽلون ائين آهن جيئن اسان وٽ بس اسٽاپن تي پناٽن جون ٿين. پر هتي بس اسٽاپن وارين هوٽلن جو نمونو به شهر جي اندروني هوٽلن جهڙو آهي. يعني اتي ئي چيني، ملئي ۽ انڊين (ڏکڻ هندستان جا تامل هندو ۽ مسلمان) جون هوٽلون ۽ پنيان يا مٿان گهر هوندا.

ملئي هوٽل ۾ رڳو ملئي کاڌو ٿئي. مثال طور روٽي چنائي (ميدي جوست پڙو اقراٺو ۽ چڻن جي دال جي ڀاڄي، روٽي تيلور يعني بيضي بصر ۽ ٽماٽن جي ڪاتر سان پريل اقراٺو، مرتباڪ (جنهن ۾ بيضي بدران قيمي، بند گوبي ۽ بصر جي ڪاتر ٿئي)، ناسي گورينگ (فراءِ تيل چانور)، ناسي ليماڪ (ناريل جي کير ۾ ننڍڙن گانگٽن سان گڏ رڌل چانور)، ناسي ايام (پيٽ سان گڏ ڪڪڙ)، مي گورينگ (ٻوڙ جي رس ۾ فراءِ تيل سنهيون سيويون) وغيره.

چينين جي هوٽلن تي چيني کاڌو ملي. مثال طور بدڪ يا ڪڪڙ جا ٽڪر مني چاش ۾ فراءِ تيل ڪڪڙين، بدڪن، تترن ۽ ڪمين جا اوٻاريل بيضا مختلف جڙين ٻوٽين، مڇين ۽ ميون جا آچار، پاڻي ۾ اوٻاريل چانور، قسمن قسمن جون ڪنييون، سوئر جو گوشت وغيره. ڪي ڪي چيني رڳو حلال شيون رکن ۽ چيني کاڌي کان علاوه ملئي ڊش به رکن. رڌ پچاءَ ۽ آيل گراهڪن جي خدمت لاءِ ڪجهه ملئي ڪم واريون عورتون ۽ مرد پڻ رکن ۽ ٻاهران ”حلال“ لفظ جو بورڊ هڻن جيئن سندن هوٽل ۾ چيني ماڻهن سان گڏوگڏ ملئي ماڻهو پڻ اچن ۽ هونءَ به ڪائڻ ۽ پئسو چٽ ڪرڻ ۾ چينين کان وڌيڪ ملئي وڌيڪَ مڙس ماڻهو آهن.

چيني ۽ ملئي هوٽلن کان علاوه ٽيون هوٽلون انڊين جون آهن. انڊين هوٽلن مان مطلب پنجابي، يورپي ۽ ڪشميري وغيره کاڌن جون اهڙيون انڊين هوٽلون نه آهن جهڙيون هانگ ڪانگ، جپان يا انگلينڊ، آمريڪا ۾ آهن، يا ويندي هتي جي وڏن شهرن جهڙوڪ ڪوالالمپور ۾ خيام، شيراز يا بلال آهن. هتي ڏکڻ هندستان جي تامل ناڊو يا ملٻاري مسلمان، هندن ۽ ڪرسچنن جون سادي ۽ سستي نموني جون آهن جن ۾ کاڌي جي لذت ۽

سواد ۾ ڪو اوڻهين ويهين جو فرق مس ملندو. مرچن مسالن جو استعمال البت گهٽ ڪن ٿا. ڪن ڪن فراءِ پاڃين جو سواد بولٽن مارڪيٽ جي تاج هوٽل ۽ طارق روڊ واري شيراز جهڙو آهي.

اسان هوٽلن جي ڏڻ مان هڪ چيني هوٽل جي ٻاهران ڪرسين تي اچي ويناسين. مخدوم ڪم ڪندڙ ڇوڪريءَ کي چڪن ڪري (ڪڪڙ جو ٻوڙ) ۽ فراءِ چانور (گانگٽن ۽ بيضي) ۾ آڻڻ لاءِ چيو. ان سان گڏ پيئڻ لاءِ سويابين کير جي بوتل جيڪا بنهہ نہ وٺي. شايد سويابين کير جي مختلف ذائقي ڪري يا بوتل جي گهٽي ٿڌي نہ هجڻ ڪري. ٿوري دير بعد ڪم ڪندڙ ڇوڪري چانور ۽ ٻوڙ کڻي آئي. تيسين مخدوم هن هوٽل جي ”لذيذ“ چيني کاڌي جي تعريف ڪرڻ سان ڦهر ڪري ڇڏيا. پر پوءِ شايد گهٽي تعريف ۽ گهٽي اُميد رکڻ ڪري کاڌو اهڙو سٺو نہ لڳو. يا شايد ٻوڙ دير سان آڻڻ ڪري مزو نہ آيو جو اسان ان چڪر ۾ هئاسين تہ ٻوڙ بہ گڏ ملي تہ پيٽ ۾ ملائي کائجي. پر هوٽل واري کي اها ڳالهہ شايد عقل ۾ نہ آئي. جيسين ٻوڙ آيو تيسين چانور ٿورا ٿورا ڪري ڦڪي چڪا هئاسين. ان کان علاوه ان ڳالهہ جو بہ دخل هو تہ اسان جو پيٽ اڳهين ڀريل هو. مخدوم کي خبر ناهي ڪٿان ٻڪ چونئرن جو ملي ويو هو سو سڄي وات ڳلائڻ سان گڏ اهي ڦڪيندا آياسين. بهرحال جهڙي شوق ۽ اتساهہ مان سنگائي اڊانگ جو رُخ رکيو هئوسين اهڙي ڳالهہ بيٺي ڪانہ جنهن جو احساس مخدوم کي بہ ٿيو. اُٿڻ مهل رستي جي ٻي پر دڪان جي قطار ڏي اشارو ڪندي مخدوم ٻڌايو:

”هتي هڪ سنڌي پارواڻيءَ جو بہ دڪان آهي. ملندين؟ مون کي بہ ڪئپٽن دادلاڻيءَ ٻڌايو هو.“

سامهون نهار ڪيم. هڪ دڪان مٿان وڏن اکرن ۾ Parwani لکيل هو. دڪان اڳيان بينل گاڏي واري چيني پير مرد کان سرو نگن (گوڏين) ۾ ٿي ملئي ڇوڪريون آئر تابو (ڳني جو رس) وٺي رهيون هيون. پر ۾ هڪ انڊين فئملي ۽ ڪجهہ چيني ٻار ملاڪا ڏانهن ويندڙ بس جو انتظار ڪري رهيا هئا. سج لهي چڪو هو. ٿوري دير ۾ دڪان بند ٿيڻ وارا هئا. اسان بہ ٿڪل هئاسين ۽ ٻيهريون دفعو ملڻ معنيٰ خبر چار وٺي يڪدم قلمبند ڪرڻ پر ان لاءِ گهٽي وقت جي ضرورت هئي ۽ انهن شروع وارن ڏينهن ۾ آفيس ۾ ايترو ڪم هو جو انٽرويو/خبرچار وٺڻ ۽ لکڻ جي همت نہ هئي. ڳالهہ اها آهي تہ انٽرويو وٺڻ بعد يڪدم نہ لکڻ ڪري اڳلي جون ٻڌايل ڳالهيون ۽ خيال هيٺ مٿي ٿيو وڃن. سو مخدوم کي چيم تہ پارواڻيءَ سان ضرور ملندس - پر ڪجهہ عرصي بعد.

مٿين ڳالهہ کي ست اٺ مهينا گذري ويا. وچ ۾ ڪيترائي دفعا سنگائي اڊانگ مان لنگهندي پارواڻيءَ جي دڪان جي نالي تي نظر پوندي هئي پر هڪ ئي وقت واندڪائي ۽ موڊ نہ هجڻ ڪري نہ پئي ترسيس- هڪ دفعي اسان جي ڪليگ ڪئپٽن پوريءَ بہ پارواڻيءَ فئمليءَ جو ذڪر ڪيو تہ هيءَ سنڌي فئملي آچر ڏينهن ڪين سکن جي گوردواري ۾ اڪثر ملندي آهي. اهو ٻڌي مون کي هيڪاندي هورا ڪورا ٿي تہ ساڻن ملي ڪوڙ خبرون پڇجن جو هي هتي عرصي کان رهيل هجڻ ڪري ملائيشيا جي وقت بوقت بدلجندڙ ماحول ۽ حالتن جي پلي پت ڄاڻ رکندا هوندا.

آخر هڪ ڏينهن ملاڪا شهر ڏي ويندي پارواڻيءَ جي دڪان اڳيان اچي گاڏي بيهاريم. در وٽ سنڌس دڪان جون بہ چيني ۽ هڪ انڊين (ڏکڻ هندستاني) تامل ناڊو سيلز گرل بيٺي هئي. ڪائنٽ دڪان جي مالڪ (پارواڻيءَ) جو پڇڻ تي ٻڌايائون تہ اندر وينوڳ آهي. ڏگهو دڪان لتاڙي اندرينءَ ڪنڊ تائين ويس، جتي پنجونجاهہ سٺ سالن جي عمر جو رنگ ۾ ڪٽڪ رنگو همراهہ ٽيبل جي پويان آرام ڪرسيءَ تي وينو هو. دڪان اتڪل پنجاهہ ٻاءِ ويهہ فوٽ ڪن هوندو. مختلف قسمن جون شيون رکيل هيون پر گهٽي ڀاڱي ملٽريءَ جي ڏانءَ جون هيون يعني خاڪي ۽ ساوا بيلٽ، ڪلهن جون ائپليٽون، مختلف قسمن جا بيج، خاڪي رنگ جون قميصون ۽ جئڪيٽون، راندين جو سامان ۽ ٻيو روزمره جو سامان: صابڻ، تيل، ڦڻيون، جوراب، رومال وغيره.

سلام ڪري سنڌيءَ ۾ ڪيڪاريومانس. پهرين وائڙن وانگر ڏسڻ لڳو. ڪجهه نه ڪڇيو. ايتري قدر جو مون کي به شڪ ٿيو ته الائي سنڌي آهي به يا نه. جي سنڌي آهي ته سنڌي سمجهي به ٿو يا نه. ساڳي وقت هو به سڄو ڏينهن دڪان تي انگريزي، ملئي، تامل ۽ چيني زبانون ٻڌڻ بعد اوچتو سنڌيءَ جا جملا ٻڌي وائڙو ٿي ويو.

پنهنجو تعارف ڪرايومانس ۽ ٻڌايومانس ته توهان جو مون کي ڪئپٽن احمد حسين مخدوم ٻڌايو. هو توهان سان مليو ناهي پر توهان جو ڪيس ڪئپٽن دادلاڻيءَ ٻڌايو هو جيڪو پڻ هتي ملاڪا ۾ ٽي سالَ رهي ويو آهي.

”ها. دادلاڻي جيسين هتي هو ته اڪثر دڪان تي ملڻ لاءِ ايندو هو يا مندر گوردواري ۾ پيو ملندو هو. منهنجي خيالَ ۾ ملاڪا ڇڏي به ڪيس سالَ ڏيڍ اچي ٿيندو.“

”ها. ٿي سگهي ٿو وري هتي بدلي ٿي اچي. اڄڪلهه شارجاهه عربي گلف ۾ اتي جي مئرين اڪيڊمي ۾ پڙهائي ٿو.“

”سنو ماڻهو آهي.“ پارواڻيءَ ڳالهه شروع ڪئي، ”هن پاسي چڱو عرصو گذاريائين. ملاڪا کان اڳ سنگاپور جي يونيورسٽي - پوليءَ ۾ به ست اٺ سالَ مرچنٽ نيوي وارن کي پڙهائين. اڄڪلهه توهان جو ڪئپٽن پُوري ڪڏهن ڪڏهن گوردواري ۾ ملندو آهي. ان سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي آهي. هتي ننڍي ڪنڊ جا گهڻا ٽڙا مدراسي  تامل آهن. ٻئي نمبر تي گجراتي هندو، مسلمان ۽ پنجابي سک آهن، ٽئين نمبر تي اٽي ۾ جڻ لوڻ برابر سنڌي، پنجابي هندو، پنجابي مسلمان، پٺاڻ ۽ بنگالي آهن.“

هتي پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ ايترو لکڻ ضرروي ٿو سمجهان ته اسان وارو ڪئپٽن پُوري يا پارواڻي صاحب جيتوڻيڪ هندو آهن پر ٻين هندن وانگر مندر کان علاوه سکن جو گوردواري ٽڪاڻي ۾ به وڃن. بلڪ هن پاسي جا سنڌي هندو گوردوواري ۾ گهڻو ٿا وڃن. ملاڪا وارو گوردوارو ته وچ شهر ۾ آهي ۽ هتي جا سڀ عبادت گهر ڏارين لاءِ کليل هوندا آهن. هڪ آچر تي منهنجو به وڃڻ ٿيو. پرساد هلي رهيو هو. ڪيرٽي ۽ دال ماني هئي. نوجوان سک گائيڊ ٻڌايو ته ان ڏينهن هڪ سنڌي فئمليءَ وڏو خيرات ڪيو هو. ڪٽي ان ئي نموني ۾ سڄن ڇانورن جي، مائي جهڙي گهاٽي کير ۾ رڌل هئي جنهن نموني ۾ اڄ به سنڌ ۾ رڌي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ ٻين هنڌن تي ڇانورن جو ڏارو يا چورو ڪري پوءِ ڪيرٽي ناهي وڃي ٿي ۽ کير کي گهڻو ڪاڙهي مائي وانگر گهاٽو ڪرڻ بدران ٿورو ڪسٽرڊ وڌو وڃي ٿو.

سکن جي گوردواري ۾ هندن جي مندرن جهڙا بُت نه ٿين. اتي فقط گرو نانڪ جو لکيل ڪتاب ”گرنٿ صاحب“ اتاهين صندل تي رکيل ملندو. جنهن کي معتقد/پوڄاري اچي چُمندا آهن. گوردواري ۾ مرد توڙي عورت کي مٿو ڍڪڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. گرنٿ صحب ڪتاب جيتوڻيڪ پهرين گروءَ، گرو نانڪ لکيو پرپوءِ ان ۾ ٻين گروئن به واڌارو آندو. ان ڪتاب تي ڪافي بحث هليل آهي ته ان ۾ ڪيترين ڳالهين گرو نانڪ اهڙيون لکيون آهن جن مان اشارو ملي ٿو ته هو شايد مسلمان هو ۽ نماز ٽائين پڙهندو هو ۽ پهتل ٻانهو هو.

اورنگزيب جي ڏينهن ۾ سنڌي هندن سکن جي وڏي مدد ڪئي. لوڪرام ڏوڏيجا جي ڪتاب ”منهنجو وطن ۽ منهنجا ماڻهو“ مطابق انهن ڏينهن (يعني اڄ کان چار سؤ سالَ اڳ ) ڪيترائي سنڌي هندو پنهنجو ٻيو نمبر پٽ خالصو ڪندا هئا يعني سک. هو سکن وانگر ڏاڙهي ۽ مٿي  جا وار وڌڻ ڏيندا هئا ۽ پنهنجي نالي پنيان ”سنگهه“ معنيٰ شينهن لڳائيندا هئا. (سک عورتون نالي پويان ”ڪور“ لڳائين معنيٰ شينهڻ) پوءِ هڪ ئي پيءُ کي به پٽ هوندا هئا ته هڪ ياءُ لڇمڻ داس ٿيندو هو ته ٻيو چڱا سنگهه، يا پيارو سنگهه، مهندر سنگهه يا ڪرشن سنگهه وغيره.

سنڌي سکن ۽ پنجابي اصلي سکن ۾ اهو فرق هوندو هو تہ سنڌي سک يا خالصا جٽيا پائيندا هئا، مندر ۾ ويندا هئا، شادي يا موت جو ڪريا ڪرم ٻانڀڻ کان ڪرائيندا هئا ۽ ٽڪاڻن ۾ ”گرنٿ صاحب“ (سکن جي پاڪ ڪتاب) سان گڏ رامائڻ (هندن جي پاڪ ڪتاب) ۽ ڀڳوت جون ڪٿائون بہ ڪندا هئا. هندو پتر جي ديوتائن ۽ ڪاغذ جي مورتين کي پوڄڻ پر سک ان جي خلاف آهن جيتوڻيڪ هو پنهنجي ڪتاب گرنٿ صاحب کي پوڄڻ جي حد تائين مانُ ڏين ٿا. ڪيس ڄُمندا، ان اڳيان ڪنڌ جهڪائيندا ۽ ايترو خيال ڪندا ڄڻ جيئري جاڳندڙ شيءِ هجي. ويندي ڪن ڪن گوردوارن ۾ ان ڪتاب کي انهاري ۾ ململ جي ڪپڙي سان ڍڪيندا، متان گرمي لڳيس ۽ سياري ۾ گرم اوني پوتڙي سان.

اڄڪلهہ سنڌي سک ورلي ڪو ملندو پر تہ بہ سڀ سنڌي هندو سکن جي رسمن رواجن جي عزت ڪن ٿا. هو گروئن جا جنم ڏينهن ملهائين ٿا ۽ گرنٿ صاحب جو پاٺ بہ رکائين ٿا. بقول مٿي بيان ڪيل ليکڪ جي اڄ کان سٺ ستر سال اڳ اڪالين زور ورتو ۽ پاڻ کي هندن کان عليحده تسليم ڪرڻ لڳا، تڏهن سنڌي خالصا بہ پنهنجا جهنڊولا ڪوڙائي آيا ۽ سنگهہ جوائڻ ڇڏي ڏنائون. اهڙي طرح لکين سنڌي خالصا سک ڌرم کان پري ٿي ويا پر تنهن هوندي بہ هنن انهن گرن جو گيان ۽ سکا نہ ڇڏي آهي. سريلنڪا هجي يا سنگاپور، ملائيشيا هجي يا انڊونيشيا ڪٿي لاس پاماس، فجي ۽ ٽرينداڊ بيٺ هجن، ڪيترن ئي سنڌي هندن جي دڪانن ۽ گهرن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن گروءَ جي تصوير ضرور ٽنگيل هوندي ۽ هو پنهنجي مندر ۾ وڃڻ سان گڏ گوردواري ۾ بہ ايتري ئي عزت ۽ ادب سان وڃن ٿا. ملائيشيا ۾ بہ ڪيترائي گوردوارا آهن. ملائيشيا جي هر رياست (نيگري) جي هر وڏي شهر ۾ توهان کي گوردوارو ضرور ملندو. ڪوالالمپور شهر ۾ ويهارو کن ننڍا وڏا گوردوارا آهن. اهڙي طرح پينانگ، اپوح، ڪوٽابارو، جوهوربارو، مور، ملاڪا جتي ڪٿي آهن ۽ سکن جو ايڏو وڏو تعداد ملائيشيا ۾ رهي ٿو جو اخبار ۾ روز ڪنهن هڪ يا ٻن جي ٽيجهي چاليهي (ڀوگ رسم) جو اطلاع هوندو ئي هوندو آهي ۽ ان سان گڏ ان سردارجي يا سردارڻي جي تصوير پڻ هوندي آهي تہ سردار ڀڳت سنگهہ جي زال جسونت ڪور ٻياسي سالن جي ڄمار ۾ رات مري ويئي. پويان چار پٽ: (1) ناريندر سنگهہ ڪانڊيا (رهندڙ ڳوٺ ڪلانگ)،2 . بي. ايس سنگهہ (پينانگ)، 3 بي. آر سنگهہ (سريمبان)، 4. ميجر آر. ايس ڪانڊيا (آرمي ڪئمپ ٽريندا) ۽ چار نهرون: 1. شانتي ديوي، 2. ڪلونت ڪور، 3. جاسبير ڪور ۽ 4. ليلا ۽ چار ڏيئرون: 1. جيتيندر ڪور، 2. جوگندر ڪور، 3. سريندر ڪور ۽ 4. راجيندر ڪور ۽ ناني : 1. سردار سربن سنگهہ، 2. سردار ڪرشن سنگهہ، 3. مسٽر مراد (اهو شايد هندو يا مسلمان ناني تو لڳيس) ۽ 4. مسٽر چندر راڪيش (اهو ناني راجيندر ڪور جو مڙس نالي مان هندو تو لڳي) ۽ ڪيترائي پوٽا پوٽيون، ڏهٽا ڏهٽيون ۽ انهن جو بہ اولاد سندس لاءِ ماتم زده آهي. سندس رسم ڀوڳ سيلايانگ شهر جي سک مندر ۾ پرهين جولاءِ تي منجهند جو ٻارهين وڳي ٿيندي. ان بعد لنگر شروع ٿيندو. لنگر جي انگريزي Langgar ئي لکيل هوندو آهي ۽ انهن اشتهارن جي مٿان Path Da Bhog لکيل هوندو آهي.

ڪن ڪن سکن جا تہ اڃا بہ وڏا اشتهار هوندا آهن تہ موتيءَ جي مرڻ وقت فلاڻي نوڪري هئي: رٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر هو، يا فائر برگيڊ ۾ هو يا رٽائرڊ ريلوي ماسٽر يا پوسٽ ماسٽر هو ۽ ان سان گڏ سندس اولاد ۽ ناني نهرن جون نوڪريون ۽ رهائش جا هنڌ ڏنل هوندا آهن. يعني فوتي مڇي ماني وارو ۽ ملائيشيا جو معزز شهري هو، ائين نہ تہ رٻڙ جي پوک ۾ ٻين ايرن غيرن جيان هارپو ٿي ڪيائين يا تمپين ريلوي اسٽيشن تي رڪشا ٿي هلائين.

ان کان علاوه وقت بوقت سکن جي ميٽنگن ۽ رهنمائن جي ڪيل ڪارنامن جا اشتهار ۽ احوال ملائيشيا ۽ سنگاپور جي انگريزي اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا. يعني ڳالهہ جو مطلب اهو تہ سکن جو بہ ملائِشيا ۾ ايترو ئي مانُ ۽ زور آهي جيترو هندو، ڪرسچنن ۽ ٻڌن وغيره جو. ۽ ملاڪا شهر ۾ تہ سکن جو گوردوارو بہ

اهڙي هنڌ تي وچ شهر ۾ آهي جتي ديسي توڙي پرديسي آسانيءَ سان پهچي سگهي. اهو ئي سبب آهي، جو اسان جو ڪليگ ڪئپٽن پُوري يا هي سنڌي همراهه اوڌارام پارواڻي جن پوڄا پاٺ لاءِ مندر بدران گوردواري ۾ وڃن ٿا.

پارواڻي صاحب ٻڌايو ته پاڻ اصل ڪوٽڙي جا آهن ۽ پاڪستان هندستان ڌار ٿيڻ وقت لڏي ملائيشيا ۾ آيا جتي اڃا انگريزن جي حڪومت هئي. هي دڪان پاڻ ۽ سندس پياءُ هلائي ٿو.

ان وقت آئون جلدي ۾ هوس سو ڪيس ڪجهه پنهنجا سنڌي ڪتاب ڏيئي موڪلايومانس ۽ ٻڌايومانس ته اڄ فقط ڪيڪار لاءِ آيو آهيان سگهوئي ڪنهن ڏينهن تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ ايندس. پاڻ رڳو واپاري نموني جو ڪونه ٿي لڳو جو ڪتاب به وڏي چاهه سان ڏٺائين ۽ رکي رکي چانهه ڪافيءَ جي به صلاح پئي ڪيائين، جيڪا سگهڻ نٿي لڳي.

هفتو کن رکي پوءِ ٻئي دفعي جڏهن ساٿس ملڻ لاءِ آيس ته ان ڏينهن وري پاڻ نه هو پر سندس پنجاهه ورهين جي ڄمار جو ننڍو پياءُ راڌا ڪرشن وينو هو جنهن سان پاڻ اڳهين منهنجو ذڪر ڪيو هئائين. ان ڪري وڌيڪ ڪنهن تڪلف جي، فري ٿي ڪائنس خبرون چارون پڇڻ لڳس.

راڌا ڪرشن پارواڻيءَ ٻڌايو: ”اسان پاڻ ۾ پنج پيائر آهيون. وڏو اوڌارام آهي، جيڪو توهان سان ان ڏينهن مليو. آئون چوٿون نمبر آهيان، ٻيو نمبر اسان جو پياءُ گوبندرام آهي. اهو هانگ ڪانگ ۾ تو رهي ۽ واپار وڙو به اتي ئي اٿس. ٽيون نمبر لڇمڻ داس آهي جيڪو جپان جي شهر اوساڪا ۾ رهي واپار ڪري ٿو. هو جپاني ڪپڙو ۽ ساڙهيون ٻين ملڪن ڏي ايڪسپورٽ ڪندو آهي ۽ ننڍو پياءُ ڀڳوان داس ڪڏهن ڪٿي هوندو آهي ته ڪڏهن ڪٿي. اڄڪلهه هو آمريڪا ۾ آهي ۽ واشنگٽن شهر ۾ بيئر جو PUB (ميخانو) کوليو اٿس.

”اسان جو اصل ڳوٺ ڪوٽڙي آهي. اسان جو پتا تمام وڏو ڪانگريسي هو ۽ سياست ۾ ناليرو هو. سندس نالي جي نهيل پاڄي مارڪيٽ، اسان ٻڌو آهي ته ڪوٽڙيءَ ۾ اڃا موجود آهي جنهن جي مٿان اسان جي پتا جو نالو: ”هوندراج مولچند پارواڻيءَ پاڄي مارڪيٽ“ لکيل آهي. وڏي ڄمار وارا هندو توڙي سنڌي مسلمان پڪ پتا کان واقف هوندا. هونءَ اسان هتي اچڻ کان اڳ وارا ڪجهه سالَ ڪراچيءَ ۾ به رهياسين پر تنهن هوندي به مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي ته ڪچهري روڊ جي چيڙي تي جيڪا سئنيما (لائيٽ هائوس سئنيما) آهي اتي ڪٿي رهندا هئاسين.“

”هتي ڪڏهن آيائو؟“ مون پڇيومانس.

”هن پاسي واپاري وڙي لاءِ پيائرن ۽ اسان جي ٻين مائٽن جو اچڻ ته ڪڏهن کان ٿيندو رهندو هو پر هميشه لاءِ لڏي اچي رهڻ 1947ع کان پوءِ ٿيو. سالَ به کن اسان انڊيا جي شهرن: بمبئي، پوني ۽ اندور ۾ پڻ رهياسين پوءِ سنگاپور هليا آياسين جتان پوءِ ملايا جي شهر جوهور باروءَ ۾ دڪان کوليوسين. تن ڏينهن ۾ انگريز بادشاهه جي حڪومت هئي. هنن کي ڪو اعتراض نه هو ته اسين ملايا يا سنگاپور ۾ رهون يا ڪينيا نائجيريا ۾. بس جتي به رهون ته امن امان سان واپار ڪريون. حڪومت جي خلاف سياست ۾ حصو نه وٺون. سو اسان جو ڪهڙو ڪم انهن ڳالهين سان. اسان جو ڪم واپار ۽ پئسي ڪمائڻ سان سڌ ورڪي هندو ته ورهاڱي کان به اڳ دنيا جي انيڪ ملڪن ۾ پکڙيل هئا جن کان اسان انهن ملڪن جو سامان گهرائي هتي ملايا ۾ فائدي تي وڪڻندا هئاسين. تن ڏينهن ۾ جوهر باروءَ ۾ فوجين جي ڪئمپ هوندي هئي انهن کي مختلف قسمن جو مال سپلاءِ ڪندا هئاسين.“

پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ايترو لکڻ ضروري ٿو سمجهان تہ تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ٻن قسمن جا هندو مشهور هئا. هڪڙا پائيبند ٻيا عامل. پائيبند واپار وڙي تي چانيل هئا. شهري پائيبند پنهنجن ٻارن کي اعليٰ تعليم بہ ڏيندا هئا پر گهڻو تڻو واپار ۾ ئي لڳائي رکندا هئا. عامل پڙهي ڳڙهي سرڪاري نوڪريون ڪندا هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انگريزن جي حڪومت ۾ تہ سنڌي مسلمانن کان سنڌي هندو تعليم ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويا هئا پر انگريزن کان اڳ جي دؤر ۾ ڪيترائي سنڌي هندو حساب ڪتاب، صلاح مشوري ۽ ڏيتي ليتيءَ جي ڪمن ۾ وڌيڪ قابل سمجهيا ويندا هئا جو سنڌ جي حاڪمن ـ ميرن ٽالپرن وٽ بہ حساب ڪتاب لاءِ هندو صلاحڪار هئا. ويندي ايران ۽ عرب ملڪن ۾ پڻ سنڌ جا هندو لڪائي پڙهائي جهڙن ڪمن ۾ مٿانهون مانُ ماڻيندا هئا. سنڌ ۾ حڪومت ڪٽي سنڌي مسلمانن جي هوندي هئي پر ڪجهہ نہ ڪجهہ عقل جي آڱر هندو عامل جي هوندي هئي ۽ واپار وڙي تي پائيبند اهڙا چانيل هوندا هئا جو اڄڪلهہ آمريڪا ۾ ايترو يهودي بہ نہ آهي. پائيبند ۽ عاملن جا پاڻ ۾ ڪجهہ ذات پات جا چڪر ضرور هئا. عامل پائيبندن کي ڪجهہ گهٽ سمجهندا هئا. پنهنجا پٽ هنن وٽان پرڻائيندا هئا پر ڪين پنهنجيون ڌيئون ڏيندي عيب محسوس ڪندا هئا. پر پوءِ اڳتي هلي جڏهن وڏيون سرڪاري نوڪريون ۽ انهن جا شانَ مانَ جهڪا ٿيا تہ ان سان گڏ پڙهيل ڳڙهيل عالمن جي لئہ بہ گهٽجڻ لڳي. ساڳي وقت هوڏانهن پائيبند زور ٺيندا ويا. هنن واپار ذريعي نہ فقط سنڌ مان پر خراسان، توران، بصري بغداد ، سنگاپور ملايا ۽ ٻين دور دراز ملڪن مان خوب ڪٽي ناڻو ڪنو ڪيو ۽ ويا ايڏا امير ۽ ناليرا ٿيندا جو ويندي ڪيترن عاملن جا ٻار هنن وٽ نوڪريون ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ تہ هڪ ٻئي سان سڱابندي ڪندي عيب بہ محسوس نہ ڪندا هئا. پائيبندن ۾ جيڪي سنڌ کان ٻاهر ولايت ۾ نوڪري ڪندا هئا اهي سنڌورڪي سڏبا هئا. هي اسان جو پارواڻي يا ٻيا هزارين هندو سنڌي دڪاندار جيڪي دنيا جي هر ملڪ ۾ واپار ڪندي نظر اچن ٿا سي گهڻو ڪري سنڌورڪي آهن.

"توهان جو هور باروءَ کان هتي ملاڪا ڪڏهن آيائو ۽ هيڏانهن ڪهڙي خيالَ کان آيائون؟" مون پارواڻيءَ کان پڇيو.

"جوهورباروءَ ۾ جيڪا فوجين جي ڪئمپ هئي اها ننڍي هئي. پوءِ هتي سونگائي ادانگ (ملاڪا) ۾ ٽرنڊا ڪئمپ نالي انگريز سرڪار بہ سؤ ملين ڊالرن جي تمام وڏي نهرائي جت واپار جا وڌيڪ موقعا ڏيان ۾ آيا. ان ڪري اسان جوهورباروءَ کان لڏي هتي هن ڪئمپ وٽ اچي هي دڪان کوليو. ان ڳالهہ کي بہ ويهہ ٻاويهہ سالَ اچي ٿيا آهن. پهرين هن ڪئمپ ۾ رڳو انگريز ۽ نيوزيلينڊ آسٽريليا جا فوجي ۽ سپاهي هئا. انهن لاءِ اسان هي سامان نہ رکيو. اهي پنهنجين زالن يا گرل فرينڊس ڏي هتان وڏا وڏا قيمتي ۽ ولائتي تحفا وٺي موڪليندا هئا. ان ڪري اسان جي بہ وڏي ڪمائي ٿيندي هئي. پوءِ ملائيشيا کي آزادي ملڻ بعد هڪڙي سلا ملائيشيا وارن سيني کي واپس روانو ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ انهن ولايتي فوجين جي رهائش جو مدو اجا هو. پوءِ هن ٽرنڊا ڪئمپ ۾ سڀ فوجي آفيسر هتي جا مَر لئي، چيني ۽ انڊين اچي رهيا. پهرين اسان کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ دڪان تي ڪهڙي نموني جو شيون رکجن جو وڪروڳ ۽ فائدو ٿئي، جو جو انگريزن جي پسند ٻي هئي ۽ اهي مهانيون شيون هتي جي لوڪل ماڻهن نتي وٺڻ چاهيون جن جا پگهار بہ انگريزن کان گهٽ هئا. نتيجي ۾ چار سال اسان جو وڪرو ٻيهي ويو. پر واپار ۾ ڪڏهن اهڙا بہ ڏک لڳندا آهن جو مور جو مور بہ نہ موٽندو آهي. صبر کان ڪم وٺي جيڪي بہ پئسا ڪڏهن ففائدو ٿيو ٿي تہ ان تي پئي گذر ڪيوسين. پوءِ نيٺ پاڳ ڪليا ۽ هاڻ ڏينهون ڏينهن وڌ آهي. تو9هان جي اڪيڊمي لاءِ ڪئڊٽن جون ٽوپيون بہ اسان کان وٺندا آهن. اهي نيوي يونيفارم واريون ٽوپيون ۽ بيج اسان پاڪستان کان امپورٽ ڪندا آهيون. هي ڏس سيالڪوٽ کان ڪالهہ سامان آيو آهي. پارواڻيءَ هڪ ڪوکي ڏي اشارو ڪندي ٻڌايو.

"ڀلا توهان کي قومت ۽ پاسپورٽ تہ هتي جو هوندو؟"

”ها. اسان جا وڏا واپار وڙي لاءِ هيڏانهن ايندا هئا پر ڪين هتي هميشہ رهي هن ملڪ مان فائدو وٺڻ جو ڪڏهن بہ خيال نہ ايندو هو ۽ مال متاع ڪمائي وري موٽي پنهنجي وطن سنڌ ويندا هئا. اهڙي طرح ڌارين ملڪن جي قوميت نہ وٺڻ ڪري هو هت يا دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پنهنجي نالي تي نہ گهر ۽ نہ دڪان وٺي ٿي سگهيا ۽ نہ وري ڪا زمين يا فئڪٽري ڪارخانو. پر پوءِ ورهاڱي بعد اسان هتي هميشہ لاءِ لڏي اچي رهڻ جو سوچيو. هاڻ اسنا وٽ هن ملڪ جي قوميت ۽ پاسپورٽ آهي. پنهنجي هتي دڪان، گهر ۽ ملڪيت اٿئون. مون شادي نہ ڪيئي آهي پر وڏو ڀاءُ اوڌارام جيڪو هتي مونس ان گڏ آهي. ان کي بہ پٽ ۽ ڌيءَ آهي جيڪي هتان پڙهي وڏا ٿيا ۽ سرڪاري خرچ تي وڌيڪ ولايت مان پڙهي هاڻ نوڪري ڪري رهيا اهن.“

جيئن اسان لاءِ ولايت معنيٰ انگليند تيئن هن پاسي ملائيشيا، سنگاپور وغيره جي ماڻهن لاءِ ولايت معينٰ نيوزيليند ۽ آسٽريليا جيڪي ملڪ هنن کي تمام ويجها ٿا پون ۽ پڙهائيءَ جي لاءِ ائين سهولت پريا آهن جيئن اسان لاءِ انگليند. هتا ڪو ورلي انگليند ويندو هوندو.

راڌا ڪرشن کان پڇيم تہ هينئر جي ڪانئن پڇيو وڃي تہ آيا هو هتي ملائيشيا ۾ رهڻ پسند ڪندو يا هندستان ۾؟

”هاڻ هن جمار جي پيٽي ۾ جهڙو هندستان تهڙو هي ملڪ.“

”پر تڏهن بہ“، مون زور ڪيومانس، ”توهان جا ٻيا مٺ مائٹ هن وقت بمبئي ۾ آهن. اتي پنهنجي زبان ۽ مذهب اٿانو. ڪڏهن ڪڏهن تہ دل گهرندي هوندانوَ تہ واپس هندستان هلي رهجي جو ڌاريو ملڪ آخر ڌاريون آهي. ڏينهون ڏينهن هتي ملائيشيا ۾ بهوڌيڪ نوڪريون، سهولتون ۽ موقعا ڌارين ماڻهن لاءِ گهٽبا وڃن ۽ وڌيڪ سهولتون فقط هن ڌرتيءَ جي ڄائلن، پومي پترن کي ملي رهيون آهن. توهان جهڙن انڊين يا چيني نسل جي ماڻهن کي اهو احساس تہ ضرور ٿينود هوندو تہ ٻئي ڪلاس جي شهرين واري زندگي بسر ڪري رهيا آهيون.“

ڪجھ دير سوچي راڌا ڪرشن پاروائيءَ جواب ڏنو:

”اهو سڀ ڪجھ هوندي بہ هتي اسان وڌيڪ Secure (حفاظت ۾) محسوس ڪريون ٿا. نوڪرين ۽ سياست ۾ هتي جي حڪومت پنهنجي پومي پترن (ملئي ماڻهن) کي فائدو رسائڻ چاهي ٿي. پر ان هوندي بہ اسين ڌاريان، پوءِ جا آيل تامل توڙي مليالم ملباري، هندو توڙي سک عيسائي، پنجابي توڙي پٺاڻ مرهٽا سڀ سڪون محسوس ڪريون ٿا. جو ڪجھ بہ آهي اسان ان سان مطمئن آهيون. هتي سڀ کان وڏي ڳالھ تہ ملڪ ۾ امن امان آهي. قاعدو قانون سخت آهي ۽ ننڍي وڏي لاءِ اهو ساڳيو آهي. پوليس رستن تي نظر نٿي اچي ۽ بہ هوءَ ايتري طاقتور آهي جو معمولي ڏوھ ٿيڻ تي بہ ڏوهاريءَ کي بخشي نٿي. ڏوھ جي پاڙ ٿائين جيسين پهچي ڏوهارين کي سزا نٿي ڏئي تيسين حڪومت سڪون سان نٿي ويهي. اهو ئي سبب آهي جو هرويرو هت ڪي وارداتون نٿيون ٿين. هرڪو لچو لفنگو ڊڄي ٿو تہ ڪا ڪيچل ڪندس تہ نہ پوليس ڇڏيندي نہ ڪنهن چاچي مامي جو زور هلندو. چاهي اهو وزير هجي. بلڪ اهڙي بدمعاش کي سندس وڏي نوڪريءَ وارو مائٹ ويتر اڪ ڏيکاري چوندو تہ بيلي نيڪ ٿي هل ماڳهين منهنجي رتبي ۽ عزت کي تو داغ لڳائين. نتيجي ۾ Crime Rate ۽ غربت گهٽ آهي. ماڻهو بہ جيتوڻيڪ پانت پانت جا رهن ٿا پر هتي جا رهاڪو هڪ ٻئي جي عزت ڪن ٿا ـ دل ۾ ضرور چيني، ملئي يا اسين انڊين ڪڏهن هڪ ٻئي کي نہ پسند ڪندا هونداسين پر ظاهري طرح هو هٿ چراند يا منهن ماري نٿو ڪري. هرڪو پنهنجي پورهئي ۾ مگن آهي. جيڪو جيتري محنت ڪري ٿو ان کي اوترو ملي ٿو. ائين نہ آهي تہ ڪڙميءَ کي ڪمائي ملڻ تي پوليس، وڏيرو، وڪيل، ٻشني قريو اچن ۽ سندس ڪمائي اهي هضم ڪري عيش ڪن ٿا ۽ پوءِ غريب /ڪڙمي جيڪو ڪمائيءَ جو بنياد آهي اهو وري پيٽ ٻڪيو، انگ اُگهاڙو، هن جا ٻچا بيمار، ڪمزور ۽ گهر جي عزت غير محفوظ رهي ٿي. نتيجي ۾ هن جي

پورهئي تان ڏينهون ڏينهن دل ڪنيل ٿئي ٿي. هوڏانهن بي ڊر لاءِ سولائيءَ سان پيسو ملڻ ڪري Easy Come ۽ Easy Go وارو حساب ٿيو پوي ۽ وتي اجايا خرچ ۽ عياشيون ڪندي. منجهس پوءِ غلط ڳالهين جي عادت پئجيو وڃي. پوءِ ڪڏهن عيش لاءِ پئسو غريب هاريءَ يا هيٺي مان نٿو مليس ته پنهنجي علت جي پوئواري ڪرڻ لاءِ وتي چوريون ۽ ڌاڙا هڻندو يا وڃي ٿو پنهنجيون ٻنيون ٻارا ۽ پاڻ کي قرض لاءِ واڻيءَ وٽ گروي رکندو. نتيجي ۾ سڄو معاشرو معمولي ڳالهين ڪري برباد ٿيو وڃي.

”هتي مذهب ۽ رسم رواج جي به اسان کي آزادي آهي. هندو مسلمان، سک، عيسائي ۽ چينا ٻڌ سڀ سک شانتيءَ ۾ رهيا پيا آهن. جيتوڻيڪ ملائيشيا مسلمانن جو ملڪ آهي پر ڪنهن به هندو عيسائيءَ کي شڪايت ناهي. ساڳي طرح سنگاپور جيتوڻيڪ چيني جو آهي جيڪي ٻڌ، عيسائي يا دهريا آهن پر منجهانئن ڪنهن به شيعي سني يا ڪوجي بوريءَ کي شڪايت ناهي. عام ماڻهوءَ کان وٺي حڪومت جو وڏو ڪامورو ڏارين جي مذهب ۽ سندن مندر، مسجد، گوردواري، گرجا جي عزت ڪري ٿو.“

”هتي ملائيشيا يا سنگاپور ۾ جنهن کي جيڪي وٽي ٿو اهو عزت جي روٽي ڪمائڻ لاءِ پورهيو يا واپار ڪري مقرر ٿيل ٽئڪس حڪومت کي گهر ويٺي ادا ڪري ٿو. ڇا جو غنڊه ٽئڪس ڇا جو سرڪاري آفيسرن کي رشوتون ڪارائڻ ۽ مقامي پوليس کي هٿ ٻڌڻ. پر پاڻ وٽ بمبئيءَ ۾ ڏسو ڇا ٿي رهيو آهي. ٻندو ٻندي جو گلو ڪٽي رهيو آهي ته تون مسلمان آهين يا تون هندو آهين ۽ مزي جي ڳالهه اها ته انهن ۾ گهڻا اهڙا آهن جن مندر مسجد جو ڪڏهن منهن به نه ڏٺو هوندو. سڄو پوڄاري ته اڄ به ڪنڌ پاسو وسايو ڀڳوان کي ياد پيو ڪري.

پارواٽيءَ مٿيون اشارو اڄڪلهه بمبئيءَ ۾ هلنڌڙ هندو مسلمانن جي خونريزين ڏي ڪيو. جيڪي هونءَ رڳو ڪلڪتي يا دهلي پاسي ٻڌبيون هيون پر هاڻ پهريون دفعو بمبئيءَ ۾ به شروع ٿي ويون آهن ۽ تمام گهڻي حد تائين، ايتري قدر جو هتي ملائيشيا جي اخبار ۾ به روز سرخيون ايندين آهن.

”سو ادا دل ته گهڻي ٿي چوي ته واپس هندستان هلي رهجي جتي اسان جون پاڙون آهن.“ پارواٽيءَ چيو، ”پر هھڙن حالن ۾ هن عمر ۾ ڇا سودمندي ٿيندي. اسان ته ڪٿي رهي به سگهون پر اسان جي ننڍي ٿهي جيڪا جائي نپني، رهي ڪهي هن سڪون پرئي ماحول ۾ سا اتي ٻاتاري ٿي پوندي.“

”توهان ته شادي نه ڪئي پر توهان جي وڏي ڀاءُ اوڌارا جو اولاد ڇا ٿو ڪري؟“

”اوڌارا کي به پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. وڏو پٽ ارجن داس ملائيشيا مان بنيادي تعليم وٺي پوءِ نيوزيلينڊ وڌيڪ تعليم لاءِ ويو هو. هن اتاگو يونيورسٽي (ويلنگٽن جي پر ۾) مان فزڪس ۾ ميجر ڪيو ۽ هتي هڪ جپاني فرم ۾ نوڪري ڪري رهيو هو، پر تازو هن اها ڇڏي آهي ۽ ٻي ڪنهن سُٺي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ آهي. اڃا تائين نه ملي اٿس.....“

مون سندس جملو اڌ ۾ ڪٽي ان مسئلي ڏي وري ڌيان ڇڪايو جيڪو هن ملڪ ملائيشيا ۾ پوءِ جا لڏي آيل چيني ۽ انڊين محسوس ڪري رهيا آهن: ”پارواٽي صاحب! اخبار ۾ نوڪرين جا اشتهار ته گهڻائي اچن ٿا پر ان لاءِ اسان ڌارين ملڪن جا ماڻهو نه Apply ڪري سگهون ٿا ۽ نه وري ملائيشيا سعودي عرب جهڙن ملڪن وانگر چاهي ٿو ته ڪو ڌارئين ملڪ جو اچي ڪمائي، سواءِ انهن چند ڌارين جي جيڪي اهم نوڪريون ڪن ٿا يا UNO وغيره جي طرف کان هتي آهن. پنهنجي ملڪ جي ماڻهن مان به پهرين ملئي پومي پترن جي همت افزائي ڪن ٿا ته جيئن اهي نوڪريءَ ۾ چان . ٻئي نمبر تي چيني يا انڊين نسل وارن ملائيشين کي ـ جيتوڻيڪ توهان ۾ ڪيترائي انڊين ۽ چيني ته هتي سؤ سالن کان به اڳ جا Settle آهن. ان قسم جون ڳالهيون سوچي توهان کي ڪجهه محسوس نٿو ٿئي ته توهان جهڙن جي ٻارن لاءِ هتي مستقبل روشن ناهي.“

”تئي تہ تو.“ پاروائيءَ وراڻيو، ”پر حالتون اهڙيون بہ خراب نہ آهن. ظاهر آهي هي ملڪ ملئي ماڻهن جو آهي سو هنن ڪي پنهنجن جو پهرين خيالَ رکڻ جڳائي بہ ۽ هنن بين ملڪن جو اپياس ڪري ڏٺو آهني جي نوڪريون هن وقت ڌارين کي ڏيئي ڇڏيندا تہ سياڻي جڏهن سندن پنهنجا ملئي پڙهي ڪري ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ بيا گريجوئيٽ ٿيندا تہ انهن لاءِ تہ ڪجهہ بہ نہ هوندو ـ سپ نوڪريون اسا جي يا چينين جي حوالي ٿي و يندڀون جيڪي هن وقت ملئي مسلمانن کان وڌيڪَ تيز ۽ پڙهيل آهن ۽ هونءَ بہ سڄي ملڪ جو واپار ڌري گهڻ اسان جي هٿن ۾ اڳي چڪو آهي. سو ظاهر آهي تہ هتي جي حڪومت هتي جي اصل باشندن جو ان معاملي ۾ اڳتي جي سوچ خيال تي رکي. ساڳيءَ وقت ڏٺو وڃي تہ اسان پنهنجا وطن ڇڏي هتي آياسين ـ پوءِ چاهي پنج ڏهہ سالَ اڳ يا پنجاهہ يا سؤ سالَ اڳ پر ان لاءِ تہ هرگز نہ آياسين تہ ڪو هنن جي اچي خدمت ڪجي يا قرباني ڏجي. اسان هتي تڏهن بہ پئسو ڪمائڻ لاءِ آيا هئاسين. پوءِ جڏهن ڏٺوسين تہ هتي موج مزا لڳا پيا آهن تہ ٽيڪي پياسين. هاڻ ڪٿي ٻاهران چئون تہ اسان هن ملڪ لاءِ قربانيون ڏنيون آهن، اسان جو بہ عياشيءَ ۾ حصو هئڻ ڪپي. پر حقيقت ۾ اسان ڪمائيءَ جي لالچ ۾ هتي اچي نڪتاسين يا اسان جي ملڪن: هندستان، افغانستان، توڙي چين منگوليا يا انڊونيشيا ۾ سياسي معاشي حالتون نيڪ نہ هيون سو ان ڪري سُکَ جي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ هيڏانهن اچي رهياسين. بهرحال اڄڪلهہ هن ملڪ ۾ اهو ضرور آهي تہ نوڪريون ۽ سهولتون پهرين پنهنجن کي تا ڏين پر ساڳي وقت اسان بہ ڪي ڏکيا نہ آهيون. اسان جو بہ سنو وقت پيو گذري. جيڪو جتي آهي اتي خوش آهي، پورهيو توڙي واپار تہ آزاديءَ سان ڪري رهيا آهيون. نوڪريون بہ جي تمام وڏيون نہ تہ بہ چڱيون خاصيون مليو وڃن ۽ اڃا بہ ويهن سالن تائين تہ حالتون بهتر ٿيون لڳن. ان بعد ڪير جيئن ڪير مرن ـ جيڪي جيئن سي منهن ڏين بيروزگاري ڪٿي ناهي، وڌنڌ گهرجن سڄي دنيا جون حالتون خراب ڪري ڇڏيون آهن. ويندي انگلينڊ، جرمني ۽ بين يورپي ملڪن جو بہ حال خراب آهي. سپ ڪو پانئي تہ ڌاريون اڄ نڪري تہ سياڻ بيو ڏينهن تئي. انگريز انگلينڊ مان پاڪستاني، هندستاني ۽ جئميڪين ڪيڻ جي فڪر ۾ آهي چاهي انهن جون پنج پنج پيڙهيون اتي رهي مري ويون. جرمن پنهنجن ملڪن مان ترڪن کي، فرينچ سينيگالين کي تہ اٽلين لبين وغيره کي. اهڙي طرح پنهنجن ايشين ملڪن انگريزن ۽ يورپين کي تہ پڄائي ڪڍيو آهي ۽ هاڻ پنهنجن ايشيائي ماڻهن جي پويان آهن. حالت اها اچي ٿي آهي تہ هڪ عرب ملڪ جا ماڻهو ڏکيا تا ٿين تہ پر وارو عرب ملڪ جيڪو نہ فقط امير آهي، پر ساڳيو دين ايمان، رسم رواج ۽ زبان اتس ٻئي کي پاڻ وٽ رکڻ نٿو چاهي ۽ ڪو اچيو بہ وڃي ٿو تہ ان کي پڄائڻ جي چڪر ۾ آهي. سو هت ملائيشيا ۽ سنگاپور، انڊونيشيا وغيره جهڙن ملڪن ۾ اڳتي هلي ڇا ٿو تئي اها پڳوان کي سُڌ! في الحال تہ رڳو پنهنجي گهر کي ڏسجي تہ ڪو زمانو هو سپ پائر تہ گڏ هڪ گڏيل ڪٽنب ۾ رهندا هئا پر سوٽن ڀڦاٽن جون فئمليون بہ ساڳي گهر ۾ خوش گذاريندڀون هيون. پر هاڻ هر هڪ پانئي تہ بيو گهر مان نڪري وڃي تہ سُنو.“

”توهان جي ياءُ جا باقي ٻار ڇا تا ڪن؟“

”ٻيو نمبر ڏيءَ تي. سندس نالو رڪمڻي آهي. رڪمڻيءَ جي تازو گذريل سال دبئيءَ ۾ شادي ٿي. سندس گهوٽ دبئيءَ جي هڪ فئڪٽريءَ ۾ انجنيئر آهي. پاڻ اصل بمبئيءَ جو سنڌي آهي. ٽيون ٻار پٽ هاسارام اتس جيڪو هتان ملائيشيا مان STPM (سجل تنگي پرسيڪولان ملائيشيا)، يعني انٽر ڪرڻ بعد وڌيڪَ پڙهائي انگلينڊ مان ڪئي، هو ڪامرس پڙهيل آهي ۽ ملاڪا جي يونائيٽيڊ ايشيا بئنڪ جو اسسٽنٽ مئجينر آهي.“

”هت رهندڙ چيني واپاري ۽ امير ماڻهو ۽ توهان ـ ”توهان“ مان منهنجو مطلب فقط توهان هڪ سان نہ پر هت جيڪي نندي ڪند جا تامل، گجراتي، سنڌي، ملباري، پنجابي وغيره واپاري طبقو آهي، ڪمايل پئسو هتي ملائيشيا جي بئنڪن ۾ رکڻ وڌيڪَ سلامت محسوس ڪريو ٿا يا ڪنهن ڄاتل اڻ ڄاتل خوف کان پر

وارن ملڪن: سنگاپور، آسٽريليا يا نيوزيلينڊ وغيره جي بئنڪن ۾ رکڻ وڌيڪ بهتر سمجهو ٿا، جت سياسي ۽ معاشي حالتون سنيون ۽ جٽادار آهن.“

”نہ اهڙي ڳالھ ناهي. ملائيشيا جي بئنڪن ۾ بہ هرڪو رکائي ٿو ۽ هر قسم جون مقامي يا ولايتي بئنڪون هتي آهن جن ذريعي سولائيءَ سان ناڻو هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ اُماڻي ۽ گهرائي سگهجي ٿو. حڪومت بہ ان سلسلي ۾ دِلجاءِ ڪرائيندي رهي ٿي جيئن مقامي ۽ ڌارين سيڙپ وارن جو وشواس برقرار رهي. پهرين نہ تہ چيني ماڻهو سڄو پئسو هتان ڪڍي چين (تائيوان، فارموسا وغيره) ۽ هانگ ڪانگ جي بئنڪن ۾ موڪليندا رهيا ٿي، جيئن پش پيش هي ملڪ ڇڏڻو پوي تہ ٻاهر تہ ناڻو هجي. پر پوءِ گهڻو اڳ، انگريزن جي وڃڻ کان سگهوئي پوءِ هتي جي حڪومت سيني کي چيو تہ جن کي هي ملڪ ڇڏي ٻي ڪنهن هنڌ وڃي رهڻو هجي تہ هينئر هليو وڃي ۽ جي رهڻ چاهي تہ هتي جي ڪيس قوميت ڏني ويندي ۽ پلي هتي جو ماڻهو ٿي رهي. اهڙي اعلان بعد هاڻ چيني خوش آهن. جيتوڻيڪ اڃا بہ ڪجھ نہ ڪجھ ناڻو حفاظت طور آسٽريليا ۾ رکائين ٿا ۽ پنهنجن ٻارن مان هڪ يا ٻہ آسٽريليا يا نيوزيلينڊ ۾ رهڻ لاءِ ڇڏين ٿا جيئن متان حالتون خراب ٿين تہ ٻي هنڌ بہ تہ نام نڪاڻو نهيل هجي.“

”اڄڪلھ سنگاپور جي دڪاندارن جا اشتهار سون ۽ هيرا خريد ڪرڻ لاءِ ملائيشيا جي اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا تہ پئسو سون ۽ هيرن جي خريداريءَ ۾ لڳايو. توهان جوان بابت ڇا خيال آهي ۽ هتان ملائيشيا مان ڪهڙي طبقي جا ماڻهو اهڙي خريداري ٿا ڪن؟ انڊين ۽ چيني يا ملئي پڻ؟“

پارواٿيءَ ٿوري دير لاءِ سوچي پوءِ چپن تي مرڪ آڻي چيو: ”سون جا ڳهہ ۽ هيرا بيڪار شيون آهن جن پنيان پئسو بيوقوف ماڻهو وڃائين ٿا. مثال طور هيرا ڇا آهن؟ پٿر آهن پٿر. ۽ پٿر  ڪهڙي ڪم جا. پر يورپي قوڪين من اسان کي بيوقوف ناهڻ لاءِ اهي سانگ سٽيا آهن ۽ وري انهن جو اگهہ بہ مقرر ڪيو اٿن تہ ڪو چاهي تہ وڪڻي يا ڏيتي ليتي بہ ڪري سگهي ٿو پر تڏهن بہ آئون کي پٿر ئي سمجهندس. اُنَ جي گهڙ جوڙ ۽ ٽڪ چلائيءَ جي ڪمائي پاڻ ڪايو امير پيا ٿين. ساڳيءَ طرح سونا ڳهہ بہ ڪهڙي ڪم جا؟ اڃا بہ ڪچو سون ڪجھ بچت پاڇيءَ خاطر ماڻهو بچائي رکي سگهي ٿو. پر ڳهن جو مثال هيئن آهي تہ ٻن هزار ڊالرن جي سوني سيٽ ۾ نج سون فقط هزار ڊالر جو هوندو باقي گهڙائي، اونڌن اُبتن موتين جي قيمت ۽ جڙائي جو خرچ هزار ڊالر. يعني ٻئي ڏينهن ئي ڪو موتائي ڏئي تہ ان ٻن هزار ڊالرن واري سيٽ جا فقط هزار ڊالر ملندس جيڪي اصل موجود سون جي قيمت آهي. ڳهہ لڳاتار پائڻ ۽ پالش ڪرائڻ سان بہ گسي ٿو سو ان ڪوٽ جو نقصان ڌار متي ۾ ۽ پنهنجي جسم سان هيرا يا سونا ڳهہ لڳائي هل معنيٰ چوري ۽ جان جو خطرو الڳ. بهرحال فائدو واٽئي جو يا وري چور جو.

”هتي ملائيشيا ۾ چيني يا انڊين ايترو سون ڏي لاڙو نٿا رکن.  ملئي ماڻهو ان پنيان گهڻو پئسو چٽ ڪن ٿا. منجهن هڪ ٻئي کي ڏيکاءُ ۽ ريس جي عادت آهي. پوءِ هتي جا چيني يا انڊين دڪاندار اهڙا استاد آهن جو سال اڌ بعد وري کين ٺيڪرون ڏيندا تہ ”بابا اهي گذيل سالَ وارا ورتل ڳهہ پراڻا ٿي ويا آهن. سندن هينئر ڪو فئشن ناهي ۽ عام ٿي ويا آهن. اهي پيچائي وري ٻئي فئشن جو هار ڪنگڻ يا چوڙيون نهرايو. هڪ نمونو مون وٽ تازو آيو آهي جيڪو سڄي شهر ۾ ناهي. اهي پراڻا ڏيو تہ پيچي نئين فئشن جا ناهي ڏيانوَ. متان رڳو هزار ڊالر ٻيو خرچ ايندانو. پائڻ سان سڄي ڪاچ ۾ واھ واھ توهان جي پئي ٿيندي.“ پوءِ هتي جا ملئي ماڻهو سادا سودا ڳالهين ۾ اچي پراڻا ڳهہ ۽ وڌيڪ پئسا ڏيندا تہ جيئن دڪاندار اهي پيچي کين ٻيا ناهي ڏئي ان ۾ ڏنو وڃي تہ سڄو فائدو دڪاندارن کي ٿئي ٿو. پيچڻ جي تہ رڳو ڳالھ ٿيندي آهي. سندن اهي پراڻي ڊزائين وارا ڳهہ دڪاندار اڪثر پالش ڪري ٻئي شهر ۾ ڪم ڪندڙ سندن دوست يا مائٽ سوناري ڏي موڪلي ڏيندا آهن. جتي هو انهن ڳهن کي اتي نئين ڊزائين  جو هوڪو ڏيئي وڪڻي ڇڏيندا آهن. ساڳي طرح پاڻ ان شهر مان

پراڻا ورتل ڳهه پهرين ڏي موڪليندو رهي ته ٻه اهڙي طرح دڪاندارن جو ٿيو فائدو ٻه ڪوڙي لئه ۾ اچي قريو ملئي جٽ."

پاروائيءَ صاحب "جٽ" لفظ زبان تي آڻيندي آڻيندي گهٽو ئي جهليو پر نڪري ويس جنهن بعد هڪدم منهنجو خيال آيس ته متان مونکي دل ۾ ٿيو هجي جو ورهاڱي کان اڳ هندو عامل توڙي واپاري اهو لفظ سنڌي مسلمانن لاءِ گهڻو تڻو استعمال ڪندا هئا. پوءِ اها بي ڳالهه آهي ته هاڻ ڪو پنهنجي پوزيشن صاف رکڻ لاءِ چوي ته "جٽ" لفظ سنسڪرت مان نڪتل آهي. معنيٰ "جٽ قبيلي جو" يعني جيڪو قبيلن ۾ رهي، عزت وارو وغيره وغيره. پر اها عالم آشڪار ڳالهه آهي ته "جٽ" لفظ جي استعمال ۾ نفرت ٻه بي لاءِ حقارت جو وڌيڪ پهلو هو جيڪو اڄ به بيوقوف سادي ٻه جاهل ماڻهوءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ويندي هينئر به اسان مسلمان ڳوٺاڻن ٻه اڻ پڙهيل ماڻهن لاءِ چڙ ايندي وقت استعمال ڪريون ٿا. جيڪو لفظ اڳ ۾ هندو وڏي پيماني ۾ اسان سيني لاءِ ڪندا هئا. اهو شايد ان ڪري به جو اسان جو عام ماڻهو توڙي وڏيرو زميندار نه ايترو پڙهيل هو ٻه نه ڪيس دنيا داري جون اٽڪلون ٻه ڪيڏون آيون ٿي.

بهرحال موتي اچون هلڪين ڦلڪين ڳالهين تي. ملائيشيا جي جهڙالي موسم ٻه چوڌاري ڳتيل ساوڪ ۾ پاروائيءَ صاحب کان ورتل انٽرويو تي جيڪو سون ٻه هيرن سان ڳڏ هتي جي سون ٻه هيرون جهڙن ماڻهن جون به ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو.

"پاروائي صاحب پلا توهان جي خيال ۾ پئسو چا ۾ لڳائڻ کپيئي" مون پڇيو.

"وقت موجب حالتون بدلجنديون رهن ٿيون. اڄڪلهه جي وقت ٻه حالتن موجب پئسو Real Estate يعني زمين وٺڻ ۾ لڳائجي. هتي جا امير ماڻهو ملائيشيا کان علاوه ٻين ملڪن ويندي سنگاپور ۾ به جايون ٻه پٽ وٺن ٿا."

"پلا ڪنهن کي سنگاپور جي قوميت نه هجي ته به سنگاپور ۾ پٽ خريد ڪري سگهي ٿو؟"

"قوميت ڪٿي نه هجي پر اتي گهمڻ خاطر رهڻ، مسواڙ تي ڏيڻ يا اڳهه وڌڻ تي وڪڻڻ لاءِ زمين يا جايون ڪنهن به ملڪ جون خريد ڪري سگهي ٿو. اڳ ۾ ملائيشيا ۾ به ڌارين ملڪن جي ماڻهن کي زمين ٻه جايون وٺڻ جي اجازت هئي پر پوءِ سنگاپرو جي چينين ڪٽي جوهوباروءَ ۾ ايتريون ته زمينون ٻه گهر وٺڻ شروع ڪيا جو حڪومت سيني فارينرن کي وڌيڪ وٺڻ کان منع ڪري ڇڏي. هاڻ ملائيشيا ٻه سنگاپور جا امير ماڻهو اڄڪلهه آسٽريليا ۾ جام زمينون وٺن ٿا جو لڳي ٿو ته اتي ڪجهه سالن کان پوءِ اگهه وڌي ويندا."

"پلا اڄڪلهه سنگاپور توڙي ملائيشيا ۾ ڌارئين ملڪن جي ماڻهن کي هميشه لاءِ رهڻ جو نٿا ڏين يا قوميت جو نٿا ڏين. توهان کي هتي جي قوميت ڪيئن ملي ـ سولي يا ڏکي؟"

"اڄڪلهه سنگاپور، ملائيشيا يا ڪنهن ٻئي ملڪ جي قوميت ملڻ تمام ڏکي ڳالهه ٿي پيئي آهي. هر ڪو پانئي ته سنڌن ملڪ ۾ سنڌن ئي ماڻهو هجن ٻيو ڪو ڌاريو نه اچي رهي. ملائيشيا جو ملڪ جيتوڻيڪ تمام وڏو ٻه امير آهي، آدمشماري به تمام گهٽ اٿس ٻه جيڪر موجوده آدمشماري جيترا ٻيا به اچي رهي پون ته به ڪو خاص فرق نه پوي. پر جپان، سعودي عرب، ڪويت ٻه ٻين ڏاهن ملڪن وانگر ملائيشيا به چاهي ٿو ته سنڌن ملڪ ۾ ڪو هڪ ماڻهو به وڌيڪ رهڻ لاءِ نه اچي. ڪجهه ڏينهن لاءِ گهمڻ ڦرڻ لاءِ پلي اچي. سدا اچي جو ان ريت اچڻ ۾ هو پئسو ڏوڪڙ خرچي ٿو ٻه ملڪ جو فائدو ٿئي ٿو. باقي هميشه لاءِ هتي ٽڪي ملڪ لاءِ ذرو به بار نه بڻجي. ملائيشيا جي آدمشماري گهٽ آهي ته وڌائڻ لاءِ اصل رهاڪن کي پنج بار ڄڻڻ جي اجازت ڏني ويئي آهي، جن جي پڙهائي، دوا درمل سڀ مفت رکي ويئي آهي. بلڪ جنهن کي گهڻا ٻار ان کي ٽيڪس ۾ به وڌيڪ ڇوٽ ڏني ويئي آهي. ڇو جو هي سمجهن ٿا ته ڌارئين ملڪ جي ماڻهوءَ تي ڪو ڀروسو نٿو ڪري

سگھجي ۽ هو ڪيترائي سالَ گذارڻ بعد بہ وفادار پنهنجي ئي ان ملڪ سان رهي ٿو، جتي هن جون اصل پاڙون آهن.

”اسان ڪي هتي جي جڏهن قوميت ملي تڏهن دنيا جون حالتون ڪجھہ ٻيون هيون. هندستان جي ورهاڱي ۾ لڏ پلاڻ وارن ڏينهن ۾ دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ايتري ڇڪتاڻ نہ هئي جيڪا اڄڪلهہ آهي. جيڪو جنهن ملڪ ۾ ٿي ويو سولائيءَ سان ان ملڪ ۾ ڪيس رهڻ جي موڪل ملي ٿي ويئي. سو اسان هيڏانهن هليا آياسين يا ٻيا اسان جا ياٺر متر هانگ ڪانگ، فجي، انگلينڊ، انڊونيشيا، آمريڪا، جتي جتي بہ ويا سولائيءَ سان ڪين اتي جي قوميت ۽ پاسپورٽ ملي ويو ۽ هاڻ مزي سان اتي جمايو وينا آهن. پنهنجيون جايون جڳهيون دڪان نهرائي قبضا ڪريو وينا آهن. جيڪڏهن لڏ پلاڻ ۾ اسان ڪي اڄ ڏھہ سالَ ٻي دير ٿئي ها تہ پوءِ ڪيترن ڌارين ملڪن ۾ رهڻ اسان لاءِ مشڪل ٿي وڃي ها ڇو جو پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي هر ملڪ سياڻو ۽ خبردار ٿي ويو تہ ٻيلي ڌارين ملڪ جي ماڻهوءَ کي راهڻ مان ڪو فائدو ناهي. ماڳهين پنهنجي روزگار ۽ وڪري کان هٿ ڌوئڻا آهن ۽ ملڪ جو سماجي طرح پڻ ماحول خراب ڪرڻو آهي. ڇو جو ڌارئين آيل کي ملڪ ۽ ان جي اصل ماڻهن جي عزت آبروءَ جو ڪهڙو خيال ۽ هو وڃي ٿو اصل رهاڪن کان بہ وڌيڪَ ڄمت ڪندو.“

بهرحال ڪجھہ سالَ اڳ تائين هيڏانهن ملائيشيا يا سنگاپور ڏي هميشہ لاءِ رهڻ سولو ڪم هو. ڪو بہ سالَ بہ رهيو ٿي تہ ڪيس قوميت نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ پي. آر. (Permanent Residency) تہ آرام سان ملي ويئي ٿي. پوءِ آهستي آهستي ڏکي ٿيڻ لڳي. مثال طور سنگاپور وارا ان ماڻهوءَ کي پي. آر ڏيئي ڇڏيندا هئا جيڪو ماڻهو پاڻ سان ڇھہ لک رپيا ڪن ڪٽي اچي جو حڪومت کي ايترو ڏي هو تہ اهو ماڻهو پوءِ چوري نہ ڪندو. ايترن پئسن مان ڪا هلڪي ڦلڪي بسڪيٽ چالڪيٽ جي پيڊي يا هٽڙو ڪڍي ويهندو تہ بہ پنهنجو روزگار پيو ڪڍندو ۽ حڪومت کي بہ ٽيڪس پيو ڏيندو ۽ مقامي ماڻهن ۽ ملڪ تي بار بہ نہ پوندو. ماڻهن جي گهٽي تعداد کي ايندو ڏسي سنگاپور حڪومت ناڻي جي ان اگھہ کي وڌائيندي ويئي. هاڻ گذريل ٻن سالن کان يعني 1981ع کان جڏهن هانگ ڪانگ جو مستقبل رولڙي ۾ نظر اچڻ لڳو آهي تہ اتي جا واپاري سنگاپور پڄڻ لڳا آهن تہ سنگاپور حڪومت هڪ ملين ڊالر ـ يعني ڏھہ لک سنگاپور ڊالر اگھہ ڪري ڇڏيو آهي (جيڪو ستر لک رپيا پاڪستان جا ٿيا جو اڄڪلهہ سنگاپور جو هڪ ڊالر پاڪستاني ستن رپين برابر آهي.) جنهن تي بہ ڪافي وڏا واپاري هانگ ڪانگ کان سنگاپور ڏي لڏي اچڻ لڳا. بهرحال جيڪو ايڏو ناڻو پاڻ سان آڻي سنگاپور ۾ اچي رهي ٿو ان مان حڪومت ۽ ملڪ کي فائدا آهن. حڪومت کي تمام گهڻو ٽيڪس ملي ٿو جيڪو رستن، اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ لڳائي مقامي ماڻهن جو فائدو ڪري سگهي ٿي ۽ ساڳي وقت آيل امير ماڻهو جڏهن سنگاپور ۾ واپار وڙي لاءِ ڪوئيون دڪان هوٽلون وغيره کولين ٿا تہ آٽوميٽيڪلي مقامي آدمشماري کي بہ نوڪريون ۽ ڌنڌا ملن ٿا.

امير ماڻهن کان علاوہ سنگاپور ۾ اهڙن اعليٰ تعليم يافتہ ۽ اسپيشل برانچ جي انجنيئرن، سرجنن، ڊاڪٽرن، پروفيسرن کي پڻ عارضي/مستقل رهائش جي اجازت ملي ٿي جن جي هن ملڪ کي سخت ضرورت آهي يا اهڙي نوڪري يا تعليم وارو مقامي ماڻهو موجود ناهي.

ملائيشيا ۾ اڄ ڪان ويهارو کن سال اڳ رهائش يا قوميت آسانيءَ سان ملي ويئي ٿي. خاص ڪري ملئي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ سان ڌاريون پڻ ملائيشيان ٿي ٿي ويو بلڪ ان بہ پومي پتر ٿي سڏايو. پر هاڻ تہ سائين اهڙي سختي آهي جو ڪيس تہ نتي ملي ويتر چونس ٿا تہ زالَ سان گڏ رهڻو اٿئي تہ جوءِ کي بہ پنهنجي ملڪ وٺي وڃ ۽ ڪيس ان ملڪ جي قوميت ۽ پاسپورٽ وٺرائي ڏي نہ تہ وڌ ۾ وڌ زالَ ڪٽي ملائيشيا ۾ ئي رهي باقي تون پنهنجي ملڪ. زالَ سان ملڻو بہ اٿئي تہ پندرهن ڏينهن جي ملڪ گهمڻ جي ويزا تي اچي سگهين ٿو. ان بعد ملڪ ڇڏي وري ٻين پندرهن ڏينهن لاءِ نئين سنئينءَ اجازت وٺ. ها البت ملئي زالَ مان ٻار

ملائيشيا ۾ ئي ٿيو تہ ان کي ھن جي قوميت ڏين ٿا پر ٻئي ڪنھن ملڪ ۾ تہ پوءِ ھرگز بہ نہ. اھا سختي فقط ايشيا جي غريب ملڪن جي ماڻھن لاءِ آھي پر يورپ آمريڪا آسٽريليا جو ھڪ گورو گذريل ڇھن سٽن سالن کان ملاڪا بندرگاھ جو ھاربر ماسٽر آھي. سندس ھڪ ملئي ڇوڪريءَ سان عشق ٿيو. مسلمان ٿيو ۽ شادي ڪيائين ان کي بہ ٽي چار سالَ ٿي ويا آھن ۽ ٽن سالن کن جو ٻار اٿس. پر مڙسالي ڪي ملائيشيا ھميشہ رھڻ جي موڪل ھرگز نٿي ملي جيتوڻيڪ ملائيشيا جي مقابلي ۾ سندس وطن آسٽريليا وڌيڪ سکيو آھي ۽ ھيڏي وڏي نوڪري ۽ قرباني ڏيندڙ لاءِ ايترو حق ھئڻ کپي پر ملائيشيا جي حڪومت ايڏي سخت ۽ قاعدي قانون جي پابند آھي جو ان معاملي ۾ بلڪل نٿي ٻڌي تہ ڪو ڌاريو ماڻھو سندن ملڪ ۾ ھميشہ جو سوچي اچي رھي.

ھونءَ دنيا ۾ ڪيترا اھڙا ملڪ آھن جتي ڪنھن ڌارئين کي ٻار ڄمي پوي تہ ٻار کي By Birth ان ملڪ جي قوميت مليو وڃي. مثال طور سريلنڪا، بنگلاديش، انڊيا کان وٺي ڪيترن ئي يورپي ملڪن ۽ آمريڪا تائين. ملائيشيا ۾ ڪنھن ڌارئين قوميت واري کي ٻار ڄمي پوي تہ ڪيس قوميت تہ پوءِ بہ نہ ملندي البت شناختي ڪارڊ ملي سگھيس ٿو. پر اھو شناختي ڪارڊ تڏھن ان ٻار کي ملندو جڏھن ھو لڳاتار ٻارھن سالن لاءِ ملائيشيا ۾ رھندو. بروناٺيءَ ۾ تہ ان جو مدو اڃا بہ وڌائي ٻاويھہَ سال ڪيو ويو آھي. يعني مٿوئي ويو. ڪير ٽيسيتائين جيئي ڪير مري ۽ ان وچ ۾ خبر ناھي ڪھڙا ٻيا قاعدا قانون ٿي وڃن. ڪو مولانو جنت لاءِ ٻڌائي رھيو ھو تہ جنت ۾ پھچڻ لاءِ جيڪو رستو آھي اھو وارو جھڙو سنھو آھي، تلوار جھڙو تکو آھي، وغيرہ وغيرہ. ھڪ ڳوٺائي وائڙن وانگر نھاري چيس: ”مولوي صاحب صاف صاف چئو تہ جنگ ۾ وڃڻ جو رستو آھي ئي ڪونہ.“ سو صاف صاف اھو تہ ھاڻ انگليند، جرمني، آمريڪا وانگر سنگاپور، ملائيشيا ۽ بروناٺي جھڙن ۾ بہ ڌارين لاءِ ھميشہ رھڻ جو ڪو رستو آھي ئي ڪونہ. پاروائيءَ ڪي چيم تہ ملائيشيا جي پنھنجي آدمشماري تہ ڪجھہ بہ ناھي، ڌارين کي بہ اچڻ نٿا ڏين پوءِ سندن ڪم ڪاريون خاص ڪري ھيناھين درجي جا مثال طور وٺن مان ربڙ ڪيڻ، ڪاٺين مان شيھو ۽ جست ڪيڻ يا پام جي وڻن مان تيل جون ڪڪڙيون ڳڏ ڪرڻ........ ڪير ڪندو؟ انجنيئرن، ڊاڪٽرن وغيرہ جي تہ ڪٽي ھاڻ سگھوئي ضرورت ختم ٿي وڃين جو سعودي عرب، لبيا، اردن، ڪويت وانگر ھنن ملڪن جا ماڻھو بہ تيز رفتاريءَ سان ڊاڪٽر انجنيئر ٿي رھيا آھن.“

”ڏکين ۽ نيچ ڪمن لاءِ اڄڪلھہ ھندستان بدران انڊونيشيا مان مزور طبقو گھرائين.“ پاروائيءَ ٻڌايو، ”انڊونيشيا ملڪ ھنن کي ويجھو بہ آھي، اتي جا ماڻھو ھتي جي ماڻھن وانگر مسلمان آھن، زبان بہ ذري گھٽ ساڳي اٿن. جيئن ھندي ۽ اردو زبان آھي، تيئن ملئي ٻاشا ۽ انڊونيشيا ٻاشا آھي. بلڪ اھي تہ لکڻ ۾ بہ ساڳيون آھن ـ سو ھنن کي انڊونيشي مزور گھرائڻ سولو ٿو لڳي. جيڪو ڪمائڻ بعد ھتي ٽڪڻ جو بہ نٿا سوچين ۽ پنھنجي وطن ھليا وڃن.“

”ڀلا توھان گذريل ويھہ ٻاويھہ سالن کان ھتي ئي دڪان کوليو ويٺا آھيو، ڪوالالمپور جھڙو وڏو شھر ھتان کان فقط سٺ ستر ميل کن ٿيندو، توھان جي دل نٿي چاھي تہ ھتان لڏي اتي ھلي دڪان کولجي.“

”دل تہ ڏاڍو ٿي چوي ۽ ھونءَ بہ جيڪي سھولتون شھرن ۾ آھن اھي ڳوٺن ۾ نہ آھن. شھرن ۾ اسپتالون، ٻارن جا اسڪول، آفيسون ۽ فارينرن جي اچ وڃ گھڻي آھي پر ھڪ تہ اسان جا ھاڻ ٻار وڏا ٿي جدا جدا ھنڌن تي ھليا ويا آھن ۽ ھاڻ آھي فقط اسان جو پنھنجو سِرُ! ۽ ٻي ڳالھہ تہ ڪوالالمپور ۾ دڪان ھلي ڪيڻ جوويچار ڪيترا دفعا ڪري وري اھو سوچي ماٺ ٿيو وڃون تہ ائين نہ ٿئي جو ھن آسودگيءَ کان بہ ھليا وڃون. ھو ڇا چوندا آھن تہ اڌ کي ڇڏي جو سڄي ڏي ڊڪي ان کان ڪڏھن اڌ بہ ھليو ويندو آھي.“

”ڪوالالمپور جو مشھور گلوب سلڪ اسٽور ٻڌو اٿم تہ ھڪ سنڌيءَ جو آھي. اتي ٻيا بہ سنڌي آھن يا ٻنھہ گھٽ؟“ مون پڇيو.

”ملائيشيا ۾ ايترا سنڌي نہ آهن. واپاري طبقي ۾ اٽڪل ڏيڍ سؤ کن فئمليون هونديون پر ۾ سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جيتوڻيڪ ننڍڙا ملڪ بيٺ نما آهن پر اتي سنڌي فئمليون ڏھ هزارن کان بہ مٿي ٿيون رهن. ڏور اوير جي ملڪن ۾ سڀ کان گهڻا سنڌي هندو واپاري ـ سنڌ ورڪي انڊونيشيا رهن ٿا. چڙو جڪارتا شهر ۾ پندرهن سورهن هزار فئمليون آهن ۽ سڄي انڊونيشيا ۾ پنجويھ هزار کن فئمليون ٿينديون.“

پارواٽي صاحب جي ننڍڙي دڪان ۾ ڪم واريون چار پنج ڇوڪريون ڦري رهيون هيون. سنڌن تعداد ۽ پگهار جو پڇيومانس.

”مون وٽ چار ڇوڪريون فل ٽائيم جاب ٿيون ڪن يعني صبح کان شامَ تائين نوڪريون ڪن ٿيون ۽ بہ ڄڻيون پارٽ ٽائيم ڪن ٿيون ـ اهي رڳو شامَ جو اچن. يعني شامَ جي وقت ڇھ ڄڻيون گراهڪن کي منهن ڏين جو مون وٽ شامَ جي وقت گهڻا گراهڪ شيون وٺڻ لاءِ اچن ٿا. جيڪي ڇوڪريون سڄو ڏينهن نوڪري ڪن ٿيون. انهن جو پگهار بہ سؤ پلس ڊالر ڏيان.“

بہ سؤ پلس معنيٰ پورا بہ سؤ نہ پر ٻن سون کان ڪجھ مٿي. ملائيشيا ۾ پلس لفظ تمام عام آهي. ڪنهن جو پگهار يا ڪنهن شيءِ جي قيمت يا تعداد پڇبو تہ چوندو تہ هزار ڊالر پلس يا چار ڊالر پلس يا اسان جي اڪيڊمي ۾ ڪئڊٽن جو تعداد اسي پلس ٿيندو. معنيٰ اسي تہ پڪ آهي پر ٿي سگهي ٿو تہ ٻياسي ڪن هجن يا چوراسي پنجاسي ڪن.

بہ سؤ ملئي ڊالر پگهار معنيٰ پنهنجا ٻارهن سؤ رپيا ـ جيڪو ڏٺو وڃي تہ ڪو گهٽ پگهار ناهي. جيئن اسان جي آفيسن جي ڪلارڪ ۽ ٽائپسٽ ڇوڪرين کي ٽي سؤ کان چار سؤ کن ڊالر پگهار ملي ٿي. يعني وڌ ۾ وڌ بہ هزار رپيا ڪن ٿيا، جيڪي ولايت جي لحاظ کان گهڻو پئسو ناهي. اهڙيءَ طرح مردن جا پگهار بہ ڪي گهڻا نہ آهن پر گهر ٻار سيڻي جو سنو هلي ٿو جو خرچ گهٽ آهي. ٻارن جي پڙهائي ۽ ڪتاب فري جا آهن. صاحت ۽ صفائيءَ جو گهڻو خيال هجڻ ڪري اگهائي گهٽ آهي جنهن ڪري ڊاڪٽر توڙي دوا جو خرچ گهٽ آهي. ان کان علاوه مفت سرڪاري اسپتالو ڳوٺ ڳوٺ، ڪمپونگ ڪمپونگ ۾ آهن. جهڳڙا فساد ڦڏا گهٽ هئڻ ڪري ماڻهو وڪيلن ۽ پوليس جي خرچن کان بچيل آهن. ڪپڙي جي هڪ ٻئي سان گهٽي ريس ناهي. شهرن جي ڇوڪرين ۽ عورتن ۾ بہ ٻنھ ناهي. سو ڪپڙي يا سلائيءَ تي ايترو خرچ نہ اٿن. چيني ۽ انڊين ڇوڪريون تہ جين جون پتلونون سڄو سال هلايو وڃن. وڏ ڳالھ تہ هتي اوچو ڪپڙو پائڻ ڪا وڏي ماڻهپي نٿي سمجهي وڃي. ان ڪري ان ڳالھ ڏي ڪنهن کي گهڻو ڌيان ناهي تہ ڪو سادن ڪپڙن ۾ آهي يا اوچن ۾. ڪاڏي پيتي جون ڪجھ شيون مهانگيون آهن پر روزمره جي استعمال جون شيون: اٽو، کنڊ، ڊبل روٽي، چانور، ڪڪڙ، بيضا، تيل، ٽوٿ برش، صابڻ مهانگا نہ آهن. زمين جام ۽ سستي آهي. ڪاٺ ٻيلن ڪري تمام سستو آهي. سو ڪاٺ جا گهر، ڇٽيون، چٽيون فرش، در دريون نهرائڻ سستو آهي. وڏن خرچن واريون دعوتون، برٿ ڊي، افطار پارٽيون ۽ ڊنرون وغيره نہ برابر آهن. جن تي خرچ ٿين. سو گهٽ پگهار بہ هتي گهڻو ٿو لڳي ۽ وڏي ڳالھ تہ گهٽ گهرجن ۽ ضرورتن ڪري هتي جا ماڻهو پنهنجي (پاڪستانين جي) مقالبي ۾ سکون جي زندگي گذارين ٿا ۽ هي بہ اڍائي سؤ ڊالر پگهار هتي جي ڇوڪرين لاءِ وڏي ڳالھ آهي جن جو خرچ تمام معمولي آهي، ان ڪري بچت چڱي ٿئين ٿي جو ويندي شادي وقت ڪيتريون ئي ڇوڪريون پنهنجي ڪپڙن ۽ زيورن جو خرچ پاڻ ئي ڏين بلڪ ٻئي خرچ ۾ بہ مائٽن جي مدد ڪن.

پارواٽي صاحب کان آخر پڇيم تہ ڪينيا، يوگنڊا، سريلنڪا جي لئبر لاءِ جيان هت بہ سرڪاري طرفان توهان لاءِ اهو ضرورت تہ نہ ڪيو ويو آهي تہ ڪجھ حصو مقامي ماڻهن جو دڪان ۾ رکو.

”نہ گهٽ ۾ گهٽ هن رياست ملاڪا ۾ اهو قانون اڃا رائج نہ ٿيو آهي تہ ٿيھ سيڪڙو مقامي ماڻهو رکڻا آهن. مون وٽ ڇھ ڇوڪرين مان چار چيني ڇوڪريون آهن. هڪ ملئي آهي ۽ هڪ تامل (انڊين) آهي.“

”توهان وٽ خريدار تہ ڪيترين ئي زبانن جا ايندا هوندا. توهان ڪهڙيون زبانون ڳالهائي سگهو ٿا؟“

”سنڌي، اردو/هندي ۽ انگريزيءَ ڪان علاوه ملئي ڀاشا پڻ، ٿوري ٿوري چيني بہ.“

نماشام جو وقت اچي ٿيو هو، سندس دڪان بند ڪرڻ جو وقت هو. آئون بہ ٿڪجي پيو هوس تہ پاروا‍ٽي پڻ جو پوءِ جيئن پاروا‍ٽي چانهہ لاءِ پڇيو تہ مون اُٿڻ جي اجازت گهريمانس.

# ڄامشوري جي رات......

شامَ جو نائين وڳي ڏارين سنڌ يونيورسٽيءَ پھتس. مونکي لاڙڪاڻي تائين وڃڻو هو پر سخت ٿڪل هجڻ ڪري رٿيل پروگرام مطابق رات ڄامشوري ۾ گذارڻ چاهيم. رضا حُسين گهلوءَ کان سنڌس ٽيچرس هاسٽل واري خالي ڪمري جي ڪُنجي انهيءَ ڪري اڳواٽ ورتي ڇڏي هيم ته متان ڪڏهن ڄامشوري ترسڻو پوي ته سندس غير موجودگي ۾ به رهي پوان. جيتوڻيڪ پهريون دفعو هو پر ٽيچرس هاسٽل کي ڳولڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿي جو هاءِ وي تان مڙڻ وقت بس جي انتظار ۾ بيٺل همراهن کان پڇڻ تي هنن ڏس ڏنو ته اها اتي ئي آهي ”تورو اڳيان کابي پاسي ڇوڪرين جي مارئي هاسٽل جو دروازو آهي، ان بعد ڪجھ وکون اڳيان ساڄي پاسي ٽيچرس هاسٽل جو گيٽ آهي.“

گيٽ وٽ پهچي وڌيڪَ پڪ ڪرڻ بنا سڌو اندر گهڙي آيس. هڪ جيپ ۽ به ڪارون بيون به اندر بيٺيون هيون، جن جي پاسي ۾ ڪچي تي ئي پنهنجي ڪار به پارڪ ڪيم. ڪار جي روشني ۾ مين گيٽ کان هاسٽل جي در تائين قطار ۾ لڳل وڻ، اڻ ڇهيل ۽ تکي ڳاڙهي رنگ جا گلاب جا گل سهڻا لڳي رهيا هئا. انهن کان علاوه ٻارين ۾ ٻيا ٻوٽا لڳل هئا جن جا نالا يا قسم ته اهم نه لڳي رهيا هئا پر اها ڳالھ ضرور ڏيان ڇڪائڻ جهڙي هئي ته هھڙي گرم جابلو علائقي ۾ پاڻيءَ جي کوٽ هوندي به ماليءَ چڱي محنت ڪئي آهي.

منهنجي پهچڻ کان ٿوري دير اڳ لائيٽ هلي ويئي هئي. شايد جهڪ يا طوفان ڪري - جيڪو رستي تي مونکي به مليو هو. ڪار ۾ ويني ويني بوٽ لاهي اتي ئي ڇڏيم ۽ پوئين سيٽ هيٺان هتوراڙيون ڏيئي چئپل ڪڍي پاتم. پوءِ ڪار جا شيشا چاڙهي دڪيءَ مان ڪپڙن جي ٻئگ، ٽيلهو، ٽارچ ۽ ٿرماس ڪڍي ڪمرن ڏي وڌيس. هاسٽل جي اڳيان کلئي آسمان هيٺان ڏھ ٻارهن ليڪچرار/پروفيسر سنڌي ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. هڪ ٻن جي لهجي مان هو اتر پاسي جا ٿي لڳا. هڪ شڪارپور پاسي جو ۽ هڪ سنئون سڌو ٺٽي يا اوسي پاسي جي پٽ جو لڳو ٿي. چانڊوڪي رات ته نه هئي پر تارن جي جهڙي تهڙي روشني ۽ سندن سگريٽ دکائڻ جي تجلي ۾ ڏٺم ته هو ڪرسين تي ٿي ويءَ اڳيان وينل هئا. ٿي وي ڏسندي ڏسندي ڪا لائيٽ هلي ويئي هئي ۽ هاڻ ٽي ويءَ جو ڪو پروگرام ڏسڻ بدران اتي ويني ويني ڪچهري تي ڪيائون. هونءَ به اسان جي ملڪ جي ٽي وي وندر جو هڪ باجو يا ڪيل تماشو هجڻ بدران مذهب ۽ مسجد، اسڪول ۽ پڙهائي، حڪومت ۽ پارٽي پروپيگنڊا جو اهڙو دٻو ٿيندي وڃي جنهن اڳيان سمورو وقت فقط صابرين ئي ويهي سگهن ٿا يا اهي جن جا فوٽا ان دٻي تي اچڻ وارا آهن. بقول هڪ خارباز (يا حقيقت پسند) يونيورسٽي گريجوئيٽ جي، اهڙي ٽي وي ڏسڻ کان بهتر آهي ته سپر هاءِ وي تي ويهي موٽرون ۽ لاريون ڳڻجن جو ان ريت وڌيڪَ سٺو وقت گذري سگهي ٿو.

ليڪچرارن جي اڳيان لنگهڻ وقت هنن جو ڳالهائڻ ٿوري دير لاءِ جهڪو ٿي وري ساڳي لس ۽ رفتار ۾ اچي ويو - شايد اهي لمحا هنن جو ڌيان، ڳالهائڻ توڙي ٻڌڻ وارن جو مون ڏي هليو ويو ته هي اوپرو آيل ماڻهو ڪير ٿي سگهي ٿو ۽ پوءِ ٿي سگهي ٿو ته مونکي به هن هاسٽل جو هڪ رهاڪو سمجهي پنهنجين پچارن ۾ لڳي ويا . روشني هجي ها ته ٿي سگهي ٿو، انهن مان ڪو مونکي سڃاڻي ها ۽ آئون به هنن مان ڪنهن کي سڃاڻي وٺان ها پر اونده ڪري سڃاڻپ ٿي نه سگهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن مونکي ويجهڙائيءَ ۾ ڏٺو هجي يا منهنجو ڪو ڪتاب به پڙهيو هجي، پر ان وقت هنن جي خواب خيال ۾ به نه هوندو ته آئون اڳيان لنگهي ويس. هنن جي ليکي آئون سمنڊ جي ڇولين تي هوندس يا ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾. پر ڪين ڪهڙي خبر ته آئون هن گهڙي لاءِ ڪيترن سالن کان سڪي رهيو هوس. جهاز ڪراچيءَ ۾ بيٺل هجي. ٻئي سفر لاءِ سندس انجڻ ۾ ڪو ڪم يا مسئلو نه هجي. پوءِ هفتو کن موڪل وٺي سنڌ جي ڏيھه ۽ ويڪر ۾ چڪر ڏجي. ڪيترا

ننڍپڻ جا ڪلاسي، ڪاليجي، جاڳا سڄاڻا ۽ اديب دوست سڄي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ جڻ ٻرڪيا پيا آهن. انهن سان ملڻ جي سِڪ. ان ڪان علاوه سنڌ جي پراڻين ۽ تاريخي جاين ڏسڻ جو شوق.

ويهه پنجويهه سال اڳ جڏهن مئٽرڪ يا انٽر ۾ هوس ته سنڌو نديءَ جي ٻنهي پاسن وارن شهرن: ڪراچي، حيدرآباد کان وٺي خيرپور سکر تائين ۽ روهڙي لاڙڪاڻي کان وٺي دادو سيوهڻ تائين اختر عباسي، شوڪت جماڻي، ميجر نجم قاضي ۽ مرحوم عبدالرحمان ميمڻ انجنيئر وارن سان گڏ انهن شهرن ۾ وڃي رهيو هوس. خيرپور ۽ سکر ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي مرحوم الطاف عباسي ۽ رشيد پٽي وارا روهڙي، ساڌ ٻيلو ويندي ڪالڪا ديويءَ جي مندر ۽ الور جهڙين ڪيترن ئي تاريخي جاين تي وٺي هليا هئا. اها ٽرپ مونکي اڃا نٽي وسري ۽ ان جهڙي ئي ٻي ٽرپ هڻڻ جي شوق، سک ۽ سڌ ۾ اڄ سالن بعد وڃي وقت مليو هو. هونءَ ته ڄامشوري وارو حصو سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، ميڊيڪل ڪاليج گهمڻ معنيٰ سڄي سنڌ جي چپي چپي جي ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ جو جو سڄي سنڌ جا هوشيار، ذهين، ڳوڙهي سوچ رکندڙ شاگرد، شهرن توڙي ڳوٺن جا رهاڪو، وڏيرن توڙي غريب ڪڙمين جا ٻار ـ سڀ هتي ئي ملن ٿا. پر ڄامشورو، حيدرآباد ۽ ڪراچي ويجهو هجڻ ڪري اتي ٻئي ڪنهن دفعي هڪ ڏينهن جي موڪل تي به اچي سگهجي ٿو. ان ڪري هن دفعي هتي ڄامشورو ۾ ڪنهن سان به ملڻ بدران سڌو سيوهڻ دادوءَ مان ٿيندو لاڙڪاڻي تائين وڃڻ جو پروگرام هوم. ۽ واپسيءَ تي روهڙي، سکر، خيرپور، نوابشاهه وغيره ۾ ترسڻ جو. جيتوڻيڪ ڇئن پنجن ڏينهن جي موڪل ۾ ڇا ٿو ڪري سگهجي پر جتي سڄي دنيا جا ائين ئي چڪر پيا هڻجن اتي ڪجهه نه ڪجهه پنهنجو وطن به ڏسڻ جي ويچار کان نڪتو هوس.

منهنجو جهاز ان رات ٻي بجي ڪولمبو کان ڪراچي پهتو هو. سڄو ڏينهن انجڻ روم جي گرميءَ ۾ ڪم ڪندي هيڪاندو ٿڪ هو. پنجين بجي جهاز ڇڏي سڌو سپر هاءِ وي ڏي رُخ رکيم ۽ هتي پهچڻ تي لائيٽ نه هجڻ ڪري اها به خوشي ٿي ته هاڻي ڪنهن سان ملڻ جلڻ بدران چپ چاپ يڪ ساهيءَ ست اٺ ڪلاڪ سمهڻ جو موقعو ملي ويندو ۽ گذريل ٻن ٽن ڏينهن جي اوجاڳي جو ٿڪ ته هليو ويندو پر اڳتي جي سفر لاءِ به تازو ٿي وڃبو. هڪ اهو به سبب هو جو حيدرآباد شهر ۾ ڪنهن دوست يا مٽ مائٽ وٽ ترسڻ بدران هن هاسٽل ۾ رهڻ بهتر سمجهيم.

اٽڪلي ٽالو کولي، ڪمري ۾ گهڙي ٽارچ ٻاريم. در وٽ ڪنڊ ۾ رکيل رئڪ تي ميڻ بتين جا ڍير اڏڙ ۽ ماچيس رکيل هو جنهن مان لڳو ته لائيٽ جو وڃڻ روزمره جي روٽين آهي. ميڻ بتي ٻاري ٽيبل تي رکيل ڦلهيرداڻيءَ مٿان رکيم ۽ پوءِ کٽ تي ويهي ڪمري جو جائزو ورتم. وڏو شاهي ڪمرو هو. هڪ ڪنڊ ۾ ڇئن خانن وارو ٽيبل رکيل هو، ٻيءَ ۾ وڏو لوهي ڪٻٽ، ٽي ڪنڊ تي ٻن خانن وارو ڪٻٽ هو ۽ چوٿين ڪنڊ ۾ رکيل ٻماڙ ٽيبل تي بوٽ، شيونگ جو سامان، ڏندن پڳل ڦٽي، کٽ لڳل ڪري ۽ مر لڳل صابڻ داڻي رکيل هئي. پلنگ چڱو ويڪرو ۽ لوهه جو هو جيڪو پٽ سان لڳل هو. وچ تي ڪاٺ جي ٽيبل ۽ چار ڪرسيون. ايتري سامان هوندي به ڪمري ۾ هلڻ چلڻ لاءِ چڱي ٻچيل جاءِ هئي. مٿي ڇت وارو پنکو. اهي سڀ شيون هاسٽل طرفان مليل هيون. اسان جهڙي غريب ملڪ جي اسٽئنڊرڊ کان تمام اعليٰ رهائش ڇئبي. آمريڪا ۽ يورپ جي امير ملڪن جي ڪجهه شهرن ۽ سعودي عرب جهڙن ملڪن ۾ ڪٽي رهائش لاءِ ان کان سٺيون هاسٽلون هجن پر انهن ملڪن جي تعليم لاءِ رکيل بجيٽ به ته اسان کان ڏهوڻي ٿيندي. بهرحال بنا ڪنهن شڪ شبهي جي سريلنڪا ۽ بنگلاديش کان ملايا، ٿائلنڊ ۽ برما تائين ۽ ڏکڻ آمريڪا جهڙن ملڪن جي شاگرد هاسٽلن سان اسان جي ملڪ جون هاسٽلون مقابلو ڪري سگهن ٿيون. اها ٻي ڳالهه آهي ته گذريل ڪجهه سالن کان شاگردن جو تعداد وڌايو ويو آهي پر سنڌن رهائش جو بندوبست نه هجڻ ڪري هر ڪمري ۾ شاگرد ائين سٿيا وڃن ٿا جڻ هاسٽل نه ٿي علي بابا جو ڊرامن ٿيو، جنهن ۾ ڪٿڻ بدران هر قسط ۾ ڪردار وڌندا وڃن.

پر هن هاسٽل جا همراهه وري به خوش نصيب آهن جو پلان موجب هڪ ماڻهوءَ لاءِ هڪ ڪمرو تهيل آهي. ته هڪڙو ئي ماڻهو ٽڪيل آهي پر هتي جيڪو رهيل هوندو ان کي ڪهڙي سڌ ته هو ڪيترو خوش نصيب آهي. يا شايد جهاز جي ننڍڙين ڪئبنن ۾ رهڻ ڪري مونکي هي ڪمرو وڏو لڳي رهيو هو.

ٻاهر نڪري، ورانڊي جي ڪنڊ ۾ رکيل ڪولر مان ٿرماس کي ڀري آيس. ٻاهر ڪرسين تي اڃان تائين ماستر صاحب ويٺا هئا. هونءَ ماستر کي ماستر چوڻ آهي ته خراب ڳالهه پر جيئن ته آئون ٻاڻ به سال سوا کن ماستر رهي چڪو آهيان ان ڪري آئون اها حجت ڪري ماستر کي ماستر لکڻ جي همت ڪريان پيو، پوءِ چاهي اڳلو ليڪچرار هجي يا پروفيسر، پر ٿيو مڙيئي ساڳيو ڌنڌو ”پڙهائڻ“، يعني ماستري جو . ٻه چار سال اڳ جهازران ڪمپنيءَ طرفان ٻين ڪئپٽنن ۽ چيف انجنيئرن سان گڏ مونکي به مئرين ڪاليج ۾ پڙهائڻ لاءِ رکيو ويو ۽ اهو عرصو انجڻ جي گوڙ گهمسان ۽ دنيا جي بندرگاهن جي هل هنگامي مان نڪري ڪلاس روم جي دنيا ۾ ڏاڍي فرحت ۽ مزو ماڻيو هوم. تانءَ ۾ پرجي جهازراني ۽ جهاز سازي جي مختلف عنوانن تي شاگردن اڳيان ائين ليڪچر انگهائي ڏيندو هوس جيئن ڳوٺ جي مسجد جو ملون جمع نماز تي ڳوناٽن اڳيان خطبو پڙهندو آهي. اهو سڄو سال سوا زندگي چاڪن، بلئڪ بورڊن، اوورهيڊ پروجيڪٽر، ٽرانسپرنسيز (سلائيڊن)، هئنڊ آئوٽ ڏٽن ۽ انجڻين جا ماڊل ڏيکارڻ جي چوڌاري ڦرندي رهي. چانهه جي ٽائيم تي به جهازن، بندرگاهن، رفتار ۽ لنگر ڪٽڻ جون ڳالهيون ڪرڻ بدران اسين ماستر يعني چيف انجنيئر ۽ ڪئپٽن اهي ئي ڳالهيون ڪندا رهياسين ته اڄ اسٽوڊنٽس گهٽا آيا“. ”هاڻ ڪنهن جو پيرڊ آهي.“ ”سياڻي ڪنهن کي پيرڊ نه آهن.“ وغيره وغيره. ڪئپٽن تجمل رکي رکي تن ڏينهن جي تنهن زندگيءَ ۾ چوندو هو ته يار ٻاڻ کي ”پيرڊ“ بدران ”ڪلاس“ چوڻ کپي. پيرڊ وري چا جا. پيرڊ ته عورتن کي ايندا آهن. مهيني جي آخري ڏينهن ۾ ڪئپٽن تجمل کان ڪڏهن چانهه لاءِ ڪلا پئسا گهرندو هوس ته ٽڌو ساهه کڻي چوندو هو: ”پارٽنر! هفتي کان کيسو خالي ٿيو پيو آهي. بس ماستريءَ ۾ رڳو مٺو ڪپاٽو ٿو پوي.“

بهرحال ان ماستريءَ بعد جتي به ڪو ماستر نظر اچي ٿو، چاهي پرائمري اسڪول جو سنڌي ماستر هجي يا ڪنهن پروفيشنل ڪاليج جو پروفيسر صاحب، ته هو پنهنجو ئي لڳي ٿو ڪجهه ڪجهه اهائي پنهنجائپ جيڪا اديب هڪ ٻئي لاءِ محسوس ڪن ٿا ۽ پنهنجائيءَ ڪري پروفيسر چوڻ بدران عام لفظ ماستر ئي استعمال ڪريان ٿو، يعني منهنجي پروفيشن جا ماڻهو. ماستر صاحبن اچا ويٺي ڪچهري ڪئي. انگلينڊ جي شهر سائوٿ شيلڊ جي هنن ويٺي ڳالهه ڪئي. شايد اتان ڪو ويجهڙائيءَ ۾ ٿي آيو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسٽاف ۾ ڪيترائي اهڙا پروفيسر آهن جيڪي ولائتن مان پي. ايڇ ڊي ڪري آيا آهن. ڪيمسٽري فزڪس، فزيالاجي، جيالاجي، مئٿس، ايڪنامڪس وغيره وغيره ۾ ڊاڪٽر مگريو، منير مهيسر، مشتاق بلوچ ميراڻي، امداد علي، رفيق آرائين، عبدالرزاق ابڙو، عڪس بخاري ۽ ٻيا ڪيترائي جن مان ڪي هتي جا ٻاهر ڏٺا اٿم ته ڪن جا رڳو نالا ٻڌا اٿم.

ڪمري ۾ اچي ٿرماس جي ڍڪ ذريعي ٿڌي پاڻيءَ جو اڌ ڪن ٿرماس پي پوءِ ليٽي پيس. لائيٽ ته هئي ڪانه جو ڪجهه ڪٽي پڙهي سگهجي. پنکو به نه پئي هليو. پر جام شوري جي ٿڌي ٿڌي هوا دريءَ مان گهو گهٽ ڪندي پئي آئي جنهن کي پسي پيٽارو جو زمانو ياد پئي آيو. پيٽارو ۾ به جامشورو وانگر اونهاري ۾ ڏينهن جو ڪٽي گرمي ٿئي ٿي پر شامَ کان وٺي جيڪي هوائون لڳن ٿيون ۽ رات جنهن (pleasant-temperature) تائين نري ٿي، ان جو دنيا ۾ جواب ناهي. جامشوري، پيٽاري ۽ حيدرآباد جي شامن ۾ جيڪو نشو يا خمار آهي ان کي ته چاليهه سالَ اڳ ويل هندو واپاري ۽ انگريز حاڪم به وساري نه سگهيا آهن.

پيٽارو کي الوداع چئي چٽگانگ پهچڻ تي پهرين شيءِ جا مونکي ياد آئي سا موسم هئي. حيدرآباد پاسي جي ٿڌين راتين جي چٽگانگ جي گهميل راتين سان ڪيئن ٿي ڀلا ڀيٽَ ڪري سگهجي. مون به دنيا

گهمي آهي ٻين بہ دنيا ڏٺي وائٺي آهي. آهي ڪو اهڙو ملڪ جتي تارن هيٺ ٿڌي هوا ۾ سمهي سگهجي. ڪا جڳهہ هوندي بہ تہ اتي وري گهمر بہ شامل هوندي، يا وري آڌي رات ڪانپوءِ پارو وسندو هوندو يا واريءَ ۽ ريتي جا چينڊڙ طوفان هوندا يا ٻنهين ۽ مڇرن جا انبوهہ! ”پيٽارو ۾ هيترا سالَ رهڻ دوران ڪڏهن بہ هنن راتين جو قدر نہ ٿيو.“ مون دل ۾ سوچيو، ”جيئن هنن يارن کي نہ ٿيندو هوندو، جيڪي ٻاهر ڪچهري وينا ڪن، تہ هو ڪيتري تہ فرحت بخشي موسم جي مزي ۾ آهن ـ جنهن جو ڪو مٽ ناهي. جنهن جي ڪا قيمت ناهي. جنهن جو ڪو جوڙ جيس ناهي.“

ڪراچي يا جهاز جي گهما گهمي واري زندگيءَ کان ڄامشوري ۾ ڪيڏو نہ سڪون هو. ويتر ان رات ٻتي بندهجڻ ڪري شامَ کان ماٺ منوڙو لڳي ويو هو. رکي رکي ٻاهران فقط هنن همراھہ جي ڳالهائڻ جو اڻ چٽو آواز يا ٺهڪڙو ٻڌڻ ۾ آيو ٿي ـ يا وري ڏيڏرن جو ٽڙڪات. دل چيو پئي تہ جيڪر ويجهو وڃي سندس ڳالهيون ٻڌجن. ويجهو وڃي سندن ڪل خوشين ۾ شامل ٿجي. پر سخت ٿڪل هوس. سڄو ڏينهن هليو هوس. ان کان اڳ واري رات بہ چڱيءَ طرح ننڊ نہ ڪئي هيم ۽ ٿي سگهي ٿو مون ڌارئين جي موجودگيءَ ۾ سندن ماحول ڪجھہ پُر تڪلف ٿي وڃي ها. ان ڪري بستري تي ئي ليٽي ليٽي ٿڪ پڃندو رهيس. هٿ ۾ ٽوال جهلي وهنجڻ لاءِ تياريون پئي ڪيم. واچ ۾ ان وقت ڏنم تہ رات جا ساڍا نَوَ ٿيا هئا. ڏيڏرن جي رکي رکي رڙ ٿيندي رهي.

”خبر ناهي هيءَ سندن روزمره جي routine آهي يا اڄ ڪا abnormal ڳالهہ ٿيڻ واري آهي! شايد مينهن وسي.“ مون سوچيو ۽ ان بعد اُٿي کڙو ٿيس.

وهنجڻ جاين ۾ گئس ٻتي ٻري رهي هئي سو ٻنا ٽارچ جي اُتي پهچي ويس. ڪمري مان نڪرڻ وقت اها پڪ نہ هئي تہ ويتر پاڻي هوندو يا نہ. پاڻي گهٽ يا نہ هجڻ جو مسئلو تہ سڄي ملڪ سان لاڳو ٿيندو وڃي. ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ اُهو ساڳيو ڪتراڳ آهي تہ هالا، ٻوبڪ، جهڏي جهڙن ڳوٺن ۾ بہ. سو پاڻ کي ذهن طرح تيار ڪري وهنجڻ لاءِ اُٿيو هوس تہ پاڻي نہ هوندو تہ ائين ئي اچي سمهي رهندس.

باٿ روم ۾ پهچي در بند ڪرڻ کان اڳ ڦوهاري جو نلڪو ڦيرائي ڏٺم پاڻي پريشر سان ڦوهاري جي مڙني ٽنگن مان ٻاهر نڪري آيو. دل خوش ٿي وئي. ”ايتري گهٽي ۽ تيز پاڻيءَ سان ياد نٿو اچيم تہ ڪو ويجهڙائيءَ ۾ وهنتو هجان.“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو ۽ پوءِ ڪا دير پاڻ کي پسائيندو رهيس. ٿورو ٿورو ڏوهہ جو احساس بہ ٿيم تہ ضرورت کان وڌيڪ پاڻي وڃايان پيو ـ پر اهو هوش پوءِ دير سان آيو تيسين چرين وانگر، ڦوهاري جو ٽڪڻ ۽ چاتيءَ تي فوڪس رکي وهنجندو ندو رهيس. پوءِ مس مس وهنجڻ جي جند ڇڏي، ٽوال ويڙهي ٻاهر نڪتس. لائيٽ اڃا نہ آئي هئي. سامهون ورانڊي مان اينڊڙ بہ همراھہ منهنجي اڳيان ڪراس ڪري مٿي ماڙي ڏي ويا. ٻلجي ڪجھہ پڇيائون پر ان ئي مهل ڪين احساس ٿيو تہ آئون ڌاريون آهيان ۽ وڌيڪ ڪڇڻ پڇڻ ٻنا هليا ويا. آئون بہ خوش هوس تہ اوندهہ ڪري هڪ لنڊي ۽ ڦاٽل ٽوال ۾ ڳڌارو ٿي ويو نہ تہ پرائي هاسٽل جي ورانڊي مان ائين هلڻ ڪيڏو خراب ٿو لڳي. بهرحال ساڳي وقت تيار بہ هوس تہ جي اوچتو لائيٽ اچي ويئي تہ يارهين نمبر ڪمري تائين سؤ ميٽرن جي وٺي ڊوڙ پائيندس.

ڪمري ۾ پهچي ڪپڙا پاتم. ميڻ ٻتي آخري لمحن ۾ هئي ۽ وارننگ ڏيئي رهي هئي تہ سمهڻ جي جلدي تياري ڪريان يا ڪو ٻيو سريلو اڏڙ ڳولي ٻاريان. آئون سمهڻ جي موڊ ۾ هوس سو جلدي جلدي وچ تي رکيل ڪرسيون ۽ ٽيبل ڪند تي پاسائتا ڪيم جيئن رات جو گگھہ اونداهيءَ ۾ اٿڻ تي ٺاٻڙجي نہ پئجي. ڪٻٽ مان چادر ڪڍي کٽ تي وڇايم ۽ وهاڻي هيٺ عينڪ رکي ليٽي پيس. جلد ئي ننڊاڪڙو محسوس ڪيم پر ڏيڏرن جي رکي رکي رڙ تي اک کلي ٿي پيئي. ”خبر ناهي هڪڙو ڏيڏر آهي يا سڄي پلٽون.“ ننڊ کي آٽڻ لاءِ وري هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون سوچڻ لڳس. ”هڪ ڏيڏر جو ايڏو وڏو آواز تہ ٿي نٿو سگهي. پر جي

هڪ ڪان وڌيڪ آهن تہ اهو ڪمال آهي جو سڀ هڪ ئي وقت ماٺ ڪن ٿا ۽ هڪ ئي وقت ڦاٿن ٿا. هونءَ لڳي ٿو تہ هيءَ هتي جي نارمل ڳالهہ آهي تڏهن تہ ڪو بہ ان ڪي ڌيان ۾ ئي نٿو آڻي. بس هي ڪم بہ ائين جيئن بندرگاهہ تي سڄي رات جهاز گهگهو پيا هڻندا آهن، جن جو ڦرڙاٽ نئين آيل کي تہ ڊسٽرب ڪري سگهي ٿو پر اسان کي ڪو احساس ئي نہ ٿيندو آهي يا جيئن ريلوي اسٽيشن جي آس پاس وارا گهر، ريل جي ڪوڪَ جا عادي هوندا آهن.“

ڏيڏر ڦاٽندا رهيا. آئون سوچيندو رهيس. تان جو خبر ناهي ڪنهن ويل ننڊ اچي ويئي. صبح جو اک کلي تہ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هر شيءِ صاف نظر اچي رهي هئي. ڇت وارو پنکو آهستي آهستي هلي رهيو هو. رات جو خبر ناهي ڪنهن مهلَ لائيٽ اچي ويئي هئي. ڏيڏرن جي ٽان ٽان بند ٿي ويئي هئي. دريءَ ٻاهران وڻ تي وينل ڳيرو ذڪر ڪري رهيو هو. وقت ڏنم پورا ڇهہ ٿيا هئا. هٽ منهن ڌوئي ڪار مان رڪڻ جا بوٽ ڪيدي ٻاهر جا گنگ لاءِ نڪتس. چوڌاري ماٺ منوڙو لڳو پيو هو. گهٽي پاڳي ماٺهو اڃا ننڊ ۾ هئا. بورچي ڇٻو ڪٽي شهر ڏي ويندڙ بس جو انتظار ڪري رهيو هو. پنگي گهرن اڳيان ٻهاري ڏيئي رهيو هو. آئون ٻاهر نڪري مهراڻ يونيورسٽيءَ ڏي مٽي ڊوڙڻ لڳس. واپسيءَ تي ٽيچرس هاسٽل ۽ مارئي هاسٽل جي وچ وٽ فقط عبدالجبار جوڻيجو واڪ ڪندي نظر آيو. ”سڄي يونيورسٽيءَ ۾ چا صحت کي صحيح رکڻ جو اونو سواءِ ڊاڪٽر عبدالجبار کي ئي آهي!“ ساڻس سلام دعا ڪري کلي اها ڳالهہ چئيمانس.

هاسٽل ۾ موٽڻ تي اڃا سڀ ستل هئا، شايد موڪل جي ڏينهن ڪري! ميس جو ٻڍڙو وراندي مان لنگهي رهيو هو. ”جوان! چانهہ ملي سگهندي؟“ ٻڍاپور جو سنڌي ٻڍڙو ادب ۾ نهنائيءَ سان هائوڪار ڪري ويو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ ڪٽليءَ ۾ گرم چانهہ ۽ ڪوپ ڪٽي آيو.

”سائين ڪنهن جي نالي لکان؟“

”ابا، منگيءَ جي نالي جيڪو واردن واري ڪمري ۾ رهيل آهي.“ مون ڪيس رضا حسين جي چوڻ مطابق سندس دوست جو نالو لکايو.

چانهہ پي ڏاڙهيءَ جو سامان ۽ چپل وغيره ڇونڊي ڪپڙي جي ٻئگ ۾ وڌم. چادر کي ويڙهي واپس ڪٻٽ ۾ رکيم. انهيءَ وچ ۾ هاسٽل ۾ رهندڙ ماستر بہ هڪ هڪ ٿي اُٿي ويا جو ٻاهر ڪمرن کلڻ جا آواز شروع ٿي ويا. ٻاٿ روم ۾ وهنجڻ جا آواز. وڊيو تان مهنتار ۽ ناهيد اختر جي ڳائڻ جا آواز. زندگيءَ جا آواز ۽ خوشيءَ جا شروع ٿي ويا. آخري دفعو روم جي چوڌاري نهار ڪري اُٿيس ۽ پنهنجي ڌوڙاٽيل گاڏي اسٽارٽ ڪري اڳتي جي سفر لاءِ نڪري پيس.

# ڪراچيءَ جي سواري

ڪراچيءَ ۾ جپاني قونصل خاني جي لئبرريءَ مان ڪتاب وٺي رهيو هوس تہ بہ جپاني ڇوڪرا قونصل خاني ۾ هڪ جپاني آفيسر سان ڳالهائي رهيا هئا. ڪراچي جي رستن جا نالا ۽ ڏس پتا پڇي رهيا هئا. ڪين سفر جا سادا ۽ مضبوط ڪپڙا جينز بشرٽ پهريل هئا. پنن تي خاڪي ڳوٿرا ٻڌل هين جن مان سمجهي ويس تہ هي شاگرد ياڻ ننڍين نوڪرين وارا آهن جيڪي پيرين پنڌ، هچ هائيڪنگ (سواري ڪان لفٽ وٺي) يا سستي ياڙي ۽ گهٽ خرچ وارين هوٽلن ۽ سوارين ۾ چڙهي ملڪ جون تاريخي جايون گهمڻ آيا آهن يا وري گلگت پاسي اسان جا جبل ڏسڻ ۽ انهن جي چوٽين تي چڙهڻ لاءِ هتان اچي نڪتا آهن. ٿوري دير لئبرريءَ ۾ ترسي، ڪِتاب وٺي ٻاهر نڪتس تہ در وٽ وري اهي ساڳيا جپاني ڇوڪرا مليا جي وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهاريَ رهيا هئا. سمجهي ويس تہ هي پڪ مُنجهي پيا آهن تہ ڪهڙي طرف وڃجي، جو ان گهٽيءَ جو هڪ پاسو صدر اسٽيسن ڏي وڃي ٿو، جتان ڪين ٽئڪسي رڪشا سولائيءَ سان ملي سگهي ٿي ۽ ٻيو پاسو مهراڻ هوٽل ڏي جيڪو وٽن ها تہ ڪين گهٽو پنڌ هلڻ بعد ڪا سواري ملي ها.

مون ڪانئن جپانيءَ ۾ پڇيو تہ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ ڊوڪو مادي اڪي ماسوڪا.

”ايئرپورٽ“

”آئون ايئرپورٽ جي اڏ تائين وڃان پيو. چئو تہ اوستائين وٺي هلانوَ پوءِ توهان پاڻهي هليا وڃجو.“

ٿورو مُنجهي ۽ هبڪي پوءِ اري گاتو گوذائي ماشتا (مهرباني) چئي منهنجي ڪار ۾ وينا. مونکي بہ گهٽي پڪ نہ هئي تہ ڪو ويهندا. جو اسان جهڙن ملڪن جي هي ڌاريان ماڻهو اڱهين جاڻ وٺي اچن ٿا تہ بدامني آهي يا نہ ۽ ڌارئين جي ڪار ۾ ائين ويهڻ ڪپي يا نہ. اسان ياڻ بہ آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ بہ سوچي سمجهي هلندا آهيون ۽ رستي تي مرد تہ چا پر عورت ڪان بہ لفٽ وٺندي گريز ڪندا آهيون ـ جو ڪيترا اهڙا واقعا ٻڌا هوندا جو ويهڻ بعد ڪيس ڪجھ سونگهائي ڦريو ۽ ماريو ويو هوندو. اسان جي ملڪ ۾ ڪٿي آمريڪا، اولهہ آفريڪا ۽ يورپ جي ڪجھ ملڪن جهڙي بدامني ۽ بي پرواهي ناهي پر تہ ڪهڙي خبر تہ هي ڌاريان ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌي هتي آيا هجن سو ان ڪري مون گهٽو زور ڪرڻ نٿي چاهيو پر ساڳي وقت جپانين جهڙن ڌارين کي پنهنجي ملڪ ۾ ائين وائڙو ڇڏي بہ نٿي وڃڻ چاهيو جو سندن ملڪ ۾ جڏهن اسين مُنجهي پوندا آهيون تہ هنن جو ننڍو وڏو رستو ڏيکارڻ، گاڏيءَ جي چڙهڻ يا اچڻ جو وقت ٻڌائڻ، ٽڪيٽ جو اڳهہ معلوم ڪري ڏيڻ وغيره وغيره لاءِ پورو پاڻ پتوڙيندو آهي، چاهي هو ڪيترو بہ مشغول هجي پر ڌارئين کي ڏڳ لائيندو آهي.

مونکي شهيد ملت روڊ تي وڃڻو هو سو ڪين اوستائين وٺي هلڻ جو اردو ڪيم جيئن هنن نوجوانن جو ڪجھ ياڙو بچي پوي. پنهنجي جپاني تڪي ڪرڻ ۽ وقت پاس ڪرڻ لاءِ ساڻن جپانيءَ ۾ خبرون ڪرڻ لڳس: ”ڊوڪوني سندي اماسڪا“ توهان ڪٿي جا آهيو؟

”ٽوڪيو جا.“

”گاڪوسي ديسڪا“ (شاگرد آهيو؟) پڇيومان.

”نہ هن وقت شاگرد نہ آهيون. تازوتازو ڪاليج پڙهي پورو ڪيو اٿئون.“

مونکي جپانيءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌي هو وائڙا ٿي نيٺ پڇڻ لڳا:

”انا تا دوناتا ديسڪا ـ توھان ڪير آھيو؟“

”وتاشي وا فوني نو ڪي ڪان چو ـ پاٽيءَ جي جھاز جو چيف انجنيئر آھيان، سيلاني آھيان، توھان جو ملڪ بہ ڪافي جھاڳيو اٿم. اڃان توھان پرائمري اسڪول ۾ مس ھونداءُ تہ ان وقت ڪان وني جپان اچڻ وڃڻ شروع ڪيو اٿم تہ ھي ڏينھن اچي ٿيا آھن.“

”اسان جو شھر ٽوڪيو تہ توھان ڏٺو ھوندو؟“

ڪين تعجب ۾ وجھڻ لاءِ ڪلي ٻڌايم: ”ٽوڪيو تہ ڇا پر اوساڪا، يوڪوھاما، نگويا، ڪوبي، موجي، شمنو سيڪي، ھاچي نوحي، شيمزو، وڪاياما، خبر ناھي ڪيترا شھر ڪيترا ڳوٺَ، ڪيتريون وستيون، ڪيترا واھڻ توھان جي ملڪ جا ڏسي ڇڏيا اٿم. توھان ڪريو خبر ھنن موڪلن ۾ ڇا گھمڻ آيا آھيو؟“

”جبل تي چڙھنداسين“

”ڪشمير ٿا وڃڻ چاھيو؟ گلگت ۽ ھنزا پاسي؟“ مون پڇيومان.

”نہ اوڏانھن نہ.“ ھنن وراڻيو.

”تہ پوءِ ايئرپورٽ تان ڪيڏانھن ويندئو؟“ مون پڇيومان.

”تنزانيا.“

”ڪليمنجا روجبل لاءِ؟“ مون پڇيو مان

”ڪلمينجارو جبل  توھان ڏٺو آھي؟“ ھنن مونکان پڇيو.

”نہ يارو، رڳو ٻڌو اٿم. ٻڌا تہ ٻيا بہ خوبصورت جبل، نديون، ڍنڍون ماتريون اٿم پر ھن کي ان ڪري ڏسڻ جو شوق اٿم جو منھنجي دلپسند ليکڪ ھيمنگوي ھن جبل جو ذڪر پنھنجي ڪِتابَ ۾ تفصيلَ سان ڪيو آھي.“

ان تي جنھن جپاني نينگر کي انگريزي صفا نہ پئي آئي تنھن جپانيءَ ۾ وراڻيو: ”مون بہ ھيمنگوي جو اھو ناول پڙھيو آھي.“

”واٽڙو تي پڇيومانس: ”تو پڙھيو آھي ـ انگريزي ليکڪ ھيمنگوي جي؟ ڪھڙا ڪھڙا ناول پڙھيا اٿئي؟“

”ذري گھٽ سڀيئي“ ھن سڪون سان وراڻيو.

”سڀيئي!“ مون کان رڙ نڪري ويئي. آرسيءَ ۾ڪيس گھوريندي چيم، ”پر توکي تہ يارَ انگريزي صفا نٿي اچي؟“

”او جپاني ايڊيشنو“ ھن ڪلندي وراڻيو. مون کان بہ کل نڪري ويئي. دل ۾ چيم تہ اھا ڳالھ ڪر نہ تہ اھوڪم ائين پئي لڳو جيئن آئرليند جو انگريز چوي تہ ھن عبدالحسين جي سنڌي پڙھي آھي يا مشتاق شوري جا سنڌي افسانا پڙھيا آھن.

بھرحال ترجما ادب ۾ اھم رول ادا ڪن ٿا. ڌارئين زبان سکڻ پنيان سالَ وڃائڻ بدران ڌارئين زبان جو ادب پنھنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو پڙھڻ ھڪ وڏو سک آھي. جيتوڻيڪ ترجمو مجيان ٿو تہ اصل جو سواد ۽ سڳنڌ نٿو ڏئي. مرزا قليچ بيگ جھڙي عظيم انسان اسان کي ٻين ملڪن جي اديبن جي لکڻين کان واقف ڪرائڻ لاءِ تمام گھڻا ترجما ڪيا، ان بعد سنڌ ۾ ترجمي جي ميدانَ ۾ يڪي ماٺ رھي آھي. رکي رکي ڪو ھوا جو جھوٽو

لڳندو هوندو نه ته ڪيترائي سالَ صحرا واري سانت هئي. هاڻ مڙيئي ڪجهه چرپر ٿي آهي. ولي رام ولڀ، قاضي خادم، نصير اعجاز، فضل احمد بچاڻي، حنيف صديقي، گوپان، پرلاجاڻي وغيره جا نالا ترجمي جي دنيا ۾ اُڀرن ٿا.

مون پنهنجو ڌيان هن جپاني جوڪرن ڏي ڏنو جيڪي جبلن تي چڙهڻ جا ڪارناما ۽ پنهنجي پهلوانيءَ بابت ٻڌائي رهيا هئا ته هو هر سال ڪنهن نه ڪنهن ملڪ جي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهڻ جهڙو جوکم وارو ڪم ڪندا آهن ۽ ائين ڪندي ڪندي هڪ ڏينهن هماليه جبلن جي اتاهين چوٽي ايوريسٽ تي به پهچي ويندا!

جبل تي چڙهڻ واقعي سولو ڪم ناهي. جيئن جيئن ماڻهو مٿي چڙهي ٿو تيئن هوا جو دٻاءُ گهٽجڻ ۽ سخت سيءُ ٿيڻ ڪري ساهه کڻڻ ۽ جسم گرم رکڻ ڏکيو ٿيو پوي. اجا به مٿي پهچڻ تي چوڌاري برف ئي برف تي ڏينهن جا ڏينهن هلڻ، تنبو کوڙي رات جو سمهڻ، چانهه يا ٻيو ڪو هلڪو کاڌو ناهڻ لاءِ برف ڳارڻ تمام ڏکي ڳالهه ٿيو پوي. سڀ کان وڏي ڳالهه مٿي چڙهڻ لاءِ رسو اڇلي پوءِ پاڻ کي مٿي ڇڪڻ ان بعد وري ٻي ساٿيءَ کي پاڻ ڏي ڇڪڻ! ان چڪر ۾ ڪڏهن ڪڏهن همراهه هيٺ به ڪري پوندا آهن. بهرحال اهي وڏي دل ۽ جگر وارا ئي ڪري سگهن ٿا ۽ جبلن تي چڙهڻ وارا واقعي همت وارا ۽ دلير ٿين ٿا. هنن اڳيان سرڪس جا ڪرتب به ڪجهه نه آهن.

اسان نرسريءَ وارو علائقو به ٽپي اڳتي نڪري چڪا هئاسين. شهيد ملت روڊ تائين پهچڻ ۾ باقي ڪو ٿورو پنڌ هو جتي مونکي ڪين لاهڻو هو جيئن ايئرپورٽ تائين پاڻهي هليا وڃن. ٽئڪسي، بس يا ڪنهن ٻي سواريءَ ۾. خبر ناهي هي ڇا ۾ وڃن. آهن ته امير ملڪ جا ۽ هنن لاءِ هتي جي ٽئڪسي تمام سستي آهي پر جيئن ته غريب شاگرد آهن ان ڪري ٽئڪسيءَ ۾ پڪ نه چڙهن. هونءَ به بس ۾ ڀاڙو گهٽ لڳندن ۽ وڏي ڳالهه ته گهڻن ماڻهن سان گڏ هوندا. مون ان بابت ڪانئن مرضي معلوم ڪئي:

”ايئرپورٽ تائين ٽئڪسيءَ ۾ ويندائو يا بس ۾؟“

”بس ۾.“ هنن وراڻيو.

اهو تمام سٺو، مون دل ئي دل ۾ سوچيو ۽ باقي رستو اڪرڻ تائين وري جبلن جون ڳالهيون شروع ڪيونسين اڌ ڳالهيون رهجي ويون هيون. خاص ڪري هو پنهنجا تجربا ٻڌائڻ لڳا ته گذريل سال جپان جي هڪ جبل تي چڙهندي ڪيئن هنن جو ذري ذري پير ترڪي رهيو هو. پر هنن ان جي ڪا به پرواهه نه ڪئي. هڪ ٻئي جبل جي اتاهينءَ تي هنن ڪيئن همت کان ڪم ورتو جتي ساهه کڻڻ به ڏکيو ٿي لڳي ۽ جتي ٻيا پنهنجي موٽي ويا اتي هي همت ڪري چوٽيءَ تي وڃي پهتا.

اتي شهيد ملت روڊ جو چواوڻو اچي ويو. ڪار کي رستي جي پاسي تي نيشنل بئنڪ وٽ بيهاري ساڻن گڏ رستي تي بس جي انتظار ۾ اچي بيٺس بس ڪو گهڻو انتظار نه ڪرايو جو ان رستي تي هڪ ٻئي پويان بسون پئي آيون. پر جا ڳالهه لکڻ لاءِ هي سڄو قصو ڪنيو اٿم اها هيءَ ته جبل تي چڙهڻ وارا هي نوجوان اسان جي بس ۾ چڙهي نه سگهيا. ظاهر آهي اسان جون بسون يورپ، آمريڪا ۽ جپان جهڙيون ته آهن ئي ڪونه. اهي ملڪ ته پري پر ڪولمبو ۽ بمبئي جي بسن جهڙيون به نه آهن جن ۾ ماڻهو اول ته آرام سان چڙهي سگهي ۽ ٻيو ته ان ۾ ويهڻ جي جاءِ وٺي سگهي.

بسون ته هڪ ٻئي پويان ايندئون رهيون پر هنن جي حسابَ سان ٽٻ ڀريل هيون. جيتوڻيڪ بندر روڊ واريون بسون هنن کان وڏيڪَ سٽيل هونديون آهن. هنن ۾ نوُنٽ هٽڻ ۽ پير ڇپڻ سان ويهڻ جي جاءِ ملي پئي وڃي پر بس هڪ ته بيني ئي چند سيڪنڊ ٿي ۽ ٻيو ته در وٽ لڙڪندڙن جو تعداد ايترو ته گهڻو هو جو اسان جي جپاني همراهن سمجهي ورتو ته هي جوکم جو ڪم اهوئي ڪري سگهي ٿو جنهن گهڻ ۾ گهٽ گذريل

جنم ۾ ”موت جي کوھ“ ۾ ڦٽ ڦٽي ھلائي ھجي. ھڪ ٻن بسن ۾ ھمراھن ڪوشش بہ ڪئي پر ٻين چڙھندڙن ۽ لھندڙن جي ٺونن ۾ ھي فوٽ پاٽ بہ لتاڙي اچي ڪچي تي ٽي پيا. مون ڏٺو تہ ٻئي جوان جيڪي اتاھن جبلن تي چڙھي سگھيا ٿي، جن جو جبل جو چوٽيءَ تي بہ ساھہ نٽي گھٽيو، جن جي اڳيان سرڪس جا ڪرتب بہ ڪجھہ نہ ھئا، اھي ڪراچيءَ جي بس اڳيان ھٿيار ڦٽا ڪري ساٿا تي بيھي رھيا. لچارا ٿي چوڻ لڳا: موزوڪشي (تمام ڏکيو ڪم اھي). تمام جوکائتو آھي بس ۾ چڙھڻ. ڪا ٽئڪسي ملي ويندي.“

سندن اھو حال ڏسي ڪين ايئرپورٽ تائين ڇڏي آيس ۽ سوچيم تہ واقعي ڪراچيءَ جي بس ۾ چڙھڻ تنزانيا جي ڪليمنجارو يا اسان جي ملڪَ جي ڪنچن چنگا جبل تي چڙھڻ کان بہ ڏکيو ڪم آھي.

ڪراچيءَ جي فقط بس ۾ پر رڪشا ۾ پڻ. جنھن لاءِ ھڪ لطيفو مشھور آھي. ٿي سگھي ٿو حقيقت ئي ھجي. ھڪ جرمن سرڪس ٽيم ڪراچيءَ ۾ آئي ۽ بندر روڊ تي رڪشائن کي خوفناڪ طريقي سان ھلندو ڏسي چيائون: ”ھن شھر جو ڪھڙو ماڻھو اسان جا ڪرتب ڏسندو جڏھن ھو روز ھھڙي خطرناڪ شيءِ ۾ ويھي اھي ڪرتب پاڻ سرانجام ڏيندا رھن ٿا ـ جنھن ۾ سيفٽي (بچاءُ) جو جزو بہ سيڪڙو بہ ناھي.“

# بئنڪاڪ جي سئنٽرل مسجد

ڪيترن کي شايد اها خبر نہ هجي تہ ٿائلنڊ جو شهر بئنڪاڪ، جيڪو مساج (مالش) گهرن، رنڊين جي گهٽائي ۽ ٻڌ ڌرم جي مندرن ڪان مشهور آهي، تنهن ۾ هڪ سؤ چاليهہ کن مسجدون بہ آهن ۽ ٻن لکن کان مٿي مسلمان فقط بئنڪاڪ شهر ۾ رهن ٿا.

رام خامهائنگ (Ram Khamhaeng) روڊ تان بس يا ٽئڪسيءَ ۾ لنگهڻ وارا سالن کان هڪ تمام وڏي مسجد ٺهندي ڏسندا هوندا ـ اها سينٽرل مسجد هن سال نهي راس ٿي رهي آهي، جنهن تي گذريل ويهن سالن (1963ع) کان ڪم هلي رهيو هو. بئنڪاڪ جون باقي مسجدون هن جي مقابلي ۾ ننڍيون آهن ۽ انهن جي هڪ ڏارئين ۽ بي خياليءَ ۾ ويندڙ ماڻهوءَ کي خبر نہ پوندي پر هيءَ سينٽرل مسجد جي عمارت پري کان ئي لنگهندڙ ماڻهوءَ جو ڌيان ڇڪائي ٿي ۽ هن ملڪ ۾ موجود مسلمانن جي ياد ڏياري ٿي. هيءَ مسجد سورهن هزار چورس ميٽرن جي ميدانَ ۾ ٺاهي ويئي آهي جنهن جي پرسان باقي پٽ تي هڪ مدرسو، آڊيٽوريم، ڪلچرل سينٽرل، لائبرري ۽ ڪوجنا گهر ٺاهيو ويندو.

ڪيترن سالن کان ٿائي مسلمانن جي ٻين ڪمن جي لسٽ تي هن مسجد کي مڪمل ڪرڻ اول ڪم پئي رهيو. هن مسجد ڪري مسلمانن کي ڪيتريون تڪليفون ڏسڻيون پيون ۽ هيءَ مسجد ڪيترن بحث مباحثن جو پڻ سبب بڻي. ان جو اندازو ان ڳالهہ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو تہ هن مسجد کي مڪمل ٿيڻ ۾ ويهہ سالَ لڳي ويا. هڪ تہ اڏاوت لاءِ پئسي جي بہ هميشہ تنگي رهي ۽ ٻيو مختلف فرقن ۽ گروهن ۾ بحث لڳو رهندو هو تہ آيا مسجد کي سادي نموني ٺاهيو وڃي جنهن جو مقصد اهو هئڻ کپي تہ ٻندو پنهنجي رَبَ اڳيان سر جهڪائي عبادت ڪري يا خُدا جو گهر اهڙي شايان شان سان ٺاهيو وڃي جو ڏسندڙن کي مسلمانن جي مانُ ۽ رتبي جو احساس ٿئي تہ ٻيلي مسلمان پنهنجي عبادت گهر کي ڪيڏو عمدو ٺاهين ٿا.

مسجد جي مڪمل ٿيڻ تي ڪل خرچ ٽيهہ ملين ٻاٽ ايندو يعني پندرهن ملين رپيا. پروگرام موجب لائبرري، اسلامڪ سينٽر وغيره وغيره ٺهرائڻ تي هن کان بہ ڏهوڻو خرچ يعني ڏيڍ سؤ ملين (پندرهن ڪروڙ) رپيا ايندو. هيسيتائين جيڪو خرچ آيو آهي ان جو ڳپل حصو ٿائي حڪومت ۽ مقامي ماڻهن حصا پتيون ڪري ڏنو آهي پر هاڻ وڏيڪَ رٿائن تي ايندڙ خرچَ لاءِ مسلمان حڪومتن کان پڻ چندو وٺڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

بئنڪاڪ شهر ٿائلينڊ جي اتر ۾ آهي. دراصل ٿائلنڊ ملڪ بہ پاڪستان وانگر اتر کان ڏکڻ تائين ڊگهي پٽي ناهي ٿو، جنهن جي اتر ۾ لائوس، برما ۽ چين آهي ۽ ٿائلنڊ جو ڏکڻ ملائيشيا جي بارڊر سان وڃيو ملي. ٿائلينڊ جي ڏکڻ ۾ رهندڙ ماڻهو ملئي نسل جا آهن ۽ زبانَ بہ ملئي ڳالهائين. ڪنهن زماني ۾ ملئي سلطنت جي ان حصي تي حڪومت هئي ۽ پوءِ ٿائي حڪومت جو ان تي قبضو ٿيو. ڏنو وڃي تہ ٿائلنڊ جي ڏکڻ واري حصي جا ماڻهو اڄا تائين مذهبي طرح مسلمان آهن ۽ سندن رسمون رواج پڻ ملائيشيا جي ماڻهن سان ملن ٿا. باقي بئنڪاڪ شهر ۾ جيڪي مسلمان آهن يا ٿائلنڊ جي وچ واري حصي ۾ رهندڙ مسلمان مليل جليل ڪچٽي آهن. انهن جون رسمون رواج ڏکڻ ۾ رهندڙ مسلمانن وانگر ملئي نہ آهن. هو تهذيب ۽ رسم و رواج جي لحاظ کان ٿائي سوسائٽي ۾ ملي جلي ويا آهن.

بئنڪاڪ ۾ جيڪي مسلمان رهن ٿا انهن مان ڪي تہ ڏکڻ ڪان آيل ملئي نسل جا بہ آهن ٻيا مختلف دؤرن ۾ عربستان، ايران، انڊو پاڪستان کان ايندا رهيا. انهن مان ڪي واپار جي خيالَ کان آيا ۽ ٿائي عورتن سان شادي ڪري ترسي پيا. ڪي تہ اصل کان ٿائي آهن جيڪي عرب واپارين کان اسلام جون ڳالهيون ٻڌي مسلمان ٿيا. ڪجهہ بوهرا فرقي جا ۽ اسماعيلي (آغا خاني) پڻ آهن. ڪيترا پناڻ پڻ آهن ـ جيڪي ڪشمير ۽ سرحد کان وٺي افغانستان جي شهرن: ڪابل، قنڌار کان هتي ايندا رهيا. اهي سڀ پوءِ ٿائي زبانَ ڳالهائڻ لڳا. هي سڀ مسلمان ڏکڻ ٿائلنڊ جي مسلمانن وانگر گهڻو جوشيلا ۽ جهيڳڙالو نہ آهن جيڪي هر وقت حڪومت سان اٽڪيا وينا آهن.

ٿائلنڊ جي حڪومت پاڻ بہ چاهي ٿي تہ ڏکڻ ٿائلنڊ ۽ اتر ٿائلنڊ جا مسلمان هڪ ٻئي جي ويجهو ٿين، جيئن بئنڪاڪ (اتر ٿائلنڊ) پاسي جا مسلمان ڏکڻ ۾ رهندڙ تکي طبيعت جي مسلمانن کي حڪومت خلاف ويڙهائڻ بدران ٿڌو رکي سگهن.

اڄڪلهہ پاڪستان، ملائيشيا ۽ ٻين مسلمان ملڪن وانگر ٿائلينڊ ۾ پاڻ اسلام جو جوش ۽ جذبو وڌيڪَ تازگي اختيار ڪري رهيو آهي. ٿائي پنهنجو پاڻ کي مسلمان سڏائڻ ۾ وڌيڪَ بهتري سمجهن ٿا. هو اڄڪلهہ تعليم تي تمام گهڻو زور ڏيئي رهيا آهن تہ جيئن سندن اولاد صحيح اسلامي تعليم ۽ معاشرو ڏسي سگهن. ڪيترائي ٿائي مسلمان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪراچي يونيورسٽي جي پرسان گلشن اقبال وارن فليٽن ۾ نظر ايندا جيڪي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيا آهن. ڪي تہ اسلامڪ آئڊولاجي ۽ اسلامي تاريخ جهڙا سبجيڪٽ پڙهي رهيا آهن. پاڪستان کان علاوه هو مصر، هندستان ۽ عرب ملڪن جي اسڪولن ۽ مدرسن ۾ پڻ ديني تعليمَ حاصل ڪري رهيا آهن. هڪ ٿائي مذهبي رهنما جي چواڻي اڄڪلهہ ڌارين ملڪن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هزار کن ٿائي نوجوان تہ رڳو اسلامي تعليم وٺي رهيا آهن. ڪيتريون شادي شده عورتون پڻ بئنڪاڪ جي مدرسن ۾ ديني تعليم وٺي رهيون آهن.

هڪ اهڙي ماحولَ ۾ جيڪو غير اسلامي آهي ان ۾ اسلام جا قدر برقرار رکڻ تمام وڏي ڳالهہ آهي. ٿائلينڊ جي ينگ مسلمان ايسوسيئيشن جي هڪ ميمبر چيو تہ ”اسان ڌڪهن ئي سنا مسلمان ٿي سگهون ٿا جڏهن الله تي ڀروسو رکنداسين ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪنداسين.“

بئنڪاڪ ۾ هيءَ نئين مسجد جيڪا نهي راس ٽيڻ واري آهي اها يونيورسٽيءَ جي بلڪل ويجهو آهي جنهن جي پر ۾ مسلمانن جا علائقا: ڪلانگٽن ۽ پراڪنگانگ آهن. هڪ ئي وقت هن مسجد ۾ پنجَ هزار ماڻهو نماز پڙهي سگهن ٿا. عيد جهڙن ڏينهن تي اجا بہ وڏي گڏجاڻيءَ لاءِ مسجد جو ڪليل اڱڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

# پئسفڪ سمنڊ جو فجي ٻيٽ

فجي ملڪ ، جتي پڻ انگريزن جي حڪومت رهي. آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جي پرسان پئسفڪ سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ آهي. ٻين ملڪن ۽ ٻيٽن وانگيان انگريز هتي پڻ ڪم ڪارين ۽ دڪانن هلائڻ لاءِ نندي ڪنڊ (گڏيل هندستان) مان ماڻهو وٺي آيا هئا جن مان پوءِ ڪي واپس هندستان موٽي ويا تہ ڪي هميشہ لاءِ فجيءَ ۾ ئي ٽڪي پيا ۽ هاڻ مڪاني ماڻهن وانگر هو بہ فجيءَ جا ئي رهاڪو سڏائين ٿا.

گذريل سال فجي جي حڪومت هندستان کان آيل انهن اوائلي اندين جي ياد ۾ پوسٽ جون چار ٽڪليون ڪڍيون. انهن مان هڪ ٽڪلي، چاليهن سينٽن واري تي Leonidas پئسينجر جهاز ڏيکاريو آهي جيڪو اڄ کان پورا سؤ سالَ کن اڳ هندستان کان ماڻهن جي پهرين کيپَ بمبئي، مدراس ۽ ڪلڪتي جي بندرگاهہ مان ڪٽي فجيءَ پهتو هو. ٻيون ٽڪليون چئن، پندرهن ۽ ٽيهن سينٽن واريون آهن. انهن مان هڪ ۾ هندستاني عورتون ڏيکاريل آهن جيڪي دهل اڳيان وينيون آهن، ٻيءَ ۾ فقط مردن جو ميڙ آهي جيڪي ڪوهہ جي پڳهہ وٽ وينا آهن ۽ ٽيءَ ۾ هڪ اندين مرد ڪمند جي پوڪ اڳيان بينو آهي. فجيءَ ۾ ڪمند جهڙي ڏکي ۽ اهم پوکَ اندين اچي چڱي طرح شروع ڪئي ۽ تڏهن بہ يعني انگريزن جي ڏينهن ۾ ۽ اڄ بہ ان مان نهيل کنڊَ هتي جي ماڻهن لاءِ غير ملڪي ناڻو ڪمائي ٿي.

ڌارين مسافرن کي رهڻ جي آسائش پيدا ڪري ناڻو ڪمائڻ لاءِ جتي ڪٿي اعليٰ قسمَ جون فائيو اسٽار هوٽلون نهي رهيون آهن جيئن ڪراچيءَ ۾ انٽر ڪانٽينينٽل، شيرٽن ۽ هلٽن آهن. اهڙين هوٽلن کي چويهہ ئي ڪلاڪَ ٿڌو يا گرم رکڻ لاءِ وڏا وڏا سينٽرل ايئرڪنڊيشنڊ پلانٽ ۽ بوائلر آهن. شهر جي لائيٽ بند ٿيڻ تي منهن ڏيڻ لاءِ هوٽلن کي پنهنجا جنريٽر ٿين. سئمنگ پول ۽ متاهين ماڙين کي پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ هر هوٽل ۾ طاقتور پمپ ٿين. ڪن عرب ملڪن ۾ جتي مٺي پاڻيءَ جي ڪوٽ آهي، اتي سمنڊ جي ڪناري تي نهيل هوٽلن ۾ کاري مان مٺو پاڻي ناهڻ جون مشينون F.W. Evaporator لڳل ٿين ٿيون. ان کان علاوه ڪن ڪن فائيو اسٽار هوٽلن ۾ Sewage-Plant ۽ اليڪٽرڪ ٽرانسفارمر ۽ Distribution-Plants ٿين ٿا. بهرحال هي مڙيئي اهي مشينون آهن جيڪي سمنڊ تي هلندر هڪ معمولي جهاز ۾ ٿين ٿيون ۽ انهن جي سارَ سنڀالَ ۽ صحيح ريت هلائڻ کان هر جهاز انجنيئر Marine-Engineer چڱيءَ طرح واقف ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو دنيا ۾ اڄڪلهہ هر هوٽل جو چيف انجنيئر اهو رکيو وڃي ٿو جيڪو جهاز جو چيف انجنيئر ٿي رهيو هجي. آمريڪا، انگلينڊ، سعودي عرب، هندستان کان وٺي اسان جي ملڪ پاڪستان جي وڏين هوٽلن جو چيف انجنيئر، جهاز جو انجنيئر آهي.

فجي ٻيٽ تي هڪ اهڙي وڏي هوٽل فجين نالي نهڻ تي هئي جنهن جي هڪ چيف انجنيئر لاءِ ملائيشيا جي اخبارن ۾ اشتهار ڏنو. نئين جڳهہ تي وڃڻ جو شوق مون کي بہ ٿيو. پنهنجي هِڪَ دوستَ چيف انجنيئر اجتبا زيديءَ کي ان بابت خط لکيم جيڪو ڪيترا دفعا ان ٻيٽَ تي جهاز کي وٺي وڃي چڪو آهي. ورندڙ ٽپالَ ۾ جواب موڪليائين تہ نوڪري يا ملڪ خراب نہ اٿئي." فجي پهچڻ ساڻ." هن ان خط ۾ لکيو، "ائين نہ لڳندئي تہ ڪو پئسفڪ سمنڊ جي ڏورانهن ٻيٽَ تي آهين پر لڳندئي جهڙوڪر هندستان جي ڪنهن الهندي ڪناري واري ڳوٺڙي ۾ پهچي ويو آهين. گهٽي گهٽيءَ ۾ اندين ڳانن جي ڪئسٽن جي ڌم لڳي پيئي هوندي. پاڇي مارڪيٽن ۽ بازارن ۾ رنگين ساڙهين ۽ ڌوتين ۾ عوررتن مردن کي ڏسي بنارس، بڙودا يا بريليءَ جو گمان ٿيندءِ. اندين جي ننڍن دڪانن تي بہ پاڻ، پاپڙ پڪوڙن کان آچار، چٽڻيون ۽ گلن جا هار وڪامندا ڏسي ائين لڳندئي جڻ حيدرآباد جي سري گهاٽ، فقير جو پڙ يا گدس ناڪي تي وينو آهين. فجي ملڪ جي اصل

رهاڪن جي جيتوٽيڪ زبانَ ٻي آهي، پر انگريزي سڀ سمجهن ٿا ۽ ٻي نمبر تي گجراتي لهجي ۾ هندي ڳالهائي وڃي ٿي. ٻريس ۽ ڪاڏا پيتا به پاڻ سان گهٽو ملن ٿا، بس رڳو نالو پئسفڪ جو آهي باقي لڳي پاڻ وارو علائقو ٿو.“

فجي دراصل هڪ نه پر ڪيترن ئي ٻيٽن جو جهڳٽوآهي جيڪي اٽڪل ٽي سؤ ڪن ٿيندا. انهن مان سؤ کن ٻيٽن تي ته ماڻهو رهن ٿا باقي ائين ئي ويران پيا آهن، يا ايترا ننڍا ۽ جابلو آهن جو نه پاڻي آهي ۽ نه پوڪ، نه اليڪٽرڪسٽي آهي ۽ نه انهن تائين پهچڻ لاءِ ڪا آمدرفت، جو ڪٽي ڪو ماڻهو اتي رهي سگهي. فجي ملڪ جي انهن مڙني ٻيٽن جي پکيڙ ست هزارَ ڪن چورس ميل آهي ۽ ڪل آدمشماري اجڪلهه ست لک ڪن ٿيندي - جيڪا شايد حيدرآباد شهر جي آدمشماريءَ کان به گهٽو گهٽ ٿي. گاديءَ جو هنڌ سووا شهر آهي جنهن ۾ ڪل آدم لک کن رهي ٿو ۽ هي شهر مٿين ٻيٽن مان سڀ کان وڏي ٻيٽَ وٽي ليو (Viti-Levu) تي آهي. ٻيٽ جي اصلوڪي ۽ پراڻي زبان ۾ فجيءَ کي وٽي ٿا چون ۽ ليوو Levu معنيٰ وڏو آهي.

پئسفڪ سمنڊ جو هي سهڻو ٻيٽ فجي، ڇهانوي سالن تائين انگريزن جي ڪالوني ٿي رهيو. ڏهين آڪٽوبر 1970ع تي برطانيه کيس آزادي ڏني. فجي ٻيٽ تي جيڪي پوءِ آيا آهن انهن ۾ انڊين گهڻا آهن. جيڪي اوڻهين صديءَ جي شروعات ۾ هندستان کان نڪري ۽ واپار وڙي لاءِ لڏي آيا هئا. ڪجهه يورپي ۽ چيني ماڻهو پڻ رهن ٿا ۽ ڪجهه اهڙن ملڪن ۽ قومنجا، جن جا جهاز اوسي پاسي ۾ طوفانن ۾ ڦجي ٻري ويا ۽ پوءِ پنهنجي وطن وڃڻ بدران اتي ئي نام نڪاٽو ناهي ترسي پيا. مختلف قومن ۽ مذهبن هوندي به سنگاپور وانگر فجيءَ ۾ به ماڻهو امن ۽ سانت ۾ گذارين ٿا. ڪڏهن به ڪو گوڙ فساد يا دنگل بازي ٻڌڻ ۾ نه آئي آهي. هن ٻيٽ جي ماڻهن جو گهڻو گذران پوکَ تي آهي ۽ سڀ کان گهڻي ڪمائي ڪمند ۽ کنڊ مان ٿئي.

فجيءَ جي وڏن ٻيٽن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي سمنڊ اندر جبل هئا جيڪي پوءِ ڦاٽي پيا ۽ منجهانئن لاوا ايترو ته نڪتو جو سمنڊ کان ٻاهر اهي ٻيٽن وانگر نظر اچڻ لڳا. ان لاوا ڪري وڏن ٻيٽن جي زمين پوکَ لاءِ تمام پلي آهي. باقي ننڍا ٻيٽَ، ساموندي ڪورال هڪ ٻئي سان چنبڙي چنبڙي ڏڙن جهڙا ٻيٽ ناهي وڏا.

فجي ٻيٽن تي شروعات ۾ رڳو ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻي زندگي هئي، پوءِ اوڻهينءَ صديءَ ۾ يورپين جي پهچڻ بعد فرق آيو. هندستان کان انگريزن شروع ۾ يعني 1879ع کان، اهي پورهيت آندا جيڪي انگريزن جي رهائش لاءِ شهري نموني جا گهر ناهين ۽ ڪمندَ جي پوکَ ۾ هارپو ڪري سگهن. فجيءَ ۾ پڙهيل ڳڙهيل طبقو ٻي وڏي جنگ کان پوءِ هندستان کان آيو. پهرين يا پوءِ جي انڊين ۾ گهڻو ڀاڱو هندن جو آهي. پر ڪجهه ڪجهه مسلمان، عيسائي ۽ سک پڻ آهن. هن ٻيٽَ جي رهاڪن ۾ جيڪي يورپي سڏائين ٿا انهن ۾ گهڻا انگريزن جي ٻڻ جا آهن جيڪي آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ کان لڏي آيا. ڪجهه يوروشين پڻ آهن يعني ماءُ پيءُ يا ڏاڏيءَ مان هڪ يورپ جو هو ته هڪ ايشيا جي ڪنهن ملڪَ جو.

فجيءَ جي گادي وارو شهر سووا (SUVA) هتي جو بندرگاهه پڻ آهي، بلڪ ان کي گهڻي اونهي سمنڊ وارو بندرگاهه چئي سگهجي ٿو ۽ پاڻيءَ جا وڏا وڏا جهازَ به ٻي ڏڙڪ اچي سگهن ٿا. شهر ۾ ڪيترائي وڏا دڪان آهن جن مان گهڻا ٽڪا يورپين جا آهن، ڪجهه ڪجهه انڊين واپارين جا پڻ آهن. باقي شهر توڙي ڳوٺن جي ننڍن دڪانن تي انڊين جو قبضو آهي. سنڌ جا پڻ ڪيترا هندو سنڌي واپاري رهن ٿا جن مان ڪيترا ته ورهاڱي کان به اڳ جا آيل آهن ۽ گهڻو ڪري ڪپڙي ۽ اليڪٽرڪ جي سامانَ جا دڪان هلائين ٿا. شين جي وڪري تي ٽيڪس نه هجڻ ڪري ڪنهن زماني جي عدن، ڪولمبو، ممباسا وانگر، يا هاڻ جي سنگاپور، هانگ ڪانگ، دبئي وانگر هر شيءِ سستي اگهه تي ملي ٿي.

فجي هڪ صاف سٿرو ۽ مڇي ماني وارو ملڪ/ٻيٽ آهي. سڄو سال يورپ ۽ آمريڪا جا ٽوئرسٽ چڪر تي ايندا رهن ٿا جن مان پڻ چڱي اپت ٿئين ٿي. هتي مليريا جهڙيون بيماريون ته بنهه ناهن. ماتا، ٽائيفائيڊ ۽

ٻين ٽراپيڪل بيمارين جي ٻہ صفا پاڙ پٽي ويئي آهي. ان ڪري هتي جا ماڻهو توڙي ٻاهرين ملڪن کان آيل صحتمند رهن ٿا ۽ ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن جا ڪين گهٽ چڪر هڻڻا پون ٿا.

# گڏيل هندستان ۽ برما جي اهميت شخصيت

رات ٽي ويءَ تان اها خبر ڏاڍي افسوس ٿيو تہ لارڊ مائونٽ بيٽن کي آئرش ريپبليڪن آرميءَ جي گوريلن بم هٽي ماري وڌو. هو انگلينڊ ۾ ان وقت پنهنجن مائٽن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سير ڪري رهيو هو. لارڊ مائونٽ بيٽن جي ان اوچتي ۽ درد ڀرئي موت تي ان ڪري ڏک نہ ٿيو تہ ڪو هو وڏو ماڻهو هو. ڏکڻ اوڀر ايشيا جي بحري فوج جو سپريم ڪمانڊر هو، يا هندستان جو وائسراءِ هو، يا گورنر جنرل هو، پر ان ڪري تہ هو هڪ خوش مزاج خلاصي/جهازي هو ۽ آخر تائين اسان جهاز هلائيندڙن جي پيشي ۽ پورهئي، مرچنٽ نيويءَ کي قدر جي نگاهن سان ڏسندو رهيو.

پاڻ ڪئڊٽ جي حيثيت ۾ سن 1913ع ۾ انگلينڊ جي بحري فوجَ Royal Navy ۾ گهڙيو ۽ چاهت ورهن تائين، مرڻ تائين ان سان لاڳو رهيو. جيتوڻيڪ مائونٽ ٻٽن ايگزيڪيوٽو برانچ مان پر ڪميونيڪيشن برانچ مان هو ۽ شروع ۾ سگنل آفيسر ٿيو هو ۽ پوءِ اڳتي هلي ٽن جنگي جهازن Destroyers جي ڪمانڊ ڪيائين. هڪ دفعي تہ جهازن جي سڄي ٻيڙي جي ڪمانڊ سندس هٿ ۾ هئي ۽ آخر ۾ ڪمانڊر ان چيف ٿيڻ کان اڳ هڪ هوائي جهاز ڪٽنڊڙ جهاز Air Craft Carrier جو پڻ ڪئپٽن ٿي رهيو.مائونٽ بيٽن پهريون ماڻهو هو جيڪو سامونڊي لارڊ (Sea Lord) ٿيو.

مائونٽ بيٽن مرچنٽ نيويءَ وارن سان آخري وقت تائين واسطو رکندو آيو ۽ ڪيس پنهنجي هم پيشي جهازين جو ڏاڍو خيال رهندو هو. مرڻ کان ٿورائي مهينا اڳ هن انگلينڊ جي ناٽيڪل اداري کي نہ فقط ساراهيو پر سمنڊ تي جهازين جي حفاظت ۽ بهتر تربيت لاءِ پڻ هنن جي همت افزائي ڪئي. جهازين لاءِ شروع ڪرايل ڪنگ جارج فنڊ جو پڻ پاڻ صدر ٿي ڪم ڪيائين. لارڊ مائونٽ بيٽن اسان ننڍي کنڊ جي ماڻهن لاءِ سياسي طرح ڪٽي چا ہہ هجي پر انگريز قوم لاءِ هڪ وڏو هيرو هو ۽ ساڳي وقت ڪيترن ئي ڪامن ويلٿ جي ملڪن لاءِ پڻ. پاڻ 25 جون 1900ع ۾ انگلينڊ ۾ ڄائو ۽ اسي کن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي ئي ملڪ ۾ پنهنجن ئي ماڻهن هٿان مارجي ويو.

# اڻ واقف کان واقفڪار شيطان ڀلو

جهٽ پنهنجي جهازن کي نہ ڇڏيو، خلاصيو! سمنڊ تي جهاز کي اهڙي اچي ٻاهہ لڳي جو وسائي نہ سگهجي تہ اهڙي حالت ۾ جهاز کي جهٽ پٽ ڇڏي ڏجي. ٻاهہ کان علاوه سمنڊ تي جهاز سان ٻيا بہ حادثا ٿي سگهن ٿا. مثال طور سمنڊ اندر جبل سان ٽڪر، ڪناري تي ڀيل پٿر يا Reef سان ٽڪر، جهاز جو جهاز سان ٽڪر وغيره وغيره، جن حالتن ۾ حادثن جي نوعيت مطابق جهاز کي الوداع چوڻي پوي ٿي.

هر جهاز تي، اهڙن حادثن کان جان بچائڻ لاءِ جهازين ۽ مسافرن جي تعداد مطابق Life-Boats ٻيڙيون ۽ Life Rafts ٽين ٿا جن کي حادثي وقت هڪ دم سمنڊ ۾ لاهي، جهاز کان پريرو ٿي سگهجي ٿو. انهي دوران اوسي پاسي جي جهازن کان اطلاع ملڻ تي هو حادثي هيٺ آيل جهاز ڏي رُخ رکن ٿا. جيئن سمنڊ ۾ تريل پڪڙيل ٻيڙين ۾ سوار ماڻهن کي بچائي وٺن. ڪنارو جي سڌ پنڌَ تي آهي تہ پوءِ تہ تارو ماڻهو تري خشڪيءَ تان پهچي سگهي ٿو پر وچ سمنڊ کان کهڙو تارو سوين هزارين ميل تري سگهندو ۽ نہ وري ڪا ٻيڙي ايڏو سمنڊ جهاڳي سگهندي جو ان ۾ سائيز مطابق تيل جي ايتري ننڍي ٽانڪي ٿئي ٿي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ هڪ يا ٻہ ڏينهن هلڻ جيترو تيل مس رکي سگهجي ٿو ۽ کاڌو پاڻي پڻ مقرر ماڻهن لاءِ محدود عرصي لاءِ بيحد معمولي رکيو وڃي ٿو.

هونءَ اهو آهي تہ وچ سمنڊ تي جتي سني موسم ۾ بہ ويرون اپامنديون رهن ٿيون، ٻيڙيءَ ۾ رهڻ ڪو سولو ڪم ناهي ۽ جي اهو سمنڊ خراب آهي يا موسم ڪني تہ پوءِ وڏن جي بہ Sickness کان حالت خراب ٿيو وڃي. ان کان علاوه ڪاڏي، سيءَ، گرميءَ کان پاڻ بچائڻ جو مسئلو ڌار آهي.

انهن مڙني ڳالهين کي ڌيانَ ۾ رکي ڏاهن جهازين چيو آهي تہ جيتري قدر ٿي سگهي پنهنجي جهازَ کي جهٽ پٽ نہ ڇڏجي ۽ بقول انگلينڊ جي هڪ ناٽيڪل سوسائٽي وارن جي تہ سندن وس پڄي تہ هر جهاز تي قول گهڙائي ڇڏين تہ:

Stick to your Ship, Sailor!

اهڙا ڪيترائي واقعا اسان ٻڌا هوندا تہ معمولي حادثي ۾، جهاز جي مسافرن يا جهازين ڊپ ۾ جهازَ تان ڪٽي سمنڊ ۾ ٽپ ڏنو هوندو يا ٻيڙي لاهي جهاز کان ڀڳا هوندا ۽ پوءِ جهاز تہ بچي ويو هوندو پر هنن جي بچاءَ لاءِ جهٽ مدد نہ پهچڻ ڪري موت سندن آجيان ڪئي هوندي. اهڙو هڪ مثال تہ ويجهڙائيءَ ۾ ئي ٿي چڪو آهي، جيڪو victory نالي جهاز جي همراهن سان در پيش آيو. ايڪيهہَ هزارَ ٽن وزني هي تيل جو جهاز (ٽئنڪر)، ڪناري کان هزار ڪن ميل پري سمنڊ جي وڏين چولين جو مقابلو نہ ڪري بہ اڌ ٿي پيو. ڊپ ۽ بدحواسيءَ جي عالم ۾ جهاز جا تيرهن ڄڻا ڪن اهو سوچي تہ جهاز ختم ٿي ويو، وقت کان اڳ، هڪ دم ٻيڙي لاهي جهاز کي ڇڏي ڏنو. ٻيا اجا جهاز تي ئي ترسيا جو هنن محسوس ڪيو تہ جهاز پڄي، بہ اڌ ضرور ٿيو آهي پر ايترو سگهو ٻڏي نہ سگهندو سو اجايو وڏي جهازَ تان لهي ننڍي ٻيڙيءَ ۾ ههڙين چتين چولين جي حوالي پاڻ کي جو ڪجي.

سندن اهو ڌيرج وارو قدم صحيح ثابت ٿيو. جهاز جي حادثي جو اطلاع ملڻ شرط چوڌاري بيٺل جهازَ مدد لاءِ اچڻ شروع ٿيا، هڪ هيليڪاپٽر تہ انهيءَ ڏينهن شامَ ڌاري حادثي واري هنڌ يعني ٻڏندڙ جهاز تي پهچي

ويو. پر هوڏانهن جهاز کان پري نڪري ويل ٻيڙيءَ وارا همراھ اجل جو شڪار ٿي ويا ۽ وينل اچلجي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي مڇين جو کاڄ ٿي ويا ۽ هيليڪاپٽر فقط ٻڳل جهازَ تي موجود ماڻهن کي بچائي سگهيو.

ڪيترائي جهازَ جن کي جهازين غلط ۽ ابهرو فيصلو ڪري، اهو سوچي الوداع ڪيو هوندو ته اجهو ٿو اهو جهااز ٻڏي ۽ ٻڏي. پر پوءِ ڏٺو ويو آهي ته جهاز تڪو تڪو ٻڏڻ ۾ به اڪثر ڏينهن جا ڏينهن لڳايو ڇڏي ۽ جهازَ کي ڇڏي ڏيندڙ ويچارا جهازي مدد دير سان ملڻ ڪري يا خراب موسم ۽ خراب سمنڊ ڪري ٻيڙيءَ ۾ انتظار ڪندي ڪندي پنهنجي بک کان موتَ جو شڪار ٿيو وڃن يا ٻيڙي اٿلڻ ڪري شارڪ جهڙيون مڇيون ٻُکَ اُجهائڻ لاءِ کين پنهنجو کاڄ ڪيو ڇڏين ۽ هونءَ به مدد وارو جهاز يا هيليڪاپٽر ٻيڙين کي ڳولڻ بدران جهاز جي حادثي واري هنڌ تي بچاءَ لاءِ پهچي ٿو جو ٻڏندڙ جهازَ جو ٽرانسميٽر ان هنڌ جي ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪ جو، سنگل ذريعو نياپو موڪليندو رهي ٿو ۽ اصولي طرح سمنڊ ۾ ڪرندڙ يا ٻيڙيءَ ۾ وينلن کي جهاز جي ويجهڙائيءَ ۾ پاڻ کي رکڻ کپي. پر خراب موسم ۾ ٻيڙيءَ کي ضابطي ۾ رکي ٻڏندڙ جهاز جي اوسي پاسي ۾ پاڻ کي موجود رکڻ ڪڏهن ڪڏهن محال ٿيو پوي. ساڳي وقت جهاز جي گهڻو ويجهو اچڻ ۾ به خطرو آهي جو جهاز سان ٽڪرائڻ جو ڊپ رهي ٿو. ان ڪري بهتر آهي ته ٻڳل يا حادثي هيٺ آيل جهازَ کي بلڪل آخر ۾ مجبوريءَ جي حالت ۾ ڇڏجي جڏهن ڏسجي ته هاڻ جهازَ رهڻ جو ڪو آسرو ناهي ۽ سلامتيءَ لاءِ اهو ئي گس وڃي رهيو آهي ته جهاز ڇڏي ٻيڙيءَ ۾ چڙهجي. نه ته جهاز تي جيڪو پل گذري اهو سنو، پوءِ اهو جهاز ٻڳل ۽ ٻڏندڙ ئي سهي، گهٽ ۾ گهٽ ان تي اُس يا سيءَ کان بچاءُ ٿيندو رهندو. ماني ٽڪي نه سهي پر بسڪيٽ ، ڪير يا ڪافيءَ جو ته آسرو رهندو. سگريٽ ۽ پاڻي ته جام هوندو ۽ جي خدانخواسته جهاز چڙهيو ٿو پوي، يعني ٻڏڻ کان بچيو ٿو وڃي ته به سٺي ڳالھ ٿي. جو جو آخرڪار اجڪلھ جا جهازَ ڪي سستا ته نه آهن جن کي ائين هڪدم Abandon ڪري ڇڏي ڏجي. اهو ان ڪري جو هڪ دفعو جهاز کي ڇڏڻ بعد بين الاقوامي قاعدي موجب، اهو پوءِ ان جي ملڪيت ٿيو وڃي جيڪو قبضو ڪري ٿو ۽ پوءِ بچي وڃڻ تي اصل مالڪ ان لاءِ ڪليم نٿو ڪري سگهي.

ها، جهاز کي هڪدم ضرور ڇڏجي، پر فقط ان حالت ۾ جڏهن متس چڙهيل سامان ۾ ڪو ڦاٽندڙ مادو هجي، جنهن جي ڦاٽڻ سان هڪدم تباهي اچي سگهي ٿي يا اهڙي وچڙندڙ باھ جو سڄو جهاز ان جي لپٽ ۾ پيو اچي ته ان صورت ۾ ٿوري دير ڪرڻ به نقصانڪار آهي. شڪ جي صورت ۾ جهونن جي تجربي ۽ چئي تي عمل ڪجي.

پر جيڪڏهن جهاز جو ڪجھ اهڙي قسم جو حادثو ٿيو آهي جنهن ۾ جهاز ٻڏڻ ۾ ڏينهن لڳائيندو ته پوءِ ننڍڙي ٻيڙيءَ ۾ لهڻ بدران جهاز تي ئي ترسي ڌارئين مدد جو انتظار ڪجي جو اها چوڻي مشهور آهي ته سڀ کان بهتر لائيف جئڪيٽ جهاز آهي.

The Ship is your best life jacket.

هونءَ ته جهاز توڙي ٻيڙي، ٻئي شيطاني چرخا آهن پر جذبات ۾ اچي هڪدم جهاز کي ڇڏي ننڍڙي ٻيڙيءَ ۾ جهوتا کائڻ کان بهتر آهي ته جيترو وقت گذري سگهي ته اهو وڏي جهاز تي گذارجي جنهن کان توهان چڱي ريت واقف آهيو ۽ وڌو هجڻ ڪري سي سڪنيس جو آزار به گهٽ رهي ٿو ۽ هونءَ به عقلمند چينين جو چوڻ آهي ته ”اڻ واقف شيطان کان جاتل سڄاتل شيطان ڀلو.“

# شام سلطنت جو کھڙو بادشاھ......

ملائيشيا توڙي سنگاپور ۾ جيڪي ٽي اهم قومون: چيني، ملئي ۽ انڊين رهن ٿيون انهن مان ملئي ماڻهن جا نالا اسان لاءِ ڏکيا ثابت نہ ٿيا آهن جو ملئي سڀئي مسلمان آهن ۽ هنن جا نالا اسان جي انهن نالن سان بلڪل ملن جلن ٿا جيڪي بنيادي طرح عربي نالا آهن، سواءِ ويهارو ڪن نالن جي جيڪي اسان هتي پهريون دفعو ٻڌا. جهڙوڪ مردن ۾: راملي، ذوالقفلي، مات آخر، راسلي، مرزوڪي، مراسود، وان نوانگ، نگاح، سبتو، خميس، داهري، اسنين وغيره ۽ عورتن ۾ : مرعين، عذورا، رس مالا، صباريا، يوسيدا، خاويا، روحيدا، جانيا، ماهنوم ۽ بصران وغيره. پر اهي بہ نالا اهڙا آهن جيڪي اسان کي هڪدم پڪا ٿي ويا ۽ پهريون دفعو ئي ٻڌڻ سان سمجهي ويا هئاسين تہ اڳلي کهڙو نالو ٻڌايو. يا ڪٿي بہ لکيل اهڙو نالو پڙهڻ سان سمجهي ويندا هئاسين تہ اهو نالو مرد جو آهي يا عورت جو. ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ ملئي ماڻهن جي نالن جي ياد ڪرڻ ۾ اسان کي هتي ملائيشيا ۾ تڪليف نہ ٿي، جيتوڻيڪ اسان سان گڏ آيل انڊيا، سريلنڪا، برما وغيره جي هندو ۽ ڪرسچن ڪئپٽنن ۽ چيف انجنيئرن کي اجا تائين ملئي نالا پڪا ڪرڻ يا اُچارڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي جو انهن لاءِ اهي نالا نوان ٿيا.

ٻئي نمبرَ تي چيني نالا آهن جيڪي اُچارڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ بلڪل سولا آهن ڇاڪاڻ جو هر ماڻهوءَ جو نالو ننڍن ٽن حصن ۾ آهي ۽ هر حصي ۾ ٽي يا چار اکر مس اچن ٿا. جيئن تہ: چن، هان، چان، چون، چنگ، چانگ، تان، چيان، چيانگ، لم، نون، سيو، پانگ، لائو، پيائو، تنگ ڪانگ، چواءِ، لي، هئا، ان، ڪم وغيره وغيره. پر هڪ ڳالهہ آهي تہ اهي نالا مختصر ۽ هڪ ٻئي سان ملندڙ هجڻ ڪري پهرين دفعي ٻڌڻ سان هڪدم سمجهہ ۾ نٿا اچن. پر ڪو نالو ڪٿي لکيل آهي تہ پڙهڻ ۾ سولو ٿو لڳي. پر نالو پڙهي جنسَ جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي تہ آيا اهو عورت جو نالو آهي يا مردَ جو. هن وقت مونکي ملائيشيا ۾ جيتوڻيڪ ڪجهہ سالَ گذري ويا آهن پر چيني نالا ان معاملي ۾ ايترو ئي منجهائيندڙ آهن جيترو پاڻ وٽ ممتاز، روشن، خورشيد، نسيم، طلعت، نور، ناز، شمس، قمر جهڙا نالا آهن جيڪي مردن جا بہ ٿي سگهن ٿا تہ عورتن جا بہ.

ڪوالالمپور جي هڪَ جنرل اسٽور ۾ ڪم ڪندڙ هڪ اڪائونٽنٽ عورت ”لم سيو فانگ“ منهنجي لکڻَ تي هميشہ ڪِتاب وٺي. پي ذريعي موڪليندي رهي ٿي پر فون تي يا آمهون سامهون ساڻس ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي هئي. نالي مان مون اهوئي سمجهيو تہ هو ڪو مرد آهي جو لم نالي بہ چيني انجنيئر مون وٽا پڙهي ويا هئا. سو خط ۾ بہ سندس نالي مطابق کيس Dear Sir سان مخاطب ٿيندو هوس. گذريل هفتي ساڻس فون تي ڳالهائڻ لاءِ آپريٽر کي همراهہ جو نمبر ملائڻ لاءِ چيم تہ آپريٽر ٻڌايو تہ اهو تہ عورت جو نالو لڳي ٿو ۽ پوءِ آواز ٻڌي پڪ ٿي تہ اهو نالو واقعي مرد جو نہ پر عورت جو آهي ۽ مونکي کيس ڊيئر سر بدران ڊيئر مئڊم لکڻ کپي. سو چيني نالن ۾ اهو وڏو مونجهارو آهي.

ٽئين نمبر تي هتي انڊين رهن ٿا. جن ۾ ڪجهہ مسلمان بہ آهن تہ هندو بہ. مسلمانن جا نالا تہ پاڻ جهڙا ئي آهن. هندن جا نالا بہ هونءَ اسان لاءِ نوان نہ هجڻ گهرجن جو لڇمڻ، گوپال، ڪرشن، ويرو مل ۽ هرداس ڪان منگهڻ مل، مولراج، جيرام، موهن ۽ ديوداس تائين ٻڌل، پڙهيل ۽ پڪاريل آهن. پر ملائيشيا ۾ جيڪي انڊين هندو رهن ٿا اهي ڏکڻ هندستان جي رياست تامل ناڊو سان تعلق رکن ٿا ۽ سندن زبان تامل آهي. سندن نالا

متين نالن کان مختلف آهن. بقول سنگاپور جي هڪ هندو سنڌي دڪاندار جي ”پائي هنن جا نالا پاڻ وانگر ننڍڙا ۽ سولا نہ آهن.“ سندن دڪان ۾ ڪم ڪندڙ تامل نوڪر جو نالو پچيومانس تہ وراڻيائين ”نالو تہ ڪو بيو اتس پر آئون سڏيانس ڪلو. هنن ڏکڻ هندستانين جا نالا اُچارڻ پنهنجي وس جي ڳالهہ ناهي. ڪيترن کي تہ سڏين ئي مرداڻي عضوي سان. نہ فقط ايترو پر ڪن ڪن جي نالن مان مرداڻي عضوي جي ماپَ جي بہ خبر پوي ٿي.“

ان وقت تہ ڳالهہ کي چرچي تائين محدود سمجهيم. پر پوءِ خبر پيئي تہ واقعي ڏکڻ هندستانين ۾ ”لنگم“ تمام عام نالو آهي ۽ ڪيترن جو نالو مهالنگم پڻ آهي ۽ اهو سائيز ٻڌائڻ نہ ٿيو تہ بيو ڇا ٿيو.ڏارين کي تہ ڪٽي. ڪهڙي خبر تہ لنگم ڪهڙي بلا جو نالو آهي. پر جن کي تامل زبان اچي ٿي اهي ۽ خاص ڪري عورتون، سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڪهڙي منهنَ سان اهڙي همراهہ جو نالو وٺي سڏينديون هونديون.

ان تعجب جو اظهار اسان جو هڪ سک ڪليگ پڻ ڪندو آهي. هڪ دفعي اسان جي آفيس ۾ هڪ ڏکڻ هندستاني سرجن آيو، پنهنجي دوست سک ڪئپٽن کان سرجن جي نالي جو پڇيم تہ هن ٺهہ پهہ وراڻيو: ”نالي پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هوندو ڪو لنگم شنگم.“

پوءِ ملاقات وقت ان سرجن جي ڏنل ڪارڊ تي نالو ”ويلو لنگم“ ڏٺوسين.

اهي تہ وري بہ سولا نالا آهن نہ تہ ڏکڻ هندستانين جا نالا تمام وڏا ۽ اُچارڻ ۾ ڏکيا ٿين ٿا. منهنجا سائوٿ انڊين شاگردَ پاڻَ تہ انجنيئرنگ جو سڄو ڪورس پورو ڪري ويندا آهن پر افسوس جو آخر تائين آئون ڪيترن جا نالا ياد ڪري نہ سگهندو آهيان. هر وقت پني تان پڙهي پوءِ ساڻن مخاطب ٿيندو آهيان. ڪجهہ شاگردَ ۽ جاڻ سُڃاڻَ وارن ڏکڻ هندستانين جا نالا، جيڪي ڊائريءَ تي هن وقت بہ نوٽ ٿيل آهن سي هن ريت آهن:

سنتا تامبي، سانتيمو ٿو، تروناو ڪاراسو، گانا گانيسان، منيام، ويراسنگام، ڪانگا گانسدرم، تانا، بالا سنگام وغيره وغيره.

تامل نالن ۾ ”تام ڏم ڏرم ڏارام“ جهڙا آواز ڏاڍا آهن. هت رهندڙ هڪ پاڪستانيءَ چرچي ۾ پڇيو: ”چيني ۽ تامل پنهنجن ٻارن تي نالا خبر اٿئي ڪيئن رکندا اهن؟“

”نہ ڪيئن؟“ اسان پڇيس.

”چينين کي ٻار ڄمندو آهي تہ هڪدم ڪا ساسريا تام چينيءَ جي پليٽ ڪيرائيندا آهن، جنهن جي پچڻ تي جيڪو آواز ”چن چا ٽا ٽن“ نڪرندو آهي، اهو پنهنجي ٻارَ تي رکندا آهن.“

”۽ سائوٿ انڊين؟“

”اهي وري ٻار ڄمڻ تي پٽ ڪيرائيندا آهن، ۽ پوءِ جيڪو ”تام ڏوم ڏڙام“ جهڙو آواز نڪرندو آهي، اهو پنهنجي ٻارَ تي نالو رکن.“

هونءَ تامل ڳالهائيندڙن جو انگريزي اُچار بہ پنهنجي نموني جو ٿئي ٿو. چانهہ تي هلندڙ ڪچهريءَ ۾ هڪ دفعي اسان جي هڪ ڪليگ: ڪئپٽن ريگو، جنهن جو جهاز ڪافي عرصو ڏکڻ هندستاني بندرگاهن ۾ رهيو آهي تنهن ٻڌايو تہ هنن لاءِ ايم ۽ اين اُچارڻ ايترو ئي ڏکيو ڪم آهي جيترو جپانين لاءِ ”ٿ“ اُچارڻ ٿئنڪ يو کي شئنڪ يو چوندا. يا بنگالين لاءِ ”و“ اکر اُچارڻ. ومان کي بمان چوندا. تنهن تي ڪئپٽن تيجپال سنگهہ چيو: ”واقعي، ڪنهن تامل کان جيڪڏهن پڇبو تہ (Minimum) منمم لفظ جي اسپيلنگ ٻڌاءِ تہ چوندو ”يم، آئي، يين آئي، يم يو يم.“ يا Moon لفظ کي اُچاريندا ”يم يو يو يين.“

”بنگالين جو اُچارڻ تہ وري سڀ ۾ عجيب آهي. اسان جي جهاز تي هڪ بنگالي تيل واري گلف جي ڪنهن بندرگاهه ۾ صبح ساڻ اچي خبر ٻڌائي تہ: ”سريا (Syria) ڪا باڇا مرگيا.“

گهڙيءَ ڪن لاءِ اسان سڀ وائڙا ٿي وياسين تہ سريا (يعني شام ملڪ) جو اهو ڪهڙو بادشاهه مري ويو! پر پوءِ هڪ جونيئر انجنيئر ڪي سندس ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي ۽ ڪلندي ٻڌايائين تہ سائين هي جيڪو جهرڪيءَ جو ٻچو پالي رهيو هو اهو مري ويو، يعني: ”چڙيا ڪا بچا مرگيا“

# پلاسٽڪ سرجري

ٽائيم، نيوز ويڪ يا ريڊرس ڊائيجيسٽ جهڙن بين الاقوامي رسالن ۾ سگريٽن، هوائي ڪمپنين ۽ بئنڪن وغيره جا اشتهار ته ضرور هوندا آهن پر ڪنهن ڊاڪٽر ۽ سندس اسپتالَ جو اشتهار ياد نه اٿم ته ڪنهن ملڪ جي مڪاني اخبار ۾ ڏٺو هجيم. سواءِ ٽوڪيو جي ”جوجن اسپتال“ جي، جيڪا پلاسٽڪ سرجريءَ ڪان مشهور آهي.

ٽوڪيو ۾ ڪيترائي پيرا اسان کي هن اسپتال وٽان لنگهندي ڪڏهن به اندر وڃي جاچڻ جو خيال نه آيو. پر پنهنجي مُلڪَ ۾ ٽائيم يا نيوز ويڪ ۾ ان اسپتال جي اشتهار تي نظر پوڻ سان دل چوندي هُئي ته هڪ واري ضرور اها اسپتال ۽ سندس مالڪ ڊاڪٽر فوميهڪو اميزاوا سان ملاقات ڪجي.

هڪ دفعي جهاز جي وڏي مرمت ڪرائڻ لاءِ اسان کي ٽوڪيو ۾ ڪجهه هفتن لاءِ رهڻو پيو، يعني ٽوڪيو شهر ٽوڙي ان جي آسپاس ۾ هيڏانهن هوڏانهن پٽڪڻ لاءِ سٺو موقعو ۽ وقت ملي ويو. انهيءَ پيري، هڪ ڏينهن ٽوڪيو جي علائقي شنباشيءَ ڪان به وڃي نڪتس جتي مٿين جوجن اسپتال آهي ان اسپتال ۾ سندس جپاني مالڪ بابت ڪجهه ڳالهه ٻولهه/خبرچار:

ڊاڪٽر سرجن اميزاوا (Fumihiko-Umezwa) هن اسپتال جو مالڪ ۽ پلاسٽڪ سرجريءَ جو سينيئر سرجن آهي. بقول سندس، ڊاڪٽري ڌنڌو هن جي خاندان ۾ چوڏهن پيڙهين ڪان هلندو اچي ۽ هيءَ Jujin Hospital سندس پيءُ نهرائي هُئي.

پلاسٽڪ سرجريءَ ۾ انسان جو نه فقط نڪ چپ صحيح ڪيو وڃي ٿو پر جسم جا ٻيا بي ڊولا عضوا پڻ وڍي ڪٽي يا ڳنڍ ڳنڍي صحيح ڪيا وڃن ٿا. مثال طور: ڪنهن جون اکيون چوچيون آهن ته اهي ويڪريون ۽ وڏيون ڪيون وڃن ٿيون جيئن اڄڪلهه چين ۾ ان آپريشن جو فئشن عام ٿي ويو آهي. نڪ ننڍو يا وڏو آهي ته منجهس ماس ڳنڍي يا گهٽائي صحيح ماپ جو ڪيو وڃي ٿو. منهن جي گهنجيل کَلَ جو فالتو چم وڍي، باقيءَ کي چڪي ٻيهارڻ کي Face Lift سڏجي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ پڻ ڪيترائي امير ماڻهو، خاص ڪري فلمي دنيا ۽ Show-Biz جا اداڪار اڄڪلهه Face Lift، منهنَ جي چمڙي ڇڪائڻ لڳا آهن. پر سڀ ڪان پهرين ان بابت نورجهان لاءِ ٻڌڻ ۾ آيو، جنهن جي آوز جو جادو گذريل اڌ صديءَ ڪان سڄي ننڍي کنڊَ ۾ مشهور آهي. ستر سالن جي ويجهو هجڻ جي باوجود سندس منهن جو پنو لسو آهي. پلاسٽڪ سرجري کي Aesthetic Surgery به سڏجي ٿو.

پلاسٽڪ سرجري جپان ۾ ڏينهون ڏينهن مشهور ٿيندي وڃي ۽ هر سال اٽڪل هزار کن آپريشنون ٽوڪيو جي رڳو هن ”جوجن“ اسپتال ۾ ڪيون وڃن ٿيون ۽ سندس مالڪ ڊاڪٽر جي چوڻ مطابق انهن آپريشنن مان اڌ ڪان وڌيڪَ تعداد فقط اکين کي ويڪرو ڪرڻ جو آهي. جپانين جون اکيون چوچيون، بلڪ هڪ بنگالي جهازي دوست جي چواڻي: ”ٻِٽَ ۾ لتل ٽين ٽيون.“ انهن کي ”کولي ويڪرو ڪرائڻ“ هر هر جپاني ڇوڪريءَ جو خواب ٿي پيو آهي ۽ ان سپني کي ساڀيان پلاسٽڪ آپريشن ڏريعي ههڙن اسپتالن ۾ بخشي وڃي ٿي.

اکين کي ويڪرو ڪرائڻ بعد ٻئي نمبر تي مشهور پلاسٽڪ سرجري نڪ جي وڍ ڪٽ آهي جنهن کي Rhinoplasty سڏجي ٿو. ان ڪان علاوه ڏنَ وٽ چاقوءَ سان ڇيهڪ ڏيئي پوءِ وئڪيوم ذريعي پيٽ تي چڙهيل

چربيءَ جا ٽڪرا يا خراب Tissues چوسي ڪڍيا وڃن ٿا. ٻيون بہ ڪيترن ئي قسمن جون ننڍيون آپريشنون ٽوڪيو جي هِنَ اسپتال ۾ ٿين ٿيون.

هي سڀ ڪجھ لکڻ مان اها مراد هرگز ناهي تہ ڪو ٽوڪيو اهڙي اتم اتاهين جاءِ آهي جنهن ۾ هھڙا جادوگر، ڊاڪٽر يا عجيب آپريشنون ٿين ٿيون. هرگز نہ. پلاسٽڪ سرجريءَ کان وٺي دل ۽ دماغ جون آپريشنون اسان جي ملڪ ۾ پڻ ٿينديون رهن ٿيون، نهايت ڪامياب نموني سان. اسان جي ملڪ جا ڊاڪٽر ۽ سرجن پڻ دنيا ۾ ناليرا آهن، جپانين کان بہ وڌيڪ. هِتي هيءَ اسپتال ڏسي ۽ ان جي ڳالھ ٻولھ ڏيڻ مان فقط اهو مقصد آهي تہ اڄڪلھ جپان جي ماڻهن جو رجحان، سندن روزمرھ جي زندگي، بدلجندڙ فئشن ۽ اسٽائيل بابت دلچسپ ڄاڻ حاصل ڪرڻ آهي. جيئن اسان جي مُلڪَ ۾ پلاسٽڪ سرجري جا ڪيسَ، گهڻو ڪري، انهن مردن عورتن جا سرانجام ڏنا وڃن ٿا جن جا ڪنهن حادثي يا جهيڙي جهٽي ۾ عضوا وڍجي ويا هجن يا تہ ٻنھ ٻي ڊولا ٽي ويا هجن تن ڪي چاق چگو پلو ڪرڻ يا ساڳي حالت ۾ آڻڻ هوندو آهي ۽ نہ ڪين فيشني بنائڻ. اجا تائين اهڙا ڪيس تمام نہ برابر اچن ٿا جنهن ۾ ماڻهو نهيل نڪيل عضون جي ويهي وڍ ڪٽ ڪرائين، جيئن هِتي جي ڊاڪٽر امزاوا پنهنجي مُلڪَ (جپان) جي ماڻهن جي سونهن جو معيار ۽ سوچَ بابت ٻڌائيندي چيو:

”دراصل سونهن بابت هر ماڻهوءَ جي پنهنجي سوچَ ۽ فڪر آهي. هِڪ ڏينهن هڪ ستر سالن جي ڪُراڙي عورت پنهنجي مُنهن ۡ جي ڪَلَ چڪائڻ لاءِ آئي. ظاهر آهي اسان سيني کي عجب لڳو ۽ ڪائنس هن عمر ۾ اچي هاڻ ان آپريشن جي تڪليف ۽ خرچ ڪرڻ جو سبب پڇيو. هن ٻڌايو: منهنجي مُڙسَ کي مري وئي ويھَ سالَ ٿي ويا آهن ۽ آئون اڃا خبر ناهي وڌيڪ ٻيا بہ ڪيترا سالَ جيئري رهي پوءِ جهور پوڙهي ٿي مَران. پوءِ ظاهر آهي ٻئي جهان ۾ جڏهن مڙسَ سان ملنديس تہ هو مونکان وڌيڪ جوان لڳندو. ان ڪري آپريشن ڪرائي آئون بہ گهٽ ۾ گهٽ هن جيڏي تہ لڳان. سو اسان کي هن جي آپريشن ڪرڻي پيئي.“

”منهنجي خيالَ ۾ اها قدرتي ڳالھ آهي.“ ڊاڪٽر وڌيڪ ٻُڌايو تہ دنيا جي هر مُلڪَ ۾ عورت سهڻو ٿيڻ چاهي ٿي ۽ هر مرد سهڻي عورتَ کي چاهي ٿو. اڄڪلھ Aesthetic سرجري (جسم جي عضون کي سهڻي شڪل ڏيڻ واري آپريشن) ڪا ڏکي يا مهانگي ناهي. آپريشن ذريعي اکين کي ويڪرو ڪرائڻ تي عورتن کي هِڪَ وڳي جيترو خرچ مس تو ڪرڻو پوي ۽ ويندي ڪجھ آپريشنون ڪرائڻ تي خرچ بہ لک يين (نو ڏھ هزار رپيا ڪن) مس ٿو اچي جيڪو جپان ۾ آفيس ليڊيءَ جو هڪ مهيني جو پگهار ٿيو.

”ڪڏهن ڪڏهن تہ ننڍي هوندي ئي، مائٽ پنهنجين ڌيئرن کي اسڪول جي تعليم پوري ٿيڻ بعد آپريشن لاءِ وٺي اچن ٿا جيئن هو ڪاليج يا آفيس جي زندگي ۾ گهڙن تہ جسماني عيبن کان پاڪ ۽ سُونهن ۾ ڀرين کان وڌيڪ هجن ۽ سندن زندگيءَ جي شروعات سني ريت ٿئي. هنن جو چوڻ آهي تہ تعليم سان گڏ سُونهن بہ ضروري آهي جو جو جڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ ساڳي نوڪري لاءِ بہ هم عمر ۽ هڪ جيترو پڙهيل ڇوڪريون مقابلو ڪن ٿيون تہ ظاهر آهي ڪيامبي ان جي ٿئي ٿي جيڪا وڌيڪ سهڻي آهي. چو جو هرڪو ڪمپنيءَ وارو، هوٽل وارو، دڪاندار، هوائي جهاز ڪمپنيءَ وارو يا آفيسر چاهي ٿو تہ سندس هوٽل توڙي هوائي جهازَ ۾، آفيس توڙي اسپتال ۾ سهڻي ڇوڪري ڪم ڪري ۽ گهڻي ڀاڱي جپان ۾ ڇوڪريون پنهنجي مستقبل جي ساٿيءَ سان بہ نوڪريءَ دوران ڪي ملن ٿيون. ان ڪري جپاني ڇوڪريءَ لاءِ ويتر اهم ٿي پيو آهي تہ هوءَ پنهنجي جِسمَ کي ٺيڪ ٺاڪ رکي.“

ڊاڪٽر يعني هن پلاسٽڪ سرجن ٻڌايو تہ ڪپڙي گنديءَ وانگر جسم جي سونهن جو فئشن بہ وقت سان گڏ بدلبو رهي ٿو. ويھَ سالَ اڳ جپاني نموني جو منو نڪ عيب سمجهيو ويندو هو ۽ يورپي نموني جو ڊگهو نڪ سُونهن جي نشاني هو پر اڄڪلھ اهو سائي مرچَ جهڙو وڏو ۽ ڊگهو نڪ آئوٽ آف فئشن آهي. بهرحال

نندييون نندييون ھي آپريشنون اھڙيون سوليون آھن جو عورتون فئشن مطابق وري وري ردوبدل آڻي سگھن ٿيون.

”پلاسٽڪ سرجريءَ جو سڀ کان وڏو فائدو اھو آھي جو ڪيترين ڇوڪرين معمولي آپريشن سان بدن جو بگڙيل عضوو ٺيڪ ڪرائي اعتماد جي زندگي گذارين ٿيون. نہ تہ ھو ڇپي يا ڇنبائتي نڪ ڪري، ٻي ڊول يا لڙڪيل ڇپن ڪري، ڇوڇين يا ننڍين اکين ڪري اجايو ھر وقت احساس ڪمتري ۾ مبتلا رھيون ٿي.“

”پلا توھان جي اسپتال ۾ فقط عورتون اچن يا مردَ بہ؟“ مون ڊاڪٽر اميزاوا کان سوال ڪيو.

”مردَ پڻ اچن ٿا. خاص ڪري نوجوان طبقو. ھو اھائي دانھن ڪٽي اچن ٿا تہ سندن منھن جو ھڪ نہ ٻيو عضوو صحيح ناھي جنھن ڪري سندن شخصيت ايتري اُڀري نہ سگھي آھي. اسان وقت بوقت اھڙن ھمراھن کي سمجھائيندا پڻ رھون ٿا تہ ھو پنھنجي سوچَ ۾ فرق آڻين ڇو جو مردَ لاءِ سُونھنَ اھم ناھي پر سندس ڪردار ۽ ذھني اوسر ضروري شيءِ آھي. پر تنھن ھوندي بہ ڪيترن مردن جي پلاسٽڪ سرجري ضروري ٿيو پوي جيئن ڪين وڌيڪَ اعتماد مِلي.“

جپان جي ھِنَ جوجن اسپتال ۾ پلاسٽڪ سرجري ۽ صلاح مشوري کان علاوه ويجھڙائيءَ ۾ ھيٺين ماڙ تي جوجن پلازا پڻ ڪوليو ويو آھي. جِتي تمام مھانگا ۽ ڳري ڪَمَر وارا نئين فئشن مطابق ڪپڙا وڪامن ٿا. جنھن لاءِ ڊاڪٽر ٻڌايو: ”عورت پنھنجي چھري ۽ جسم کي نئون روپ ڏيڻ بعد ڪپڙي گنديءَ ۾ پڻ نواڻ ۽ تبديلي آڻڻ چاھي ٿي ۽ ان لاءِ ھوءِ پري ڇو وڃي، ھِتان ڇو نہ شاپنگ ڪري.“

# پڳ وارو پير

چڱيءَ طرح ياد نہ اٿم. ڪجهه سال ٿيندا 1973ع ڌاري جي ڳالهه آهي، زمين جو ڪو ڪم منهنجي هِڪَ ڳوٺاڻي دوست جو هو. ڪراچيءَ ۾ هجڻ ڪري، هِنَ اهو ڪم مون تي رکيو هو، جيئن واسطيدار ماڻهن ۽ آفيسرن سان ملي لاهي سگهان. منهنجو جهاز پندرهن ڏينهن ڪن لاءِ ڪراچيءَ ۾ لنگر انداز هو. هڙئي ڏينهن، دوست جي ڪم خاطر آفيس ۾ مختلف اثر رسوخ رکندڙ همراهن وٽ چڪر هڻندي گذري ويا پر ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو.

آخري ڏينهن تي جڏهن شامَ ڌاري جهاز انگلينڊ جي ڪنهن بندرگاهہ لاءِ سڙهہ سانباهيا تہ سڪر جي هِڪَ همراهہ صبح پهرَ صلاح ڏني تہ ان ڪم لاءِ چو نہ پير پاڳاري کي چيو وڃي.

”آئون تہ نہ هن جو مريد آهيان ۽ نہ وري ڪو اهم ماڻهو.“ وراڻيومانس.

”پر ساڳي ديسَ جا رهواسي تہ آهيون ۽ وڏي ڳالهہ تہ هو انصاف ۽ حَقَ جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ڪرڻَ وارن مان آهي. مون کي پڪ آهي تہ هو تنهنجي دوستَ جي ضرور مدد ڪندو.“ هن منهنجي همٿ وڌائي.

موجوده پير پاڳاري ۽ سندس خاندانَ بابت احوال ڪيترن ئي پاڪستاني توڙي يورپي ليکڪن جي ڪتابن ۾ شوقَ سان پڙهي چڪو هوس. مختلف ملڪن ۾، خاص ڪري سنگاپور، هانگ ڪانگ، انڊونيشيا، ملائيشيا پاسي سندن مسلمان توڙي هندو مريدن سان مليو هوس پر روبرو اجا آئون نہ ملي سگهيو هوس. جيتوڻيڪ منهنجي اها دلي خواهش هئي تہ هڪ واري جڏهن ڪراچيءَ ۾ جهاز جي چڪر ڪان آزاد ٿيندس تہ سنڌ جي اهڙين شخصيتن سان پري پري شهرن تائين وڃي ضرور ملندس. ”پر هينئر ڪم جي بهاني سان جيڪڏهن ڪجهه گهڙين لاءِ ملاقات  تي سگهي تي تہ اهي لمحا مون لاءِ قيمتي ٿيندا.“ اهو سوچيندي ٻن پهرن جا ٻارهن تي ويا هئا. دل ڪڏهن ان ئي وقت وڃڻ لاءِ چيو تي تہ ڪڏهن وقت گهٽ هجڻ ۽ جهاز جي sailing ويجهو هجڻ ڪري ٻئي دفعي لاءِ چيو تي. ”خبر ناهي گهر ملي يا نہ. خبر ناهي پير پاڳارو صاحب پاڻ هتي هُجي يا نہ. ۽ جي ڪٿي پاڻ هجي بہ پر ملڻ لاءِ وقت هجيس يا نہ. ۽ پير سان ملڻ لاءِ خبر ناهي ڪيترا رسم و رواج.“ مون سوچيو. ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن جيڪي وقت سان گڏ بدلبيون بہ رهن ٿيون تہ قائم دائم بہ آهن. جن جي ڄاڻَ لاءِ ڪنهن اهڙي جو گڏ هلڻ ضروري هو  جيڪو سنڌ جي ڳوٺن ۾ رهيو هجي ۽ انهن ريتن رسمن ڪان ڄاڻو هجي. پر ان مهل وقت ڪِٿي هو. جهاز جو بوائلر تپي ٻاڦ چڙهي رهيو هو ۽ ڊيوٽي انجنيئر انجڻ هلائڻ جي تيارين لاءِ انجيڪٽر پرائيم ڪري هاڻ مختلف پمپ هلائڻ وارو هو. جهاز جا ڊيڪ آفيسر هئچن کي آخري دفعو بند ڪري لنگر ڪڍڻ جو سوچي رهيا هئا. آئون جلدي جلدي جهاز جي ڏاڪڻ تان لهي بندرگاهہ ۾ بيهل ٽئڪسي ياڙي تي ڪري کي ڊي اي اسڪيم نمبر ون ڏي روانو ٿيس. اتفاقَ سان ڊرائيور کي پير پاڳاري جي بنگلي جي خبر هئي سو سڌو اچي در وٽ لاٿائين.

در جي ٻاهران ۽ اندر چڱن خاصن ماڻهن جو ميڙ هو ۽ لڳو تي تہ هي پري پري ڪان آيل هئا. اندر ڇپر تي ۽ ورانڊي ۾ پڻ ڪيترائي سٽڻ قميص ۽ پٽڪن ۾ نظر اچي رهيا هئا. ٽئڪسيءَ مان لهي، دربان کي پنهنجي نالي جو ڪارڊ ڏيئي پنهنجي ڄاڻَ ڪرائي. ان بعد پير پاڳاري سان ملڻ لاءِ پڇيو تہ آيا ان ٽائي ملڻ ممڪن آهي يا نہ. جواب ڏيڻ ڪان اڳ پاڻ وري ٻئي همراهہ، منشي يا سيڪريٽري ڪان پڇڻ ويو. واچ ۾ وقت ڏنم منهجهند جا اڍائي ٿيا هئا. اونهاري جي سخت گرمي ۾ هي آرام جو وقت ڪنهن عام ماڻهوءَ سان بہ ملڻ لاءِ مناسب نہ هو.

اجا انهن ئي خيالن ۾ هوس ته دربان اندر اچڻ لاءِ چيو. ورانڊي وٽ هڪ ٻيو همراهه آيو. دربان مون کي ان جي حوالي ڪيو جيڪو ماڻهن جي ميڙَ مان لنگهائي ڊرائينگ روم ۾ وٺي آيو. پٽ تي غاليچو وڇايل هو ۽ صوفا سيٽ خالي هئا. اتاهين چت واري هن وڏي هالَ جي چوڏاري نهاري مون هن هال جي سجاوٽ ڏسڻ چاهي ته سامهون ڪان پاسي واري ڪمري جو در کليو. شلوار قميص ۾ ملبوس چاپئين ڏاڙهي ۽ ڦڙتيلي جسم ۾ پير پاڳارو هو جنهن جي هن ڪان اڳ فقط اخبارن ۾ تصويرَ ڏٺي هيم. پاڻ ڪنهن بيحد چست فوجي آفيسر يا ائٿليٽ وانگر سمارٽلي وڌيو ۽ تيزيءَ سان مون سان هٿ ملائي واپس ساڳي ڪمري ۾ وٺي آيو.

ڪمري ۾ سامهون ڪِتابن جي ڍيرَ پرسان رکيل اسٽيريو تان انهن ڏينهن جي هِڪَ مشهور جئز ميوزڪ هلي رهي هئي. جيسين آئون ڳالهايان يا پير پاڳارو ڳالهائي تيسين رئڪ ۾ رکيل ڪجهه ڪِتابن جا نالا، ميوزڪ جي پسند ۽ ٽيبل تي پڪڙيل تازو ٽائيم، نيوز ويڪ رسالو ۽ لنڊن ٽائيمس اخبار ڏسي مُنجهي پيس ته آئون سنڌ جي ڪنهن روايتي پير سان ڳالهائڻ وارا "قبلهِ سائين"، "بخت برقرار هجي"، نموني جي جملن سان شروعات ڪريان يا سنئون سڌو، سلجهيل نموني سان جيئن هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان ڳالهائبو آهي جيڪو هڪ روايتي پير بدران پڙهيل ڳڙهيل، ذهين، سنو سياستدان ۽ بقول ڪنهن انگريز ليکڪ جي مادريٽ آهي. مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۽ آڪسفورڊ لنڊن جو گريجوئيٽ ۽ ڪرڪيٽ جو رانديگر آهي. شڪار جو شوقين ۽ ڪِتابن جو پوڄاري ۽ ميوزڪ جو پرڪائو هجڻ سان گڏ ماهر نفسيات، مذهب جو شيدائي، وڏي دل وارو ۽ خوش طبع انسان آهي.

آئون ان سوچَ ۾ ئي هوس ته شايد پاڻ ئي منهنجي اندر جي اڻ تڻ سمجهي، انگريزيءَ ۾ حال احوال پڇيو. سندس انگريزي جملا ۽ انهن جي ادائگي ٻڌي، آئون ڏاڍو متاثر ٿيس. بهرحال پنهنجي دوست جو ڪٽي آيل ڪم مختصر طور بيان ڪيم ته فلاڻا فلاڻا همراهه، سرڪاري ڪامورا يا راڄ ڏٽي چاهين ته ان مسئلي کي اينگهائڻ بدران ختم ڪري سگهن ٿا. پاڻ غورَ سان ڳالهه ٻڌڻ بعد ٻه چار ڳالهيون پڇي انهن مان هِڪَ ٻن ڄڻن کي ان ئي وقت فون ڪيو ۽ پنهنجي سيڪريٽريءَ کي سڏي باقي همراهن کي ٻئي ڏينهن تي سڏايو ۽ مونکي بي فڪر ٿي Sail ڪرڻ لاءِ چيو. موڪلائڻ وقت سندس مرڪ ڪيترائي سالَ گذرڻ بعد ۽ ڏور ڏور هِتي ملائيشيا ۾ ويني به ساري نه سگهيو آهيان. سندس ڳالهائڻ جو اسٽائيل ۽ ڳالهه جي تهه تائين تڪو پهچڻ لاءِ ٿورن سوالن جي چوندَ ۽ ان بعد At a spot فيصلو ڪري وٺڻ قابلِ داد ڳالهه آهي. ڪم ڪٽي منهنجي دوستَ جو هو جيڪو نه فقط انصاف پر "Justice-Without-Delay" ڪري ضرور خوش ٿيو پر خوشي مونکي به اڄ ڏينهن تائين آهي ته چڱو جو چند منٽن لاءِ ئي سهي پر ان شخصيت سان ملي ڇڏيم، جنهن جي خاندان بابت ننڍي هوندي کان ڪافي ڪِتاب پڙهيا هئم. خاص ڪري مغربي ليکڪن جا. پهريون ڪتاب شايد Saints of Sind هو جيڪو ميٽرڪ ۾ هوس ته تن ڏينهن جي انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومس پڙهڻ لاءِ ڏنو هو.

موجوده پير پاڳاري جو نالو پير سڪندر شاهه عرف سيد شاهه مردان شاهه ثاني آهي. پاڻ لکي سادات جي مشهور معروف سلسلي جو ستون پير آهي. سندن وڏا چوٿين صدي هجريءَ ۾ عباسي خليفن جي حڪومت ۾ عراق کان سنڌ ۾ آيا ۽ اسلامَ جي تبليغ جو فرض ادا ڪندا رهيا. هن خاندان جي بيحد مشهور بزرگ جو نالو سيد محمد بقا آهي جنهن کي ارڙهن پٽ هئا. جن مان "تذڪره صوفياءِ سنڌ" ڪِتاب جي مصنف اعجاز الحق قدوسيءَ جي چواڻي: "پير سيد محمد راشد علم ۽ فيض، تقويٰ ۽ تقدس، علمِ ۽ تصوف جي ڪري غير معمولي شهرت حاصل ڪئي." ان ڪري هو ئي پنهنجي والد جو جانشين مقرر ٿيو ۽ وڏن جي گاديءَ تي ويهي اسلامَ جي خدمت ڪرڻ لڳو. سندس مريدن جو تعداد تن ڏينهن ۾ نَون لکن تائين پهچي ويو هو.

پير محمد راشد جي وفات کان پوءِ سندس ٻن پٽن: پير صبغت الله ۽ پير محمد ياسين جي وچ ۾ گادي نشيني تي اختلاف ٿيو. انھن ڏينھن ۾ هن خاندان جا ٻه خاص نشان هئا: پڳ ۽ جھنڊو. پير محمد ياسين جي حوالي جھنڊو ٿيو ۽ اڄ سعيد آباد جي پر ۾ رهيو ۽ ان جو اولاد اڄا تائين جھنڊي وارا پيرَ سڏجن ٿا. هوڏانھن پير صبغت الله وٽ خاندان جي پڳ آئي جيڪا دراصل وڏن جي اهم نشاني سڏي وڃي ٿي. ان ڪري پاڻ گادي نشين ٿي صبغت الله اول جو لقب اختيار ڪيو. اهڙيءَ طرح خاندان ٻن سلسلن ۾ ورهائجي ويو. پير پاڳارو ۽ پير جھنڊي وارو.

پير صبغت الله اول عرف پير پاڳارو اول حُر تحريڪ جو پڻ باني هو. سندس وفات ڪانپوءِ سندس پڳ سندس پٽ پير علي محمد جي  مٿي تي آئي. پر هن اها پنھنجي جيئري پنھنجي هٿن سان پنھنجي پٽ پير علي گوهر کي پھرائي گادي نشين ٻڌايو ۽ پاڻ پير پاڳارو ثاني سڏجڻ لڳو. ان ڪانپوءِ پير حزب الله شاهه پير پاڳارو ٽيون، پير علي گوهر ثاني پير پاڳارو چوٿون ۽ پوءِ پير شاهه مردان پير پاڳارو پنجون ٿيون.

1922ع ۾ پير شاهه مردان، يعني پير پاڳاري پنجين وفات ڪئي ۽ هن جي جاءِ تي پير سيد صبغت الله ثاني (موجوده پير پاڳاري جي والد) گادي نشيني اختيار ڪئي ۽ پير پاڳارو ڇهون سڏجڻ لڳو. سندس مريدن جو تعداد ان زماني ۾ ئي لکن تائين وڃي پھتو هو جيڪي مڙيئي پير پاڳاري جا سچي دل سان عقيدتمند هئا. حُرن جي گاديءَ جو هنڌ پير جو ڳوٺ آهي جِتي سندن پيرن جا مقام ۽ درگاهون آهن. پير پاڳارو جي بي پناهه طاقت اڳيان تن ڏينھن جي وقت جي انگريز حاڪم به پاڻ کي بيوس محسوس ڪيو ٿي. 1930ع ۾ انگريزن پير جي ڳوٺ تي وڏو حملو ڪيو ۽ ڪوڙيون شاهديون ڏيئي ڪيس ڇئن ساٿين سميت پنج پنج سالَ قيد جي سزا ڏني. 1936ع ۾ آزاد ٿيڻ تي پير پاڳاري جو مانُ ۽ مرتبو حُرن جي نظر ۾ ويتر وڌي ويو. اها حالت ڏسي انگريز هيڪاندا ڇتا ٿي پيا. هو جيترو پير پاڳاري جي طاقت کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا اوترو ئي اها وڌيڪ اُيرڻ لڳي. آخر انگريزن ٻيو ڪو چارو نه ڏسي 1941ع ۾ سنڌ ۾ مارشل لا لڳايو ۽ بري فوج ۽ ٽئنڪس سميت پير پاڳارو جي علائقي ۾ داخل ٿيا. مٿان هوائي جھازن رستي پڻ بي گناهه حُرن ۽ سندن سر زمين تي حملا ڪيا ويا. هڪ سال تائين پير پاڳارو جا مُريد انگريز سرڪار سان مقابلو ڪندا رهيا ۽ حُرن انگريز حڪومت کي جيئن جو تيئن نقصان رسايو. ايتري قدر جو انگريز بيحال ٿي گھبرائجي ويا ۽ سڌو سنئون مقابلو ڪرڻ بدران شيطاني چالون هلڻ لڳا. هنن ٻاهران صلح نامو ۽ دوستيءَ لاءِ هٿ وڌائي دوکي رستي پير پاڳاي کي قيد ڪيو. 1943ع ۾ ڪين ڪورٽ مارشل ڪيو ويو ۽ مٿن انگريز حڪومت خلاف نفرت پکيڙڻ ۽ جنگ ڪرڻ جا ڏوهه ثاقي موت جي سزا جو حڪم ٻڌايو ويو ۽ پوءِ ڪنھن لکل هنڌ تي وٺي وڃي ڦاسي ڏني.

پير پاڳارو جي شھيد ٿيڻ جي خبر ٻڌي گڏيل هندستان جي هر محب وطن ۽ هر سنڌيءَ کي سخت صدمو رسيو. حُر سخت غم ۽ غصي ۾ اچي ويا. انگريزن ۽ سندن ڪامورن خلاف چوڏاري ڏڪار جي باهه جا اُلا ٻرڻ لڳا. انھن ڏينھن ۾ سنڌ جي وزير اعليٰ مسٽر الله بخش کي ڏينھن ڏني جو شڪارپور ۾ قتل ڪيو ويو. حيدرآباد جي ويجھو پنجاب ميل کي اونڌو ڪيو ويو. سنڌ جي وزير داخلا ۽ ڊزن کن آفيسرن کي گوليءَ سان ماريو ويو. ماڻھن تي پنھنجو رعب هلندو نه ڏسي برطانوي حڪومت چرين وانگر حُرن تي حملا ڪيا. انھن کي ڏوهاري سڏي سندن جايون جڳھيون ضبط ڪرڻ لڳي ۽ پير جي ڳوٺ جي قلعي کي بمباريءَ سان تباهه ڪري ڇڏيو. شھيد پير صبغت الله جا ٻه فرزند هئا. سيد سڪندر شاهه ۽ سيد نادر شاهه. انگريز حڪومت هنن کي مسلم يونيورسٽي، عليگڙهه موڪليو جِتان پوءِ ڪين انگليند پاڻ وٽ رکيو. هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد سنڌ جي حڪومتَ اعلان ڪيو ته پير پاڳارو ستون تسليم ڪيو ويو آهي. پڳ پھرائڻ جي رسم 6 فيبروري 1952ع تي پير جي ڳوٺ ۾ ٿي. پير پاڳارو ان کان ڪجھه مھينا اڳواٽ انگليند مان موٽي پنھنجي اباڻي وطن هلي آيو هو. جيتوڻيڪ سندن آمد جو اطلاع ماڻھن کان ڳجھو رکيو ويو هو ته به سندن مريد هزارن جي تعداد ۾ ڪراچي ايئرپورٽ تي پھچي روحاني پيشوا جو ديدار ۽ آڌر ڀاءُ ڪرڻ لاءِ اچي نڪتا. پير سڪندر شاهه ۽ نادر شاهه جڏهن هوائي جھاز کان ٻاهر آيا ته پير علي محمد راشديءَ سندن تعارف ڪَرايو. حُرن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ، بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ڪلمي ۽ مخصوص نعري ”ڀيج پاڳارا“ سان آسمان ڪٽي ڏنو.

پڳبندي ۽ گادي نشيني جي رسم جڏهن ڳوٺ ۾ سرانجام ڏني ويئي ته لکين مريدن کان علاوه، هند سنڌ مان دين جا عالم، آفيسر، ڪامورا ۽ ٻيا ماڻهو اچي گڏ ٿيا.

انگريزن جي دؤر ۾ توڙي اڄ جي هن آزاد ۽ ماڊرن دؤر ۾ سڄي هند سنڌ ۾، جيتري عزت، چاهت، عشق، محبتا ۽ جان فدا ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ جو جذبو پير پاڳاري جي مريدن ۾ آهي اوترو شايد ئي ڪنهن ٻئي هنڌ هجي. اردو جي رسالي سياري ڊائجيسٽ ۾ هڪ دفعي سراج نظاميءَ بيان ڪيو ته مرحوم شهيد پير صبغت الله هڪ مقدمي جي پيرويءَ لاءِ تن ڏينهن جي وڏي وڪيل جناب قائد اعظم محمد علي جناح کي بمبئيءَ مان گهرايو. قائد اعظم کي اسٽيشن کان آڻڻ لاءِهڪ معمولي قسم جي موٽر ڪار موڪلي ويئيجنهن لاءِ ڪيس بعد ۾ پير پاڳاري ٻڌايو: ”ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته مون وٽ هڪ کان هڪ اوچيون ڪارون بيٺيون آهن پر جيڪڏهن منهنجا حُر توهان کي ان موٽر ۾ ڏسي وٺن ها جنهن ۾ سنڌن پير چڙهي ٿو ته توهان کي يڪدم ماري ڇڏين ها.“

ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پيرپاڳاري جي مريدن کي پنهنجي پير سان ڪيترو عشق ۽ عقيدت آهي.

# هز ماسٽرس وائيس

جپان جا شهر ڪوبي ۽ اوساڪا ائين آهن، جيئن سکر ۽ خيرپور يا اسلام آباد ۽ راولپنڊي. يعني چڱا ويجها ويجها آهن. خير مفاصلي ۾ ته ڪوبي ۽ اوساڪا ايترو ويجهو نه آهي پر هلندڙ گاڏين جي تيزفتاري ۽ هر وقت گاڏي تيار ملڻ ڪري جڻ ٻئي شهر ڳنڍيا پيا آهن. ان ڪري جهاز جڏهن به ڪوبي هوندو هو ته اوساڪا جا ٻه چارچڪر ضرور ٿيندا هئا ۽ ساڳي وقت جهاز اوساڪا لنگر هٽندو هو ته جهازي ڪوبي ضرور ويندا هئا ـ شاپنگ ڪرڻ، ساهيڙين سان ملڻ، گهمڻ ڦرڻ وغيره وغيره.

ڪوبي کان اوساڪا ويندي وقت اوساڪا شهر جي وچ واري وڏي ريلوي اسٽيشن اوساڪا اميدا اچڻ کان ٿورو اڳ هڪ وڏي عمارت جي پٽ تي مشهور رڪارڊن جي ڪمپني HMV (هز ماسٽرس وائيس) جو هڪ وڏو اشتهار پينٽ ٿيل آهي. اهو پري کان ئي چٽو ۽ صاف نظر اچي ٿو. پينٽ اهڙن رنگن ۾ ٿيل آهي جو گذريل ڏهن ٻارهن سالن کان جڏهن به وچ ته ساڳي حالت ۾ نظر اچي ٿو. وقت جي طوفانن ۽ بارشن يا اوساڪا شهر جي ڪارخانن جي دونهن ۽ ٻاڦن به هن تي اثر نه ڪيو آهي. نه وري ان عمارت اڳيان ڪا ٻي وڏي جاءِ نهي آهي جو هي اشتهار لڪي وڃي.

ان اشتهار تي نظر پوڻ سان اڪثر پراڻا آيل نون کي اها ڳجهارت ڏيندا آهن يا سوال ڪندا آهن ته هز ماسٽرس وائيس واري اشتهار ۾ ڏيکاريل ڪُتو جيڪو فوني جي گهگهوءَ اڳيان ٻن پيرن تي ويهي غور سان پنهنجي مالڪ جو آواز ٻڌي رهيو آهي نر آهي يا مادي....؟

۽ پوءِ جواب ڏيڻ وارا همراهه انگريزي لفظ (His) هز تي غور ڪري نر چوڻ بدران وتندا آهن ڪُتي کي غورَ سان گهوريندا تان جو ريل گاڏي اها بلڊنگ ٽپي اچي اسٽيشن اندر بيهندي آهي.

ريڊيو ٽرانسسٽر، ٽيپ رڪارڊر، ٽي وي، وي سي آر، واڪ مئن وغيره گذريل ويهن ٽيهن سالن کان هڪ ٻئي پٺيان ايجاد ٿيا آهن ۽ ماڻهن کي هڪ کان وڌيڪ ٻي ميوزڪ ٻڌڻ جي مشين ملي آهي. نه ته انهن کان اڳ سٺ ستر سالن تائين انگلينڊ، يورپ، آمريڪا توڙي آفريڪا، ايشيا ۽ آسٽريليا ۾ ماڻهن جي دل فوني تي وندرائي. هن مستطيل پيٽيءَ جي شڪل جي سرندي کي پاسي کان هڪ گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ جي هئنڊل جهڙي چاٻي هوندي هئي جنهن کي پرڻ يعني گهمائڻ سان اندريون گول اسپرنگ وتجي ستجي سوڙهوتي ويو ٿي. جيڪو پوءِ آهستي آهستي موٽ جا وٽ کائي اصلي شڪل ۾ اچڻ مهل مٿانئس رکيل اسپنڊل ۽ رڪارڊ کي به گول گهمائيندو هو ۽ ڪوڪي جي گهڪي سان رڪارڊ مان پيدا ٿيندڙ لهرون آواز جي صورت اختيار ڪنديون هيون. نه بئٽريءَ جي ضرورت نه اليڪٽرڪسٽيءَ جي گهرج. ان ڪري اهو گهر، اوطاق، هوٽل، دڪان تي وڃائي سگهبو هو. انگريز بهادر ته شڪار تي ويندا هئا ته ٻئي سامان سان گڏ هڪ شيديءَ کان اهو فونو ـ پوپو سميت پڻ کڻائيندا هئا.

بعد ۾ ته ٻين ڪمپنين جا به فونا نڪتا پر سڀ ۾ مشهور ”هز ماسٽرس وائيس“ ڪمپنيءَ جو چيو وڃي ٿو جنهن جو ٽريڊ مارڪ نپر (Nipper) ڪتو، يعني اهو اڇن ڪارن چٽن وارو، فوني اڳيان وينل آهي. هن ڪمپنيءَ کي گذريل سال 1984ع ۾ پورا سؤ سالَ ٿيا ۽ هن ڪُتي کي به پندرهن سالن گهٽ هڪ صدي پوري ٿيندي. هي ڪتو جيڪو تصوير ۾ هو ٻهو اصل تو لڳي دراصل لنڊن جي هڪ آرٽسٽ فرانسز بارا رائول جي نهيل پينٽنگ آهي جيڪا هن 1899ع ۾ ناهي. لنڊن جي آرٽسٽ Francis Barruad هڪ هو ٻهو اهڙو ڪتو هو ۽ جڏهن هو پنهنجي اسٽوڊيو ۾ ويهي فونو ٻڌڻ سان گڏ مصوري ڪندو هو ته سندس اهو ڪتو ان نموني سان فوني جي گهگهوءَ وٽ ويهي ان کي غورَ سان جاچيندو هو ۽ ڪيس ائين گهوريندو ڏسي فرانسز ڪانَ ڪڏهن ڪڏهن کل نڪي ويندي هئي. 1985ع ۾ جڏهن سندس اهو Nipper ڪتو مئو ته ڪيس ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ هن ڪُتي جي ياد ۾ هو ٻهو اهڙو ڪُتو ناهيو جيڪو فوني اڳيان وينل ڏيکاريائين.

تصوير 1899ع ۾ پوري ڪرڻ بعد هن اها انگلينڊ جي رائل اڪيڊمي ۾ ٽنگڻ جي خواهش ڏيکاري پر هن لفٽ نه ڪرائي. ان ڪري دلشڪستو ٿي فرانسز اها پينٽنگ ”ايڊيسن بيل فونو گراف ڪمپني“ وارن کي وڪڻڻ لاءِ روانو ٿيو جن جو فونو هن وٽ اسٽوڊيو ۾ رکيل هو ۽ تصوير ۾ پڻ هو اهو ئکي فونو ڏيکاريو هو.

پر افسوس جو انھن بہ اھو چئي کيس ٽاري ڇڏيو: ”نہ بابا اھڙي تصوير اسان ڇا ڪنداسين. ڪٿن بہ ڪڍھن ڪا ميوزڪ ٻڌي جو توھان ناھي آھي ۽ اسان وري ان ڪي خريد ڪريون.“

ايڊيسن فونو گراف ڪمپنيءَ جي مقابلي ۾ تن ڏينھن ۾ ھيءَ ”گراما فون ڪمپني“ ھوندي ھئي، جيڪا پوءِ HMV جي نالي سان اڄا تائين ھلندي اچي. آرٽسٽ فرانسز کي ڪنھن دوست صلاح ڏني تہ گراما فون ڪمپنيءَ جي فونن جو گھگھو ڪاري رنگ بدران پتل جو سونھري آھي، سو تون ان پينٽنگ ۾ فقط گھگھو کي اھڙو رنگ ڏيئي ڪٽي وڪڻي ڇڏ.

ان ڪم لاءِ فرانسز لنڊن ۾ گراما فون ڪمپنيءَ جي آفيس مان اھو فونو ڪجھ ڏينھن لاءِ اڌارو ونڻ لاءِ ويو. سندس ان گھر تي آفيس جي مئنيجر مسٽر وليم بئري ان تصوير بابت پڇا ڪئي ۽ ڏسڻ سان کيس ايترو تہ وڻي ويئي جو ھڪدم پنجاھ پائونڊ ائڊوانس ۾ ڪڍي ڏنا ۽ آرٽسٽ کي چيو تہ باقي پنجاھ پائونڊ ان تصوير ۾ ڏيکاريل گھگھوءَ جو رنگ سندس ڪمپنيءَ جي فوني جي گھگھوءَ جھڙو ڪرڻ بعد ڏنا ويندا.

فرانسز ڏاڍو خوش ٿي وڃڻ لڳو. در وٽ جڏھن پھتو تہ مئنيجر پڇيس: ”اھو ٻڌاءِ تہ تو ھونءَ ان تصويرَ کي ڪھڙو عنوان ٿي ڏيڻ چاھيو؟“

”ھز ماسٽرس وائيس - ھن جي مالڪ جو آواز.“

ضروري تبديليون آڻڻ بعد آرٽسٽ اھا تصويرَ آڪٽوبر 1900ع ۾ اچي ڪمپنيءَ کي ڏني ۽ ان ئي ڏينھن کان اھا تصويرَ ڪمپنيءَ جي ٽريڊ مارڪ طور اشتھارن ۾ ڪم اچڻ لڳي. اھا تصوير نہ فقط رڪارڊن تي پر رسالن، اخبارن، پتي جي ڪارڊن تي ۽ سئين جي ڊٻلين تي پڻ مشھوريءَ خاطر ڏني ويئي.

ڪيترن ملڪن ان تصويرَ ۾ ڪُتي جي ھُجڻ ڪري اشتھار طور ڪم آڻڻ ۾ ھٻڪ ڏيکاري، جھڙوڪ روس ڪيترن سالن تائين ماٺ ۾ رھيو. مصر تہ سنئون سڌو انڪار ڪري ڇڏيو تہ جيئن تہ اسلام ۾ ڪُتو پليد جانور سمجھيو وڃي ٿو ان ڪري ماڻھو ان جي تصويرَ واريون شيون گھرن ۾ نہ رکندا. اٽليءَ بہ تمام گھڻي سستي ڏيکاري جو اٽليءَ ۾ پڻ ڪُتي جو راڳ ٻڌڻ سني سُر يا آواز جي نشاني نہ پر خراب ڳالھہ سمجھي وڃي ٿو. جيئن پاڻ وٽ بي سُري ڳالھائيندڙ کي چوندا آھيون: ”ماٺ ڪر، ڇو ٿو پاڙي جا ڪُتا ڪڏ ڪرين.“

بھرحال خريد ڪيل اصلي تصويرَ ڪمپنيءَ جي چيئرمين جي آفيس ۾ ٽنگي ويئي ۽ باھ لڳڻ تي سڀ کان پھرين ان کي بچائڻ جي تاڪيد ڪئي ويئي. ھن ڪُتي جي تصويرَ ڪري ھن آرٽسٽ فرانسز جو سڄي دنيا ۾ نالو ٿيو جنھن تصويرون تہ ٻيون بہ ڪوڙ ناھيون ھيون ۽ نہ فقط وقت بوقت کيس ڪميشن طور پئسا ڏوڪڙ ملندا رھيا پر HMV ڪمپنيءَ ھن لاءِ پينشن پڻ مقرر ڪئي.

# سنگاپور جا سُکَ حال سِکَ

سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ سک پڻ ڪافي عرصي ڪان رهن ٿا. سکن کي هتي جا ڪي ماڻهو پنجابي سڏين ته ڪري وري بنگالي. بنگالي ان ڪري جو اوائلي ڏينهن ۾ ملائيشيا يا سنگاپور پهچڻ لاءِ فقط سامونڊي رستو ئي هو. هوائي جهاز اڃا ايجاد نه ٿيا هئا. انجڻ ۽ هلندڙ پاڻيءَ جي وڏن جهازن بدران سڙهن تي هلندڙ ٻيڙا هئا ۽ پوءِ ويهين صديءَ جي شروع ۾ جڏهن ٻاڦ جا جهاز هلڻ لڳا ته به يڪ ساهيءَ وڏو سفر ناممڪن هوندو هو. سو جهاز منزلون ڪندا ڪندا آخر ۾ بنگال جي بندرگاهه ڪلڪتي ڪان ملاڪا ۽ سنگاپور پهچندا هئا. ان ڪري ڪلڪتي (بنگال) پاسي ڪان ملايا ايندڙ سيئي بنگالي سڏبا هئا. ويندي گجراتي، سنڌي، برمي پڻ. جڏهن پورچوگالي ملاڪا پهتا ته ڪين به هتي جا ملئي ماڻهو بنگالي سڏڻ لڳا. پر سندن گوري رنگ ڪري ڪين سفيد بنگالي سڏيو.

سک اوڻهين صديءَ جي آخر ڪان هن پاسي اچڻ لڳا. ڪجهه پوڙها سک جيڪي اڃا جيئرا آهن ۽ ويهين صديءَ جي شروع ۾ هيڏانهن سنگاپور آيا تن مان ٽن چئن جو احوال هِتي ڏيان ٿو. سِکن ڪي سندن بهادري ۽ وفاداريءَ ڪري انگريزن ڪين گورکن ۽ پناڻن وانگر پاڻ سان گڏ رکيو ۽ فوج ۽ پوليس جهڙن ڪاتن ۾ پڻ گهڻو آندو ۽ جتي جتي انگريزن جي حڪومت هئي اتي پڻ موڪليو. ان هل چل ۽ لڏ پلاڻ ۾ ڪيترا سک ڌارين ملڪن: فجي، آسٽريليا، نيوزيلينڊ کان ملائيشيا، سنگاپور ۽ جبرالٽر ۾ رهائش پذير ٿيا. اتي پنهنجا پاڙا ۽ گوردوارا اڏيائون. اولاد کي جيتوڻيڪ نئين ملڪ ۽ ماحولَ ۾ پڙ ڪيائون پر پنهنجي تهذيب، ٻولي ۽ مذهب قائم دائم رکيائون. ننڍي ڪنڊ جا هڪڙا سک ئي آهن جيڪي اڃا تائينپنهنجي زبان پنجابي صاف ۽ ساڳي ان لهجي ۾ ڳالهائين ٿا جيڪا اڄ به سندن اباڻي شهر امرتسر ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ڪيترن بئنڪن، هوٽلن ۽ سرڪاري عمارتن جا چوڪيدار ۽ دربان سک آهن. ان ڪري هِتي جا ڪجهه ماڻهو سيني سکن کي جگا سمجهن ٿا. ”جگا“ ملئي لفظ اهي جنهن جي معنيٰ دربان، چوڪيدار يا سيڪيورٽي گارڊ آهي. پر اها ڳالهه ناهي ته سک رڳو جگا آهن. ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ سک اڄڪلهه هر ميدانَ ۾ ملندا. واپار ۽ ڌنڌي ۾ ته سرڪاري ۽ ذاتي نوڪرين ۾ پڻ. ڪيترائي سک ناليرا ڊاڪٽر، سرجن، وڪيلَ، جج فوجي آفيسر، اسڪول جا ماسٽر، ريلوي ۽ پوسٽ ماسٽر ۽ ويندي جهازن جا ماسٽر (ڪئپٽن) آهن.

سک پئسي ڏوڪڙ جي بچت واري عادت ڪان پڻ مجيل آهن. ڪنهن ننڍي نوڪريءَ ۾ سک هوندو ته به بچائي پنهنجيءَ وارو ٿي ويندو ۽ پيريءَ ۾ ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگڻ بدران خوشحال ۽ پُر سڪون زندگي بسر ڪندي نظر ايندو. اهوئي سبب آهي جو هيءَ ڪميونٽي ڏينهون ڏينهن خوشحال ٿيندي وڃي. پئسي ڏوڪڙ ۾ به ته تعليمَ، ڌنڌي ۽ مانُ مرتبي ۾ به. ان ڪان علاوه سک خوش طبيعت، ملڻا جلڻا، ڪلائينڊڙ، چرچائي پوڳائي ۽ رنگين مزاج پڻ آهن. سندن چرچا جيڪي هنن پنهنجو پاڻ تي ناهيا آهن يا جيڪي ماڻهن هنن تي ناهيا آهن، سي دنيا ۾ مشهور آهن. ڏسڻ ۾ دهشت وارا ۽ قداور، موقعي ۽ مهلَ تي دلير ۽ جهڳڙالو هوندي به دل جا نرم، دوستي ياريءَ جا مضبوط، سنا پاڙيسري ۽ اوکي ويلَ ڪم اچڻ وارا آهن. اهو ئي سبب آهي جو جنهن به مُلڪَ ۽ قوم سان گڏ رهن ٿا انهن کي بيزار نٿا ڪن. پاڻ به خوش رهن ٿا ۽ ٻين جو به خيال رکن ٿا.

هڪ ليکڪ جي ناتي سان انٽرويو ونڻ مهل سک هيڪاندا Co-opeative لڳا آهن. ڪنهن به سک کان سندس ذات يا سندس ڌنڌي ڌاڙي، ملڪ، قوم، رسم ۽ رواج، مندر گوادواري يا مذهبي توڙي سوشل جلسي جلوس بابت سوال ڪر ته هڪدم ديانتداري ۽ صاف گوئيءَ سان ٻڌائڻ شروع ڪندو، ڳالهه لڪائڻ يا لفظن کي چيڀي چٿي وات مان ڪيڻ جي عادت هرگز نه اٿن.

هتي ٽن چئن انهن پوڙهن سکن جو مختصر احوال ڏيان ٿو، جن اڄ کان منو صدي ڪن اڳ سنگاپور ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هاڻ اهي پٽن پوٽن سميت پاڻ کي سنگاپوري سڏائين ٿا. جيتوڻيڪ سندن پائر، سؤٽ، ماسات ۽ انهن جو اولاد اڃا پنجاب (انديا) ۾ ئي رهي ٿو جن سان پڻ سندن تعلقات قائم آهن ۽ ڪجهه سڱابنديون پڻ اڃان تائين انهن سان هلنديون اچن.

## پھريون مئرين انجنيئر ـ شايد

سردار تارا سنگھ انھن سکن مان ھک آھي جيکي ھن صديءَ جي شروعات ۾ پنھنجو اباڻو پنجاب (انڊيا) ڇڏي سنگاپور ۾ اچي Settle ٿيو. سندس پيءُ سردار پارگت سنگھ انگريزن جي حکومت ۾ انڊين گھوڙيسوار فوج (Indian Cavarlry) ۾ ھو. اتي سندس دل نہ لڳي سو 1901ع ڌاري ھندستان کي الوداع چئي آسٽريليا لڏي وڃڻ لاءِ روانو ٿيو. رستي تي منزل ڪرڻ لاءِ جھاز سنگاپور ۾ ڪجھ ڏينھن لاءِ ترسيو جِتي سندس ڪجھ پراڻن دوستن سنگاپور ۾ ئي ٽڪڻ لاءِ زور پريس. ڪيس بہ سنگاپور جو بيٺ پسند اچي ويو ۽ آسٽريليا وڃڻ جو ارادو لاھي اتي ئي رھي پيو ۽ پوءِ بعد ۾ جڏھن ھو چڱي طرح ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ لڳي ويو تہ پنھنجي فئملي کي پڻ سنگاپور ۾ اچي رھڻ لاءِ اطلاع ڪيو ۽ 1905ع ۾ سندس پٽ سردار تارا سنگھ پنھنجي ماءُ سان گڏ اچي ساڻس مليو. ان وقت سندس عمر پنج ڇھ سالَ مس ھئي.

تارا سنگھ ٻڌايو تہ ھو پرائمري تعليم لاءِ سنگاپور جي ھڪ Anglo-Chinese پرائمري اسڪول ۾ ويندو ھو. پاڻ جيتوڻيڪ ھن وقت پنجاسي سالن جو ٿيندو، پر ڪيس چٽيءَ طرح اھي ڏينھن ياد آھن جڏھن ھو اسڪولَ کان گھر پنڌ ايندو ھو ۽ ڪيس اھو بہ ياد آھي تہ اسڪول بعدَ باقي وقت ڪيئن گذاريندو ھو.

تارا سنگھ جو ننڍي ھوندي کان واپار ڏي رجحان ھجڻ ڪري ھن ڌنڌي کي سونگھي ورتو ٿي تہ کھڙي ڌنڌي ۾ فائدو ۽ اُپت آھي. اسڪول مان موٽڻ بعد ھو ھندو ديوتائن ۽ ديوين جون مورتيون وڪڻندو ھو. اسڪول جي تعليم ختم ٿيڻ تي مئرين انجنيئر ٿيڻ لاءِ تارا سنگھ جي ڪيپل شپ يارڊ Docks ۾ پنج سالَ جھازن جي مرمت ۽ جھاز ھلائڻ جي سکيا ورتي. ھي اھو دؤر ھو جڏھن ٻاڦ تي ھلندڙ جھاز اڃا نوان نوان نھيا ھئا ۽ انھن ڏينھن ۾ مئرين انجنيئر ٿيڻ لاءِ ڪنھن شپ يارڊ ۾ فقط پنجَ سالَ پريڪٽيڪل سکيا وٺڻ ڪافي ھئي. سردار تارا سنگھ نہ فقط پھريون سک مئرين انجنيئر چئي سگھجي ٿو پر يقين سان ھو ننڍي کنڊ جي چند شروعاتي مئرين انجنيئرن مان ھڪ ھوندو ۽ انگلينڊ جي مشھور مئرين انجنيئر جان لئمب جو ڪليگ سڏي سگھجي ٿو جيڪو پڻ ساڳي دؤر ۾ انگلينڊ جي شپ يارڊ ۾ مئرين انجنيئرنگ جي سکيا وٺي رھيو ھو ۽ اڳتي ھلي نہ فقط دنيا جو مشھور مئرين انجنيئر ٿيو پر سندس لکيل ڪِتابَ خاص ڪري مئرين انجنيئرنگ تي، اڄ بہ پڙھيا وڃن ٿا. سندس سوٽٽاڻو سؤٽ چارلس لئمب انگريزي شاعَريءَ کان دنيا ۾ مشھور آھي.

سردار تارا سنگھ ٻڌايو تہ سکيا دوران تنھن زماني ۾، ڪيپل ڊاڪس ۾ مھيني ۾ فقط پنج ڊالر پگھار ملندو ھو جيڪو پوءِ آخري سال ۾ يارھن ڊالر (يعني اسي رپيا) ڪن ٿيو. شپ يارڊ ۾ سکيا دوران گھٽ پگھار جي مزي جي ڳالھہ اھا آھي تہ اڄ بہ اھو پگھار، اسڪالر يا ڪٽي چئجي تہ ڪيسي جي خرچي اھا ساڳي معمولي آھي. جيتوڻيڪ اڪيڊمين ۾ ڪاليجي تعليم وڌائڻ ڪري اھو مدو پنجن سالن مان گھٽائي ٽي سالَ ڪيو ويو آھي. ساڳي سن ۾ انگلينڊ ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ بہ ايترو ئي پگھار رکيل ھو. جيتوڻيک شپ يارڊ جي سکيا بعد جيئن مئرين انجنيئر جي حيثيت سان جھاز تي ئي ڪو چڙھي ٿو تہ پگھار ۾ ھڪدم وڏو فرق اچيو وڃي پر Apprentice وارن ڏينھن ۾ اھو گھٽ ئي رھي ٿو، شايد ان ڪري جو ان شپ يارڊ ۾ سکيا دوران ڪيترائي قيمتي ڏاتو ۽ مشينري ھڪ سيکڙاٽ استعمال ۽ ضايع ڪري ٿو ۽ شپ يارد کي سکيا وٺندڙن مان فائدي بدران ڪافي نقصان رسي ٿو. 1964ع ۾ جڏھن آئون شپ يارڊ ۾ ھوس تہ اسان کي بہ اھو پگھار/جيب خرچي فقط اسي رپيا مھيني ۾ مليا ٿي. جيڪي ٻئي سال نَوي ٿيا ۽ آخري سال ھڪ سؤ روپيا ٿيا. اڄڪلھہ ويھہ سالن بعد بہ اھي پگھار جڻ اتي ئي بيٺا آھن ۽ سکيا وٺندڙ مئرين انجنيئرن کي شپ يارڊ ۾ مھيني ۾ بہ اڍائي سؤ روپيا مس ٿا ملن.)

بھرحال سردار تارا سنگھ پنھنجي ماءُ ۽ ننڍي ڀيڻَ کي پالڻ لاءِ راتين جون راتيون چوڪيداري ڪري چار پئسا ڪمائي ٿي ورتا. ساڳي وقت موڪلن ۾، پاڻ ٻڌائين تہ پنجاھہ ڊالر کن جا جوراب، گنجيون، رومال ۽ ٻيو اھڙو سامان ڪارخانن تان سستو وٺي گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ ھوڪو ڏيئي وڪڻندو ھو. جنھن مان پڻ ڪيس چڱو فائدو ٿيندو ھو ۽ گھر جو خرچ سٺي طرح پيو ھلندو ھو. 1925ع ۾ ھن جي ٽريننگ ختم ٿي ۽ جيئن ئي مئرين انجنيئر ٿيو تہ ڪيس Straits Steamship ڪمپنيءَ کان سندن جھاز تي ففٿ انجنيئر جي نوڪري ڪرڻ جي آڇ ملي.

بدقسمتيءَ سان يا شايد خوش قسمتي چئجي جو انهيءَ سال جيئن تہ هو شاديءَ لاءِ هندستان وڃي رهيو هو سو هن اها آڇ قبول نہ ڪئي ۽ سال ڪن انڊيا ۾ رهي پوءِ ٻئي سال سنگاپور وريو. پر انهيءَ دوران تارا سنگهہ ڏٺو تہ نوڪري تہ نوڪري آهي چاهي جهاز جو انجنيئر ٿجي يا هوائي جهاز جو پائليٽ. حقيققت ۾ وڏنڊڙ ڪم واپار ئي آهي. واپار نوڪريءَ کان وڌيڪ دلچسپ بہ ٿئي ٿو تہ ان ۾ ماڻهو آزاد بہ رهي ٿو.

۽ پوءِ ڪجهہ سال گاڏي تي سامان رکي وڪڻڻ بعد هن سنگاپور جي ٽئنگلن علائقي ۾ پنهنجي نالي سان دڪان کوليو. اڄڪلهہ جيڪو ٽئنگلن شاپنگ آهي ان جي بلڪل سامهون سردار تارا سنگهہ جو هي دڪان اڌي صديءَ تائين سنگاپور جي اهم نشاني ٿي رهيو. ساموئڊي نوڪريءَ جي شروع وارن سالن ۾ اسان بہ ڏٺو پوءِ سنگاپور ۾ هڪدم رفتار سان تبديلي اچڻ ڪري جتي ڪتي ايئرڪنڊيشنڊ ۽ ماڊرن قسم جا ڊپارٽمينٽل اسٽور نهڻ لڳا ۽ هن دڪان جي پڻ پنجاهہ سٺ سال پراڻي شڪل بدلائي نئين ڪئي ويئي. تارا سنگهہ ان دڪان ۾ ننڍيون وڏيون شيون رکي وڪڻڻ کان علاوه مليٽري جا نيڪا پڻ ڪنيا جنهن هيٺ هو يونيفارم، ٽوپيون، بوٽ، رسيون پڻ سپلاءِ ڪندو هو ۽ ان سڀني ڪاروبار کي مُنهن ڏيڻ لاءِ هن ڪيترائي درزي، ڌوٻي، موچي ۽ حجام پگهار تي رکيا.

انهن ڏينهن ۾ هانگ ڪانگ ۽ شنگهائي بئنڪ ۾ اڪائونٽ کولڻ وڏي ڳالهہ سمجهيو ويو ٿي ۽ فقط يورپين کي ئي اهو اعزاز مليل هو. سردار تارا سنگهہ ايشيا جي چند شروعاتي ماڻهن مان هڪ هو جنهن جو اڪائونٽ هن بئنڪ (HSBC) ۾ هو ۽ ساڳي وقت هي سنگاپور ۾ پهريون هندستاني هو جنهن موٽر ڪار خريد ڪئي.

سنگاپور ۾ سکن جي پنهنجي وڏي جماعت ”سنگاپور خالصا ايسوسيئيشن“ آهي. سردار تارا سنگهہ هن جماعت جو بنيادي ميمبر آهي. سردار تارا سنگهہ هاڻي ڪافي پوڙهو ٿي ويو آهي تہ بہ ڪيس ايتري همت آهي جو پنهنجين ضرورتن کي پاڻ ئي منهن ڏئي ٿو. ڪيس بہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. وڏو پٽ سنگاپور براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن ۾ سينيئر آفيسر آهي. ننڍو پٽ راندين جي سامانَ جو بزنيس ڪري ٿو.

## سڄي عمر چانهہ بنا رهندڙ

هڪ ٻيو سک جنهن سنگاپور کي پنهنجو گهر ۽ پنهنجو ديس سمجهيو سردار چنن سنگهہ آهي. سردار چنن سنگهہ 1903ع ۾ ڄائو. اسڪول پنهنجي ملڪ، پنجاب ۾ ختم ڪرڻ بعد هڪ سال ڪن ڪنهن وڪيلَ وٽ ڪم ڪيو. جڏهن ويهن سالن جو ٿيو تہ انجنيئري پڙهڻ لاءِ ڪيس سندس پيءُ آمريڪا موڪليو. پر هو آمريڪا پهچي نہ سگهيو. رستي تي سنگاپور ۾ پنهنجي چاچي وٽ ڪجهہ ڏينهن ٽڪڻ دوران سندس چاچي ڪيس آمريڪا وڃڻ کان روڪيو ۽ سنگاپور ۾ ئي رهي پوڻ لاءِ زور پريو. سندس چاچي جو سنگاپور ۾ چڱو ڀير جميل هو. ماڻهن ۽ ڪمپنين کي وياج تي پئسا ڏيڻ کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا ڏنڌا سندس هٿ ۾ هئا. هڪ اهو بہ هو تہ هن ٻاهرين ملڪن کان آيندڙ جهازن ۽ وڏن واپارين ۽ دڪانن تي پهري لاءِ چوڪيدار ۽ باڊي گارڊ مهيا ڪيا ٿي. سندس سفارش تي چنن سنگهہ کي سپاهہ ۾ نوڪري ملي ويئي ۽ ڪيس پرل هل تي پوليس ڪاتي ۾ رکيو ويو.

انهن ڏينهن ۾ فوج يا پوليس ۾ فقط انهن کي رکيو ويو ٿي جن جا مائٽ پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندا هجن. چنن سنگهہ ٻڌايو تہ انگريز حڪومت گهڻو ڪري هندستان مان نوجوان نسل پوليس ڪاتي ۾ رڪروٽ ڪري ڪين ڪجهہ عرصي لاءِ سنگاپور ۾ پوليس جي سکيا ڏيڻ بعد هانگ ڪانگ يا شنگهائيءَ ۾ پوليس وارو ڪري رکيو ٿي.

ڪجهہ عرصي بعد چنن سنگهہ پوليس ۾ منشي طور پرتي ڪيو ويو ۽ ڪيس سنگاپور جو رابنس روڊ واري پوليس ڊيو تي رکيو ويو. سندس ڪم ”ترجمو“ ڪرڻ هوندو هو. (ملئي زبان ۾ منشي ترجمو ڪندڙ ماستر کي سڏجي ٿو. هي لفظ هندي سنسڪرت تان نندي ڪند مان هتي پهتو). اڳتي هلي 1940ع ۾ چنن سنگهہ جي نوڪريءَ ۾ واڌارو آٽي ڪيس ڪورٽ جو منشي (ترجمو ڪندڙ) ناهيو ويو ۽ ٻي وڏي لڙائيءَ بعد ڪيس سائوٿ برج واري پراڻي ڪورٽ ۾ اوٿ ڪمشنر ڪري رکيو ويو. ڪيس پنجابي، هندي، اردو، گورکلي، ملئي

۽ انگريزي زبانون چڱيءَ طرح آيون ٿي. سنگاپور جي سنڌي ۽ تامل واپارين سان لھ وچڙھ ھجڻ ڪري ھو سنڌي جا پڻ ڪجھ جملا ٻڌائڻ لڳو.

چنن سنگھ 1963ع ۾ رٽائر ڪيو پر ڪيس وري نون سالن لاءِ نوڪريءَ ۾ رکيو ويو. پاڻ ٻڌايائين تہ ھن سڄي ڄمار چانھ يا ڪافي نہ پيتي آھي. ھو فقط کير ۽ لسي شوق سان پيئي ٿو. سندس پٽ سنگاپور جي تعليم کاتي ۾ سينيئر آفيسر آھي ۽ پوٽو انگلينڊ ۾ وڪالت پڙھي رھيو آھي.

## پنھنجن ۽ ڌارين ۾ پيارو....

سردار چنن سنگھ جو ھڪ ٻيو ھم عمر سردار ھري سنگھ آھي جيڪو پڻ سنگاپور ۾ رھندڙ سکن جي چڱي جھوني ۽ اھم شخصيت آھي. پاڻ 1904ع ۾ گڏيل ھندستان جي گڏيل پنجاب ۾ ڄائو. سندس پيءُ جيوا سنگھ وھٽن جي وکري لاءِ انڊيا کان ھتي پھتو ھو. ھي انڊيا کان پاڻيءَ واري جھاز رستي ڏکيون ۽ مينھون پينانگ گھرائيندو ھو (پينانگ بيٽ پڻ سنگاپور وانگر اھم بيٽ آھي ۽ ھن پاسي انگريزن جو پھرين پينانگ تي قبضو ٿيو ۽ پوءِ سنگاپور تي). سردار ھري سنگھ جو پيءُ جيوا سنگھ اھو مال ريل رستي ملايا جي مختلف ڳوٺن شھرن ويندي سنگاپور تائين موڪليندو ھو.

پوٽنگ پاسر ۾ ھن وھٽن جو وڏو وٿاڻ ناھي ڇڏيو ھو جِتي انڊيا کان ايندڙ چوپايو مال گڏ ٿيندو رھندو ھو.

جڏھن ھري سنگھ سنگاپور آيو تہ ھن اباڻو ڌنڌو نہ ڪيو. جيتوڻيڪ ڪجھ عرصي لاءِ ھن جو وٿاڻ ويجھو رھڻ ٿيو. ھري سنگھ 1924ع ۾ پوليس ۾ ڀرتي ٿيو ۽ سکن جي ريجمينٽ ۾ پرلس ھل تي ڊيوٽي خاطر سندس ملاڪا، پينانگ ۽ ڪرسمس ٻيٽن تي بہ وڃڻ ٿيندو ھو. 1935ع ۾ ھري سنگھ انڊيا وڃي شادي ڪئي ۽ 1936ع ۾ زالَ سان گڏ واپس سنگاپور آيو. ٻي وڏي لڙائي شروع ٿيڻ کان ڪجھ ڏينھن اڳ ھن جو ڪٽنب انڊيا موٽي ويو پر پاڻ سنگاپور ۾ ترسي پيو. 1940ع ڌاري ڪيس فوج ۾ ڪارپورل بنايو ويو. ”1942ع ۾ مونکي لبوئان (Labuan) (بورنيو جي پرسان) ٻيٽ تي گيس جي فئڪٽري کي بچاءَ لاءِ موڪليو ويو ھو.“ ھري سنگھ اڄ کان ٽيتاليھ سالَ کن اڳ جو واقعو ياد ڪندي ٻڌايو. ”جپاني فوج بورنيو ۾ فيبروري 1942ع تي پھتي ۽ پوءِ اسان کي جھاز رستي واپس سنگاپور سڏايو ويو. رستي تي جپان جي ھوائي جھاز اسان جي مٿان بندوق جي گولين جو وسڪارو لڳائي ڏنو. پرپوءِ اڳتي ھلي ڊچ ھوائي فوج (جيڪا تن ڏينھن ۾ انڊونيشيا ۾ موجود ھئي) تنھن اسان جو ڍڪ ڪيو ۽ اھڙيءَ طرح سنگاپور تائين سلامتيءَ سان پھچي وياسين.

ھري سنگھ ٻڌايو تہ جنھن ڏينھن ھو سنگاپور پھتا ان ئي ڏينھن جپانين سنگاپور کي بہ فتح ڪيو. جنھن بعد جپانين ماڻھن تي مار موچڙو شروع ڪري ڏنو. چينين کي تہ ڏاڍو ماريائون. ترڪن جون ترڪون چيني ماڻھن سان ڀري سمنڊ ۾ ٻوڙيائون يا چانگي واري جيل ۾ (جتي اڄڪلھ سنگاپور جو ايئرپورٽ بہ آھي) ڦاھيءَ تي لڙڪائيائون. ملئي ۽ انڊين تي سختي مڙيئي گھٽ ھئي. ڪين ننڍيون ننڍيون نوڪريون ڪرڻ ۽ ڪاروبار ھلائڻ جي بہ اجازت ڏنائون. اسڪولن ۾ انگريزيءَ بدران جپاني پڙھڻ لاءِ زبردستي ڪيائون. انگريزن مان ڪن کي تہ مارائي ڇڏيائون. ڪن کي جيلن ۾ ۽ ڪن کي گھرن اندر نظر بند ڪيائون. ڪجھ موقعا ملڻ تي ڀڄي ويا (جنھن جي ڪجھ روئداد بي بي سي لنڊن تي وي طرفان اڄڪلھ ھلندڙ ٽي وي سيريز ”Tenko“ ۾ پڻ ڏيکاري پئي وڃي جيئن اڄ جي نوجوانن کي انھن ڏينھن جي حالتن جي خبر پئجي سگھي تہ جپانين جي حڪومت ۾ سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ ڇا حالتون ھيون.)

سردار ھري سنگھ ٻين ڇھن ھمراھ سان گڏ بہ سالَ جپانين جي ھڪم تي مئڪسويل جيل (Maxwell-Prison) تي گارڊ ٿي رھيو، جنھن ۾ انگرز سپاھي ۽ آفيسر قيد ھئا. ان بعد جڏھن چانگي جيل خاني تي بدلي ڪئي ويئي، جتي چينين سان جپاني سولجرن ناحق ظلم جاري ڪري رکيا ھئا. ھن اتي نوڪري ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اُن جي سزا ۾ سندس چانورن جو راشن ڪيترن ئي مھينن تائين گھٽايو ويو. بھرحال پوءِ ڪيس آئوٽرام روڊ واري جيلَ تي بدلي ڪري جلاد طور رکيو ويو. زندگيءَ جي ھڪ اونھو اثر ڇڏيندڙ ياد ھن ٻڌائي تہ ھڪ دفعو ھڪ پيٽ سان چيني عورت کي ڦاھيءَ لاءِ تختي تي آندو ويو. ھن ان جي سرڪڻ جو رسو ڇڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جپاني پنھنجو حڪم پورو نہ ٿيندو ڏسي باھ تي ويا. ھري سنگھ کي ايڏي مار ڏنائون

جو چاڙيون ۽ ڏند پچي پيس ۽ نَون مهينن تائين اسپتال ۾ رهڻو پيس. پاڻ مکاني ماڻهن، چيني توڙي ملئين ۾ ايڏو مشهور ۽ پيارو هو جو اسپتال مان ڇٽڻ بعد جڏهن هن کي جيل ۾ وڏو ويو تہ چيني ماڻهن سر تان آهو ڪٽي جيل تي حملو ڪيو ۽ ڪيس اتان بچائي ٻاهر ڪڍيو. ان بعد هري سنگهہ پوليس جي نوڪري ڇڏي پيٽ گذر خاطر ڏکيا سکيا پورهيا ڪرڻ لڳو.

جپان تي بم ڪرڻ بعد جڏهن جپانين آڻ مڃي ۽ سنگاپور وري واپس انگريزن جي حوالي ٿيو تہ هري سنگهہ 1946ع ۾ انڊيا موٽيو ۽ پنهنجي فئمليءَ سان مليو. 1947ع ۾ انگريز حڪومت ڪيس پوليس ۾ وري نوڪري ڪرڻ لاءِ ڏاڍو چيو پر هن نوڪري نہ ڪئي. 1949ع ۾ سنگاپور موٽي آيو..... تنهن وقت جي سٽي ڪائونسل سان گڏ اچي ڪم ڪيائين. 1953ع ۾ سندس فئملي بہ انڊيا کان سنگاپور آئي ۽ 1960ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين. ان ڪانپوءِ هو اڄ ڏينهن تائين پنهنجو هلڪو قلڪو ڌنڌو ڪندو رهي ٿو. هن کي اڄ بہ گذريل زماني جي نوڪريءَ جي پينشن 142 ڊالر ملي ٿي. هڪ گهر مسواڙ تي ڏنل اٿس جنهن مان ملندڙ مسواڙ مان سنو وقت گذريس پيو ۽ ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگڻو نٿو پويس. اولاد وڏو ٿي چڪو اٿس جيڪو پڻ پنهنجي روزگار ڪي لڳل آهي.

هري سنگهہ هن وقت (1985ع ۾) پورن اسي سالن جو آهي. ڪيس ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. ہ پٽ تہ سنگاپور ۾ ئي ماستر اٿس. ڪيترائي پوٽا ۽ ڏهٽا پڻ اٿس. سندس هڪ پوٽو سنگاپور جي هاڪي ٽيم جو مشهور رانديگر پڻ آهي.

## عورتن ۾ پوڙهي.....

سنگاپور جي سک ڪميونٽيءَ جي عورتن ۾ راول ڪور (سردار حضور سنگهہ چوپڙا جي زالَ) اڄڪلهہ سيني سک عورتن ۾ پوڙهي آهي جنهن سنگاپور ۾ راندين جي سامانَ جو واپار شروع ڪرايو. نارٿ برج روڊ تي گذريل پنجاهہ سالن کان روز ائنڊ ڪمپني راندين جي سامانَ کان سڄي سنگاپور ۾ تمام مشهور ڪمپني آهي. اها روال ڪور جي مڙس 1907ع ۾ ائڊلفي بلڊنگ ۾ کولي. ان ڪمپنيءَ جي هيڊ آفيس سيالڪوٽ (هاڻوڪي پاڪستان) ۾ هئي. سنگاپور بعد ان جون شاخون جڪارتا، ميدان ۽ شنگهائي (چين) ۾ بہ کوليون ويون هيون.

مسز راول ڪور جيڪا شاديءَ بعد 1918ع ۾ سنگاپور ۾ آئي هئي تنهن ٻڌايو: ”1920ع ۾ سنگاپور ۾ سکن جون ڪي ڏهہ ٻارهن فئمليون مس هيون ۽ هر هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو. اسان پر واري دڪان جي مٿان نهيل گهر ۾ رهندا هئاسين.“

ڪائنس جڏهن پڇيم تہ سندس مڙس کي هتي سنگاپور ۾ اچي رهڻ جو ڪيئن خيال آيو جنهن تي هن وراڻيو.

”منهنجو مڙس انڊيا آرميءَ ۾ هو. تن ڏينهن ۾ انگريز سرڪار فوجين ۽ سپاهين کي پنهنجين بين ڪالونين ۾ بدلي ڪري رکندي هئي، ان ڪري هن کي ڪڏهن سنگاپور تہ ڪڏهن هانگ ڪانگ رهڻو پيو ٿي. اهڙيءَ طرح نوڪريءَ دوران هن کي سنگاپور رهڻ جو خيال آيو.“

اڄڪلهہ جيتوڻيڪ روز ائنڊ ڪمپني ان نالي سان نہ رهي آهي پر تڏهن بہ حضور سنگهہ ۽ راول ڪور جا ہ پٽ مختلف نالن سان اڃان بہ سنگاپور ۾ راندين جي سامانَ جو واپار ڪندا رهن ٿا ۽ اڄ جيتوڻيڪ سيالڪوٽ انڊيا بدران پاڪستان ۾ آهي تہ بہ هو راندين جو گهڻي کان گهڻو سامان اتان ئي گهرائين ٿا جيڪا سندن جنم ڀومي آهي.

راول ڪور جي مڙس کي مري وئي ڪافي سالَ ٿي ويا آهن، اڄڪلهہ هوءَ پنهنجي پٽ هربنس سنگهہ سان گڏ رهي ٿي. ڪيس ڪيترائي پوٽا ۽ پڙ پوٽا آهن. ڪيترن سالن جي محنتن ۽ پورهئي بعد هاڻ پوڙهي ڏاڏي راول ڪور پنهنجي پٽن پوٽن ۽ پڙپوٽن جي وچ ۾ آرام ۽ فرحت جا ڏينهنَ گذاري رهي آهي. پاڻ هن عمر ۾ بہ چڱي سگهاري ۽ همت واري نظر اچي ٿي. پاڙي پتي يا ڪميونٽيءَ جي هر غمي خوشيءَ ۾ حاضر ٿي سيني جي وڏڙي هجڻ جي حيثيت سان ڪاڄن جون جملي ريتون رسمون سرانجام ڏئي ٿي.

# دور باش خوش باش

چون ٿا تہ دنيا ۾ سڀ کان هيڪلو ۽ نواڪلو ٻيٽ ٽرستان آهي. هي ٻيٽ هڪ مشهور ٻيٽ سينٽ هيلينا جي ويجهو آهي ۽ سندس سڄو نالو ٽرستان ڊاڪونها (Tristan Da Cunha) آهي.
فرانس جي نيپوليئن بونا پارٽ کي انگريزن ڏيهہ نيڪالي طور سينٽ هيلانا ٻيٽ تي نظر بند ڪيو هو ۽ پرپاسي وارن مڙني ٻيٽن تي پهري لاءِ انگريز سپاهين کي رکيو ويو. هن ٻيٽ ٽرستان تي ان کان اڳ ڪو بہ بني بشر نہ هو. سمنڊ مان نڪرندڙ جبلن جون هزارين فوٽ اتاهيون چوٽيون هيون جن سان سڄو ڏينهن سمنڊ جي ڇولين ٽڪرائي گجي پيدا ڪئي ٿي ۽ انهن ٽڪرين جي پويان زمين جو ڪجهہ حصو سنوت وارو هو جنهن تي انگريز بهادر جا ڪجهہ سپاهي گهر اڏي رهيا ٿي.
آخر ڪار انهن سپاهين کي پنهنجي وطن (انگلينڊ) سڏايو ويو. ان سڏ تي سڀ موٽي ويا سواءِ هڪ همراهہ جي جيڪو زال ۽ ٻار سان گڏ ان ٻيٽ تي آيو هو. هن اتي ئي ٽڪڻ جو فيصلو ڪيو. هن سان گڏ انگلينڊ جي ڊيون شهر جا بہ ٻيا سپاهي پڻ رهي پيا. اهڙي طرح زال مڙس، پٽ ۽ ٻن همراهن کان علاوه هن ٻيٽ تي ٻيو ڪير بہ نہ هو، رڳو ڇولين جو آواز ۽ هوا لڳڻ تي ڪجي ۽ ناريل جي وڻن جي ٽارين جو سيسرات هو. ڪڏهن ڪڏهن هِتان هُتان جا لنگهندڙ يا ڀٽڪيل، سڙهن وارا جهاز پاڻيءَ لاءِ اچي لنگر انداز ٿيندا هئا ۽ موٽ ۾ ڪين ڪا شيءِ شڪل يا سامان ڏيئي ويندا هئا. ڪنهن ڪنهن جهاز تان وقت بوقت هڪ اڌ خلاصي جهاز ڇڏي هتي پڻ ٽڪي پيو ٿي تان جو ڪجهہ سالن بعد هن ٻيٽ تي ست ماڻهو مختلف ملڪن ۽ قوميتن جا ٿي ويا. جهڙوڪ: ڊچ، آئرش ۽ اطالوي. ۽ پوءِ هڪ ٻيري هڪ جهاز جي ڪئپٽن ڪتان ڇهہ زالون ڪٽي اچي هنن حوالي ڪيو نہ ۽ اڄ جيڪي هن ٻيٽ تي ماڻهو نظر اچن ٿا، اصل ۾ انهن شروعاتي ماڻهن جو اولاد آهن جن جي شروعاتي زندگي بيحد ڏکي رهي هئي. ايندڙ ويندڙ جهاز ڪان ڪين ڪجهہ وهٽ: ڍڳيون رڍون ۽ ڪتا پڻ ملندا رهيا ٿي. پر ساڳي وقت ايندڙ جهازن مان ڪوئن جا ڏڻ پڻ ڪناري ڪان اچي نڪتا ٿي. جيڪي ٿورا گهڻا مرد ماڻهو هئا، سڄو ڏينهن مڇيون ۽ وهيلون ڦاسائڻ ۾ هوندا هئا. مڇيون کائڻ لاءِ يا انهن جو تيل ٻيڙين ۽ ٻاڻ کي مکڻ مهڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا يا ڪين سڪائي وڪڻڻ لاءِ رکندا هئا.
پاليل رڍن مان ڪين اُن ملي ٿي ۽ ڪلن مان سياري لاءِ ڪوٽ. جهازن مان اچلايل اهو ڪاٺ جيڪو تري اچي هن ٻيٽ جي ڪناري ڪان نڪتو ٿي بيحد ڪمائتو هو ڇو جو گهر، ٻيڙي يا فرنيچر ٺاهڻ لاءِ هرڪو ان کي گڏ ڪندو هو. سائوٿ آفريڪا جو بندرگاهہ ڪيپ ٽائون ڪين سڀ ۾ ويجهي ڪان ويجهُ هو پر اتان جيڪو سيڌو راشن آيو ٿي اهو وقتائتو نٿي آيو. ڪڏهن ڪو جهاز آيو ٿي تہ مهيني ۾ بہ دفعا بہ اچي نڪتو ٿي نہ تہ هن نبيٽ ڏي سالن جا سالَ ڪو رُخ نٿي ڪيو هو ۽ اهو سامان ڪٽي اچڻ وارن ڪين مهانگو ڪري وڪيو ٿي.
سمنڊ تي رهندڙ ڪي مڇيون ڪونجن وانگر سالَ بسال لڏ پلاڻ ڪنديون آهن ۽ وري موٽي اينديون آهن. پر ڪي مڇيون ويهہ پنجويهہ سالن کان پوءِ اهڙي لڏ پلاڻ ڪنديون آهن جو اهي تڙ توائي ڪري وينديون آهن. وٿاڻن جا وٿاڻ اهي پٽ خالي ڪري وڃي سمنڊ جو ٻيو جڳهہ وسائينديون آه. پوءِ جن جو هو ڪاچ قوت ۽ ڪمائيءَ جو ذريعو هونديون آهن، اهي پنهنجي بد نصيبيءَ تي مُنهن متو پٽي ويهي رهندا آهن ۽ جِتان هو وڃي نڪرنديون آهن انهن ڪنارن جي ماڻهن جا پاڳَ ڪلي پوندا آهن. ساڳي ويڏن هن ٻيٽ جي ماڻهن سان تي جن جي گذر سفر جو وڏو ذريعو وهيل مڇيون هيون. جن جي بدلي هو ايندڙ جهازن ڪان ضرورتن جو ٻيو سامان وصول ڪندا هئا. اوچتو ئي اوچتو ٽرستان ٻيٽ جي چوڌاري رهندڙ انهن وهيل مڇين جا ڏڻ اتان لڏي ڪنهن ٻي جوءِ ڏي روانا ٿي ويا. ساڳي وقت سائنس جي ترقيءَ ڪري ٻاڦَ جي انجڻ ايجاد ٿي ۽ سڙهہ تي هلندڙ جهازن بدران هاڻ جِتي ڪٿي آگ ٻوٽ هلڻ لڳا جن مان ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ هن ٻيٽ تي ڪنڌل راشن پاڻي ڪڻڻ ۽ ٽڪ پڄڻ لاءِ آيو ٿي. هڪ دفعي تہ ٽي سالَ گذري ويا ڪنهن جهاز هن ٻيٽَ جو رخ نہ ڪيو. تنهن هوندي بہ هن هيڪلي ٻيٽ جا رهاڪو جيئڻ لاءِ جتن ڪندا رهيا.

هن ٻيٽ جي رهاڪن رسم رواج ۽ اخلاق جا سخت قاعدا ۽ قانونَ ناهي ڇڏيا هئا ته هر هڪ ماڻهوءَ کي ٻئي سان کهڙو برتاءُ ڪرڻ ڪپي. انهن مڙني قاعدن کي سختيءَ سان عمل ۾ آندو ويو ٿي. ماءُ پيءُ جو حڪم آخري فيصلو سمجهيو ويو ٿي. هر هفتي دٻي جي دهل ۽ تاڙين جي آوازَ تي راڳ ڳائي ۽ ڊانس جو پروگرام هليو ٿي. پر نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هڪ ٻئي سان فري ٿي ڳالهائڻ نٿي ڏنو ويو. هر وقت وڏي جي اک ننڍن جي چال چلت ۾ رُڌل رهي ٿي. شاديءَ جي خيال ڏيکارڻ تي ڇوڪري لاءِ لازمي هو ته هو يڪو مهينو ڪنواريتن جي گهر جي حاضري ڀري. هڪ ڏينهن به گسائڻ سان مڱڻو ختم سمجهيو ويو ٿي ۽ ساڳي وقت ڪنوار، جنهن جي گهر همراهه کي روز اچڻو پيو ٿي، جو اهو ڪم هو ته لڳي ويهي پنهنجي ٽيڻ واري مڙس لاءِ سئيٽر اُڻي. پوءِ جيڪڏهن ڇوڪري به راضي هوندي هئي ته هن کي مهيني جي آخري ڏينهن تي اهو سئيٽر سوکڙيءَ طور ڏيندي هئي. پر هنن جي ان هوندي به ايترو جهٽ شادي نه ٿيندي هئي جيسيتائين هو ڪاٺ جا تختا گڏ ڪري رهڻ لاءِ پنهنجو گهر ٺاهي نه ونن. ان ڪم ۾ ڪين ڪڏهن ڪڏهن ڏهه سالَ به لڳي ويندا هئا. ڪاٺ جا تختا گڏ ڪرڻ لاءِ ڪين روز سمنڊ جي ڪناري تي وڃڻو پوندو هو جيئن ڪنهن جهاز مان ڪو اڇلايل تختو اچي هنن وٽ پهچي يا ايترو پئسو گڏ ڪرڻو پوندو هون جو ڪيپ ٽائون شهر مان اهو ڪاٺ ناڻي تي گهرائي سگهن.

مرد ماڻهو ۽ ڇوڪرا واندڪائيءَ ۾ فوٽ بال ۽ ڪرڪيٽ سان ملنڊڙ جلنڊڙ راند ڪيڏندا هئا. عورتون سئيٽر اُڻنديون هيون يا چرخو چوري اُنَ ڪتينديون هيون. ڪجهه عرصي بعد هن ٻيٽ تي زلزلي جا لڳاتار ڌوڏا محسوس ڪيا ويا. ڪناري جي ڀرسان ڦاٽنڊڙ جبل مان ٽورو ٽورو لاوا نڪرندو ڏٺو ويو جيڪو پوءِ آهستي آهستي وڌندو ئي ويو. ٻيٽ جي مکيءَ ۽ پئنچن ماڻهن کي هن ٻيٽ تان في الحال لڏرائڻ جي فيصلي خاطر، ڪين پر واري ٻيٽ تي موڪليو ۽ واقعي پوءِ ٿهڪنڊڙ لاوا ايترو وڌيو جو سڀ گهر سڙي ٻري راک ٿي ويا. يا لاوا جي ڍير ۾ ڍڪجي دفن ٿي ويا. اهو حال ڏسي ڪيترائي لڏي انگلينڊ آيا. انهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ريلَ گاڏي، ڪار يا ٽي وي نه ڏٺي هئي. جراثيم کان پاڪ هوا ڪائڻ وارا انگلينڊ جي گهٽيل فضا ۾ رهي نه سگهيا. خاص ڪري پوڙها ته اگها ٿي پيا ۽ هر قسم جي وائرس ۽ جراثيمن مٿن حملو ڪيو. ڏهه ٻارهن سالَ ڏکيا سکيا گهارڻ بعد هنن واپس وڃڻ جون وايون شروع ڪيون. آخر ڪار موٽي پنهنجي ماڳ آيا پر سڄي زندگيءَ جو تاجي پيٽو ڪين بدليل نظر آيو. گهر ته وري نئين سنئينءَ جوڙيا ويا. بندرگاهه جي ڇوڏاري سمنڊ جي ڇولين جو زور پڇڻ لاءِ بچاءُ بند ٺاهيو ويو. ڊور ڊڳا ۽ رڍون وري گهرايون ويون ۽ پوڙها ماڻهو، هن ٻيٽ جي پُر سڪون فضا جا هريل ۽ تازي هوا کائڻ جا عادي، هڪ دفعو وري بيحد خوش ٿي رهڻ لڳا. پر نوجوان طبقي تي انگلينڊ ۾ گهاريل ڏينهن جو چڱو اونهو اثر ويٺو. هو انگلينڊ جي فش ۽ چپس کي سارڻ لڳا. آئيس ڪريم ۽ هئم برگر لاءِ سندن من ماندو ٿيڻ لڳو. ٽيليويزن ۽ ڊسڪو کي ياد ڪرڻ لڳا. ان ڪري ڪيترا نوجوان هن هيڪلي ٻيٽ کي هميشه لاءِ الوداع چئي انگلينڊ هليا ويا باقي ماڻهو هن ٻيٽ تي ئي رهيا. انهن کي پنهنجي گرجا گهر ۽ ڪتابن سان پڻ لڳاءُ ۽ دلچسپي آهي. هن هيڪلي ۽ الڳ ٿلڳ ٻيٽ تي هنن لاءِ هڪ پنهنجي قسمَ جي خوش باش زندگي آهي چاهي ڪٽي هو سڄي دنيا کان دور پاش آهي.

# ٻڌ ڀڪشو ۽ سک قانون کان آجا

رفتار ۾ ويندڙ موٽر سائيڪل جڏهن بہ ڪنهن بي سواري، عمارت، وڻ ٿنيي سان ٽڪرائي ٿي تہ سندس سوار اڇلجيو مٿي پر وڃيو پٽ تي ڪري. ٻانهن ٽنگ ڀڄڻ ڪري تہ ماڻهو بچي سگهي ٿو پر مٿي جو اونهو زخم ماڻهوءَ کي جي اُڪڻ ماري نٿو تہ ڪاري تہ ضرور ٿو ـ پوءِ ڪيترا چريا ٿيو پون، يادگيرو وساريو ويهن يا چرڻ پرڻ کان وهيو وڃن. انهيءَ ڪري دنيا جي سيني سڌريل ملڪن ۾ موٽر سائيڪل سوار لاءِ حفاظتي ٽوپلو (Helmet) پائڻ ضروري ڪيو ويو آهي. هن پاسي ملائيشيا، سنگاپور، ٿائليند ڏي پڻ اهو قانون ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ٿئي ٿو. نہ پائيندڙ کان، ٿائليند ۾ اتي جو اتي پنج سؤ ٻات (اڍائي سؤ روپيا) ڏنڊ ورتو وڃي ٿو. ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ تہ اجا بہ گهڻو ڏند ورتو وڃي ٿو.

موٽر سائيڪل هلائڻ وقت ٽوپلو پائڻ جو اهو قانون جيتوڻيڪ سيني کي پسند آهي پر هن پاسي سکن ان ڳالهہ تي سخت اعتراض ڪري ان قاعدي کان پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيو آهي. جو جو هن لاءِ پنهنجن وارن جون ڏکيون چڳون لڪائڻ لاءِ هر وقت پٽڪو ٻڌڻ ضروري آهي. انگليند ۾ جڏهن سولجرن لاءِ فوجي ٽوپي پائڻ ضروري ڪئي وئي تہ ات بہ سک سپاهين ان کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ هو پنهنجو پٽڪو ڪنهن پر بہ نہ لاهيندا. نيٺ حڪومت اهڙو قانون جاري ڪيو جنهن هيٺ انگليند جي سک سپاهين کي فوجي ٽوپي پائڻ کان معاف رکيو ويو.

ساڳيءَ طرح هن پاسي جي ملڪن ۾ پڻ شروع کان سکن کي موٽر سائيڪل هلائڻ وقت لوهي ٽوپلي بدران پنهنجو روايتي پٽڪو ٻڌڻ جي اجازت ڏني ويئي، سواءِ هڪ ملڪ ٿائلنڊ جي. پر اڄ جي اخبار موجب اتي جي سينٽرل ٽرئفڪ پوليس ڊويزن جي ڪماندر ميجر جنرل ونيت چارنسريءَ پڻ بئنڪاڪ ۾ اعلان ڪيو آهي تہ هاڻ بئنڪاڪ ۾ سک ۽ ٻڌ ڀڪشو بنا لوهي ٽوپلي جي موٽر سائيڪل هلائي سگهن ٿا.

ٿائلنڊ جو سرڪاري مذهب ٻڌ ڌرم آهي. ٻڌ ڌرم جا ٻاوا مٿي تي ڪا بہ شيءِ نہ رکندا آهن. رومال ٽوپي تہ ڇا پر وارن جو هجڻ بہ گناهہ سمجهن. ان ڪري هر ٻڌ ڀڪشو ٺوڙ ڪرائي گيڙو ڪپڙن ۾ گهمندو نظر اچي ٿو. انهن ٻنهي مذهبن جي ماڻهن کي آنڊ مانڊ هئي تہ ڪين ڪنهن طرح لوهي ٽوپلي پائڻ کان آجو رکيو وڃي جيتوڻيڪ لوهي ٽوپلو پائڻ تمام ضروري شيءِ آهي ۽ حادثي وقت مٿي جو وڏو بچاءُ ٿئي ٿو. هاڻ ان اعلان بعد ٻئي ڌريون پڪ خوش ٿيون هونديون.

سکن کي تہ وري بہ ڪو گهڻو نقصان ناهي جو حادثي مهل هڪ تہ وارن جي ڳنڍ گاديلي جو ڪم ڏئي ٿي ۽ مٿان وري پٽڪي جا ٿلها تهہ اسپنج وانگر لڳندا هوندن پر ويچارن ٻڌ ڀڪشئون جي مٿي کي بچائڻ لاءِ نہ پٽڪي جو آسرو آهي ۽ نہ وري وارن جو ۽ بئنڪاڪ تہ اهڙو ڳتيل شهر آهي جنهن ۾ هر وقت جئم ٽيل ٽرئفڪ ۾ فقط موٽر سائيڪل ئي هڪ اهڙي سواري آهي جيڪا سولي، سستي ۽ تيز رفتار سمجهي وڃي ٿي. اها بي ڳالهہ آهي تہ حادثا بہ هن سواريءَ جا گهڻا ٿين ٿا.

## ڪبوتر جي ڊوڙ جو نتيجو

ڏکڻ اوڀر جي هن پاسي وارن ملڪن ۾ ماڻهن جي باڪسنگ، فري اسٽائيل ويڙهہ ۽ ڊوڙ کان علاوه جانورن ۽ پکين جي لڙائين ۽ ڊوڙن جا پڻ مقابلا ٿين ٿا. مثال طور ڪڪڙن جي ويڙهہ، ٽڏين جي ويڙهہ، ڪمين جي ڊوڙ، گهوڙن ۽ ڪُتن جي ڊوڙ وغيره وغيره.

ڪجهہ هفتا اڳ ٿائيوان ۾ ڪبوترن جي اُڏام جو مقابلو ٿيو جيڪو هڪ بہ سال اڳ بہ وڏي ڪاميابيءَ سان ٿيو هو. هن ۾ نہ فقط ڪبوتر جي مالڪن کي انعامون ڏيون ويون پر ڏسندڙن بہ پاڻ ۾ شرطون رکيون ۽ لکن جي ڏيتي ليتي هلي.

هن سال انهن ئي ڏينهن ۾ اُتي هجڻ ڪري اسان بہ تيار ٿي ڪبوترن جو مقابلو ڏسڻ وياسين. گذريل سال وانگر هن سال پڻ ٿائيچنگ شهر کان ڪبوترن کي اُڏامي بہ سؤ ڪلوميٽر پري ٿائيپي شهر پهچڻو هو.

اُڏام ۾ حصو وٺندڙ ٻن هزار ڪبوترن کي سندن مالڪ، مقرر وقت ۽ هنڌ تي وٺي آيا ۽ سيٽيءَ جي آواز تي سڀ پڃرا کوليا ويا. پوءِ هوڏانهن ٻئي شهر، تائيپي ۾ سندن پهچڻ جو انتظار شروع ٿي ويو. پر افسوس جو اتي فقط ڪاريءَ وارا ڪڪ نظر آيا. آسمان تي رڳو سرٽيون ئي اُڏامنديون رهيون جن کي ڏسي ڏسي ڪنڌ ۾ سور پئجي ويو پر نه قاصد آيو نه ڪبوتر. اسين ڏسڻ وارا ته سگهوئي موٽي اچي گهران نڪتاسين. پر ڪبوترن جا مالڪ ۽ شرطون لڳائيندڙ همراهه رات جو دير دير تائين انتظار ڪندا رهيا ته من سندن مهانگا ڪبوتر موٽي اچن جيڪي تائيچنگ مان ته سڌو تائيپي ڏي اُڏامي رهيا هئا.

بهرحال ٻئي ڏينهن اخبار ۾ هن عنوان هيٺ خبر پڙهيسين "مقابلي ۾ حصو وٺندڙ ڪبوترن جو انت چلهه تي چڙهيل ديڳڙن ۾ ٿيو." پوليس ڪالهه وارن ڪبوترن جي مقابلي جي جاچ پڙتال ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ٻن هزارن کان مٿي ڪبوترن حصو ورتو. پر انهن مان فقط پنج ڪبوتر موٽيا. باقي مختلف مڪاني هوٽلن ۾ ڪاڏي جي دستر خوانن تي ڪارايا ويا. مقابلو ڪرائڻ وارن همراهن اخبار جي نمائندن کي ٻڌايو ته موسم خراب هجڻ ڪري ڪبوتر صحيح جاءِ تي واپس پهچي نه سگهيا. جيتوڻيڪ ڪبوترن جي مالڪن جو اهو چوڻ آهي ته هن دفعي اڌ رستي تي تيار وينل غنڊن، ڪبوترن جي راهه ۾ وڏيون ڄاريون هڻي، ڪين قاسائي شهرق جي وڏين نندين هوٽلن ۾ اهي صحتمند ڪبوتر سني اگهه تي وڪڻي ڇڏيا. ۽ هوٽل وارن ان ئي وقت رڌي پچائي پنهنجن معزز گراهڪن کا ڪارائي قيمت وصول ڪري ڇڏي.

ياد رهي ته تائيوان ۾ ڪبوتر جو ٻوڙ سٺن کاڌن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو.

## ڏيڏر حلال يا حرام؟

ڪبوترن کان علاوه تريل ڏيڏر يا ڏيڏرن جي ٽنگن جو ٻوڙ هن پاسي مشهور آهي. ڏيڏر لاءِ چيو وڃي ٿو ته بيحد لذيذ ٿئي ٿو جيڪو عام طرح مسلمان ته نٿا کائين جيتوڻيڪ ڪن جو اهو چوڻ آهي ته ڏيڏر پاڻيءَ ۾ رهي ٿو ۽ مڇيءَ وانگر ڪٽي حلال ناهي، پر گانگٽ ۽ ڪيڪڙي وانگر مڪروهه چئي سگهجي ٿو، پر حرام هرگز ناهي.

جيئن اسان وٽ ماڻهو ڪڪڙيون پالين ٿيئن هتي ملائيشيا ۾ ماڻهو واپار لاءِ مڇيون ۽ گانگٽ پالين. پر واري ملڪ انڊونيشيا ۾ تيل جي ڪمائي گهٽ هجڻ ڪري اتي جا ماڻهو روزگار خاطر مڇين ۽ گانگٽن کان علاوه ڏيڏر پڻ پالين ٿا جن ۾ چڱي خاص ويجهه آهي ۽ حڪومت به ان لاءِ همت افزائي ڪري ٿي جو ان مان سنو غير ملڪي ناڻو ڪمايو وڃي ٿو. هتي پاڻيءَ جي ته ڪوٺَ آهي ڪانه. چوڌاري سمنڊ يا درياهه وهن پيا. سو هي ماڻهو ڪناري ڪناري ننڍين ٽونگن واري ڄاريءَ سان لوڙهو ناهي اندر ڏيڏرن جا ٻچا يا آنا ڇڏين. جيئن اهي سڄي سمنڊ ۾ ٽڙڻ پکڙن بدران لوهي ڄاريءَ اندر ئي پيا وڌن ويجهن. هنن کي کاڌي لاءِ پڻ ڪڪڙين جي ڏاري وانگر هٽرادو نهيل فيڊ (ڏارو) ڏنو وڃي ٿو.

ڄاريءَ جو لوڙهو هجڻ ڪري نقصان پهچائڻ وارا ڪيڪڙا يا گانگٽ يا ٻيون ساموندي آفتون اندر اچي نٿيون سگهن. ڏيڏرن جي وڪري لاءِ سٺي مارڪيٽ هانگ ڪانگ ۽ جپان آهي يا وري يورپ ۽ آسٽريليا.

ڪجهه ڏينهن اڳ انڊونيشيا جي ماڻهن ۾ اهو بحث اچي هليو ته ڏيڏر کائڻ، پالڻ ويندي وڪڻڻ حرام آهي ۽ اسلام اجازت نٿو ڏي ان ڪري ڪيترن ته ڏيڏرن کي پالڻ به ڇڏي ڏنو. حڪومت کي به اچي ڏپ لڳو ته هن مهانگائيءَ جي زماني ۾ گهر وينٺي جيڪي چڱا چڱار ڏوڪڙ غير ملڪي ناڻي جا پئي آيا سي ٿا هٿان وڃن. سو هڪدم اهو مسئلو ملڪ جي عالمن جي ڪائونسل مجلس علماءِ انڊونيشيا (M.U.I) جي حوالي ڪيو جن ٻن ڏينهن جي بحث مباحثي بعد اها فتويٰ جاري ڪئي ته مسلمانن کي ڏيڏر جو گوشت کائڻ نه کپي. پر هو واپار ۽ وڪري خاطر ان کي پالي سگهن ٿا.

جيتوڻيڪ ان فيصلي جي سڄي ڪاروائي بند ڪمرن ۾ هلي ۽ گهٽائيءَ اهو فيصلو ڏنو تہ ڏيڏر ڪائڻ نہ ڪپي پر ٻن ٽن عالمن اهو بہ خيال ڏيکاريو تہ ڏيڏر جو گوشت حلال آهي. بهرحال حڪومت ۽ عوام ان فتويٰ بعد ڏاڍو خوش ٿيو تہ غربت جي زماني ۾ هڪ سٺو روزگار قائم رهيو.

# دنيا جي ڊگھي سرنگھ

منھنجي خيالَ ۾ 1974ع يا 1975ع جي ڳالھ آھي. اسان جو ڳوٺائي اشفاق ميمڻ ٽوڪيو کان ھيڪدو پاڻيءَ واري جھاز رستي وڃي رھيو ھو جتي سندس جپاني ساھرا رھن ٿا. ٽوڪيو جي بندرگاھ ۾ سندس جھاز اسان جي جھازَ جي پر ۾ ئي ھو سو لنگر کڄڻ تائين خبرون چارون ڪندو رھيو.

”باءِ روڊ ھڪيدو چو نہ ٿو وڃين؟“ پڇيومانس.

”اجا تائين تہ ناممڪن آھي. پر ٿي سگھي ٿو ھڪ ڏينھن وڃي بہ سگھجي.“

”ڪيئن؟“ مون پڇيومانس.

”بس گذريل ڏھن سالن کان جپاني سمنڊ اندر سرنگھ کوٽي رھيا آھن. جيسين وڃي بہ ٺيء ھيٺ ڳنڍجن.“ ھن ٻڌايو ھو.

ڪو زمانو ھو جڏھن سڌو رستو ناھڻ لاءِ جبلن کي ٽڪي سرنگھون ناھيون ويندِيون ھيون. پر اڄڪلھ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سمنڊ اندر سرنگھون عام ٿينديون وڃن. جيئن ھانگ ڪانگ ۽ ڪولون جي وچ ۾ سمنڊ اندر سرنگھ نھيل آھي. ان کان اڳ ڪولون ۽ ھانگ ڪانگ ماڻھو فقط فيرين (ٻيڙين) ذريعي ايندا ويندا ھئا. پر پوءِ ايڏي اچ وڃ وڌي ويئي جو سرڪار سمنڊ جي ھيٺان سرنگھ کوٽرائي ھانگ ڪانگ ۽ ڪولون جي وچ شھر کان اچي ڪيڏي جيئن ماڻھو سمنڊ جي ڪناري تي بيھي فقط فيرين جو انتظار ڪرڻ بدران ڪارين، بسن ۽ گاڏين ذريعي ھانگ ڪانگ کان ڪولون ۽ ڪولون کان ھانگ ڪانگ سفر ڪري سگھن.

ڪولون کي ھانگ ڪانگ سان پل ذريعي بہ ڳنڍي سگھيا ٿي، جيئن ملائيشيا جا شھر پينانگ ۽ ٻترورٿ ڳنڍيل آھن يا پاڻ وٽ دادو ۽ نوابشاھ ضلعو. پر ھت اھو ڏکيو ڪم ھو ڇو جو ڪولون کان ھانگ ڪانگ تائين سمنڊ وارو حصو بہ ٽي ميل کن ٿيندو ۽ ٻيو تہ پل ناھڻ سان سڄي ٽرئفڪ وري سمنڊ جي ڪناري تي ڳھٽ ٿئي ھا ۽ ٽين ڳالھ تہ ايڏي ڊگھي پل نھڻ ڪري وڏا جھاز ھيٺان لنگھي نہ سگھن ھئا جيئن ڄامشوري جي پل نھڻ بعد پاڻي جي آمدرفت ۾ رُنو پئجي ويو آھي.

سمنڊ اندر سرنگھ، سمنڊ جي تري کان پوءِ بہ گھڻو ھيٺ مٽيءَ جي کوٽائي ڪري ناھي وڃي ٿي. ھونءَ تہ سمنڊ اندر گاڏيون موٽرون ھلائڻ لاءِ ھڪ لوھي سلينڊر ناھي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪري سگھجي ٿو، جيئن اندر سمنڊ جو پاڻي گھڙي نہ سگھي. پر ان کي مٿان لنگھندڙ جھاز نقصان رسائي سگھن ٿا. ان ڪري ھي سرنگون سمنڊ جي تري کان پوءِ بہ ڪيترائي ميٽر ھيٺ کوٽيون وڃن ٿيون، جنھن جو مدار سمنڊ جي تري واري مٽي تي رھي ٿو ۽ ان سرنگھ کي ڪناري وٽ آڻڻ بدران شھرن جي وچ تائين پھچايو وڃي ٿو، جيئن ماڻھن جي پيھ پيھان ڪناري وٽ نہ ٿئي..... جتي بندرگاھ جي ڪري اڳھين پاڻيءَ جي جھازن ۽ ٻيڙين جي رش رھي ٿي. اھو مثال ائين آھي جيئن سکر ۽ روھڙيءَ کي سرنگھ رستي ڳنڍڻ لاءِ سنڌو درياھ جي اندر سرنگھ کوٽي اتي جو اتي ڪناري وٽ ڪيڻ بدران سرنگھ کي ڊگھو ڪري ٻنھي شھرن جي ريلوي اسٽيشن وٽان اچي ٻاھر ڪڍجي. ان ۾ کوٽائي تمام گھڻي ڪرڻي پوي ٿي ۽ ڪڏھن ڪڏھن تہ درياھ يا سمنڊ جي ٽن چئن ميلن سان گڏ خشڪيءَ جا بہ ٽي چار ميل کوٽي سرنگھ کي ھيٺو ڪرڻو پوي ٿو ۽ شھر جي جن جن گھرن ھيٺان سرنگھ لنگھي ٿي انھن کي اطلاع ڪيو وڃي ٿو، متان ائين نہ ٿئي تہ ھو گھڻ ماڙ گھر نھرائڻ لاءِ جيئن ئي بنياد اونھا کوٽر ائين تہ ڏسن تہ ھيٺان موٽر لاريون ۽ روھڙي ايڪسپريس پيئي لنگھي.

اھوئي سبب آھي جو اڄڪلھ آمريڪا، جپان يا يورپ جي شھرن ۾ جيڪي سرنگھون يا زمين دوز گاڏين جا رستا نھن ٿا اھي ڪوشش ڪري عمارتن ھيٺان لنگھائڻ بدران پڪن رستين ھيٺان ئي لنگھائين ٿا ۽ نالا بہ ھينئين سرنگھن (Subways) تي اھي ئي رکيا وڃن ٿا جيڪي مٿين روڊن جا آھن.

جيئن ڪرچيءَ ۾ جيڪڏھن گرو مندر کان ڪيماڙيءَ تائين زمين دوز رستو ناھجي تہ سڀ کان بھتر اھو ٿيندو تہ ايم اي جناح روڊ (بندر روڊ) جي ھيٺان ئي ھيٺان سرنگھ کوٽي رستو ناھجي. جيئن پاسن تي

رمپا پلازا جھڙيون عمارتون ناھڻيون بہ پون تہ ھيٺ وھندڙ رستي کي نقصان نہ رسندو. ساڳي وقت ان زمين دوز رستي تي ساڳيو نالو ايم اي جناح رکڻ سان ھيٺ سفر ڪندڙ ماڻھن کي ڄاڻ رھندي تہ ھو ڪٿي آھن ۽ رستي تي بولٽن مارڪيٽ يا ٽاور وغيره جي اسٽاپَ تي لھي ڏاڪڻيون چڙھي مٿي اچي سگھن ٿا. جپان پاسي انڊر گرائونڊ (زمين دوز) ھلندڙ گاڏين جو ڪجھہ اھڙو نظام آھي. ڪن ڪن ھنڌن تي ھڪ زمين دوز رستي بدران ٻہ ۽ ٽي بہ آھن. يعني بندر روڊ (ايم اي جناح روڊ) ڪان ڏھ فوٽ ھيٺ ھڪ رستو آھي ھلندڙ ريل گاڏين لاءِ يعني پئسينجر ٽرين لاءِ. ان بعد چاليھ فوٽ ڪن اجا بہ ھيٺ ھڪ ٻيو رستو (مٿئين جي ئي سنوت ۾) تکين ريل گاڏين، ايڪسپريس ٽرين لاءِ. پوءِ جنھن کي جناح جي مزار ڪان رمپا پلازا يا بولٽن مارڪيٽ وڃڻو آھي اھي ويھہ ڪن ڏاڪا ھيٺ لھي پئسينجر ٽرين جھلي سگھن ٿا ۽ جن کي سڌو آخري اسٽاپ ڪياماڙيءَ تائين وڃڻو آھي سي پئسينجر ٽرين بدران، اجا بہ ھيٺ پنجاھ سٺ ڪن ڏاڪا لھي ايڪسپريس ٽرين ۾ سواري ڪري سگھن ٿا.

انڊر گرائونڊ سسٽم سمجھائڻ لاءِ ڪراچيءَ جي رستن تي في الحال اھو خيالي پلاءُ پچايو اٿم. ھونءَ ڪراچي شھر سطح سمنڊ ڪان تمام ھيٺ آھي ۽ خبر ناھي اڳتي ھلي ميونسپل ڪارپوريسن وارا اھڙو رستو ناھڻ چاھين تہ ڪامياب ٿي سگھندا يا نہ، ان جو جواب سول انجنيئر ئي ڏيئي سگھن ٿا. ظاھري طرح تہ ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ فوٽ ڪن زمين کوٽ تہ ھينان پاڻي نڪريو اچي.

بھرحال اڄ جي اخبار ۾ ھڪ ننڍڙي خبر پڙھي اڄ ڪان ڏھ سالَ اڳ جو اھو وقت ياد اچي ويو جڏھن اشفاق ميمڻ ٽوڪيو جي بندرگاھ تي ھڪيدو وڃڻ لاءِ جھاز جي لنگر ڪڇڻ جو انتظار ڪري رھيو ھو ۽ ھڪ ڏينھن ھيڪدو ڪار رستي (باءِ روڊ) وڃڻ جي اميد ظاھر ڪئي ھئائين. اڄ جي اخبار ۾ ھو تہ ھن مھيني (مارچ 1985ع) جي ڏھين تاريخ جپان جي ساءِ ڪان (Seikan) سرنگھہ جي کوٽائي پوري ٿيندي.

منھنجي خيالَ ۾ سائنس ۽ انجنيئرنگ جو اھو ھڪ وڏو ڪارنامو ٿيندو ۽ بنا ڪنھن شڪ جي ساءِ ڪان سرنگھہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سرنگھہ ٿيندي. اشفاق جڏھن ان رات مونکي ٻڌايو تہ گذريل ڏھن سالن ڪان ان تي کوٽائي ھلي رھي آھي تہ منھنجي دل ۾ جپانين لاءِ ان وقت خراب اثر وينو ھو تہ معمولي سرنگھہ لاءِ ڏھہ سالَ ٽي ويا اٿن. مون ٻنھي ٻيٽن جي وچ ۾ ايترو رستو ٿي سمجھيو جيترو ڪولون ۽ ھانگ ڪانگ جي وچ ۾ يا سنگاپور ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ . پر پوءِ ان ئي رات جھاز جي چارٽ روم ۾ پھچي جپان جي سوڳارو سمنڊ جو نقسو ڪڍي ڏٺو تہ حيرت ۾ پئجي ويس تہ ھيڪدو ٻيٽ ۽ ھونشو ٻيٽ (جنھن ۾ ٽوڪيو آھي)، جي وچ ۾ ڪو ميل ڏيڍ جو معمولي سمنڊ ناھي جنھن انڊر سرنگھہ ناھڻ چرچي جھڙي ڳالھہ سمجھي وڃي پر اھو سامونڊي مفاصلو پورا پندرھن ميل (چويھہ ڪلوميٽر) ڪن آھي.

اڄ ٻين بہ ڏھاڪو سالن گذرڻ بعد اھا سرنگھہ وڃي مڪمل ٿي آھي جنھن جي ڪل ڊيگھہ چوونجاھ ڪلوميٽر آھي. جنھن مان چوويھہ ڪلوميٽر سوگارو ڳچي سمنڊ جا ٿيا ۽ ٽيھہ ڪلوميٽر خشڪيءَ جا ڇو جو سمنڊ ھينان کوٽيل دنيا جي ھيءَ وڏي سرنگھہ سائي ڪان ڪناري وٽ ختم ڪرڻ بدران سترھن ڪلوميٽر خشڪيءَ ۾ ھلي پوءِ ھڪيدو ٻيٽ جي مٿاڇري مان نڪري ٿي ۽ ھوڏانھن ھونشو ٻيٽَ تي ڪناري تائين پھچڻ بعد ٻيا بہ تيرھن ڪلوميٽر خشڪيءَ جا ھلي پوءِ ٻاھر نڪري ٿي.

ھيءَ سرنگھہ شڪل ۾ اڌ سلينڊر وانگر آھي، جنھن جي ويڪر ٻارھن ميٽر رکي وئي آھي ۽ اوچائي نوَ ميٽر، يعني مسافر توڙي بار گاڏي ھڪ ئي وقت لنگھي سگھي ٿي ۽ بار گاڏيءَ تي ڪارن ۽ ٽرڪن جھڙو اُيو سامان پڻ رکي سگھجي ٿو. ھيءَ سرنگھہ جنھن جي کوٽائي 1964ع کان 1985ع تائين ھلي آھي ۽ 1987ع تائين آمدرفت لاءِ کولي ويندي، ان تي خرچ جي تخميني لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ٽيھہ بلين يعني (ٽي ھزار ملين روپيا) ٿيندو. ھن جي کوٽائي مان ڇھہ ملين ڪيوبڪ ميٽر مٽي جيڪا نڪتي ان مان ڪجھہ تہ سيمنٽ سان ملائي واپس استعمال ڪئي ويئي ۽ باقيءَ سان سمنڊ جو وڏو حصو بند ڪري ان جي مٿان رھائش لاءِ زمين حاصل ڪئي ويئي آھي. ھن سرنگھہ ۾ جيڪو پوٽا بہ ملين ٽن لوھہ (رڪ) استعمال ٿيو آھي، ان مان پئرس جي ايفل ٽاور جھڙا ٻائيتاليھہ ٽاور ٺھي سگھن ٿا.

# آمريڪا ۾ سواريءَ جو مسئلو

نيويارڪ جي بندرگاهه بروڪلن ۾ پهتاسين ته اسان جي مڪاني آفيس وارن نصيحت ڪئي ته هي ڪارن (شيدين) جو علائقوآهي، سج لٿي کان پوءِ اڪيلا نه نڪرجو پر جي نڪرو ته به پيدل يا بس ۾ وڃڻ بدران ٽئڪسيءَ ۾ سواري ڪجو. جيڪڏهن ڪو شيدي ڦر لاءِ سامهون ٿئي ته مقابلو يا بحث بدران هڙ ۾ جيڪي ڪجهه هجي سندس حوالي ڪري ڇڏجو.

بروڪلن ۾ انهن نصيحتن تي عمل ڪندي ڏينهن گذارياسين. ان بعد آمريڪا جي هڪ ٻئي بندرگاهه چارلسٽن ۾ آياسين ته ان جي آفيس وارن به اهائي نصيحت ڪئي. بروڪلن جو بندرگاهه ته وري به شهر کي ويجهو هو ۽ به اڍائي ڊالر ٽئڪسيءَ واري کي ڏيئي پيا شهر ايندا ويندا هئاسين پر چارلسٽن جي بندرگاهه کان شهر ايترو پري هو جيترو پورٽ محمد بن قاسم کان صدر يا طارق روڊ. نتيجي ۾ اسان جهڙن جونيئرن مان پنهنجي خرچ تي ڪنهن به وڃڻ نٿي چاهيو. شهر کان اڳ، گهٽو اڳ هڪ وڏي سپر مارڪيٽ هئي جنهن ۾ هر شيءِ ملي ٿي. اوستائين ٽئڪسيءَ ۾ وڃڻ يا اچڻ ۾ فقط ڇهه ڊالر ڀاڙو آيو ٿي. اها ائين هئي جڻ پورٽ قاسم کان پپريءَ جو ڪو دڪان هجي. سو اسان به يا ٽي ٽي ٽئڪسيءَ ۾ شهر وڃڻ بدران ان سپر مارڪيٽ ۾ ويندا هئاسين ۽ اوٽ موٽ جو ڀاڙو پوءِ جهاز تي پهچي پاڻ ۾ حصا پتيون ڪندا هئاسين. ان ڪم يا ڏيتي ليتيءَ جي حِسابَ لاءِ عاشق ميمڻ کي اڳواڻ ڪيو هئوسين. هو به اسان وانگر ففٿ انجنيئر هو. ڪيس اسان ان ڪم لاءِ اَنچارج سندس قدبت يا متاهين رئنڪ ڏسي نه ڪيو هو پر حساب ڪِتاب ۾ پڪ هجڻ ڪري انچارج ڪيو هو. جيڪي ڪجهه اسانوٽ ٽورا گهٽا ڏوڪڙ هوندا هئا اهي هن وٽ ائين سُوگها هوندا هئا جڻ سئٽزرلئنڊ جي بئنڪ لاڪرن ۾. هڪ دفعي ته بندرگاهه ڇڏڻ وقت به ڊالر بچيا هئا تن کي به ٽن ٽن پوٽرين ۾ لفافن ۾ ويڙهي سيڙهي وهاڻي اندر لڪائي رکيا هئائين. خبر ناهي ڪنهن کان ڊپ هوس ته چوري ڪندو. اسان کان گهٽ پگهار ته ٻئي ڪنهن جو نه هو. بهرحال پئسي جي حفاظت سان گڏ عاشق اهو به خيال رکندو هو ته ڪنهن شيديءَ جي ٽئڪسيءَ ۾ نه ويهجي. پر مجبوريءَ ۾ ٻي ڪا ٽئڪسي نه ملندي هئي ته پوءِ شيديءَ جي ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ کان اڳ ڀاڙي جو هن سان اڳواٽ ٻولائيندو هو جيئن منزل تي لهڻ وقت ڦڏو فساد يا ڪِٽ ڪِٽ نه ٿئي.

اهڙي طرح ان بندرگاهه ۾ هڪ دفعي هڪ شيدي ڊرائيور جي ٽئڪسيءَ ۾ اُنَ سپر مارڪيٽ کان جهاز ڏي موٽياسين. ڊرائيور ڪو نئون هو يا ٻئي شهر جو، يا ٿورو گهٽو پيتل جو بندرگاهه جي ويجهو پهچڻ جي باوجود ڪيس بندرگاهه جو رستو ئي هٿ نه پئي آيو، جيتوڻيڪ ڪنهن پل يا متانهين رستي تان لنگهيو ٿي ته سامهون اسان وارو جهاز به پئي نظر آيو جنهن ڏي اشارو ڪري ڪيس ٻڌايوسين ٿي ۽ هن ساري! ساري! چئي ان طرف رُخ رکڻ جي ڪئي ٿي پر وري ساڳي ڪار! هڪ هاءِ وي تان لهيو وڃي ٻئي تي چڙهي ۽ پوءِ واپس عام رستن تي ورڻ لاءِ وڏيڪَ به ٽي ميلَ ڪرٽا پئجي ويس ٿي. نيٺ مس مس اچي جهاز تي ڪديائين.

ظاهر آهي گڏي هلڻ ڪري ميٽر تي ڇهن ڊالرن بدران تيرهن ڊالر ٿي ويا هئا. پر ڀاڙي لاءِ عاشق ڪيسي مان فقط ڇهه ڊالر ڪڍيا جنهن لاءِ اڳواٽ ٻول ٽيل هئي.

شيدي ڊرائيور ڇهه ڊالر ڏسي چوڻ لڳو: ”تيرهن ڊالر ڪيو.“ اسان سان گڏ ٽيون راجا رفيق هو. شيدي ڊرائيور جو رنگ، هاني ۽ قد بت جو جائزو لڳائي اسان ته چپ ٿي پوين صفن ۾ بيهي رهياسين ۽ اڳيان بيٺل پيش امام عاشق کي آهستي تيرهن ڊالر ئي ڏيڻ لاءِ صلاحون ڏيڻ لڳاسين. پر عاشق جهڙو ماٺو ”چمڙي وڃي پر دمڙي نه وڃي“ جهڙو قول ڳنڍ ۾ ٻڌي هلندو هو تنهن بحث ڪندي چيس:

”اسان هر روز ڇهه ڊالر ڏيئي ايندا ويندا آهيون ۽ پنڌ به ڇهن ڊالرن جيترو ئي آهي.“

”پر منهنجي ٽئڪسيءَ ۾ تيرهن ڊالر بل آيو آهي.“ ڊرائيور ضد ڪيو.

”ته پوءِ تون غلط رستن تان وني چو آئين؟“ عاشق ورائيس.

”مجان تو تہ غلطي منهنجي آهي پر پليز گوِ مِي ٽرٽين ڊالرس.“ شيدي ڊرائيور اکيون ڏيکاريندي چيو.
”پر توسان رستي يا ميٽر جو نہ پر ڇهن ڊالرن جو ٻولايو هئوسين.“
”اهو بہ صحيح آهي، پر گوِ مِي ٽرٽين ڊالرس.“
اسان جهاز جي پر ۾ ئي بيٺا هئاسين. شيديءَ جي ڊانهن تي ڪيترائي جهازي جهاز جي بل ورڪ ۽ گئنگ وي تي اچي گڏ ٿيا. سو اهو مڙيئي اسان کي ڏيو هو تہ پنهنجا ويجها آهن ۽ ان ڏيو تي ئي شايد عاشق بہ مڙيو نٿي. جيتوڻيڪ ڊرائيور کي ان ڳالهہ جي پرواهہ ئي نہ پئي ٿي ۽ جيئن عاشق چيس ٿي تہ ڪپنئي تہ ”ڇهہ ڊالر ڪڻ وڌيڪ نہ ڏينداسين.“ تيئن ڏاڏي ڊرائيور ويسٽرن فلمن جي ولين وانگر خوفناڪ رڙ ڪري چيو ٿي:
“Give me Thirteen Dollars”
ٿوري دير ساڳين ڊائلاگن ۽ نظارن جو ائڪشن Replay ٿيندي ٿيندي اوچتو ئي اوچتو سين بدلجي وئي. ڊرائيور تي جهڙي ڪنوڻ ڪري جو هڪدم پلٽو ڪائي، ولين واري ائڪٽنگ ختم ڪري پاڪستان فلمن جي هيروئن جي مظلوم پيءُ وانگر منٿ واري نموني سان بيحد نرمائي ۽ ڏيرج سان چوڻ لڳو: ”اوڪي! مئن ميڪ اٽ سيون.“
ڊرائيور جي ان جملي تي عاشق کي پهرين تہ يقين ئي نہ آيو پر پوءِ هن جي وري ورجائڻ تي عاشق جهٽ پٽ ڇهہ ڊالر سندس هٿ تي رکي زور سان چيس: ”ڪپنئي تہ ڪڻ نہ تہ اسان وڃون پيا.“
ڊرائيور نڪا ڪئي هم نڪا تم. ڇهہ ڊالر کيسي ۾ وجهي روانو ٿي وي. ان ئي وقت مڙي ڪٽي ڏسون تہ اسان جي پويان بندرگاهہ جا بہ پوليس وارا ويسٽرن فلمن جي هيرو وانگر، پستولن تي هٿ رکي پيا اچن. راجا رفيق چيو:
”آئون بہ چوان تہ ڊرائيور کي اوچتو ڪهڙي نانگَ ڪاٽو جو تيرهن ڊالرن مان هڪدم ستن تي لهي آيو ۽ خوشيءَ مان ساڳيا ڇهہ وٺي ويو.“

* * *

آمريڪا جي ڳالهہ آهي تہ هڪ دفعي عاشق ۽ آئون بيمار ٿي پياسين. بلڪ بيماريءَ جو بهانو ڪري آفيس جي ايجنٽ سان ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي وچ شهر ۾ آياسين. ڊاڪٽر وٽ ڪجهہ مريضَ اڳ جا وينل هئا سو ايجنٽ پاڻ هليو ويو ۽ اسان کي سمجهائي ويو تہ جڏهن واندا ٿيون تہ ٽئڪسي گهرائي جهاز تي پهچي وڃون. نرس کي پڻ چئي ڇڏيائين تہ جيئن اسان واندا ٿيون تہ هوءَ اسان کي ٽئڪسي گهرائي ڏي.
اسان اسپتال مان واندا ٿي، پهرين شهر جو چڪر هٽي پوءِ نرس وٽ آياسين، جنهن ٽئڪسين جي آفيس ۾ فون ڪري اسان لاءِ ٽئڪسي گهرائي. ٽئڪسي ڊرائيور عورت هئي، پر شيدي عورت. يعني ڏسڻ ۾ چڱي خاصي ماٺهوءَ مار هئي پر وري بہ آمريڪا جي جهڳڙالو شيدي مردَ کان گهٽ شيدي عورت ٿي. اسان جي ويهڻ مهل نرس ٻڌايو تہ ڀاڙو اسان پاران اسان جي فلاڻي آمريڪن ڪمپني ڏيندي، جنهن جو سامان اسان پنهنجي جهازَ تي کڻڻ آيا هئاسين. پنهنجي خاطر جوئي ۽ وڏي ڳالهہ تہ حبشڻ ڊرائيورياڻيءَ کي پڪ ڪرائڻ لاءِ اسان هڪ دفعو رستي تي بہ کيس ٻڌايو تہ ڀاڙو اسان کان نہ پر ڪمپنيءَ کان ملندءِ. اسان کي ڊپ هو تہ متان لهڻ وقت ڪو ڦڏو ڪري ۽ هيڏي فاصلي جا ويهہ ٽيهہ ڊالر پرٽا پون سو ان کان اڳ فيصلو ڪرڻ ٿي چاهيوسين ۽ جي هوءَ ڳالهہ نٿي سمجهي تہ اڳتي وڌڻ بدران اوستائين ٽيل تي چار ڊالر ڀاڙو ڏيئي لهي پوڻ بهتر هو.
پر هن مولائڻ ڪو اعتراض نہ ڪيو. ايف ايم ريڊيو تان اينڊڙ گڙي ميوزيڪ وارن ڳانن تي سجي وات ڪنڌ ۽ مٿيون ڌڙ ڌوڻيندي هلي. عاشق چيو” خوش آهي، يا شايد گونگي آهي. ڳالهائي نٿي سگهي.“
آخر ڪلاڪ مني بعد بندرگاهہ ۾ گهڙياسين ۽ ان بعد جيٽيءَ ڏي جتي اسان جو جهاز لنگر انداز هو. جيٽيءَ جي شروعاتي ڪنڊ وٽ پبلڪ ٽيليفون هو جنهن کان هوءَ ڪا اڳهين واقف هئي جو پري کان ئي بريڪ هٽي پورو ان وٽ اچي بيني. اسان کيس ٻڌايو تہ ٿورو اڳيان جهاز جي ڏاڪڻ وٽ هل. پر اسان جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري پنهنجو ڪار بيلٽ کولڻ لڳي. عاشق چيو: ”ايترو بہ صحيح آهي. باقي ڪجهہ پاٺهي هليا هلنداسين.“ ان تي اسان بہ پنهنجا بيلٽ ڍرا ڪري لهڻ لاءِ دروازو کوليو تہ کلي نہ. ڪار ۾ دروازو مڪينيڪل

نہ پر اليڪٽريڪل هو ۽ هئنڊل سان ڪلڻ بدران ڊرائيور وٽ لڳل سئچ کي دٻائڻ سان کليو ٿي. ڊرائيورياڻيءَ پنهنجو دروازو کوليو تہ اسان اشارو ڪيس تہ اسان جا دروازا بہ کول.

هيترو وقت جيڪا گونگي ٿيو پئي هلي تنهن جواب ۾ اڪيون ڦاڙي چيو: ”Wait, Till I Confirm“، ترسو جيسين آئون پڪ ڪريان تہ توهان جي ڪمپني ڀاڙو ڏيندي يا نہ.“ ان بعد ڪيسي مان ڏهہ سينٽ ڪڍي ٽيليفون ڪرڻ لڳي. تيسين اسان ٽيئي ڄڻا جيڪي ان وقت جهاز جا سڀ کان جونيئر آفيسر هئاسين، ميٽر ۾ ڏيڪاريل ستاويهہ ڊالرن کي ٽن سان ونڊ ڪرڻ لڳاسين جيڪو ڀاڙو تنهن زماني يعني 1968ع جي ماهياني پگهار چار سؤ روپين تي ملندڙ ٽيهہ سيڪڙو فارين ايڪسچينج يعني فقط چوويهہ ڊالر کان بہ گهٽ هو.

آفيس ۾ ڪو صحيح دماغ وارو ماڻهو فون تي مليو ويس جو ان ئي گهڙي شيدياڻي فون واپس رکي موٽڻ لڳي. اسان جا دروازا هڪ ئي وقت کولي چيائين: اوڪي. يو ڪئن گو ـ توهان وڃي سگهو ٿا. ڀاڙو توهان جي ڪمپني ڏيندي. باقي مهرباني ڪري فون جا ڏهہ سينٽ ڏيندا وڃو، پليز.“

* * *

اهڙن تجربن بعد جڏهن آمريڪا جي ٽئين بندرگاهہ بالٽيمور ۾ پهتاسين ۽ هڪ هنڌ گهٽي سامان وٺڻ ڪري ٽئڪسيءَ جي ضرورت پئي تہ مُنجهي پياسين تہ ڇا ڪرڻ کپي. نيٺ سامان وٽ راجا رفيق ۽ مون کي ويهاري عاشق ميمڻ روڊ تان ٽئڪسي آڻڻ لاءِ روانو ٿيو. هن جهڙيون ئي بہ چار وڪون کنيون تہ رفيق رڙ ڪري چيس: ”اهڙي ڪا ٽئڪسي نہ آڻجانءِ جنهن ۾ شيدي ڊرائيور هجي.“

انهيءَ ئي گهڙي رفيق کي وري ڪو ٻيال خيال اچي ويو سو ساڳي ساهہ ۾ رڙ ڪري چيس: ”۽ ها. نہ وري ڪا شيدياڻي هجي.“

* * *

بالٽيمور بعد فلاڊلفيا آياسين. اتي بہ جهاز وچ شهر کان تمام گهٽو پري بيٺو. هڪ تہ جونيئر هجڻ ڪري انجڻ روم جو اسان لاءِ ڪم گهٽو هو. ٻيو پگهار ٿورو. ٿيون وري شهر گهمڻ جو شوق بہ پورو ڪرڻ چاهيوسين ٿي جو اهو سمجهيوسين ٿي تہ جهازن جي پڪ نہ ٿيندي آهي تہ ٻئي سفر ۾ بہ ساڳي ملڪ ۽ بندرگاهہ ۾ اچي.

عاشق ميمڻ بقول سندس ملين ڊالر جي ڳالهہ ٻڌائي تہ ٻين ملڪن ۽ بندرگاهن وانگر فلاڊلفيا ۾ بہ ضرور عيسائين جو ڪو ”سي مين ڪلب“ هوندو. جيڪي هعر وقت ان ڪوشش ۾ هوندا آهن تہ ٻي گهر جهازين کي ريهي ريپي ڪلب ۾ آڻجي جيئن ظاهري طرح تہ هو وندر جون گهڙيون اتي مفت گذارين. رسالا ڪِتاب پڙهن، ٽي وي ڏسن، رانديون ڪن وغيره. پر اندروني طرح هنن کي عيسائيت جي ترغيب ڏجي.

اسان اهو فيصلو ڪيو تہ جي سي مين ڪلب طرفان بس آئي تہ ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو بچائڻ خاطر ان ڪلب هلي، ٿوري دير ويهي پوءِ شهر جي چڪر تي ڪسڪي وڃبو ۽ ٻڌايل وقت تي موٽي واپسيءَ جي بس ۾ جهاز تي هليو اچبو. ڪلب وارن کي اهڙي بس موڪلڻ لاءِ فون ڪيوسين تہ انچارج چيو: ”بس خراب ٿيل آهي. باقي ٿوري دير بعد ڪار موڪليون ٿا پر ان ۾ فقط چئن ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش آهي. وڌيڪ نہ.“

اسان هئاسين ئي ٽي ڄڻا، سو ڪين پڪ ڏنيسين تہ هو بي فڪر ٿين وڌيڪَ ويهي ڪار جو چالان نہ ڪرائيندا سين ۽ پوءِ ڪيسي ۾ هٿ وجهي وڏن رئيسن وانگر شوفر ڊرون، مفت جي، بلڪ خيراتي ڪار و انتظار ڪرڻ لڳاسين. ٿوري دير بعد جهاز جو ٽلهو ريڊيو آفيسر عبدالحئي صاحب جهاز جي ڏاڪڻ لهندو ڏٺوسين. ڪيس پاڻ ڏي سڏي وڏي آڪڙ مان چيوسين: ”عبدالحئي صاحب! شهر ڪونہ ٿا وڃو؟“

”بلڪل وڃڻ چاهيان ٿو. پر خبر ناهي بس اسٽاپ ڪٿي آهي.“

”فڪر نہ ڪر، توهان ڪي ڪار ۾ وني ٿا هلون.“ اسان ٽرڙپائي ڪندي ٻڌاڪ هنئي، ”بس ڪار اجها آئي ڪا آئي.“

عبدالحئي صاحب جيڪو اسان کان عمر، ساموندي نوڪري ۽ پگهار ۾ گهٽ مٿي هو سو اسان جي ڳالهہ تي اڌ شڪ اڌ پڪ جي حالت ۾ بيهي رهيو. عبدالحئي صاحب جا اسان مڙني تي ٿورا ٿيل هئا سو اڄ ڪجھ ٿورا لاهڻ جو سنو موقعو هو. نقصان اسان ڪي بہ نہ هو جو عبدالحئي نہ اچي ها تہ هڪ سيٽ هونءَ ئي خالي وڃي ها. سيٽون پوريون هجن ها تہ پوءِ ڪيس صلاح هرگز نہ ڪريون ها.

جيڪو وقت سي مين ڪلب وارن ٻڌايو ان ۾ هاڻ ڪي بہ ٽي منٽ وڃي بچيا هئا تہ اتي ڏسون تہ جهاز جو ڪرسچن ڊيڪ آفيسر مائيڪل پيو اچي. مائيڪل ڪي ڏسي اسان سڀ مُنجهي پياسين تہ ڪجي سو ڪجي ڇا. جاڻ تہ ڪار بہ آئي. ڇئن کان وڌيڪ هڪ بہ نہ ڪٽندي ۽ مائيڪل ڪي جي نتا ڪٽن تہ اهو ڪم بہ خراب جو اصل عيسائي جنهن لاءِ سي مين ڪلب آهي اهو پنيان رهجي وڃي، باقي اسان رامجي وارا ننگ نهي ٺڪي ڪار ۾ روانا ٿيون.

بهرحال ان بعد اسان سي مين ڪلب ۾ پهتاسين جِتان پوءِ شهر جا خوب چڪر هنياسين. پر اهو ياد نٿو اچي تہ مائيڪل جو مسئلو ڪيئن حل ڪيو هُئوسين. ان ڪي ارڙهن سال اچي ٿيا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ عاشق ميمڻ سان ملاقات ٿيڻ تي ڪيس اهي ڏينهن ياد ڏياريم تہ ڪيئن اصلي ڪرسچن کان وڌيڪ وڏا پاڻ پادري ٿي ڪرسچنن جي ڪلب ۾ پهتاسين. پر افسوس جو ڪيس بہ اهو ياد نہ آيو تہ مائيڪل ڪي ڪهڙي گولي ڏني هئسين. لڳي پيو تہ ان وقت مينهن وسڻ ڪري ريڊيو آفيسر ترسي پيو هو. يا شايد ڪار ٻدران وٺن آئي هئي جنهن ۾ سڀ اتي پهچي ويا هئاسين يا ڪو ٻيو چڪر ٿيو جنهن ۾ لعل بہ لڏو هو تہ پريت بہ رهجي آئي هئي.

# Not Born in U.S.A

دنيا جي سمندن جي گند ڪچري کان صاف رکڻ، جهازن کي حادثن کان محفوظ رکڻ ۽ جهازين جي تعليم ۽ امتحان جو معيار بلند کان بلند تر ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن طرفان آءِ ايم او (International Maritime Organization) نالي هڪ کاتو آهي. ان کاتي طرفان ايشيا جي مڙني ملڪن ۽ پئسفڪ سمنڊ جي سيني ٻيٽن جي نمائندن جي گڏجاڻي 18 فيبروري 1986 تي ملاڪا (ملائيشيا) ۾ ٿي. ٻن هفتن لاءِ ايشيا جي ملڪن: ايران، پاڪستان، سريلنڪا ۽ برما کان چين، ٿائلنڊ ۽ ويٽنام ڪوريا تائين ۽ پئسفڪ سمنڊ جي انيڪ ننڍن وڏن، ويجهن ڏورانهن، ٻڏل اڌ ٻڏل ٻيٽن: پاپاءِ نيوگني، فجي، سولومن آئلينڊ کان ٽونگا، ٽووالو، وانوئاتو ۽ مارشل آئيلينڊس جي جهازراني ۽ جهاز سازيءَ جي ڪاتن جا همراهہ هِتي اسان وٽ ملاڪا ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. سندن اچڻ کان اڳ اسان ڏارين مان هر هڪ کي پنهنجي ملڪ جي نمائندي معلوم ڪرڻ جو انتظار هو تہ ڪير ٿو اچي جنهن کان پنهنجي مُلڪَ جي خبر چار پڇڻ ونجي.

آخر I.M.O جي لنڊن آفيس مهمانن جي سڀني لسٽ ٽيليڪس ذريعي ملاڪا موڪلي تہ هي همراهہ سيمينار ۾ حصو وٺي رهيا آهن.

پاڪستان کان اينڊڙ چيف انجنيئر عارف حسين نہ فقط سڃاڻو نڪتو پر سندس واسطو ساڳي جهازران ڪمپني PNSC سان آهي جنهن طرفان ٽن سالن جي lien تي آئون هتي ملائيشيا ۾ نوڪريءَ لاءِ آيو آهيان. بنگلاديش واري خاني ۾ ڪئپٽن فضل الرحمان چوڌري جو ۽ مالديپ ٻيٽ واري ۾ مسٽر احمد شريف جو نالو هو جيڪي ٻئي پراڻا واقفڪار آهن. بنگلاديشي ڪئپٽن چوڌري 1963ع ۾ مئرين اڪيڊمي چٽگانگ ۾ ڊيڪ ڪئڊٽ هو جتي آئون ان وقت انجنيئرنگ ڪئڊٽ هوس. ان بعد هو پئن اسلامڪ شپنگ ڪمپنيءَ جي جهازن: سفينۂ جمهوريت، سفينۂ عرب ۽ سفينۂ اسماعيل تي ڪيترائي سالَ رهيو. پوءِ بنگلاديش جي جهازن: بنگلار آسا، بنگلار مامتا، بنگلار غُراب، بنگلار مان وغيره جو ڪئپٽن ٿي رهيو. ان بعد سامونڊي نوڪري ڇڏي ڪناري جي نوڪريءَ لاءِ بنگلاديش جي وزارت جهازراني ۽ آمدرفت ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو جتي اجا تائين آهي ۽ ڍاڪا ۾ رهي ٿو.

مسٽر احمد شريف جو واسطو پڻ جهازن سانَ آهي. پاڻ شروعاتي تعليم هندستان جي مئرين اڪيڊمي ڊفرن مان ورتائين (جيڪا هاڻ راجيندر سڏجي ٿي)، ان بعد پنهنجي ملڪَ جي مختلف جهازن تي نوڪري ڪري هاڻ ڪجهہ سالن کان مالديپ ٻيٽن جي وزارت جهازراني ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي آهي ۽ اڪثر هن قسم جي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ ميٽنگن ۾ ملندو رهي ٿو. مالديپ ملڪ دراصل انيڪ ننڍن وڏن ٻيٽن جو جهڳٽو آهي جيئن فلپين يا فجي آهي. مالديپ ڪو امير ملڪ ناهي پر تنهن هوندي بہ ڪيس ڪنهن زماني ۾ ڪافي جهاز هوندا هئا. گذريل چند سالن کان سامونڊي آمدرفت کي اهڙي نظر لڳي آهي جو ڏينهون ڏينهن پنتي ٿيندي وڃي. بقول اسان جي هڪ سيڪنڊ انجنيئر وقار حسين جي ڪو زمانو هو جو مرچنٽ نيوي جا آفيسر پنهنجي شاهي ”شان ـ مان“ مان سڃاتا ويندا هئا پر هاڻ هو مفلسي ۽ مسڪينيءَ مان. جهازرانيءَ جي ڪرنڊڙ حالتن جو اثر دنيا ۾ جِتي ڪٿي ٿيو آهي ۽ جِتي يورپ، جپان ۽ آمريڪا جون P & O ۽ سنڪو شپنگ لائين جهڙيون ڪمپنيون ئي ترپٽ ٿي ويون آهن اتي غريب ملڪن جو ڇا حال ٿئي سگهجي ٿو. نہ تہ 1970ع تائين عربي سمنڊ جي بندرگاهن: ڪراچي ۽ ڪولمبو کان بمبئي ۽ بصري تائين، مالديپ جي جهنڊي وارا جهاز چڱي اندازَ ۾ نظر ايندا هئا. هاڻ بقول احمد شريف جي جيڪو ايڪڙ ٻيڪڙ جهاز وڃي بچيو آهي اهو هن ڏڪئي وقت ۾ فقط تيل جا پئسا پورا ڪرڻ لاءِ واجهائي رهيو آهي تہ من ڪو ايترو ڪارگو (سامان) ملي وڃي جنهن جي ڀاڙي مان جهاز جي هلڻ جو تيل ۽ ڪيس زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ رنگ روغن جو خرچ پورو ٿي سگهي. وري بہ مالديپ جي اها خوش نصيبي آهي جو سندس جهازي عملو بيروزگار نہ ٿيو آهي.

بنگلاديش ۽ مالديپ بيٺن جا جهازي (خلاصي) بيحد چئيوان، غريب سياءُ، جسماني طرح ڪمزور هجڻ جي باوجود اڻ ورچ ۽ پورهيت، ٿوري ۾ خوش رهڻ وارا آهن. ان ڪري دنيا جي سوين غريب توڙي امير جهازران ڪمپنين ۾ توهان کي بنگالي ۽ مالديپي ملندا.

ٻئي يا ٽئي ڏينهن شامَ جو ڪٿي ٻاهر هوٽل ۾ هلي ماني کائڻ لاءِ عارف حسين چيو. رستي تان بنگلاديش جي ڪئپٽن چوڌري ۽ مالديپ جي احمد شريف کي پڻ ڪنيوسين. چوڌري ننديڻ کان چرچائي آهي. هر وقت خوش رهڻ ڪري وجيس ٿو ڏينهون ڏينهن ماس چڙهندو. پاڻ پراڻن ڏينهن ۽ ننديڻ جي ساٿين جا چرچا ٻڌائيندو رهيو.

”يار ٻڌو اٿئون ته فلاڻو همراهه جيڪو پاڻ کان سالَ ڪن جونيئر هو اجڪلهه پاپاءِ نيو گني ملڪ جي ڪنهن نيول ڪاليج جو پرنسپال آهي؟“

اسان پڇيس.

”ادا اهو هاڻ ڪٿي نه رهي سگهندو.“ چوڌريءَ وڏو ٽهڪ ڏيندي ٻڌايو.

”ڇو ڀلا؟“ اسان وائڙو ٿي پڇيس.

”ابا هو جهاز جو چيف انجنيئر ٿيڻ بعد چٽاگانگ جي مئرين اڪيڊميءَ ۾ پرنسپال جي پوسٽ تي سکيو ستابو وينو هو. ڪٽينس تي ڪٿي جو هيڪاندو وڏيڪَ تعليم لاءِ انگلينڊ هليو ويو. اتان ايڪسٽرا چيف انجنيئر جي Qualification حاصل ڪري آيو. ان بعد پاڻ کي هيڪاندو وڏو سمجهڻ لڳو ۽ ايڏو وڏو سمجهڻ لڳو جو هنجي ملڪ جي هر ڪا ڪرسي ڪيس ننڍي محسوس ٿيڻ لڳي. اجڪلهه حالتون اهڙيون ٿي ويون آهن جو جن ڪپتانن ۽ چيف انجنيئرن بين الاقوامي سمنڊ ۾ وڏا وڏا جهاز هلايا تي سي هينئر روزگار خاطر پنهنجي ملڪَ جي بندرگاهن ۾ ڊريزر ۽ ٽگ (ننڍا ٻيڙا) هلائڻ لاءِ به واجهائين پيا. اتي هن کي اهو ڪُڏ ته ”آئون ايڪسٽرا چيف انجنيئر جو ٿي آيو آهيان سو مونکي اجا به وڏي نوڪري ۽ وڏو پگهار ملڻ کپي.“ آخر پنهنجو ملڪ بنگلاديش ڇڏي جپان جي هڪ وڏي جهازران ڪمپنيءَ جي جهاز تي وڃي چڙهيو. اتي به ساڳي ڪٿ ڪٿ ته آئون ايڪسٽرا چيف انجنيئر آهيان. مونکي اجا به ڪجهه ملڻ کپي. هڪ ڏينهن ان جهازرانَ ڪمپنيءَ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سمجهائيندي چيس ته ”جهاز ان مان اجڪلهه ڪمائي ٿئي ڪانه ٿي. روز روز نقصان جو ٻڌي مالڪ جو پيون هينئون ٻڏي ۽ هو ته چاهي ٿو ته وس پڄي ته جهاز جي آفيسرن کي ماني جو ويلو به گهٽ ڏجي ۽ تون پيو ڳالهيون ڪري 1975ع کان اڳ جون جڏهن جهاز جي عملي کي واقعي سونن چمچن سان کارايو ويندو هو.“

”ابا هن جو ائين چوڻ ۽ اسان جو يار ان کي عزت جو سوال سمجهي، پاڻيءَ جو جهاز اتي ئي ڇڏي هڪ هوائي ڪمپنيءَ جي هوائي جهاز جي ايڪانامي ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي پئسينجر جي حيثيت سان ڍاڪا کان اچي نڪتو. ان بعد پاپاءِ نيو گني ويو برابر پر اتي به جهيڙا جهٽا ڪري موٽي آيو. نه ته اهو ملڪ تازو هاڻ آزاد ٿيو آهي. جمي پوي ها ته ٻين لاءِ به نوڪري حاصل ڪري سگهي ها. هاڻي خبر ناهي ڪٿي آهي. ”امي جاني نه. (مونکي ڪا خبر ناهي.)“ ڪئپٽن چوڌريءَ آخر جملو بنگاليءَ ۾ چيو.

”يار تون چيف انجنيئر افتخار کي سڃاڻين؟“ ڪئپٽن چوڌريءَ کان مون هڪ بنگالي دوست جو پڇيو، ”ساڻس ڪجهه فئملي پرابلم هو.“

”ها .ها. سمجهيم، سلهٽ وارو.“ چوڌريءَ چيو. ”هاڻ اهو ٻي زالَ سان خوش آهي، باقي توهان وارو ڪلاس ميٽ، فلاڻو ڪئپٽن جيئري دفن ڪرڻ جهڙو آهي، ٻن زالن کي طلاقون ڏيئي چڪو آهي ۽ هاڻ.“

”۽ هاڻ ڇا ٽينءَ سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو؟“ عارف حسين سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪپيندي لقمو ڏنو.

”نه بابا نه. هاڻ چوي ٿو ته ٻيءَ کي ساڙڻ لاءِ وري پهرينءَ سان شادي ڪندس. رڳو سندس ٻيو مڙس ڪيس طلاق ڏيڻ لاءِ ڪنهن طرح راضي ٿئي.“

پوءِ ٿوري دير ساهه پٽي اسان کان پڇيائين: ”يار توهان جي فلاڻي مولوي ريڊيو آفيسر ٻڌو اٿم ته آفيس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ڇوريءَ سان ٻي شادي ڪئي آهي. مولويءَ جي اها ڳالهه ٻڌي مونکي ڏاڍو

تعجب لڳو تہ ڦيرين زالَ کي ست پڙدن ۾ ويهاري هاڻ پيريءَ ۾ هڪ ماڊرن سان شاديءَ جو خيال آيو اٿس.“

”نہ يار. اهو هن تي اجايو بهتان آهي.“ عارف حسين ڳالھ سمجهائي، ”هن پاڻ نيڪيءَ جو ڪم ڪيو آهي. هڪ غريب بيواھ تي آفيس ۾ هرڪو الزامَ ڳڙيندو وتندو هو. ان کي پناھ ڏيڻَ لاءِ هن شادي ڪئي آهي.“

ڪئپٽن چوڌري روايتي قسم وارو ٺهڪ ڏنو. جڏهن هن کي زبانَ سان ”ڏاڍي ٻڌائي.“ نہ چوڻو هوندو آهي تہ ان وقت ان قسم جو ٺهڪ ڏيندو آهي. پوءِ رومالَ سان نرڙ تان پگهر اگهي چيو: ”نهيو. چئبو تہ هاڻ ڏاڙهين تي بہ اعتبار نہ رهيو.“

”ڀلا توهان واري ڪئپٽن وسطڙو جو ڪهڙو حال آهي؟“ چوڌري چيو.

”صحيح آهي. مالمو يونيورسٽي (سئيڊن) مان فِليٽ مئنيجمينٽ ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهي.“ مون ٻڌايومانس.

”گذريل سال آئون هفتي لاءِ سئيڊن ۾ هوس. سندس يونيورسٽيءَ وارن سيمينار ڪيو هو ۽ اسان مهمان طور هئاسين. بشير وسطڙو سان اتي روز ملاقات ٿيندي هئي. آهي وڏو لاهر. هڪ ڏينهن چيائين: ”يونيورسٽي وارن جي روز دعوت تو ڪائين اچ مون غريب وٽ هلي دال ماني ڪاءُ.“

”پاڪستاني برياني، پلاءُ، پلي مڇي، پڪوڙي ڪواب کي ڪاڏي سال تي ويا هئا. سو سئيڊ ميزبانن جي ست رڃي ڇڏي سخت سيءَ ۽ برفاني هوا ۾ ميل ڪن پنڌ ڪري هاسٽل ۾ وسطڙو جي ڪمري تي اچي ڏسان تہ واقعي دال ماني رڌي آيو هو. چيومانس ”يار هي ڇا آهي؟ رڳو دال، ٻيو ڪجھ بہ ناهي.“ تہ ماڳهين مون تي جلھ ڪري چوڻ لڳو: ”ڇا وري ڇا؟ مون تہ اڇڻ کان اڳ ئي ٻڌايو ماڻءِ تہ دال ماني هلي کاءِ. سؤ رپئي ڪلو آهي هتي دال بہ . سا بہ سئيڊن ۾ ملي ڪانہ ٿي. ڇيٽيءَ چند، ڪوپن هيگن (ڊئنمارڪ) کو ويندو آهي تہ اتانَ گهرائيندو آهيان.“ ڇُپڙي ڪري ويهي کاڌم. سو اهڙا ماڻهو مون ڪٿي بہ نہ ڏٺا جيڪي نہ رڳو ”دال مانيءَ“ جي دعوت ڏين پر ڪارائين بہ دال ماني ئي. ۽ اهو ٻڌائڻ تہ وسري ويم تہ دال بہ رڌي ناهي نہ آيو هو. اڌ ڳابري رڌي ڪلاس اٽيند ڪرڻ هليو ويو هو. سو جيئن ڪمري تہ پهتاسين تہ ڏوئي هٿ ۾ ڏيئي چيائين ”پارٽنر! دل ۾ نہ ڪرين تہ دال گهماءِ تہ آئون اٽو ڳوهي ماني پچايان.“

ڪئپٽن چوڌريءَ جي ڳالھ ڪرڻ جو نمونو اهڙو آهي جو اُداس ماحول ۾ خوشيءَ جو وسڪارو ٿيو وڃي. ڏکويل ۽ غمگين ماحول ۾ ٺهڪڙا اچيو وڃن. شاگرد پائيءَ جي زماني کان وٽي دل ۾ درد هوندي بہ ٻين کي خوشيون ۽ ڪلڪا ڏيندو اچي. پر ڪڏهن ڪڏهن سندس ظاهر ڪل ۽ چرچي جي ڳالھ مان اندر جو ڏک ۽ غم پڻ ليئو پائي وٺندو آهي ۽ ڳالھ ٻڌائيندي هڪدم پاڻ بہ سنجيدو ٿي ويندو آهي. ان رات بہ ائين ٿيو.

ڳالهيون ڪندو ايئرپورٽ تي ڪسٽم وارن جي چڪاس جي ڳالھ نڪتي. مون چيو تہ هِتي ملائيشيا ۾ ڪسٽم وارا ڌارين کي ايترو تنگ نٿا ڪن.

عارف حسين چيو: ”منهنجي تہ بئگ کولرايون.“

تنهن تي ڪئپٽن چوڌريءَ چيو: ”ڪن جي چڪاس ڪن ٿا ڪن جي نہ. منهنجي اڳيان ٽي چار گورا هئا تن جي سامان کي هٿ بہ نہ لاتائون. انهن بعد جڏهن آئون ڪسٽم ڪائونٽر تي پهتس تہ ڪسٽم واري مون کان پڇيو ”ڪهڙي ملڪ جا آهيو؟“ وراڻيومانس تہ بنگلاديش جو آهيان. يڪدم چيائين: ”بئگ کولڻي پوندئي“. بئگ کولي سندس اڳيان ريڙهي چيم: ”بلڪل جناب ڪيئن نہ کوليندس.“ ۽ پوءِ آهستي پڪيس: ”Not Born in U.S.A“ (بس آمريڪا ۾ جو نہ ڄائو آهيان.) ڪسٽم وارو ڪو سمجهو هو جو اهو ٻڌڻ سان منهنجا هٿ جهلي بئگ جو سامان ٻاهر ڪڍڻ کان روڪي، اتي جو اتي بند ڪري چاڪ جو نشان هنيو. ”آءِ ايم ساري. توکي بئگ کولڻ جي تڪليف ڏنم.“

”نقلي مرڪ چپن تي آڻي، واڇن کي ٽيڙي، ڏند ڪڍي زبان سان ”ٿئنڪ يو“ چيومانس. دل ۾ سوچيم تہ تو هڪ تہ ڪٿي منهنجو سامان نہ ڦولهيو پر دنيا ۾ ڪيترا آهن جي اسان جهڙن ملڪن جي

ماڻھن سان سنو برتاءُ ڪن ٿا.“ ڪئپٽن چوڌري ٿڌو ساھ ڪڍي، خلائن ۾ گھوريندي چيو: ”بس يار ھڪ غريب ملڪ جو باشندو ٿيڻ بہ ڪيترو ذھني عذاب آھي. توھان ڪٿي ڪيڏا بہ اھم آفيسر ھجو، ايماندار ھجو، نيڪ ۽ متقي ھجو، سچار ۽ صحيح ھجو، پر جيئن تہ بنگلاديش جھڙي ھڪ غريب ملڪ ۾ پيدا ٿيا آھيو، اتي ڄاوا نپنا آھيو ۽ توھان تي ان ملڪ جو ٺپو لڳل آھي، ان ڪري توھان جو چور ھجڻ ممڪن آھي ۽ جيڪو ٽيڪو توھان جو پٽڪو لاھي سگھي ٿو ۽ ھوڏانھن يورپ يا يو ايس اي جھڙن ڪنھن امير ملڪ جو ڪيڏو بہ چور ۽ ٺگ ھجي تہ بہ عزت لائق آھي. خاص ڪري اسان جو ايشيائي ڪسٽم آفيسر ساڻس جھڪي جھڪي پيو ڳالھائيندو. متان سندس حڪومت يا سفارتخانو ناراض نہ ٿي پوي.“

ڪئپٽن چوڌريءَ جي ان ڳالھ بعد اسين سڀ چپ ٿي وياسين. شايد سڀني کي پنھنجا پراڻا سور ياد اچي ويا. نوڪريءَ دوران ڪيترن ڌارين ملڪن جي ھوائي اڏن يا بندرگاھن تي اسان سڀني کي اھو تجربو ٿيو ھوندو. پوليس، ڪسٽم، اميگريشن وارن واٽ ويندي سڌي شڪ جي نگاھ سان ڏٺو ھوندو. فقط ان ڪري جو اسان جو واسطو پاڪستان، ھندستان، بنگلاديش يا برما جھڙي غريب ايشيائي يا آفريڪي ملڪ سان آھي. جنھن وٽ نہ پيٽرول آھي نہ پوليٽيڪل پاور ـ جنھن سان ڪا گلوبل تبديلي اچي سگھي.

# فوٽو سيل ۾ ٻوڙ گرم ڪرڻ

اڄڪلهه جا جهاز گهڻي ڀاڱي آٽوميٽڪ هجڻ ڪري انهن تي عملو گهٽ رکيو وڃي ٿو. ڪيترائي ڪم جيڪي ماڻهن ڪي ڪرڻا پوندا هئا سي هاڻ مشينون ڪن ٿيون. مثال طور: انجڻ روم ۾ رات جو به هڪ يا ٻه انجنيئر چوڪيءَ لاءِ رهندا هئا ته متان ڪا انجڻ خراب ٿي پوي ته ٻيءَ کي هلائجي. ”تيل وارا“ همراهه انجڻين جو تيل پاڻي ڏسڻ کان علاوه ٿوري ٿوري دير بعد هيٺ مٿي ۾ ڪنڊن پاسن جي چڪاس ڪندا وتندا هئا ته ڪٿي باهه ته نه دکي رهي آهي. پر هاڻ اهڙا ڪيترائي هٿ جا، دماغ جا ۾ چوڪيداريءَ جا ڪم اليڪٽرانڪ جا پرزا ۽ ڪمپيوٽر ڪن ٿا. هڪ مشين خراب ٿيڻ تي پاڻهي ٻي اسٽارٽ ٿيو وڃي. باهه لڳڻ جو اطلاع ۽ وسائڻ جو بندوبست پاڻهي ٿيو وڃي.

جپان مان ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئون نڪورو جهاز ورتوسين جيڪو چڱي حد تائين اهڙي قسم جو آٽوميٽڪ هو. نه فقط موسم جي ٿڌاڻ ۾ گرم هجڻ تي سندس ائرڪنڊيشنر ۾ هيٽر گهربل ٿڌ يا گرمائش مهيا ڪندا هئا پر رات جي وقت ڪيئي ڪمَ پاڻهي ٿيندا رهندا هئا، جيڪي هونءَ عام جهازن تي انجنيئرن ڪي ڪرڻا پون ٿا. مثال طور هلندي هلندي ڪو جنريٽر خراب ٿي پوندو هو ته يڪدم ٻيو جنريٽر هلڻ شروع ٿي ويندو هه ۾ جهاز جي ڪنڊَ ڪڙڇَ ۾ ان جنريٽر رستي اليڪٽرسٽي جاري ٿي ويندي هئي. پر جيڪڏهن اهو ٻيو جنريٽر به ڪنهن خرابيءَ سبب خراب ٿيل هوندو هو ته ٽيون جنريٽر هلڻ شروع ٿي ويندو هو ۽ اهو جي خراب هوندو ته پوءِ آخري سهارو ايمرجنسي جنريٽر هلي ويندو هو. ان سان گڏ ڊيوٽي انجنيئر جي ڪمري ۾ خطري جو الارم وڃي ويندو هو ته اُٿي ڪڙو ٿي جنريٽرن جي خرابي هينئر ئي ٺيڪ ڪر. اهو الارم وڄندو رهندو آهي جيسين ڊيوٽي انجنيئر انجن روم ۾ نه پهچي. پر جي خدانخواسته ڊيوٽي انجنيئر سستي ڪئي ۽ جنريٽر ٺاهڻ لاءِ انجڻ روم ۾ نه پهتو ته پورن پنجن منٽن جي انتظار بعد چيف انجنيئر جي ڪمري ۾ خطري جو الارم وڃي ويندو آهي. معنيٰ انجڻيون ته صحيح نه اٿئي پر زبردست عملو به سست اٿئي.

ان جهاز تي ان قسم جا ٻيا به ڪيترائي حِساب رکيل هئا. انهن مان هڪ باهه جي ڳولا جو سسٽم هو. باهه دکڻ سان ٻهرين دونهون نڪري ٿو، پوءِ آهستي آهستي روشني (جيون) ۽ ان بعد گرمي (تپش) . اهي ڳالهيون ڏيان ۾ رکي اڄڪلهه جي جهازن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪجهه اليڪٽرانڪ جا پرزا (Detector - Heads) هنيا ويا آهن جن مان ڪي دونهين تي چرپر ۾ اچي الارم وڄائين ٿا ته ڪي باهه جي جين (شعلن) تي ته ڪي باهه جي تپش تي.

جهاز جي قانون موجب باهه جي الارم تي هر هڪ جهازيءَ کي هڪ هنڌ گڏ ٿي، باهه لڳڻ واري هنڌ جي ڳولا ڪري باهه وسائڻي پوندي آهي. دونهين تي خطري جو الارم ڏيڻ وارو پرزو Smoke-Detector سڏجي ٿو جيڪو فوٽو سيل تي ڪم ڪري ٿو.

فوٽو اليڪٽرڪ سيل جي ڪم جو دارو مدار روشني ۽ اونده تي آهي. بلب، ٽارچ يا سج جي ڪرڻن جي روشني جيسين فوٽو سيل تي پوي ٿي هو ماٺ ۾ رهي ٿو. پر جيئن ئي ٿوري لمحي لاءِ توهان ٽارچ بند ڪئي يا وچ ۾ آڏا ٿي بيناٿو ته فوٽو سيل سان ڳنڍيل اليڪٽرڪ ڪرنٽ چرپر ۾ اچيو وڃي. فوٽو سيل جي ان خاصيت ڪري اهو ڪيترن ئي ڪمن ۾ اچي ٿو. وڏن دڪانن ۾ آفيسن جا ٻاهران دروازا جيڪي پاڻهي پٽجن پورجن ٿا انهن جي پويان پڻ هن فوٽو سيل جو هٿ آهي. اهڙن درن جي هڪ پاسي کان بلب يا ٽارچ جي نڪرندڙ روشني ٻئي پاسي فوٽو سيل تي پوندي رهي ٿي. جيئن ئي ڪو ماڻهو در جي ويجهو پهچي ٿو ته آڏ ڪري فوٽو سيل تي اونده ٿيو وڃي، جنهن ڪري اليڪٽرڪ ڪرنٽ چرپر ۾ اچي موٽر هلائي ٿو، جيڪا در کي کولي ٿي.

آمريڪا ۽ آسٽريليا ۾ رڏن يا ڏڳين ٻڪرين جي وٿاڻن ۾ جتي هزارين وهٽ هڪ هڪ وٿاڻ ۾ رهن ٿا، در وٽ اهڙو فوٽو سيل لڳل هوندو آهي. رڏ جي وٿاڻ ۾ گهڙڻ سان فوٽو سيل چرپر ۾ ايندو آهي. پر اتي سندس چرپر ڪان دروازو پٽڻ يا پورٽ جو ڪم وٺڻ بدران ڳڻن جو ڪم ورتو وڃي ٿو. جيترا دفعا فوٽو سيل تي آڏ (اونداهه) ٿي اوترا انگ ـ معنيٰ اوترين رڏون وٿاڻين آيون. نه ته روز روز ايترين رڏون ڪير ڳڻي.

ڪيترن هنڌن تي ته مالڪ آخري انگ ڏسڻ جي به تڪليف نه ڪندو آهي. مثال طور هن وٽ ست هزار رڍون اهن. اليڪٽرانڪ جو اهو حساب ڪتاب اهڙي طرح سان ڪمپيوٽرائيزڊ ڪيو ويندو اهي ته سج لٿي تائين جيڪڏهن فوٽو سيل ست هزار دفعا ائڪشن ۾ نه آيو ته الارم وڄي وڃي. معنيٰ اڃا ڪجهه رڍون ڪٽل آهن. مالڪ ۽ ڪم وارا گهرن مان نڪري انهن جي چراگاهن/ٻيلن ۾ ڳولا ڪن يا ٿاڻي تي چوريءَ جي رپورٽ لکائين جيئن چور جي هڪدم وٺ پڪڙ شروع ٿي وڃي.

مالڪن سان گڏ چور به اهڙا سياڻا ۽ اليڪٽرانڪ جا ڄاڻو ٿي ويا آهن، جو هڪڙا ٻيلي مان رڍون چورائي ويندا آهن ته ٻيا سندن ساٿي وٿاڻ جي در وٽ فوٽو سيل اڳيان پاڻ ئي اويترا دفعا اچ وڃ ڪري ڪٽل انگ پورا ڪري ڇڏيندا آهن جيئن مالڪ آرام جي ننڊ ۾ ئي ستو پيو هجي ۽ چوراپل مال وڃي درياءَ جي ٻي پار ٻي رياست جي سلاٽر هائوس (ڪوس گهر) ڪان نڪري.

سو ان فوٽو سيل ڪان باهه ڳولڻ جو ڪم پڻ ونبو آهي. باهه دکڻ سان نڪرندڙ دونهون فوٽو سيل تي اوندهه ڪري ٿو ۽ سرڪٽ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪرنٽ ڪان خطري جي الارم وڄائڻ جو ڪم وٺي سگهجي ٿو. جپان مان ورتل متئين جهاز ۾ ان قسم جا ڪيترائي Smoke Detectors پڻ هئا.

جپانين ڪان ان جهاز جي چارج وٺڻ واري ڏينهن سيني ڪي ڪافي ڪم ڪرڻو پيو. ات جي ماني به سيني ٻيني پير ڪاڏي. پارهين بجي ڏاري واندا ٿي سڀ سمهڻ لاءِ وياسين جو صبح جو وري سوير چئين بجي ڏاري اُتي جهاز ڪي ٽوڪيو جي بندرگاهه مان ڪڍي پر واري شهر يوڪوهاما جي بندرگاهه ۾ وٺي هلڻو هو.

ستي اڃا اڌ ڪلاڪ به ڪو مس گذريو ته باهه ڪان وڄندڙ خطري جي الارم تي ننڊ مان اُٿڻو پيو. ڪنٽرول روم مان ايتري خبر پئجي ويئي ته جهاز جي رهائش واري علائقي ۾ باهه لڳڻ ڪري هي الارم وڳو آهي، پر ڪهڙي هنڌ، ڪنهن جي ڪمري يا آفيس ۾. ڪهڙي گهٽيءَ يا ڪنڊ پاسي ۾ ـ اهو ڳولڻو هو. قانون موجب خطري جي گهنٽي وڄڻ سان جهاز جو سڄو عملو اچي گڏ ٿيو. هر هڪ پنهنجي ڪئبن جانچي، گهٽيون آفيسون ۽ اسٽور ڏٺا پر ڪٿي به باهه جا آثار نظر نه آيا. تيسين الارم به بند ٿي ويو. سيني اهو سمجهيو ته پڪ False-Alaram (غلطيءَ ۾ وڳو) هوندو، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ٿي ويندو آهي. ان بعد سڀ وري سمهي رهيا.

پندرهن ويهه منٽ ڪي مس گذريا ته وري ساڳيو الارم وڳو ۽ ان بعد باهه ڳولڻ جي ساڳي ڊرل. پر حاصل ڪجهه نه ٿيو. وري سڀ موٽي ويا. منهنجو ۽ سيڪنڊ انجنيئر جو سڪ ڦٽي پيو ته جيڪڏهن ڪٿي باهه لڳي رهي آهي ته به خطرو پنهنجي جاءِ تي آهي ۽ جي ڪوڙو الارم وڄي رهيو آهي ته به ان غلط سموڪ ڊٽيڪٽر ڪي صحيح لاءِ انجنيئرن جو ڪم آهي. ان لاءِ اسان ممڪن سببن تي ويچاري رهيا هئاسين ته ٽيون دفعو وري دونهين جو (يعني باهه) جو الارم لڳو.

سيڪنڊ انجنيئر ڪي چيم ته ات ته هلي پاڻ هڪ هڪ ڪمرو جاچيون...... ڪجهه گڙ ٻڙ ضرور آهي.

ٿارڊ ۽ ماسٽر ڪي (هر ڪمري ڪي لڳندڙ هڪ استاد ڪنجي) پاڻ سان ڪٽي هڪ ڪنڊ ڪان شروع ٿياسين. گرائونڊ فلور تي قطار ۾ ٽي يا چوٿين ڪئبن ڊيڪ ٽوپاس (ٻنگيءَ) جي هئي. ڪولپون ڪٽي ته اسان سڀ وائڙا ٿي وياسين ته هي اقبال مسيح (ٻنگي) ڪري چا پيو. ڪو سگريٽ سلفي دکائي اٿس يا ڪا ٻي شيءِ جنهن جو دونهون ٿيو آهي ۽ الارم به حق تي وڄي رهيو آهي. دونهون ڪمري ۾ رکيل ڪچري جي دٻبي مان نڪري رهيو هو. اسان ڪي ڪمري ۾ گهرندڙ ڏسي يڪدم گلاس پري پاڻيءَ جا ڇنڊا ان تي هڻڻ لڳو. سيڪنڊ انجنيئر رڙ ڪري چيس:

”اڙي نياڳا هي ڪرين چا پيو؟“

تعجب ۽ پريشانيءَ مان چوڻ لڳو: ”ڪجهه به نه. سڄو ڏينهن ڪم ۾ مشغول هجڻ ڪري ماني ڪانه ڪاڌي اٿم. سيءَ ڪري ٻوڙ نري ويو آهي. رڌڻي جي اليڪٽرڪ چلهه بارڻ نٿي اچيم، سو پنا ٻاري ٻوڙ ڪوسو پيو ڪريان.ل“

ڪمري ۾ باهه ٻارڻ جي ڏوهه جي باوجود سندس معصوم منهن ڏسي ڪيس ڪجهه چوڻ بدران سيني کي ساٽس همدردي ٿي. بورچيءَ ان ئي وقت رڌٽو ڪولي ڪيس ٻوڙ گرم ڪري ڏنو. اسان کي ان وقت ته ڪل نه آئي جو ٽڪ ۽ اوجاڳي ڪان حالت خراب هئي. پر پوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد جڏهن هر شيءِ نارمل ٿي ويئي ۽ جهاز آٽوميٽڪ پاٽهي لس ئي لس هلڻ لڳو ته پوءِ اها ڳالهه ياد ڪري ڏاڍو کليا هئاسين. هينئر به اهو نظارو اکين اڳيان ڦري رهيو آهي ته ڪيئن ڊيڪ ٽوپاس اقبال مسيح جپانين جا اڇلايل ڪاڳر ڪچري جي دٻي ۾ ٻاري برف جهڙو ٿڌو ٻوڙ لوهي مگ ۾ جهلي دونهين تي گرم ڪري رهيو هو. ڪيس ذري جي به ڄاڻَ نه ته هي سڄو ملاڪڙو سندس ٻاريل باهه مان نڪرندڙ دونهون مچائي رهيو هو.

# نئون آيل ريڊيو آفيسر

۽ جهاز تي هڪ نئون ريڊيو آفيسر آيو هو، مسٽر فرخ. پهرين سفر ۾ هو اسسٽنٽ ريڊيو آفيسر جي پوسٽ تي رهيو جيئن هڪ پراڻي ريڊيو آفيسر سان گڏ رهي ڪم ۾ پڙ تي وڃي. پر فرخ صاحب کي ڪم سکڻ جو ڪو شوق ئي نہ هو. چوندو هو جڏهن مٿي تي ايندو تڏهن ڏٺو ويندو. پراڻو ريڊيو آفيسر وري اهڙو شريف ماڻهو جو ڪيس ڪجهہ چوندو ئي نہ هو بلڪ سندس ڪم بہ پاڻ ڪري ڇڏيندو هو. نتيجي ۾ فرخ صاحب سمنڊ توڙي ڪناري تي واندو ئي واندو، بي اونو بي اوسيئڙو، وتندو هو گهمندو ڦرندو.

آءُ ان وقت سيڪنڊ انجنيئر هوس ۽ جهاز جو چيف آفيسر منهنجو دوست مظهر زيدي هو. ٻنهي جي ڊيوٽي هڪ ئي وقت هوندي هئي، يعني صبح جو بہ چئين کان انين تائين جهاز اسان کي هلائڻو پوندو هو تہ شامَ جو بہ چئين کان انين تائين. ڊيوٽيءَ بعد فرخ وٽ اچي گشا پتا هٽدا هئاسين جيڪو هر وقت واندو ملندو هو. اُٿڻ جي ڪبي هئي تہ چوندو هو: ”يار هينئر ئي تہ نہ وڃو. فون ڪيو اٿم. جاڻ اسٽيورڊ چانهہ ڪٽي آيو. پلا هِتي ئي ٿو ناهي وٺان. بس پندرهن منٽ بيا.“

الله جي ڏني مان روز نوان نوان ڪوڙ سچ ٻڌائيندو هو. ڏسڻ ۾ آلوبالو، طبيعت ۾ غريب ۽ نهٺو پر استادين ۽ نگين ۾ ڪو بہ ڪانئس ڪٽي نہ سگهي. بندرگاهہ ۾ سچو ڏينهن رلندو هو ۽ پوءِ سمنڊ تي ڪناري واريون خبرون سربستون ٻڌائيندو هو. چاهي آمريڪا يورپ يا ڏور اوپر جو ڪو ”بي افعالو“ بندرگاهہ هجي يا سوشلسٽ، ڪميونسٽ يا عرب دنيا جو ”سخت مزاج“ ۽ ”خشڪ شهر“. تي نتو سگهي تہ فرخ صاحب ڪو قصو يا ڪهاڻي گهڙي نہ ٻڌائي. پاڻ هڪ اخبار هو، بلڪ شامَ جي اخبار، جيڪا فقط ڏوهن ۽ پيار جي پرتن ۽ پڇي ويل زالن جي خبرن سان ڀريل هجي.

پاڻ ويندو بہ جتي ڪِتي هو. هڪ هڪ چڪلي، هڪ هڪ شراب گهر ۽ سئنيما هال جو جائزو وٺي ايندو هو. لڳندو هو تہ جهاز تي هو آيو ئي جوڪرين ۽ شراب لاءِ آهي. نمازون بہ ڏاڍيون پڙهندو هو، خاص ڪري خراب سمنڊ تي. ڦيري، دل ڪچي ۽ Sea-Sickness بہ ڏاڍي ٿيندي هيس. موسم جي خرابيءَ ڪري جهاز ٿورو ئي لڏندو هو تہ اسان جو هيرو هتڻ مان نڪري ويندو هو. لاڦ هٽڻ ڇڏائي ويندي هيس. پوءِ رڳو ڳگ پئي ڳڙندي هيس. توبانهن زارين جو ڦهڪو لڳائي ڏيندو هو ساموندي نوڪريءَ وڏي عمر ۾ شاديءَ بعد آيو هو. بہ ٽي ٻار بہ هئس. چوندو هو: ”نصيبن (گهر واريءَ) ساموند يوڪريءَ لاءِ ڇڏيو ئي ڪونہ پئي. ايندي وقت ٻارن جي مٿي تي هٿ رکائي قسم ڪٽايو هئائين تہ نہ رنڊي وٽ ويندس ۽ نہ شراب پيئندس. منهنجا مولا! بس هاڻ منهنجي سچيءَ دل سان توبانهن! بس فقط هڪ دفعو سمنڊ صحيح ڪري سلامتيءَ سان ڪراچي پهچاءِ.“

ان وقت خبرون پچندا هئاسين تہ ستي ستي ابڙاڪ ڏيندي چوندو هو: ”يار باهہ ڏيو خبرن کي. پنهنجا آندا تا ٻاهر نڪرن، توهان کي لڳي آهي خبرن جي.“

”چڱو پلا چانهہ تہ اٿي پيار.“ اسان وڌيڪ چِتو ڪرڻ لاءِ چانهہ جي ڳالهہ ڪندا هئاسين. سي سڪنيس ۾ چانهہ يا ڪنهن مني شربت جو فقط سوچڻ سان بہ دل ڪچي ٿيندي آهي.

”يار جيڪو وٺنوَ سو ڪائو پيو.“ هٿ ٻڌي چوندو هو، ”پر هِتان ڪٽي وڃو، منهنجي اڳيان نہ ڪائو، الٽيون ڪري ڪري صفا ساٿو تي پيو آهيان.“

”واهہ سائين واهہ. سمنڊ جي ٿوري ئي خراب ٿيڻ تي تنهنجي هيءَ حالت تہ بي سفر ۾ اڪيلي سر ڊيوٽيءَ کي ڪيئن منهن ڏيندين؟“ اسان پچندا هئاسين.

* * *

۽ پوءِ ٻئي سفر ۾ هن لاءِ واقعي ٿيو بہ وڏو مسئلو. پهرين سفر بعد جهاز جڏهن ڪراچيءَ پهتو تہ پراڻو ريڊيو آفيسر پروگرام موجب موڪل تي لهي ويو ۽ فرخ کي اڪيلي سر جهاز تي ريڊيو آفيسر جون ڊيوٽيون

ڪرڻيون پيون. ڪم تہ چڱيءَ طرح سکيو ئي نہ ھو ويترو بدقسمتي اھڙي جو پھريون وارو ڪئپٽن، جيڪو بيحد نرم دل ھو، پڻ جھاز تان ھليو ويو. نئون آيل ڪئپٽن عثمان صاحب بہ ھو تہ سنو ماڻھو پر ڊيوٽيءَ جي معاملي ۾ تمام سخت ۽ ايماندار ھو ۽ ۽ اھائي اسان جي يار ريڊيو آفيسر ڪي ڳالھہ نٿي وڻي. ڪئپٽن عثمان ھيڏي عمر جي باوجود نوڪريءَ جو ھڪ ھڪ منٽ ايمانداريءَ سان پورو ڪندو ھو ۽ چاھيندو ھو تہ جھاز جا ٻيا آفيسر بہ ائين ڊيوٽي ڪن. سو ان ڪئپٽن کي فرخ جي نہ سستي پسند آئي ۽ نہ مڪرانين واري غلط سلط انگريزي.

ريڊيو آفيسر کي جھاز تان نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ کان علاوه خط ۽ رپورٽون لکڻ ۽ ٽائيپ جو ڪم پڻ ڪرڻو پوندو آھي. فرخ صاحب خبر ناھي، ڪٿان مئٽرڪون ۽ انٽرون ڪري آيو ھو جو ڪئپٽن جي نہ انگريزي ڳالھہ سمجھندو ھو ۽ نہ چڱيءَ طرح خط جو خاڪو ٽائيپ ڪري سگھندو ھو. ڪئپٽن بہ ھو پنھنجي طبيعت وارو سو ساڳيو ساڳيو خط چار چار دفعا ڦاڙائي وري نئين سر لکرائيندو ھوس. جھاز ۽ بندرگاھن کان روزانو اينڌڙ مختلف نياپن جي رپورٽ باقاعدي وٺي انھن جا جوڳا جواب موڪلڻ لاءِ ڊيوٽيءَ جو ھڪ ھڪ منٽ ڪرسيءَ تي ويھاري ڪم وٺندو ھوس. اھي حال ڏسي اسان جو فرخ صاحب جلد ئي بي حال ٿي ويو. پر منھن وري اھڙو پڪو جو زيدي ۽ مون سان بہ اھا ڳالھہ نہ ڪيائين تہ ساڻس ڇا ويتن ٿي رھي آھي يا ڪم ۾ ڪيترو چٽ ثابت ٿيو آھي. ھونءَ سندس ڪمرو ۽ ڪئپٽن جي آفيس صاف ڪرڻ واري اسٽيورڊ کان ٿوري ٿوري خبر پيئي پئي تہ ھمراھ سورن ۾ آھي پر وري سوچيوسين تہ فرخ جھڙو استاد ماڻھو ڪٿي ٿو ائين وٺ ڏئي. پوءِ چڱي طرح خبر تڏھن پيئي جڏھن ڪئپٽن ھڪ ڏينھن انجڻ روم ۾ فون ڪري مون کي سندس ڪمري ۾ سڏايو. ان وقت مشينريءَ جي ڪم ۾ رڌل ھوس. سو چيومانس تہ آئون ڪلاڪ ٻن بعد ٿو اچان.

”ضروري ۽ اھم ڪم آھي مھرباني ڪري ھينئر جو ھينئر ھليو اچ.“ ڪئپٽن ڪي پھريون دفعو عاجزيءَ ۾ ڳالھائيندو ٻڌم.

تيل ۽ گريز ھاڻا ھٿ ڪپھ سان اگھندو مٿي چڙھيس تہ ڪئپٽن جي ڪئبن اڳيان مظھر زيدي مليو جيڪو برج (ڪنٽرول روم) مان ھيٺ لھي رھيو ھو. ڪيس پڻ ڪئپٽن سڏايو ھو. زيديءَ کان پڇيم.

”خير تہ آھي؟“

”خبر ناھي. ھل تہ ڏسون.“

ڪئپٽن جي ڪئبن ۾ گھڙياسين تہ ھو منھن ۾ سگريٽ وجھي پريشانيءَ جي حالت ۾ چوپھ فوٽ دگھي ڪئبن تکيون تکيون ٻرانگون پري رھيو ھو. اسان جي گھڙڻ سان يڪدم دروازو بند ڪري، پر ۾ ويھي راز واري اندازَ ۾ چيو” ھڪ مسئلو ٿي پيو آھي. ان لاءِ مون توھان کي سڏايو آھي. توھان ٻئي ريڊيو آفيسر سان چڱا گھرا آھيو. ھن ننڊ جون گوريون کائي شايد خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي آھي. ھن وقت ھو بيھوشيءَ جي حالت ۾ پنھنجي ھنڌ تي پيو آھي.“

ھن قسم جي اوچتي خبر اسان تي بہ يڪ ٽڪ اثر ڪيو. پر ھوش سنڀالي ڪئپٽن کان پڇيوسين:

”سائين! توھان کي ڪيئن خبر پيئي تہ ھن ننڊ جون گوريون کاڌيون آھن؟“

”سندس پر ۾ ننڊ جي گورين جي خالي شيشي پيئي ھئي.“

”پر ڪھڙي خبر تہ ھڪ اڌ ڪائي ستو ھجي - کھاٽي ننڊ ڪارڻ“، اسان پنھنجو خيال ڏيکاريو.

”نہ.“ ڪئپٽن پنھنجو دليل ڏنو، ”رات ھن کي مون ٽي چار دفعا دڙڪا ڏنا ھئا جو مون طرفان آفيس ڏي خط جو خاڪو صحيح طرح نہ لکيو ھئائين. ٿي سگھي ٿو چڙ ۾ اچي ھن خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي ھجي. مھرباني ڪري توھان ڪيس سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. مون تہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي آھي.“

ھن پراڻي ۽ سخت مزاج ڪئپٽن کي پھريون دفعو پريشان ٿيندي ۽ ھيناھين ونندو ڏسي جيترو تعجب مون کي لڳو ايترو زيدي کي بہ. جو جو ٻاھرنڪري اسان ٻنھي ساڳيو تبصرو ڪيو. ڪئپٽن تي ڪل بہ ڏاڍي آئي تہ ھاڻ ڦاٿو آھي تہ اسان کي گھرايو اٿس. ھونءَ تہ ڪڏھن ڪنگيئي بہ ڪونہ ٿو. ساڳئي وقت دعا گھريسين تہ فرخ جيئرو رھي. پر آھي وڏو لاھ جو ٻيون سڀ ڳالھيون ٻڌائي ٿو پر پنھنجن دڙڪن کائڻ جون ڳالھيون سينسر ڪري ڇڏي.

فرخ جي ڪمري ۾ پھتاسين تہ بيٺو ٽيٺو ٿيو پيو ھو. جنھن طرف پاسو ورايونس تہ ان طرف وڃيو ڦڪو ڪري. سڌ، واڪا، ھلڪيون ٿڦڙون، گاريون پر مجال آھي جو فرخ اک کولي يا ورندي ڏئي. ناڪامياب ٿي ٻاھر نڪتاسين. زيديءَ چيو: ”ڪئپٽن بہ ڪمال ٿو ڪري. اسان کي سڏائي سڄاڳ ڪرائڻ جي ڪوشش پنيان اڃايو وقت وڃائي. جھاز کي يڪدم موڙي ڪنھن ويجھي بندرگاھ ۾ چو نہ ٿو ھلي جيئن ڊاڪٽرن ۽ اسپتال جي مدد ورتي وڃي.“

ڪئپٽن جي ڪئبن ۾ پھچي ساٿس ڪناري جي مدد جي ڳالھ ڪئيسين. ھو تڪي تڪي واڪ ۾ مشغول رھيو. آخر واڪ ۽ سگريٽ ڇڪڻ تي بريڪ ھڻي چيو ” اھو اُئون بہ سمجھان ٿو پر توھان پليز ٿوري ڪوشش ڪريو. مون کي اڃا بہ لڳي ٿو تہ ھو مڪر ڪري رھيو آھي. ٿي سگھي ٿو بيھوش نہ ھجي. چو جو مون جڏھن ڪيس ٻاھران تازي ھوا ڪارائڻ لاءِ ڇڪي ڪڍيو تہ درجي چائنٽ وٽ گسڪي ھلڻ بدران لانگ ورائي ائين ٽپيو جيئن ھوش مند ماڻھو ٽپي.“

اھو ٻڌي اسان ٻنھي کي ڪل آئي تہ ھيڏانھن ڪئپٽن اسان کي گھرائڻ کان اڳ پاڻ بہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي آھي ۽ جڏھن صفا ٿڪجي پيو آھي تڏھن سڏيو اٿس ۽ ھوڏانھن فرخ جو بہ واقعي جواب ناھي. اسان سان سچي ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ آھي. جي ڊونگ ڪيو اٿس تہ ان ”لانگ ورائي چائنٽ ٽپڻ“ واري ”ٽيڪنيڪل - غلطي“ ڪري جھلجي پيو آھي.

اسان وري فرخ جي ڪمري ۾ آياسين. ھن دفعي مٿيان نسخا آزمائڻ بدران زيديءَ يڪدم چيو: ”الطاف ڪول ڪيٽ تہ فرخ جا لڪايل ڊالر پائونڊ ڪڍي اڌو اڌ ڪريون“ اھو ٻڌندي ئي ھن اکيون کولي آھستي چيو:

”ٻيو تہ ڪو ڪونھي.“

”ڪير ڪونھي. اٽي ڪڙوتي.“

”ڪئپٽن بہ ناھي نہ؟“ ھن وي پڪ ڪئي.

”نہ .نہ.“

اھو ٻڌي، ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ در کي اندران لاڪ ڪري پھرين پاڻيءَ جو گلاس يڪ ساھيءَ ۾ پي پوءِ ٽوال سان پگھر اگھيو. واقعي گوريون ڪاڏيون اٿئي چا؟“ اسان پڇيس. ”نہ بابا چاجيون گوريون. ڪئپٽن اصل چتو ڪري ڇڏيو آھي، ٻيو ڪو گس نہ ڏسي اھو ٻھانو ڪيم.“

ڪئپٽن چيو پئي تہ ٻنھ ڪم نٿو ڪرين. ڪراچي ڇڏي ھفتو اچي ٿيو آھي. ڪو نياپو موڪلڻو پوي ٿو تہ چوين ٿو تہ ٽرانسميٽر خراب آھي ۽ موسم جي رپورٽ وٺڻ مھل چوين ٿو تہ ريسيور خراب آھي.“

فرخ پنھنجي اسٽائيل ۾ چپن ھيٺ ڊبيل مرڪ مرڪي چيو:

”چا ڪريان يلا.“

فرخ جي اھا ”چا ڪريان يلا؟“ اسان سيني کي مھانگي پيئي. ڊبئيءَ ۾ ھفتو کن رھڻ بعد جھاز ممباسا لاءِ روانو ٿيو جِتان پوءِ آمريڪا وني وڃڻو ھو. ٻن ڏينھن بعد اچيو ٿو سخت طوفان جھاز کي ڪڏائي. طوفان کان پري پجڻ بدران ھر وقت اسان جو جھاز ان جي اک ۾. ھر ھڪ جي وات تي اھو ئي تہ ھھڙي سخت طوفان جو ڪئپٽن اطلاع ئي نہ ڪيو ۽ نہ وري جھاز کي پاسو ڪرايو. پر پوءِ خبر پيئي تہ ڪئپٽن چا ڪري. ھو تہ اسان کان اڳ ريڊيوآفيسر تي ڏڪن جو ھڪ دس لاھي ٿو تہ ٻيو چاڙھي ٿو جنھن موسم جي صحيح رپورٽ وٺڻ بدران پنھنجي طرفان ڪوڙي ناھي ڪئپٽن کي ٻڌايو تہ موسم بلڪل صحيح آھي ۽ ڊبي رڪ. حالت اھا آھي جو ٻارھن ڪلاڪ گذرڻ بعد بہ ھو اڃا تائين وائرليس ذريعي معلوم نہ پيو ڪري سگھي تہ اھا ھوا جھڪ آھي، طوفان آھي، سائڪلون اھي ٽائيفون ۽ ان جو وچ ڪھڙي طرف وڃي رھيو آھي جيئن ان مڃريل سمنڊ ۽ طوفاني مينھن کان جھاز کي پاسو ڪرائجي. طوفان بہ وري اھڙو چتو ۽ ميلن ۾ پکڙيل جو سڄو ۽ ڏينھن رات گذري ويئي، پر ٿاپر نہ ٿي.

لڳاتار طوفان ۽ جھاز جي لوڏن انجڻ تي بہ اثر ڪيو ۽ انجڻ جو بريڪ ڊائون (حادثو) ٿي پيو. ھڪ پسٽن جو ھولڊنگ ڊائون بولٽ ڊرو ٿي ويو ۽ ڊايا فرام پليٽ ڦاڙي ھيٺ ڪرئنڪ ڪيس ۾ھليو ويو. وقت اندر ڊيوٽي انجنيئر انجڻ بند ڪري ڇڏي ان ڪري وڏي نقصانَ کان تہ بچاءُ ٿي ويو پر ھلڪي ڦلڪي مرمت تي بہ لڳاتار ٻارنھن ڪلاڪَ لڳي ويا پوءِ جھاز آھستي آھستي رفتار سان ھلڻ جوڳو ٿيو. وڏيڪ مرمت لاءِ اھو

فيصلو ڪيو ويو تہ جيئن ممباسا (ڪينيا) ۾ ڪو سنو شپ يارڊ ناهي ان ڪري جهاز ڪي واپس ڪراچيءَ ڏي موڙڻ ۾ وڌيڪ عافيت ٿيندي. مفاصلي جي لحاظ کان بہ ڪراچي ممباسا کان ويجهو هو.

ان بعد جهاز کي موڙيو ويو.

ٻن اڍائي ڏينهن جي سفر بعد اچي ڪراچيءَ کان ٻاهر لنگر ڪيرايوسين.

فرخ جي تہ ڪا الله ٻڌي يا شايد ڪئپٽن جي. نہ تہ فرخ چواڻي سڄي سفر ڪرڻ بعد هڪ تہ بلڊپريشر جو مريض ٿئي ئي ٿئي ها.

فرخ کي چيوسين: "يار هاڻ تہ منهن تي مرڪ آڻ، واپس وطن کان اچي نڪتو آهين. اڃا تہ لانچ آئي يا اچا بہ ڪئپٽن سان ڪو پلاند رهيل اٿئي؟"

فرخ ٿورو مرڪي چيو: "ان جي ۽ منهنجي حشر جي خبر سياڻ پوندي جڏهن ڪئپٽن گهران تي ايندو."

"ڇو ڀلا؟" اسان تجسس مان پڇيس.

"خبر اٿانو." فرخ چيو، "دبئي ڇڏڻ وقت ڪئپٽن هڪ تار ڏني هئي تہ سندس زال کي ڪراچيءَ موڪليان تہ پاڻ ممباسا روانو ٿي رهيو آهي. هن جا اهم خط اوڏانهن موڪليا وڃن. اها تار مون سمنڊ تان موڪلي ئي ڪانہ هئي."

"تهپاڻ سنو. هاڻ تہ واپس موٽي آياسين. ڪئپٽن تہ پاڻ خوش ٿيندو تہ چڱو جو اها تار نہ ڪئي سندس خط هيڏانهن هوڏانهن رلڻ بدران گهر ئي ملندس."

"اهو تہ سڀ صحيح آهي پر مون ڪيس نہ فقط اهو ٻڌايو تہ تار موڪلي ڇڏي اٿم پر ان جو ڪوڙو بل ست پائونڊ ڏهہ شلنگ ناهي. ڏنو هئو مانس جيڪو هن مارڪوني (تار ڪمپني) وارن جي نالي ادا بہ ڪري ڇڏيو."

اهو ٻڌي اسان پراڻن جهازين کي بہ ڏندين آڱريون اچي ويون. ڪو بہ حل سمجهہ ۾ نہ آيو. آخر ڪار زيديءَ ڪلي فرخ کي چيو: "پيارا! ننڊ جون گوريون هجنئي تہ هاڻ پلي ڪائي ڇڏ!"